


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بُک شيلف تان

# تنقيد @ تاثرات

موهن همٹاڻي

# تنقيد @ تاثرات

## سنڌي ادبي تجزياتي ۽ تاثراتي مقالن/ پيپرس ۽ ڪتابن تي تاثرات جو مجموعو

موهن هميٹاڻي

تنقيد@ تاثرات

تنقيدي، تجزياتي مقالا، ليک، ڪتابي رويو، تاثرات

ليکڪ : موهن همٿاڻي

ڇاپو : پهريون

سال: ڊسمبر 2020

پرڪاشڪ/ پبلشر

ساڌنا ساهتيہ (موهن همٿاڻِي)

93، ٻين منزل سيڪنڊ فلور، سنديش وهار، پيتمپرا،

دهلي_110034،

فون : 9818717388

قيمت : 200 رپيا

© ڪوپيرائيٽ : پرڪاشڪ / پبلشر

---

tanqeed@ tasrat

Analytical,Critical Articles,Papers Book Reviews, Impressions

Author : Mohan Himthani

Edition : First

Year : December 2020

Price : Rs. 200

© copyright : Autor / publisher

Computer work : Hiramani.H Padnani

ph : (9868867891)

Published by

Sadhna Sahtiya ( Mohan Himthani )

93, 2nd Floor Sandesh Vihar Pitampura

Delhi - 110034

Email : mohan.himthani@gmail.com

Contact : 9818717388

# سلسلو


ڪجھ پل هو جي پوندو آهي 1

اسحاق سميجو 4

شروعاتي لفظ 5


# تجزياتي تنقيد


1. ورهاڱي بعد بهترين سنڌي آلوچنا / ڪتاب 8

2. سنڌي ڪوتا : بدلجندڙ مزاج- ايڪويهين صدي 71

3. نئين ڪوتا جي لئباڻري ٽيسٽنگ- 102
هريش واسواڻي: هڪ تجزيو

4. سنڌي ڪهاڻيءَ جي آلوچنا: گذريل پنج سال 120

5. چيخ : نوان - اِظهار: هڪ تجزياتي نظر 138

6. پل پل جو پرلاءُ : هڪ تجزياتي نظر 148

7. مهانگي مُرڪ : مايا راهي: هڪ تجزيو 164

8. سنڌي ادبي / ساهتڪ مخزنون: موجوده دؤر 180


# بڪ شيلف - تاثراتي تذڪرا


9. جيءَ ۾ ٽانڊا : ڪيمن. مولاڻي 205

10. سنڌي ڪوتا جو هِڪُ سنويدنشيل آواز- اروڙ ٻاٻاڻي 215

11. سپنا پوکيندي : موهن گيهاڻي 222

12. خاموشين کي لکندو آهيان: واسديو موهي 230

13. ناول ٻڌڻ: هري همٽاڻي 237
14.هن شهر ۾ هڪ شهر هو: جيا جادواڻي 245
15. ناٽڪ: نچڻي : هڪُ تاثُر 257

پرٹام ڪندي
پتا ڪي
پيارن نقاد دوستن ڪي
جن موهن ڪي
تراشيو - سنواريو
پِئي آهي.

1

*هري همٽاڻي کي ياد ڪندي*

# چار گھڙيون هو جي پوندو آهي

ديوار تي ٽنگيل گھڙيال ڏانهن
نِهاريندي نهاريندي
سُين کي ڏسندي ڏسندي
خوش ٿيندو آهي
ها، وقت گذري پيو
ڪمري ۾ ٽيندڙ ڏينهن
۽
رات جو فاصلو ۽ فرق
گھڙيال جي سُين جي
ٽِڪ ٽِڪ ۾
سمائجي ويو آهي
سُين کي ڏسندي ڏسندي
در- درين ديوارن کي ڏسندي ڏسندي
سندس ڪمري ۾
سندس ساڻ رکيل
ميز- ڪُرسي- پلنگ واري لنگھ مان
ايندي- ويندي لنگھندي
هُن کي

*تنقيد @ تاثرات*

2

ائين لڳڻ لڳو آهي
هاڻي هُن جي اِها ئي لائيف آهي
ائين ئي هلڻي آهي
سُين کي هلندي - ڏسندي ڏسندي....
وقتي
ڪيرُ هن سان
مِلڻ ڳالهائڻ ايندو آهي
تہ هُن جي ڪمري جون اڌ سُتل
ديوارون- دريون
ڇرڪُ پري اُٿندیون آهن-
ڪُرسي ميز ٿورو چُر پُر ۾ ايندا آهن -
رنڌڻي ۾ رکيل
ٿورا گهٽا باسڻ پاڻ ۾
چهچٽو ڪرڻ لڳندا آهن-
پلنگ تي رکيل ٽرانزسٽر ۾ هلندڙ
گيت جا بول بہ
هُن جي اڪيلي اکين ۾
تري آيل ڳوڙهن جي چمڪ ۾
کوهجي ويندا آهن-
گيتُ هوريان هوريان پيو هلندو آهي
جڏُ پيو چوندو آهي -
ڪيرُ هُن سان

*تنقيد @ تاثرات*

3

ملڻ ڳالهائڻ ايندو آهي
چار گهڙيون هو جي چوندو آهي
شيام چئي ويو آهي
. زندگي ڪهڙي به آهي .... پوءِ به جاءِ جيئڻ جي آهي...
ڪيرُ هُن سان ملڻ ايندو آهي
چار گهڙيون هو جيِ پوندو آهي

4

موهن همٽاڻي بنيادي طور هڪ ڳڻيير ۽ تفڪر سان ڀرپور شاعر آهي، پر هن پيري هو پنهنجي اپياسي، تنقيدي ۽ تجزياتي نوع جي ڪتاب سان منظر تي اُپريو آهي، جنهن ۾ هن جي ويچارن جي گوناگوني ۽ تلخ ائپروچز جا اسٽروڪس هڪ ڪئنواس کي رنگين بٽائڻ جي جرئت ڪندي ڏسجن ٿا. جيئن ته هو اول ۾ هڪ ڪوي آهي، ان ڪري احساس ۽ تاثر جهڙن معصوم هٿيارن جو استعمال تنقيد جهڙي بي رحم پيشي ۾ بہ ڪرڻ کان نٿو مڙي.. البتہ هن جي سنجيدگي ۽ چنڊچاڻ، مطالعي ۽ معلومات جي سلسليوار استعمال وسيلي هڪ بامعني نتيجي تائين پهچڻ جي ڀرپور ڪوشش ملي ٿي. جيتوڻيڪ هن جي تجزيي تي تنقيدي کان تخليقي انداز وڌيڪ غالب ملندو .

شاعري ڳوڙ سان ناهي هلڻ ۽ تنقيد ڳوڙ سان ڦٽائي هلڻ جو پيشو آهي. هڪ مياڻ ۾ بہ تلوارون ٻين بہ رکيون آهن، ۽ هاڻ موهن بہ اهو ڪم پيو ڪري، تہ ڪيس ادبي دنيا جي نون سوادن جو تجربو ٿيندو. باقي نقاد ادب جي گهر جو وڌيل ياتي ڪلهہ بہ هيو، اڄ بہ آهي ۽ شايد سياڻي بہ رهندو. سو پيارا موهن، وڌيل ياتين ۾ شامل ٿيڻ تي پليڪار.

اسحاق سميجو
حيدرآباد سنڌ
January 16, 2021

## شروعاتي لفظ

ڪيترن ڏينهن کان هن ڪتاب جي شروعاتي صفحي لاءِ قلم سونگنگ مود(swinging mood) ۽ حالتن مان گذرندي آخرڪار ڪُجهه شروعاتي لکڻ لاءِ مونکي پاڻ سان ويهاري هٿ جهلي لکائي رهيو آهي. ڪڏهن زندگي ۾ وقت جا اهڙا لمحا حاوي هوندا آهن جڏهن اندر جي اُڻ-تڻ بيچئني،وياڪُلتا شايد ريسٽليسنيس(Restlessness) لفظ وڌيڪ ماقول / سوٽيبل ٿو لڳي اهڙي اِستيءَ لاءِ، اُها پني تي لهڻ لاءِ شدت سان آتي هوندي آهي ۽ لفظ آڪار ونڻ لاءِ پيا مچلندا آهن. پر اديب/ شاعر چاهيندي به ۽ وسان نه گهٽائيندي به هِڪ سِٽ به نه لکي سگهندو آهي. اِن حالت ۾ رچناڪار جي پيڙا اُن گريوتي اِستريءَ جي پيڙا وانگُر وڌندي ويندي آهي جيڪا گرپ جا مهينا پورا ٽيڻ بعد به اينگهيل ويم جا سور سهڻ لاءِ مجبور هوندي آهي ۽ جنهن جي درد جو نه ڪو فوري تدارڪ هوندو آهي نه پُڃاڻي. اهڙي قِسم جي اِستتي- يوڪِنا رچناڪار جو مُقدرهوندي آهي. رچناڪار جي زندگيءَ ۾ (خاص طور سان مسلسل رچنا ڪرم ۾ پرورت قلمڪار) اهڙا گهڻيئي دؤر- لمحا ايندا آهن.

هن قلمڪار جي اندر وينل رچناڪار جي ذهن ۽ قلم تي به ڪيتري سميه کان ڪُجهه اهڙي ئي ڪيفيت جي طاري ۽ گهڻي وقت تائين جاري رهڻ سان هِڪ سُني ڳالهه اِها ٿي

جو ڪُجھ پُراڻا پڙهيل ،پڙهڻ کان رهجي ويل سُنا (worth reading) ناول، افسانا ۽ ڪجھ نوان مئدان ۾ آيل ڪتاب پڙهڻ جو هِڪ خوبصورت سِلسِلو شروع ٿي ويو. اهڙي ڪيفيت / مود جي هلندي ڪتاب ئي هِڪ حساس دِل شخص جا پناه گاه هوندا آهن. ۽ هونءَ به رچنا ڪرم ،رچناڪار جي مود ۽ مؤسم تي گهٽو مدار رکي ٿو. خاص ڪري پنهنجي رائيٽر جي مود کان ته قلم بخوبي واقف هوندو آهي ۽ اڄُ هِن لمحا جي هلڻ شروع ٿيو آهي ته لڳي ٿو جيڪي ڪُجھ سندس رائيٽر پڙهيو آهي اُن جي باري ۾ ئي ڪُجھ چوڻ چاهي ٿو.

ڪُجھ نہ ڪُجھ پڙهندو رهڻ هِڪ رچناڪار جي فطرتي رُڌين ۾ شامِل ٿي ويندو آهي جيئن وقت تي بُک پاڻهي لڳندي آهي، پڙهڻ لاءِ ڪو ڪتاب کڻڻ لاءِ هٿ پاڻ هي بڪ شيلف ڏانهن وڌي ويندا آهن. هاڻي رچناڪار سان گڏ هِڪ ايڊيٽر/ سمپادڪ جي نظر ڪتاب کي پڙهڻ شروع ڪيو ته هڪ تاثراتي نظريو رکندڙ نقاد، هِن رچناڪار جي اندر پنهنجي جاءِ جوڙيندو رهيو، اِها خبر تڏهن پيئي جڏهن فائيل کولي لکيل پنا اُٿلايم ته ڏٺم ته ڪوتا سان گڏُ هڪ تاثراتي نظريو رکندڙ رچناڪار به اچي وينو آهي.شايد قلم ۽ ڪوتا کي ائين لڳو هوندو هاڻي هن رچناڪار جي اسٽيرنگ کي ٻئي پاسي موڙو ڪائڻ جي / ڏيڻ جي ضرورت آهي. ۽ ائين آهي به، رائيٽر جي ڊرائيونگ اِسڪلس قلم جي ڪنٽرول ۾

هوندیون آهن جنهن طرف وني هلي. وقت جي وهڪري ۽ حال جي حالتن کي ڏيان ۾ رکندي، شايد قلم کي محسوس ٿيو هوندو ته هِن رچناڪار وٽان / اندران ڪوتا کان سواءِ ٻيو ب ڪُجھ حاصل ٿي سگھي ٿو.

ساهتيہ يا ڪجھ لٽريچر جھڙو پڙھندي/ ماڻيندي آلوچنا/ تنقيد(criticism) جي معنيٰ يا مفھوم جيتري قدر سمجھ ۾ اچي ٿو. ڪنهن ب تخليقي پورهيي، ڪم وهنوار، ڪاروبار جي خوبين ۽ خامين / ڪمزورين جي باتوازن، چنڊ چاڻ، پرک / سميڪشا/ سمآلوچنا / ڪٽ سمجھيو ويو آهي.تاثر / تاثرات / رويو/ جائزو وغيره حالانڪ آلوچنا / تنقيد جا ساڻي لفظ آهن پر آلوچنا جي طي شده ماڻن ماپن کان فاصلو رکن ٿا، جنهن کي اصولي تنقيد آلوچنا ۽ وهنوارڪ آلوچنا طور ورهائي سمجھيو وڃي ٿو. ساهت پڙھندي/ ماڻيندي جيترو سمجھي پرکي سگھيو آهيان اُن کي مان تجزيو/ تنقيد ۽ تاثرات(Impression and Analysis) ئي چوندس. بس ايترو ئي تنقيد @ تاثرات.

موهن هماڻي

8

# ورهاڱي بعد بهترين سنڌي آلوچنا / ڪتاب - ڪُجهه اِمپريشنس/ تاثرات (ڪويتا- ڪهاڻي- ناول)

## آلوچنا -

ساهت يا ڪُجهه لِٽريچر جهڙو پڙهندي - ماڻيندي آلوچنا / تنقيد ڪرٽسزم (critcism) جي معنيٰ يا مفهوم جيتري قدر سمجهه ۾ اچي ٿو- ڪنهن به تخليقي پورهيي، ڪم، وهنوار، ڪاروبار جي خوبين ۽ خامين / ڪمزورين جي باتوازن، چنڊ چاڻ پرک سميڪشا / سمآلوچنا / ڪٿ چيو وجي ٿو يا سمجهيو ويو آهي. تاثر/ تاثرات، رويو /جائزو وغيره حالانڪ آلوچنا / تنقيد جا ساڻي لفظ آهن پر آلوچنا جي طئي شده ماڻن- ماپن ڪان ٿورو فاصلو رکن ٿا جنهن ڪي اصولي آلوچنا/ تنقيد ۽ وهنوارڪ آلوچنا طور ورهائي سمجهي سگهجي ٿو. ادب براتي، ادب ۽ فن برائي فن يعنيٰ ڪلا - ڪلا لاءِ واري ڳالهه ڪي مجي هلون ته ڪلاتمڪ سطح تي ساهت ئي ساهت جي سُجاڻپ جي سگهه رکي ٿو ۽ اِن ۾ ساهت / ڪلا جي پرک ۽ ماڻڻ به اچي وجي ٿو. سنڌيءَ جي مجيل نقاد هريش واسواڻيءَ سنڌي تنقيد ۾ درج ڪيل پنهنجي شروعاتي مُهاڳي سِٽن ۾ اِن ڳالهه ڪي ڪُجهه اِن طرح چيو آهي- "ساهت ڪلاتمڪ سطح تي ساهت جي سُجاڻپ جو ذريعو آهي، اِن ۾ اُن جي پرک ۽ ماڻڻ به شامل

آهي. اِنڪري سمآلوچنا جون حدون ساهتيہ جي صِنفن جي ڀيٽ ۾ قدري ويڀڪ آهن.“

ادب ۾فني حوالي کان ادبي تنقيد/ آلوچنا هڪ اهم ۽ بنيادي مؤضوع آهي ۽ اُن جو نہ رڳو ادب ۽ فن جي اوسر ۾ اهم ڪردار آهي پر اُن کي شڌ/ خالص/ ساهت ادب (pure literature) جي حيثيت ادبي آلوچنا سان ئي ملندي آهي. ادبي تنقيد ڇا آهي جيڪو سمجهہ ۾ آيو آهي سو مختصر ۾ هِتي شيئر ڪندو هلجي تہ مؤضوع کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ سهوليت ٿيندي. ادبي تنقيد رڳو ڪنهن هڪ رُخ کان ڪانہ ٿيندي آهي، اُها انيڪ پاسن کان ٿي سگهي ٿي. ۽ ٿيڻ بہ گهرجي. زندگيءَ جي ٻين حلقن وانگر ادبي تنقيد ۾بہ مختلف پاسن/ نظرين/ ائينگلس جا ماهر هوندا آهن. ادبي تنقيد مجموعي بہ ٿي سگهي ٿي تہ ادب جي ڪنهن مخصوص لاڙي / رخ جي جڏن کي ڪٽي ڪري بہ ٿي سگهي ٿي.

آلوچنا / تنقيد هڪ ادبي صِنف آهي تہ اُن جا ڪجهہ اهم ترڪيبي عنصر (elements) بہ آهن جنجي ذريعي پرک / چنڊ ڇاڻ سان ئي آلوچنا کي آلوچنا جو درجو عطا ٿيندو آهي. هاڻي اهڙي قسم جي معياري تنقيد سنڌيءَ ۾ ڪيتري ۽ ڪنهن حد تائين ٿيل آهي خاص ڪري ورهاڱي کان پوءِ واري عرصي ۾اُهو ئي هن آرٽيڪل مقالي جو خاص مؤضوع آهي يعني ”سنڌيءَ جي بهترين آلوچنا يا آلوچنا /

تنقيد جا ڪتاب ورهاڳي کان پوءِ" . هاڻي هڪ ڳالهه مان شروعات ۾ئي واضح ڪيان ته جيترو هن قلمڪار جو مطالعو - مشاهدو آهي سنڌي ادب کي پڙهندي - ماڻيندي هڪ سلسلو ٻڌجي سگهي ۽ ڪافي حد تائين سمآلوچناتمڪ / تنقيدي مقالو ٻڌجي سگهي، اهڙي ڪوشش رهندي. باقي جيڪي ڪُجهه هن قلمڪار جي جاڻ جي دائري/ حصول/ سمجهه کان ٻاهر آهي اُن لاءِ ايترو ئي چوندس ادب / ڪلا هڪ ڪليل مئدان آهي جنهن ۾ جيتري سمجهه - سگهه - سوجهه اُهو اوترو ئي سامهون ايندو.

**سنڌي تنقيد/ آلوچنا- هڪ اِستتي**

هاڻي جڏهن سنڌي آلوچنا / تنقيد جي حوالي ۾ خاص طور سان ورهاڳي کان پوءِ بهترين سنڌي تنقيدي ڪتابن جي حوالي ۾ ڳالهه ڪجي ٿي اول جڏهن ڪتاب کوليون ٿا ته سنڌي آلوچنا / تنقيد جي مجيل نقادن اسان اُنهن کي سنڌي آلوچنا جا ابا ٻه چئون ته ڪو وڏاءُ نه ٿيندو ته سنڌي تنقيد تي اُنهن جا ڪي مخصوص رايا / ويچار/ يا ائين چئون ته اُنهن جون پنهنجون پنهنجون وئليو ججمينٽ پڙهڻ لاءِ ملن ٿيون. اُهي ٿوري ۾ پانڪن سان شيئر ڪرڻ لازمي آهي جو اَسان کي وشيه جي اوک - ڏوک / تجزيي وقت چگّي مدد ملندي ڳالهين کي سمجهڻ ۾ ۽ وشيه جي دائري ۾ رهڻ ۾ ٻه. Quote

1 . "....جي مٿين ڳالهه سنڌي تنقيد سان لاڳو ڪجي ته ڪا وڏي خوشفهمي پئدا ڪونه ٿي ٿئي. هونءَ ذري گهٽ

ساڳيو احساس هر پارتي ٻوليءَ جي تنقيد تواريخ مان اُپري سگهي ٿو. اپوادن کي ڇڏي پر سنڌيءَ جي حوالي ۾ اِهو احساس اڃان به زيادهه تلخيءَ سان اُپري ٿو، سبب اُن جا گهٽيئي ٿي سگهن ٿا...؟ پر نتيجو ساڳيو ۽ هڪُ ئي آهي ته تنقيد جي شاخ اسان وٽ ڪمزور رهي آهي. ۽ اِها حقيقت ڪنهن به شڪ شبي کان مٿي آهي.“

(هريش واسواڻي - سنڌي تنقيد 1985 مهاڳ)

2. ”....رُڳو جدت جي مؤضوع تي ئي نه، بلڪ اسانجي ساهِت ۾هر مفڪرانه اوک - ڏوک پراڻي ڪلاسيڪي، رومانوي، مارڪسوادي توڙي نئين ويچارڌارا ۾ اصلوڪي ۽ اونهي ساهتڪ چنتن جي ڪوتاهي رهي آهي. اِها ڪوتاهي جيتري گهٽي آهي، مون انيو ڪيو آهي وڌّ واتائي اوتري ئي گهٽي آهي. ممڪن آهي اسان وٽ تخليقي سطح تي ڪنهن مسلسل، بُلند، پُختي ۽ ترقي يافته ادبي روايت جي غير مؤجودگي ڪري اسانجو چنتن ۽ شعور به اُڃاترو بڌجي ويو آهي. مُنهنجو اِهو به رايو آهي ته اڄ ساهت ۾ اسين جيڪا مانائي، مونجهارو (confusion) محسوس ڪري رهيا آهيون، اُن ۾ اصلوڪي فِڪر ۽ مظبوط ، مُسلسل ادبي روايت جي ڪوٽ کان سواءِ اپياس ۽ انيو دوران پاتل سمجهه ۽ سوجهيءَ جي ايماندارنه اِظهار ۽ فني جاذبيت (Assimilation) جي ڪمي به مکيه ڪارڻ آهن.“

(هيرو شيوڪاٽي جِدت جو مفهوم ۽ سنڌي ڪهاڻي ص 10،11. 1975)

3. "سنڌيءَ ۾ جيڪا ٿوري گهڻي تنقيد ٿي رهي آهي، هن وقت اُها به مُرده اِستتيءَ ۾ آهي. دنيا ۾ نئين تنقيد (Newcriticism) کان پوءِ نئين نئين تنقيد آئي آهي (NewNewcriticism) ۽ اُن کان پوءِ تازه ترين آلوچنا جي گرو زاڪ ديريدا (JacquesDeRrida) جي رد تشڪيل (Deconstuction) جي روايت آهي ليڪن سنڌيءَ جو نقاد في الحال آلوچنا جي اِنهن ايڊ نما بيمارين کان بنهه ڇُٽل آهي."
(آنند ڪيماڻي- بدلجندڙ دؤر ۽ تنقيد - ص 20، سال 2000)

گهڻي ئي ڪوشش ڪئي ڪتاب اُٽلايم تہ سنڌيءَ جي برجستا نقاد پرم ابيچنداڻيءَ جي سنڌي تنقيد تي ڪا سپاٽ استيٽمينٽ يا ڪو رايو مِلي وجي پر سندس وهنواري آلوچنا جي ڪتاب 'تڪ تور' ۾ به ڪٿي ڪو اهڙو رايو ڪونہ مِليو جيڪو سنڌي آلوچنا جي اِستتي هُن جي لفظن ۾ ٻڌائي. ها، هن ڪتاب تي اپياسي نظر وجهڻ بعد اِهو تہ محصوص ٿيو تہ نقاد پرم اَبيچنداڻي جو سنڌي ادب/ تنقيد ڏانهن وهنواري ۽ آشاوادي نظريو رهيو آهي. هريش واسواڻيءَ جي ڪتاب 84–40 تي هن جو بيباڪ رايو سندس اهڙي رُخ کي چٽو ٿو ڪري. Quote "هيءَ رچنا هِڪ 'فڪري وندر' آهي جنهن ۾ هِڪ ناليري نقاد/ آلوچڪ جا گڻيير منورٿ سمايل آهن. هيءُ هڪڙو ڪارگر گيان سان پرپور پستڪ آهي، جيڪو سچُ تہ

ڪنهن ساڌارڻ پاڻڪ لاءِ نہ آهي، بلڪ سنجيده پاڻڪن يا چئجي تہ مفڪرن لاءِ آهي، جنهن ۾ جتي جڏهن ليڪڪ پنهنجي شخصي علم جي بنياد تي نہ ٿو ڳالهائي، تڏهن ٻئي درجي وارن بهترين ذريعن طرف ٿو جهُڪي.“

(پرم ابيچنداڻي- تڪ تور ص 73، 1994)

حالانڪ سنڌي تنقيد تي ٽيندڙ هِن مذاڪري / ليک ۾ ورهاڱي کان پوءِ ٽيل تنقيد جي ڳالهه ڪرڻي آهي ’پر سنڌي نثر جي تاريخ‘ (پروفيسر منگهارام ملڪاڻي) جي سنڌي ’سنڌي تنقيد جي اوسر‘ واري چئپٽر ۾ ملڪاڻي صاحب جي سنڌي تنقيد جي باري ۾ ڪي جاچنائون/ ڪٽ هِتي شيئر ۽ انڊرلائين ڪري سگهجن ٽيون جيئن سنڌي تنقيد جي روايتي تخليقي پهلن کي سمجهڻ ۾ مدد مِلي“ QUOTE :

1.”اُهو عالم جنهن سنڌي تنقيد کي سڌريل، ترتيب واري ڪڙيءَ تي آندو سو هو لعلچند امرڏنومل، جنهن ساهت جي ٻين شاخن ۾ربہ بنيادي ڪم ڪيو هو.. ۽ سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جو پهريون ماهوار رسالو چالو ڪيو هو .“ (ص. 344)

2.” آخر اُهو اُستاد اچي ويو جنهنجي هٿن ۾ سنڌي تنقيد ڪماليت جي درجي کي پهتي- پروفيسر هوتچند گربخشاڻي جنهن 1923 ۾ ’شاهه جو رسالو‘ جو پهريون جلد ڪڍي، سنڌي شاعرن جي سرتاج جو شاندار يادگار قائم

ڪري ڇڏيو ۽ سنڌي ادب جي تاريخي ۾ پاڻ کي امر بڻائي ڇڏيو.“ (ص. 350)

A Breif survey of published Sindhi Literature

عنوان سان شايع سندس تاريخي مقالي (انگريزيءَ ۾) سنڌي ادب بابت هڪ جاچنا (Observation) تي ٻه غور ڪيون.

3.”سنڌي ڪنهن ٻه صورت ۾ جيئن غلط سمجهيو ويندو آهي پنهنجي پينرن - پاشائن کان پنتي پيل ڪونهي ... سند سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌيءَ ۾ هر قسم جو ادب پيو آهي، جنهنجو مقدار هوند ڪنهن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏي بشرطيڪ اُهو ڪنو ڪيو وجي، ڇپايو ۽ شايع ڪيو وجي ...دستخط ڪِن خانگي ڪتب خانن جي طاقن تي اوڏهيءَ جو ڪاڇ ٿي رهيا آهن.“ ص 350) .

هِتي سنڌي نثر جي تاريخ مان اِهي ڪوٽس (Quotes) شيئر ڪرڻ جي مراد فقط اِهو سمجهڻ هو ته سنڌي تصنيف سان گڏ تخليقي تنقيد جي روايت شروعات کان ئي رهي آهي. مقداري ۽ معياري ٻه. باقي ماڻ ۽ ماپن جا اوزار هر دؤر ۾ هر نقاد وٽ الڳ - الڳ هوندا آهن. نظريو ۽ سوجهه ٻه. ملڪاڻي صاحب ٻه پنهنجي تصنيف/ ڪتاب ۾ اِهو ڄاڻائيندي لکيو آهي ته ”اوائلي سنڌي نقطچين فقط مضمون جي پهلوءَ کان شاعرن جي سراسري ڪٿ ڪندا هئا ۽ سندن حياتيءَ جو مختصر احوال ڏئي ڇڏيندا هئا، پر سندن ٻوليءَ جي خوبين ۽ خامين ڏانهن ڏيان نه ڏيندا هُئا. مرزا قليچ بيگ ٻه ۾ ”شاهه پٽائيءَ جو احوال“ 1885۾ صرف شاهه صاحب جي

زندگيءَ جو بيان ڏنو هو ۽ تنقيد جي دعويٰ ۾ ڪاڪ ڪئي هُئي". هِتي اِهو شيئر ڪرڻ پاڻڪن جي ڄاڻ لاءِ ضروري ٿو لڳي ته تنقيد جو جهوني ۾ جهونو مُڪمل ڪتاب ديوان ليلارام سِنگ جو انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب "life , Realism and poetry of Shah Latif " هو پر انگريزيءَ ۾ هئڻ ڪري سنڌي ساهت جو پاڻو نه ٿي سگهيو. اهڙيءَ طرح مرزا قليچ بيگ، ديوان ديارام، ديوان ڪؤڙيمل، ديوان ليلارام سِنگ ڪان پوءِ لعلچند امرڏنومل ، ڄينمل پرسرام، هوت چند گربخشاڻي، جهڙا مضمون نويس ۽ اُن وقت جا نقاد به ڪٽي ڇڏجي سنڌي تنقيد / آلوچنا جو پورائو ڪندا رهيا.

ورهاڱي بعد دؤر بدليو ۽ حالتون به ۽ جنهن تيزيءَ سان حالتون ماحول بدليو جڏ وقت ٽيڪ آف ڪري اُڏامڻ شروع ڪيو. سوچ - نظريو به بدلجندو رهيو. تصنيف ۽ تنقيد ٻنهي جاين تي. هاڻي ادب برائي زندگي نه ادب برائي ادب جي سوچ پنهنجي جاءِ جوڙي ڇڏي هئي. تخليقڪار جي رچنا جي ڪٿ، سندس فڪر / خيالن جي اُڏام ۽ احساس جي گهرائيءَ جو چيد / تجزيو (Analysis) به وقت سان گڏ ڪافي سائنسي ۽ تڪنيڪي ٿي ويو ۽ ٽيڻ به گهرجي. ڇو جو تنقيد هِڪ فن ته آهي ئي پر سائنس/ وگيان به آهي. رچنا جي مختلف عنصرن خيال / ٿات، ڪنٽينٽ، اُن سان ٽيل ٽريٽمينٽ / نباهه، دؤر / ڪال ۽ اُن موجب رچنا ۾اِستعمال ٽيل ٻولي رائيٽر جي پنهنجي گهڙيل ڊڪشن ۽ رچنا جو مقصد / اُديش وغيرهه ٻين

ڪيترن پهلن کان رچنا جي چنڊ چاڙ ڪري رچنا جي سونهن/ حُسن ۽ فني پهلن کي اُجاگر ڪري ئي رچنا کي ڪنهن حيثيت ۾ بهارڙ ئي هڪ ماهر / ڄاڻو نقاد جي قابليت آهي ۽ فرض ٻ. هاڻي سنڌي ادب کي هِتي هِند ۾ ادب جي پارکين ۽ اپياسن جي پوري هڪ نئين جنريشن ملي ويئي هئي جنهن سنڌي ادب کي پنهنجي پارکي نگاهه سان پرکي پارتي ادب سان گڏ ويهاريو هو. هِنن صاحبن جو عالمي ادب جو مطالعو اپياس سنڌي ادب کي ائين ڪتب آيو جو اِن کي نارايڻ شيام سُڳن آهوجا، ليکراج عزيز ايم ڪمل، ڪرشن راهي، ارجن حاسد، واسديو موهيءَ جهڙا شاعر، موهن ڪلپنا، لعل پشپ، شيام جئسنگهاڻي، سندري اُتمچنداڻي، ڪرشن ڪٽواڻيءَ جهڙا ڪهاڻيڪار/ ناول نويس ۽ سُڳن آهوجا، هريش واسواڻي، هيرو شيوڪاڻي، آنند ڪيماڻي، پرم ابيچنداڻي ستيش روهڙا، پريم پرڪاش، نامديو تاراچنداڻيءَ جهڙا ادب جا پارکي ودوان / نقاد نصيب ٿيا.

اِهي سڀ ڳالهيون مون سنڌي آلوچنا / تنقيد جي اِستتيءَ کي پانڪن اڳيان رکڻ لاءِ ڪيون ۽ شايد مونکي ٻ اِن جي ضرورت محسوس پئي ٿئي هڪ گرائونڊ / پِچ (pitch) کي تيار ڪرڻ لاءِ ۽ "ورهاڳي کان پوءِ بهترين " اِن لفظ کي مان ٿورو اجان مخصوص ڪيان ٿ قابل ذڪر / "بهترين آلوچنا يا آلوچنا جا ڪتاب" وشيہ جوجيستائين تعلق آهي ، ائين آلوچنا جو پورو مڪمل هڪ دؤر ٿي گذريو آهي

سنڌي ادب ۾. هر طرح جي آلوچنا جو ادبي غير ادبي، شخصي - تعصبي، سطحي ۽ رواجي بہ چئي سگھجي ٿو. پر اِنهن سيني لاڙن جي وچ ۾ سنڌي ادب ۽ ادب جي نظريئي کان صحتمند آلوچنا / تنقيد جو روئيو بہ سنڌيءَ ۾ فروغ حاصل ڪندو رهيو آهي، پوءِ اُن بابت اديبن / نقادن جوڪهڙو بہ رايو هجي تہ سنڌي آلوچنا نہ جي برابر آهي. مري چُڪي آهي، مُردهہ حالت ۾ آهي. جهڙي بہ آهي اسان کي اُن روپ ۾ ئي اُن جو تجزيو ڪرڻو آهي هِڪُ شفيع ۽ پرادڪٽو سوچ يا ڪريئٽو (creative) بہ چئي سگھجي ٿو، اُن کي ڪٽي ڪري. هِن قلمڪار وٽ جيترو مئٽيريل/ مئٽر (ڪتاب) ۽ مطالعو آهي بهترين / قابل ذڪر لفظ کي اندرلائين ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. باقي لفظن جي پريپاشا / وصف / سمجهہ (Defination) هر ڪنهن جي لاءِ الڳ الڳ آهي. فن / ڪلا جي اُفق تائين پهچڻ هراديب/ ڪلاڪار جي چاهنا هوندي آهي. اچو تہ هلون سنڌي آلوچنا جي اُفق جي تلاش ۾.

**بهترين سنڌي آلوچنا ڪجهہ اِمپريشنس / تاثرات (ورهاڱي کان پوءِ)**

سنڌي ساهت جي پرمپرا ۾ آلوچنا جيترو/ جيڪو بہ پنهنجو اِستان جوڙيو آهي اُن تي اسان پوين صفحن ۾ مختصر ۾ چرچا ڪري آيا آهيون. ادبي آلوچنا جا جيترا ۽ جيڪي بہ ڪتاب ميسر ٿي سگھيا اُنهن کي اپياسي نظر سان اُٿلائڻ / پڙهڻ بعد بہ ڳالهيون صاف طور سان نظر آيون تہ

سنڌيءَ ۾ آلوچنا جو مرڪز ڪوتا ۽ ڪهاڻي خاص طور سان رهيا آهن يا ائين ڪٽي چئون نقادن جو رُجحان يا توجهو سنڌي ڪويتا (خاص طور سان نئين ڪوتا) ۽ ڪهاڻيءَ ڏانهن ئي رهيو آهي. آلوچنا جي مؤجوده ڪتابن / مقدار ۾ ڪوتا ۽ ڪهاڻيءَ جو خاص رعب نظر آيو ۽ اُهي بيحد خوش نظر آيون. اِن جو ظاهري ڪارڻ سنڌيءَ ۾ ڪوتا ۽ ڪهاڻيءَ جو وڌيڪ رچجڻ/ لکجڻ ۽ چپجڻ آهي. ناول، ناٽڪ ۽ سنڌي نثر تي ٿيل ادبي آلوچنا جو حِصو اٿي ۾ لوڻ جيترو چئي سگهجي ٿو. خير، آلوچنا جو جيترو به مقدار/ معيار آهي اُهو ڏسڪس ته ٿيندو ئي تجزياتي، تاثراتي ۽ ڪڏهن تنقيدي نظرسان ، جيئن جڏهن سوچ/ قلم جو سِلسلو هليو. قلم کي به شايد خبر ناهي چا چوڻ/ لِکڻ وارو آ. بهرحال، سهوليت جي لحاظ کان بهترين لفظ کي پاسيرو رکي ٿا چڏيون ۽ اِهو سِلسِلو شروع ٿا ڪيون سنڌي ڪوتا کان .

**سنڌي شاعري/ ڪوتا- چوند آلوچنا / ڪتاب :**

1. **موزون شاعريءَ جي تنقيد/ ڪتاب**

هونءَ ته هن عرصي دؤران سنڌي شاعريءَ / ڪوتا جي جيڪا به ادبي آلوچنا / تنقيد ٿي آهي اُها پنهنجو پاڻ ۾ مقداري ۽ ڪافي حد تائين معياري آهي. باقي سطحي ۽ پئرلل (parallel) لٽريچر هر ٻوليءَ جي ادب جي هِڪ ازخود پئدا ٿيندڙ ڏارا جي روپ ۾ گڏو گڏ هلندو رهيو آهي. سنڌي

شاعري / ڪوتا جي تعلق سان ڪنهن بہ چرچا / مذاڪري جي شروعات ٿئي ٿي تہ شاه عبدللطيف جي ڪلام 'شاه جو رسالو' جو ذڪر ازخود ۽ لازمي طرح سان بہ قلم ڪرڻ ڇاهيندو - سنڌي ساهت ۾ شاهہ سچل، ساميءَ جي ڪلام / شاعريءَ / بيتن / دوهن تي هِتي ٿيل ادبي آلوچنا تمام گهٽ مِقدار ۾ مِلي ٿي. اِئين سيمينارن ۾ تمام معياري سطح جا مقالا لکيا ويا آهن جيتري جاڻ اٿم، پر اُهي ڪتاب صورت اختيار ڪري سگهيا آهن يا نہ اِهو هِڪُ تحقيق جو وشيہ ٿي سگهي ٿو.

في اِلحال هِتي هند ۾ شاه جي شعر / ڪلام تي علميت ۽ري اختياريءَ سان هيل تائين جيڪا تنقيد ادبي آلوچنا ۾ مجتا حاصل آهي سا ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ جي نظر اچي ٿي. ڊاڪٽر هوتچند بخشاڻيءَ جهڙا ادب جا پارکي جنهن کي سنڌي ادب جو ابو ڪري مجيو ويندو آهي.اهڙا عالم ئي شاه جي شعر کي گهوٽي پي ڪري اُن جو نچوڙ حاصل ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. شاه جي رسالي جي پاڻ آلوچنا جيڪا پوءِ "مقدمہ لطيفي " جي نالي سان شايع / ظاهر ٿي ، تنهن ۾ شاه جي شعر کي سوڌي جنهن انيوي صلاحيت سان اُن جي مختلف پهلن جي سمجهاڻي ڏني ويئي آهي، اُها اڄ جي هن دؤر ۾ تہ في لحال نظر ڪونہ آئي آهي. حالانڪ سنڌ ۾ شاه جي ڪلام تي جهجهي تعداد ۾ تحقيق ۽ تصنيف/ تنقيد جو ڪم ٿيندو رهيو آهي.جو سنڌ ۾

شاه سنڌي شاعريءَ جو روح آهي. اُن جو بہ ٿوري ۾ ذڪر ڪرڻ هِن مذاڪري جي ڪٿي نہ ڪٿي تقاضا آهي. ڇو جومؤضوع تي ٿيل بهترين ڪم روشنيءَ ۾ اچي. جيڪو هن پيپر / مذاڪري جو مقصد آهي. اسان مقدمہ لطيفيءَ جي ڳالهہ پئي ڪئي، پاڻ آلوچنا جو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو بي مثال سمجهاڻيءَ جو انداز ماڻيندا هلون. مؤجوده دؤر ۾ ساهِت جي ذهين وديارٿين لاءِ اِهو هڪ لازمي پاڻ آهي. جي ڪنهن کي دِلچسپي آهي شاه جي ڪلام ۾ تہ: - Quote

" اگرچ وزن ۽ قافيو شعر جو حسن ۽ لذت وڌائين ٿا، تڏهن بہ اُهي قالبن (frame/body/model) مثل آهن جن منجهہ شعر پلٽيو وڃي ٿو. پر نظم ۾ جيستائين شاعرانہ روح نہ هوندو تيستائين اُن کي سچو شعر نہ سڏبو. شاه جي ڪلام کي هر طرح شعر چئي سگهجي ٿو، مگر منجهس وزن جي گهٽي دقت نہ ورتي ويئي آهي. وزن لاءِ شاه لاءِ بہ رستا ڪليل هئا : يا تہ پنهنجي شعر کي عربي علم عروض جي لهرن موجب نظم ۾ آڻڻو هوس، يا تہ اُنهن بحرن کي چڏي ديسي طريقو اختيار ڪرڻو هوس. ... ڇو تہ عربي بحرن جون پيچيدگيون شعر کي مصنوعي (Crafted) بڻايو چڏين/ وجهن تنهن ڪري اُن جي اِستعمال تي زور نہ ڏنو اگرچ، هو اُنهن کان پوريءَ طرح سان واقف هو، جهڙيءَ طرح نِج سنڌي لفظن جي اِستعمال ڪرڻ ۾ پنهنجي حُب الوطنيءَ جي

شاهدي ڏني آتس، تهڙيءَ طرح پنهنجي شعر جي نظم ڪرڻ ۾ به پنهنجي آزاد طبعيت ۽ وطني حب ڏيکاري اتس. "

(شاه جو نظر، مقدمہ لطيفي ص.169)

سوُري متي سيڻ، ڪهڙي ليکي سزا
جيلهه لڳا نيڻ، تي سوريائي سيج تي

## شاه جي ڪلام تي تاريخي تنقيد 'مقدمہ لطيفي' کان پوءِ

ائين ورهاڱي بعد سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي / شاعرن / ادب تي وقت به وقت منعقد (Organized) سيمينارن ۾ تمام بهترين تجزياتي مقالا لکيا / پيش ڪيا ويا آهن. ۽ ڪيترن ليکڪن / اِسڪالرن شاه سچل ۽ سامي‌ءَ جي شاعريءَ تي اڀياسي / تجزياتي ڪتاب / تصنيفي مقالا لکيا آهن. جن ۾ خاص طور سان مُنهنجي اڀياسي نظر ۾ جيڪي اچي سگهيا آهن. تن ۾ 'شاه، سچل، سامي‌ءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ تي هِڪ نئين نظر' (هيرو شيوڪاڻي، ادب جا معيار ۽ سنڌي ادب 2013) 'جديد زماني ۾ شاه جي وابستگي' (هريش واسواڻي، شاه لطيف قؤمي سيمينار ساهت اڪادمي 1982) ۽ تازوئي سنڌيءَ جي نامياري اڀياسي اِسڪالر ڊاڪٽر جگديش لچاڻيءَ شاه جي شعر - فڪر ۽ زندگيءَ تي مفصل اڀياسي (ڪُجهه مقالن جي صورت ۾ به پيش ڪيل) آڇيندي لڇ مران (2014) شايع ڪيو آهي، جنهن تي ڪيس (ساهت اڪادميءَ جو ائوارڊ به اڻا ٿيو سال 2017 ۾) . نقاد هيري شيوڪاڻيءَ هِن

ڪتاب جي مُهاڳ ۾ پاڻ قبوليو آهي -" شايد مُمڪن ئي ڪونهي شاه تي ٽيل هيڏي گهڻي جاکوڙ ۽ ولوڙ جي حوالي ۾ ته هُن جي شعر بابت بنهه ڪا نئين ڳالهه يا سوجهه ٻوجهه ڏيئي سگهجي. البت شاه جي شعر شاعريءَ جو اپياس هُن جو مُفصل، گهڻ پاسائو ۽ جامع بيشڪ آهي .. اِنڪري ڊاڪٽر لچاڻيءَ جو هيءُ اپياس وسيع پعماني جو آهي." (آڇيندي لڇ مران تنقيدي مُهاڳ)

جيئن مون ٽوروئي اڳُ چيو ته سنڌ ۾ شاه / لطيف شناسيءَ جي هڪ باقائده مڪمل روايت رهي آهي ۽ شاه جي شعر- فڪر ۽ فن تي سنڌ جي نامچين عالمن، محققن تاريخي اهميت جو وڏي مقدار (ConsiderablQuantum) ۾ڪم ڪيو آهي ۽ اِهو شاه شناسيءَ جو سِلسلو نامچين عالمن طرفان شاه تي لکيل/ ڪيل تحقيقي ڪاريه / مقالن جو مجموعو محمد مِنل وَڪاسيءَ جي رهبريءَ ۾ ڪم ڪندڙ شاه لطيف اڪاڊمي (يو. ايس. اي) " لطيف جو اِنسان ۽ اِنسانيت جو لطيف" (2014) عنوان سان شايع ڪري سنڌي ادب جي اپياسين کي هِڪُ تحفو ڏنو آهي. هِن مقالائي مجموعي ۾ شاه جي ڪلام / شاعريءَ خواه فن - فڪر جي حوالي کان بيحد سنجيده ۽ بلند معيار / پايي جي تجزياتي تنقيد - هر پاسائي تنقيد،شاهه جي شاعريءَ جي شاعقن ۽ شيدائن/ مريدن کي ڪافي حد تائين ذهين بڻائي ٽي. هڪ سنجيده - اپياسي خاص طور سان (شاه جي شاعريءَ کي ڪٽي

ڪري) ليڪڪ جي گيان پِياسا / جاڻ جي اُڇ (Urge for knowledge) کي شانت ڪري ٿي.

اِن مجموعي مان شاه جي فِڪر تي ڊاڪٽر غفور ميمڻ جي هِن تجزياتي سمجهاڻيءَ کي سمجهندا هلون:- quote

"شاه جي پيغام رسائي جو طريقو Outside to inside ناهي بلڪ Inside to outside آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ شاه صاحب پنهنجي ذات ذريعي توهانجي اندر ۾ وجداني ڪيفيت اُپاري ٿو. اهڙي طرح شاه روحاني رسائي يعنيٰ soul to soul ڪميونيڪيشن ڪري ٿو. عظيم پيغام عظيم ڪيفيت مان پئدا ٿين ٿا / ٿيندا آهن ۽ اُنهن جا اثر بہ زمان مڪان جي مؤجوده پابندين کان آزاد ڪري ڇڏيندا آهن. اڄُ جي ٻاهرين / ظاهري ڏيک جي دنيا آهي، جنهن ۾ مادي حاصلات، نندڙي سوچ، ظاهري علم ۽ مادي آسائش جي حصول کي علم سمجهيو وجي ٿو. اِن لاءِ شاه لطيف چوي ٿو."

"ٻگها ڪو ٻجهن، تہ سپن چا ٿو سپجي
قريو قيارن کي، وڙڪيو وات وجهن
سي ڪيئن لائون لهن گهورا جي گهو گهتن جا."

(شاه جي پيغام جو جديد دؤر سان لاڳاپو -ڈا. غفور ميمڻ ص 71-72 لطيف جو اِنسان ۽ اِنسانيت جو لطيف')

حالانڪ هن مذاڪري جي دائري ۾ شاه تي هِتي هِند ۾ ٿيل تنقيد جي ئي ڳالهہ ڪرٽي آهي. ليڪن شاه تي ٿيل

اهم ڪاريہ / تنقيد جي معلوماتي نظريي کان اِها جاڻ / تجزيو شيئر ڪرڻ لازمي ٿي لڳو سنڌي ادب جي مفاد ۾. شاه جي شاعريءَ جي فڪر- فن ۾ گهاڙيٽي تي تحقيقي - تنقيدي خواه تجزياتي پيپرن / مقالن/ نوٽس جي هن مجموعي ۾ جن محققن / اِسڪالرس ودوانن ۽ تصنيف ڪارن (Reasearch / Scholar/ Writer) جو شاه تي ڪيل جاکوڙي ڪاريہ شامِل آهي، تن ۾ مکيہ طرح سان حميد سنڌي، محمد حسين 'ڪاشف'، ڊاڪٽر سليمان شيخ، علي محمد بروهي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غفور ميمڻ، شيخ ايار، رسول بخش بليجو، ڊا. فهميدھ حُسين، ڊا. غلام علي الانا ۽ جامي چانڊيو جهڙا علم - ادب جا اُستاد / ماهر شاه جي شعر کي گهوٽي پيئڻ ۽ پيارڻ وارن مان آهن.شاه جي شاعري، فڪر- فن تي اهڙي درجي جو ڪاريہ هِتي هِند جي ادبي لائيبريرين ۾ اِشاعتي صورت ۾ نظر نہ آيو آهي جيتري مُنهنجي جاڻ / معلومات جو دائرو آهي. باقي ادب جي اُستاد / ماهرن وٽ وڌيڪ جاڻ ٿي سگهي ٿي.

**مؤزون شاعريءَ تي ٿيل چوند تنقيد/ ڪتاب**

هاڻي اچون مؤزون شاعريءَ تي ٿيل تنقيد - خاص يا اهم تنقيدي ليکن ڪتابن تي. مؤزون شاعريءَ تي ٿيل تنقيد - خاص يا اهم تنقيدي ليکن ڪتابن تي. مؤزون شاعريءَ تي هِڪ هنڌ يڪمشت تنقيد جنهن کي تخليقي تنقيد/ آلوچنا چئجي اُن مقدار ۾ نظر نہ ٿي اچي جنهن مقدار ۾ شاعريءَ

جا ڪتاب آهن. حالانڪ چوندڙ تنقيد جا مجموعا نقادن جا پنهنجا آلوچناتمڪ / تنقيدي خواه تاثراتي ليکن / مقالن جا مجموعا ۽ اِن کان علاوه خاص شاعرن جي شاعريءَ جا ايياسي ڪتاب ضرور مِلن ٿا جن ۾ مؤزون شاعريءَ تي تنقيد جو ۽ صيحتمند تنقيد جو به هِڪُ رُجهان ملي ٿو. مقدار يلي نہ هجي پر ڪٿي ڪِٿي معيار ازخود تنقيد ۾ پاڻ ڳالهائي ٿو. هريش واسواڻيءَ جي هِڪ اِمپريشن تي اِن ڏِس ۾ غور ڪندا هلون. "في الحال ورهاڳي تائين پهچندي سنڌي تنقيد شخصي پسندي ناپسندي يا ساراه - نِندا جي تنگ دائرن کان پاڻ آزاد ڪرائي ڪي فني ۽ سماجي پهلو بطور ماڻڻ جي سويڪار ڪري خود مشاهبتي معنيٰ ۾ هِڪُ ذڪر لائق درجو اختيار ڪيو." (سنڌي تنقيد مهاڳ -ص .71)

نقاد هريش واسواڻيءَ جو اِهو اِمپريشن بلڪل ٺُز ۽ ستيڪ نظر ٿو اچي جڏهن پانڪ سندس سمپادن ۾ گڏ ڪيل سنڌيءَ جي برجستا نقادن جا تنقيدي ليک (سنڌي تنقيد، ساهتيہ اڪادمي -1985) پڙهڻ / ماڻڻ جي ليول تائين پهچي ٿو. مؤزون شاعريءَ تي ... شاه جو شعر ۽ شاعري (هوتچند گربخشاڻي پاڳوت ۽ شاه (چينمل پرسرام) ، شاه ۽ سچل (لعلچند جڳتياڻي) ساميءَ جون تشبيهون (ڪلياڻ آڏواڻي) بيوس جي شاعري (لعل سنگهہ اجواڻي) شاعريءَ جا قسم (ليکراج عزيز)، سنڌي شاعريءَ ۾ نيون ڏارائون (سُڳن آهوجا) جهڙن تنقيدي ليکن مان گذري ڪري ساهت جي

پانڪ / وديارتيءَ کي اِها جاڻ ته مِلي ٿي ته سنڌيءَ ۾ روايتي، ترقي پسند، اصولي، وهنواري ۽ ڪِٽي ڪِٽي جديد تنقيد جو بہ سلسلو ملي ٿوضرورت آهي اِن تنقيد کي ترتيبوار گڏ ڪري سنڌي تنقيد جي اوسر کي شايع ٿيڻ جي ۽ سنڌي توڙي پارتي ادب کي تنقيدي تاو محسوس ڪرائڻ جي. اِن ڏس ۾ هِتي سنڌي ادبي سرڪل / سماج خواه ساهت جي وديارٿين کي اِها جاڻ هُجڻ لازمي آهي ته ساهت اڪادمي (مرڪزي سرڪار) جيڪا هر مجتا حاصل پاشا جي صلاحڪار بوردن سان سيني پاشائن جي ادب کي فروخ ڏيڻ جو بهترين ڪاريہ ڪندي پيئي اچي تنهنجي ماتحت سنڌي ادب جا تمام بهترين / ڪارگر ڪتاب شايع ٿيندا رهيا آهن، ۽ ساهِت اڪادميءَ جي اِشاعتن جي اِن سِلسلي / ڪڙيءَ ۾ تازو ڪُجهہ گذريل سالن دؤران سنڌي ساهت جي هر صنف تي چوندڙ تنقيد جا مجموعا /ڪتاب شايع ٿيا آهن جن ۾ خاص طور سان سنڌي نئين ڪوتا، غزل، ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ جي چوندڙ تنقيد جا ڪتاب بہ شامل آهن. جن جو سلسليوار ذڪر مذاڪري ۾ پاڻ هي ايندو. اسان ڳالهہ پئي ڪئي سنڌي تنقيد ۾ شامل مؤزون شاعريءَ جي آلوچنا / تنقيد بابت. سو اُستاد شاعر / نقاد سُڳن آهوجا جي سنڌي مؤزون شاعريءَ تي ڪيل تخليقي تنقيد (creative critism) جو هِڪُ نمونو ڏسندا هلون. ڪافي ڪُجهہ سِکڻ لاءِ مِلي ٿو اهڙن اُستادن کان-:

Quote

”اِظهار لاءِ نئين تاجي پيٹي ۾ نوان فارم ۽ اچي وڃن ٿا، پر اُنهن کي سهوليت لاءِ الڳ ۽ ڪري سگهجي ٿو. ’شيام‘ باشعور ۽ جدت طراز شاعر آهي. سندي شاعريءَ ۾ موضوع خواه هيئيت / فارم جي لحاظ کان هميشہ نوان-نوان تجربا ڪندو پئي آيو آهي....شيام جي نئين مجموعي ’روشن ڇانورو‘ جا چارئي وياڳ (غزل، ترائيل، دوها ۽ سورٺا) لريڪل شاعريءَ جي دائري اندر اچي وڃن ٿا .... حقيقت ۾ لِرڪ(lyric) ۽ لريڪل لفظن جو مفهوم مؤسقيءَ تائين محدود ناهي، اصل ۾ ماحول يا خارجي حالتن کان متاثر ٿي، يا داخلي ڪيفيت جي ترجماني ڪندي شاعريءَ جي روپ ۾ جا چيز بي ساخته يا خود بخّود بنا ڪنهن ڪوشش جي شاعر جي منهن مان نڪري ٿي سا لريڪل شاعري آهي.“ ( سندي. تنقيد ص. 119)

سندي مؤزون شاعريءَ تي تنقيد، مان خاص طور سان هتي تخليقي تنقيد جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان، ائين ته چگّي مقدار ۾ ملي ٿي، ڪتاب اُٿلائڻ وقت ائين محسوس ٿيو ته جيڪي سندي‌ءَ ۾ آلوچنا نہ هجڻ جي ڳالهه ڪن ٿا يا وري نہ جي برابر هُجڻ جي ڳالهه ڪن ٿا تِن جي نظر هيٺ يا ته اِهي ڪتاب ڪونہ آيا آهن يا اُهي اُنهن تنقيد ڪارن / آلوچڪن کي ’آلوچڪ‘ مجڻ ۾ڪي محفوظگيون (Reservations) آهن يا وري اُنهن لاءِ آلوچنا جا پنهنجا ماڻ ماپ الڳ ئي آهن. خير، هر ڪنهن جو سوچ / نظريو (۽ رچنا

پرکريا) پنهنجا پنهنجا آهن. جن تنقيدڪارن / نقادن مؤزون شاعريءَ خاص طور سان غزل جي فارم کي ڪٽي ڪري صيحتمند ۽ تخليقي تنقيد ڪئي آهي تِن ۾ سُڳن آهوجا، ليکراج عزيز (روشن چانورو : مهاڳ، شاعريءَ جا قسم)، ارجن حاسد( آزاديءَ کان پوءِ سنڌي غزل جي ائينٽالاجي مُهاڳ ساهت اڪادمي 2008) واسديو موهي (سنڌي غزل جو سفر، آزاديءَ کان پوءِ ستن ڏهاڪن تائين جو غزل، بعد جديد غزل .. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي غزل جي چونڊ تنقيد ساهت اڪادمي 2014). سنڌي شاعريءَ تي پرم ابيچنداڻيءَ جهڙي ريڊيڪل قسم جي نقاد ۽ سنڌي تنقيد ۾ پنهنجي تخليقي تنقيد سان هڪ اظافو ڪيو (سنڌي شاعري بنياد ۽ روايت هِڪ تخليقي ليک آرٽيڪل)، خشبوءِ جو سفر (ڊا. سدا رنگاڻيءَ جي رُباعين جو مجموعو - تڪ تور 1994).

ائين هريش واسواڻي ۽ ستيش روهڙا جهڙا ويچارڪ / تعليمدان ۽ ساهت جا مجيل برجستا نقاد ۽ پنهنجي تنقيدن ۾ مؤزون شاعريءَ کي پنهنجي مجموعن ۾ تنقيد جو وشيہ / ٽاپڪ ڪِن شاعريءَ جي مجموعن کي ڪٽي ڪري ( ماڪ پنا رابيل 84-40 ، سونهن ۽ سرهاڻ جو شاعر هري دلگير، دشمنيءَ جي دانهن - شريڪانت صدف ساهتيہ سرجڻ 2005) پنهنجي هڪ الڳ نقط نگاه کان ويچار / سوچ جي ڏراتل تي مؤزون شاعريءَ کي ڊِسڪس ڪيو آهي اچو تہ اِنهن جو تنقيدي مزاج سمجهندا هلون.

”کي شاعر هوندا آهن اِن کري شعر لکندا آهن، کي شعر لکندا انکري شاعر بڻبا آهن. جي شاعر آهن، اُهي جيکڏهن شعر نہ ب لِکن تہ ب شاعر ئي رهندا ... شيام هِک شاعر آهي جنهن پنهنجي کوتا جي لڳ ڀڳ هر سِٽ (ماک ڀنا رابيل ). قدرت جي ڪئنواس تي لکي آهي. سنڌيءَ ۾ جتي اسان وٽ ڪائناتي شاعر جي ڪا مخصوص روايت نہ آهي اُتي شاه کان پوءِ شيام ۽ ايان ئي اهڙا ب شاعر آهن جن جي شعر ۾ هِک روايت جيترو وستار مؤجود آهي. الڳ الڳ ياو، اوستائن جي نمائش، رس جي پختائي ۽ بيان شده نقطي کي وڌيک فنائتي نموني چوڻ لاءِ شيام اکثر پنهنجي شعر ۾ قدرت جي شرکت قبول ڪئي آهي _

”هلکي هلکي هير ڏکڻ جي آئي
جنهن سؤ سنهڙا تير هڻي دل گهائي،
ڀنيرکي جي مهل، فضا پي ڀاري،
ويئي دل جي ڏير، الا تنهائي“

لفظن ذريعي واتاورڻ کي سُجاڳ کرڻ جي شيام جي قلم ۾ اديت قوت آهي.

”ڀيڄ ڀنيءَ جي ويل،
سنهڙو سنهڙو چندرما
ماک ڀنا رابيل“.

(شيام جي کوتا ۾ قدرت هريش واسواڻي ص 84–40).

شريڪانت صدف جي غزلن جي مجموعي (ذهن جا قبيلا) تي ڪيل هيءَ تنقيد نقاد ستيش روهڙا جي اندر دائما طور مؤجود ويچاروان پروفيسر / پاشائي ماهر جو بہ درس ڪرائي ٿي:-

" هِن قسم جو مهاڳ پڙهي (خود شاعر طرفان لِکيل) مونکي عجيب بہ لڳو ۽ افسوس بہ ٿيو. هيءَ ڪتاب ڪو علم عروض جي قائدن بابت لکيل ڪتاب ته ڪونهي جو رچناڪار علم عروض جي خاتمي جو ماتم ڪري ۽ بُڌائي ته پاڻ مسيحا بڻجي علم عروض کي جيئارڻ آيو آهي!.. صدف جي غزلن جو عام سُر اُداسي ۽ نراشا ۽ آتم ديا آهي؛ پر هنن غزلن جي اُداسي، نراشا روايتي غزل جي بي وفائيءَ جي رد عمل واري نراشا کان ڪُجِ الڳ آهي. وضن جي پختگي، ڪافين جو اِستعمال، رديف جي مؤزونيت وغيره غزل جي خاصيتن سان گڏ، صدف جي هنن غزلن جون بہ ڪمزوريون ڪافي ڏيان ڇڪائيندڙ آهن ، هڪ خيال جي بيترتيبي ۽ بي سنڌي پاشا جي سنسڪار جي کوٽ - ڪجھ مثال :

(1) فڪر جو سوچ جو ڪشادو مان
شهر سوڙهو هُيو، لڳو يارو
جيڪا بولي جيئاري ڪا نہ سگهيا،
تنهن کي سُک سان مرڻ ته ڏيو يارو

(2) رات پر اک کي هِڪڙو خواب ڏنم
ذهن پنهنجي کي جڙ عذاب ڏنم

(3) زندگيءَ ۾ سواد کو به نه هو
پوءِ به چومون چپي چٽي ڳاري !"
(ساهتيہ سرجڻ - ستيش روهڙا 2005)

غزل شاعريءَ جو روح آهي ۽ کوتا ڏڙکن جيئن دنيا پرجي شاعريءَ يا شاعرانہ فطرت کي محصوص کري ائين چئي سگهجي ٿو. کوتا سان مُنهنجي مُراد هتي اڇند کوتا / نئين کوتا يا نثر نظم سان آهي، حالانڪ اُها به لريکل ٿي سگهي ٿي. ڏنو ويو آهي يا جيترو منهنجو مطالعو آهي. گذريل پنجاه سالن جي شاعريءَ جي اتهاس کي ڏسندي گهٽو کري شاعرن جي پسنديده شاخ / صنف / وڌا / فارم غزل يا کوتا ئي رهيو آهي. جيکو شاعر غزل / کوتا جو شاعر يا کوي آهي ۽ سُڻي جاڻ - اڀياس رکي ٿو اُن صِنف جي باري ۾ اُنهنجا تنقيدي تاثرات (Critical impressions) به وهنواري تنقيد جي نظريي کان اهميت رکن ٿا مڻٽر کن ٿا نظر وجهندا هلون شاعر کيمن مولاڻيءَ جي هڪ تاثراتي تنقيد تي:-

" پٽي کنيو مالهيءَ کڏيم باغ مان،
بهاريءَ ۾ اهڙي بهاري ملي.
چمن کي به گُلشن ۾ درخت مِليا،
نہ بُلبل کي هِکڙي به ٽاري ملي
وطن جو دلاسو نہ ٿو کوئي ڏئي،
رُئڻ لاءِ الا! عمر ساري ملي

پلا اِندر ٻيو ڪير ڏيندو قرار،
جو مالهيءَ کان ئي بي قراري مِلي.

توهان ڏسو هتي اِندر پوڄواٽيءَ سنڌ کان وڇوڙي جو درد ۽ پوءِ جي ڏک ڏاکڻن جو فنڪارانہ نموني اِشارن ۾ بيان ڪيو آهي. غزل اِشارن جي ٻولي ٻوليندو آهي، شايد اِنڪري ئي غزل کي نجُ داخلي شاعريءَ جي صِنف مڃيو وڃي ٿو ... اسان سنڌين تي شاه جي ستن سورمين جي پريم ڪهاڻين جو اثر وينل آهي، شايد اِهو سبب آهي جو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي غزلگو شاعرن اِنهن ڪهاڻين جي ڪردارن جو فنڪارانہ نموني علامت طور (used as symbol) ڪتب آڻي پنهنجي اِظهار کي گهڻ ڪنڌائي معنىٰ وارو بڻائي ڇڏيو. شاعريءَ ۾ سنڌي پٽي جو هيءُ اِظهار ڏسڻ وٽان آهي. اِندر پوڄواٽيءَ جي قلم مان.

"سُڌري ويندا جي سؤ عمر هوندا،
تنهنجي من ۾ جي مارئي هوندي"

(سنڌيپٽي جو فنڪارانہ اِظهار -ڪيمن مولاڻي، سنڌي غزل جي چونڊ تنقيد 2014 ص 63-62)

ايڪوهين صديءَ جي سنڌي غزلگو شاعر / نقاد هِن کي اسان جدت طراز شاعر / نقاد چئون تہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو. ونود آسوداڻيءَ جي غزل جي ڪنٽينٽ ۽ ايڪسپريشن/ اِظهار کي ڪٽي ڪري ڪيل ستيڪ آلوچنا سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جي هِڪ رئيشنل نظريي سان تنقيد ڪرڻ وارن جي ڪميءَ / خال

ڪي پرجي وڃڻ جي خوشي ۾ ڏيئي ٿي. اهڙي قابل تحصين تنقيد (praise worthy) ڪي لازمي آهي ڏسڻ ۽ ماڻڻ، تنقيد جي معيار/ ليول ڪي پرکڻ لاءِ :-Quote

"روايتي غزل ۾ شخص دنيا سان وڙهي ٿو. هو سماجي ۽ سياسي بُراين خلاف بغاوت ڪري ٿو. هاڻي شخص پاڻ سان لڙائي ڪري ٿو، هُن کي پل پل ٽٽڻ ۽ ڀُرڻ جو احساس ٿئي ٿو":-

"روز لهندا رهيا چٽڻ دل جا، زندگي پوءِ ۾ زندگي آهي."
(ونود آسوداڻي)

اڄڪي وانگر شاعر آدرشوادي ناهي، اڄ جي غزل ۾ شاعر جا سڀ ڀرم ٽُٽي پيا آهن. جديد زندگيءَ جي تناو ۾ هو ايترو تہ وڪوڙيل آهي جو هاڻي هُن کي خُدائي انصاف تي ۾ پروسو ناهي-:

جڏهن جڏهن ۾ جيئڻ تي دل تي ٿي
خدا کي گار ڏيڻ تي دل ٿي (ايم ڪمل)

اِن ئي ڪيفيت جو هڪ الڳ اِظهار آهي.
روز وشُاس کي چُرا نہ هڻو
ذهن تي هڪ دفعي هڻو گولي (ارجن حاسد - ميرو سج)

اڄُ جو شاعر تضاد کي پُراڻي روايتي رنگ ۾ ڪتب نہ ٿو آڻي، تضاد کي اندازنئين معنىٰ سان اِظهار ڏئي ٿو-:

سچايون سپ رلنديو هونديون
سُپنن جا در پچنديون هونديون (واسديو موهي)
(1)
ڏاڍو اوکو اُن تي پير رکڻ
حوصلي جي تتل واري (شريڪانت صدف)
(ونود آسوداڻي سنڌي غزل جي چونڊ تنقيد ساهتيہ اڪادمي)

( اِن سلسلي ۾ روشن چانورو (سُڄڻ آهوجا جو مهاڳ، روپ مايا 'سونهن جو سفر' واسديو موهيءَ جو مهاڳ 'برپٽون' ارجن حاسد جو مهاڳ آزاديءَ کان پوءِ سنڌي غزل جي اينٽالاجي) سنڌي شاعريءَ جي گنيير وديارٿين/ ايياسن لاءِ لازمي طور تي رڪمنڊڈ (Recommonded) آهن.

مؤزون شاعريءَ جي تنقيد جو ايياس هاڻي هِن پائينٽ تي سميٽيندا هلون ، هيل تائين ايياس هيٺ آيل ڪتابن مان اِهو ٿ معلوم ٿيو ٿ گهٽو ٽٽو غزل تي ئي لکيو ويو آهي. ائين تنقيد تجزياتي ايياس جا ڪيترا سُنا / قابل ذڪر پيسيس (pieces) / ڪتاب ۾ آهن جن ۾ روايتي شاعريءَ کان وڌي جديد ۽ بعد جديد شاعريءَ / غزل تي ۾ تنقيد مِلي ٿي.

مخصوص شاعرن جي شاعريءَ تي ايياسي / تجزياتي ڪتاب نارائڻ شيام، ايم ڪمل، ارجن حاسد، واسديو موهيءَ جي شاعريءَ تي ۽ ان کان علاوه وقت ۾ وقت ٿيندڙ

سيمينارن ۾ مؤزون شاعريءَ تي تنقيد جو مواد جهجهي تعداد ۾مِلي ٿو سيني جو ذڪر هِتي ممڪن نہ آهي بس هلندي هلندي مؤزون شاعريءَ / غزل تي واسديو موهي ۽ ارجن حاسد جي اِن بابت ڪِن ڳالهين جو نوٽ ونندا هلون :-

"ورهاڳي ڪانپوءِ واري سنڌي غزل تي سوچيندي، پوين پنجن ڏهاڪن جي رجهانن سان وک وک ڪٽڻي آهي. ليکراج عزيز، ڏُکايل، دلگير، وفا، شاد، فاني، پرسرام ضيا، هرومل سدارنگاڻي 'خادم' پڻ اِن پنڌ ۾ شامل هئا. غزل (صرف پنهنجي نہ هر شخص جي سوچ ڏانهن مڙيو آهي، وهنوار ويچارن جي گهراين کي چکيو آهي، سو اڄُ جي مجبورين مونجهارن جي وچ ۾ وهڻ پسند ٿو ڪري. مادرنٽي(Modernity) هِڪ اهڙي ئي سينسيبلٽي(Sensebility) آهي. هر لطيف فن صرف فن ڪونهي فِڪربہ آهي، ٻئي هڪ ٻئي کان الڳ ٿي نہ ٽا سگهن. غزل بہ جيئن تيئن چوڻ واري صنف ڪونهي. چپن تي چيتنا واري ليڪ آهي.Modernity /جدت جي تقاضا آهي تہ ٻوليءَ جي هاو پاو ۾ رنگت اچي، بيهڪ بناوٽ بہ ڪُجهہ نرالي هجي. غزل جي شهر جون بہ سٽون بہ نہ لڳن هڪ يڪي سِٽ لڳي. خيال تہ ايترو گهرو جو بہ سٽون پوري ماحول جو تصور، آڪار پسائي سگهن. ڪن وڌن وڌن اڻ- جاتل لفظن ۾ قاسايل موه نہ هجي. اِن کي سٽريٽ لائين سينسيبلٽي (Stright line Sensibility) چئون ٿا:

نہ اڇڻ پنهنجي آ وس، نہ وڃڻ پنهنجي وس
پنهنجي مرضيءَ سان نہ، اڇُ وڃ کان ٿو آرام ملي.
(ڪيئلداس فاني)

پنهنجي ٻُڌڻ ۾ ماڻهون مشغول آهه ايڏو
ٻئي جي ٻڌڻ بنا ئي ڪڪ ٿي هلڻ لڳوآ.
(گورڌن پارتي)

وري ڪا روشني جي ڳالهه نڪتي
اکڻ ۾ سِڃ ڏسڻ ٻيهر وجان ٿو
(واسديو موهي)

سوال ڪنهنجي تي هِيڪيو پوءِ ائين مرڪيو
لڳو تہ مُرڪ کي ٽيندو لباس آئي پڻ.“
(ارجن حاسد)

**(آزاديءَ کان پوءِ سنڌي غزل جي ائنٽالاجي مُهاڳ ارجن حاسد)**

غزل تي آلوچنا / تنقيد جي خيال کان ’ورهاڳي کان پوءِ سنڌي غزل جي چونڊ تنقيد‘ (سمپادڪ واسديو موهي ساهت اڪادمي 2014) هِڪُ اهم ڪتاب آهي جنهن کي پڻ سنڌي شاعريءَ / غزل جي اپياس لاءِ ضروري سمجهي ٿو. هِن ڪتاب جي مهاڳ ۾ شاعر نقاد واسديو موهيءَ جي سنڌي غزل جي تنقيد تي ڏنل امپريشنس سان اِهو چئپٽر اِتي پورو ڪنداسين :-

”ائين ڏٺو ويو آهي تہ ورهاڳي کان ترت پوءِ جي ۽ بعد جي يعنيٰ ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪن واري سنڌي

غزل جي فني صلاحيت ۾ ڪافي نوٽ ونڊ جهڙا فرق آهن. غزل جي جدا جدا پهلن جي جاچنا ڪندڙ ليکن سان گڏ شاعرن جي رچنا جو الڳ سان به جائزو ورتو ويو آهي. مقصد به آهن. هڪ ته وهنواري تنقيد جا وٽ تاراضيون ملن ٿيون ته ٻئي طرف سنڌي غزل جو اِنفرادي سروپ به اُپري اچي ٿو جيڪو شخصي طور شاعرن جي نجي پچاڻ آهي. غزل تي تنقيد جي حوالي ۾ اِها به ڪمنصيبي ئي ليکبي ته ڪيترن مجيل نقادن هِن صِنف کان ڪناره ڪشي ڪئي آهي.... پر وري به هِتي ائين اسان کي سنڌي غزل جو توڙي غزل تي تنقيد جو هُڱاءُ به ملي ٿو.“

2. **سنڌي نئين ڪوتا- چوند تنقيد/ ڪتاب**

اِهو اڳ ۾ ئي چئي آيو آهيان ته اِن عرصي دؤران سنڌيءَ ۾ ڪوتا ۽ ڪهاڻيءَ جي رچنا سنڌي رچناڪارن جي پسنديده صنف رهي آهي. ۽ شاعريءَ ۾ به ڪويتا نئين ڪوتا جو مقدار گهڻو آهي.ظاهر آهي تنقيد به نئين ڪوتا / ڪويتا تي گهڻي ٿي آهي - اسان ڪوتا لفظ کي ئي هتي ڪٽي ٿا هلون. ڪوتا تي ٿيل تنقيد / آلوچنا جي ايياس دؤران سنڌي ڪوتا جي معيار سان برميچندڙ تنقيد ڏسي خوشي ٿي ۽ فخر به ته اهڙي قسم جي تخليقي تنقيد پارتي توڙي ڪِٽي ڪِٽي عالمي ادب جي معيار / پعمانن کي چهي ٿي. اِن جو مکيه ڪارڻ اِهو نظر آيو ته رواجي طرح ڪنهن رواجي ليکڪ / نقاد ڪوتا جهڙي صنف جي آلوچنا ڪرڻ جي جُرئت

/ همٿ ئي ڪانہ ڪئي آهي يا نہ ٿي سگهي آهي. سنڌيءَ ۾ عالمي / پارتي ادب جي اپياسن / ڇاڻن هريش واسواڻي، هيري شيوڪاڻي آنند ڪيماڻي، پرم ابيچنداڻي، پريم پرڪاش، نامديو تاراچنداڻي ستيش روهڙا جهڙن رئشنل / ريڊيڪل سوچ رکندڙ نقادن جي هٿ ۾ سنڌي تنقيد جي ڪمان (command) ۾ رهي آهي. نئين ڪوتا تي ٿيل تنقيد ۾ پڻ هُنن پنهنجي ڇاپ ڇڏي آهي. علاوه ازين موهن ڪلپنا، واسديو موهي، ارجن حاسد، جگديش لچاڻي، موهن گيهاڻي جهڙا مُدبر اِسڪالر / شاعر/ ڪوي مقالن ۽ مهاڳن ذريعي پنهنجي تنقيدي صلاحيت سان پنهنجي الڳ / منفرد نظريي / سوچ ۽ پعمانن سان نئون فليور ڏيندي سنڌي تنقيد ۾ جوڳو اضافو ڪندا رهيا آهن.

سنڌي نئين ڪوتا ۽ اُن جي تنقيد جو اپياس / اِتهاس ٻُڌائي ٿو سنڌيءَ ۾ نئين ڪوتا جي آمد (1960) بعد پهريون دفعو 'سنڌي ٽائيمس' جي 'نئين ڪوتا' جي خاص انڪ ۾ ڇڻ مڪيہ ڪوين جي چوند ڪوتائن ۽ اُنهن جي وڪتويہ سان هيري شيوڪاڻيءَ جي سنپادڪيہ ليک سميت شدمد سان شايع ٿيڻ سان ٿي. اِنهن ڪوين جي روپ ، رچنا کي ڪٽي ڪري ڊسڪس ڪيل نئين ڪوتا جي اِن ليک/ انڪ جي تاريخي اهميت آهي. جنهن کي نئين ڪوتا جي تنقيد جو بنيادي پٿر سمجهيو وڃي ٿو. ڪوتا تي ٿيل اِنهن نقادن جي اهم ۽ چوند تنقيد جو سنگره ساهتيہ اڪاڊميءَ 'نئين ڪوتا

جي چوند تنقيد' (سمپادڪ -نامديو تاراچنداڻي 2011) طرفان شايع ٿيل هِڪ اهم ۽ لازمي ڪتاب آهي نئين ڪوتا جي اپياسين / شائقن لاءِ. انکان علاوه وهنواري تنقيد ۾ خاص طور سان ڪِن ڪتابن جو ذڪر ٻه ڪندا هلون. مخصوص رچنا جي آلوچنا کي ڪٽي ڪري 'ڪوتا کان ڪوتا تائين' ستيش روهڙا 2000)، ڪوتا تي تنقيدي / تاثراتي مقالن ۽ مُهاڳن جو مجموعو 'نئين ڪوتا : سنويدنشيلتا' (پريم پرڪاش 2009) ۽ ڪوتا (موزون شاعري) خواه نئين ڪوتا تي ورهاڱي کان پوءِ هِڪ سلسليوار تحقيقي خواه تجزياتي تنقيد جو اپياسين لاءِ بيحد ڪارگر اپياس، اي - بُڪ (E. book) جي صورت ۾ "آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ڪوتا جو اپياس 1950-2000" (نامديو تاراچنداڻي) جي عنوان سان اِنٽرنيٽ / ڪِنڈل(Internet/kindle) تي مؤجود آهي. پڙهي سگهجي ٿو. (اِن کي ڪتاب صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي.) اِن سلسلي ۾ 'نئين ڪوتا : تخليقي سطح تي جيون جي تلاش' (سنپادڪ ليکڪ- هيرو شيوڪاڻي، سنڌي ٽائيمس 1969)، سنڌي ٽائيمس جي تاريخي انڪ ۾ شامِل ڇهن ڪوين - هريش واسواڻي، موهن ڪلپنا، واسديو موهي، آنند ڪيماڻيءَ جا نئين ڪوتا تي وڪتوبه ۽ 'نئين ڪوتا جي ليباٽري ٽيسٽنگ'... هريش واسواڻي (رچنا انڪ 22،23،24) جي ڪوتا تي / رئشنل، ريڊيڪل، اصولي خواه وهنوارڪ تنقيد هر نقط نگاه کان سنڌيءَ ۾ هيل تائين

ٿيل ڪوتا جي تنقيد ۾ تاريخي ۽ بنيادي پٿر جي اهميت ته رکي هي ٿي پر هِن تنقيدکي پارتي توڙي عالمي ادب جي معيار جهڙي چوڻ ۾ ڪا جهجهڪ محسوس نه ٿي ٿئي. اِنهن جو ذڪر ڪندي هِندي ساهتيہ ۾ ڪوتا جي آلوچنا جي ابن نامور سنگهہ، اشوڪ واجپيئي، پرياڪر شوتريہ، نند ڪشور آچاريہ جا نالا بہ ذهن ۾ تري ٿا اچن.. هاڻي سنڌي آلوچنا جي مُنارن جا ڪويتا تي ڪيل تنقيد جا تيور بہ ڏسندا هلون ته سنڌي نئين ڪوتا جي دشا ۽ دِشا پنهنجي الڳ الڳ / منفرد سوچ، وٽن، اوزارن، ماڻن- ماپن سان ماپي جن سنڌي ادب ۾ آلوچنا کي هڪ مقام بخشيو آهي : ڪُجهہ مخصوص حوالا / ڪوٽس-:

1_ "سنڌي شاعريءَ ۾ غير مجتا جو اِهو احساس، ٻين پارتيہ ٻولين جي ٻيٽ ۾ ڇٽو ۽ تکو اِنڪري آهي جو اِن ۾ نئين ڪوتا ترقي پذير شاعري / روايت جو سياوڪ نتيجو نہ آهي .... هِتي ايترو ضرور ڇئي سگهجي ٿو ته زندگيءَ جي بدليل حوالن ۾ سنڌيءَ جي نئين پيڙهيءَ ڪنهن حد تائين، اِها اِسٽرتا پيڇ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي انڪري ئي نئين ڪويتا جي سنگهرش جو اندازو هريش واسواڻيءَ جي وڪتويہ جي انهن سِٽن مان سؤلائيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو: پر سنڌي شاعريءَ جي روايت ۾ اِنهن کي ڪوتا چوندي مونکي چگّي اصولي طاقت گڏ ڪرڻي پيئي." (ص.2)

2_"نئين ڪوتا کي ياشا ،ياو، شئلي، النڪار ۽ چند جي نقلي طاقت ۾ ورهائي سمجهي ۽ ماڻي سگهڻ ممڪن ئي ڪونهي. پنهنجي مڪمل رچت سمپورڻ ارٿ جي نباه ۾ ڪرسٽل (Crystal) هيري جي سونهن جيان نئين ڪوتا جو آنند اُن جي پوري اِسٽرڪچر جي يڪسان معني مان ئي پائي سگهجي ٿو. سنڌيءَ ۾ نئين ڪوتا هڪ لهر مس بڻي سگهي آهي، ڏارا بڻجڻ اِن جو اجان باقي آهي .. هن انڪ ۾ شامل اِنهن چئن ڪوين (هريش واسواڻي، موهن ڪلپنا، واسديو موهي، آنند ڪيماڻي) سنڌيءَ ۾ نئين ڪويتا کي سيريسلي فني بلندين تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٻيا به نالا آهن. شيام جئسنگهاڻي، واسديو نرمل موتي لعل جوتواڻي، پريم پرڪاش سرلتا سان ياد اچن ٿا. هر رچنا جيان چوٽ جو فائدو وٺي، 'فيڪ' چيزون سنڌيءَ ۾ به ڪافي اچي رهيون آهن جن ۾ ڪوتا گهٽ چٽڪليبازي گهڻي هوندي آهي." (ص. 5،4) (هيرو شيوڪاڻي،سمپادڪيہ ليک چوند تنقيد نامديو )

هڪ ڳالهہ هِتي واضح/ ڪليئر ڪرڻ جي ضرورت آهي حالانڪ ڪويتا کي سمجهڻ جي خيال کان ايتري سمجهہ - مئچيورٽي جي اُميد (Expectation) تہ ڪري سگهجي ٿي، ڪنهن به اپياسي/ ڪوي / پاٺڪ کان (هريش واسواڻيءَ هيري شيوڪاڻي، آنند ڪيماڻي ۽ ٻين عالمي ادب جي اپياسين) اِنهن نقادن جا اهڙا تنقيدي تجزيا پڙهندي وقت ۽ مٿان وري اُن جو ڪو اپياسي رد عمل پڙهندي/ ٻڌندي وقت

پنهنجي سوچ کي پوريءَ طرح سان رئشنل بٹائيندي، برادر/ ويکرو ڪرٽو آهي ۽ ڪوتا جي سطح تائين آڻڻو آهي. ڪوي مخصوص جي ڪوتا تي ڏنل جاچنائن خواه وئليو/ باٿم لائين اِسٽيٽمينٽس کي پڙهي ڪري پائنٽ/ ڪوي نقاد سان نا اِتفاق يا نا متعمن ٿي سگهن ٿا، يا ٿي سگهي ٿو ڪي نراش به ٿين ( جو هر ڪنهن جي سوچ - سمجهه جو پنهنجو دائرو/ طريقو آهي). هِتي ڏنل جاچنائون صرف ۽ صرف ڪوتائن سان تعلق رکن ٿيون، هِتي صرف ڪويتا جي ڳالهه ڪيل آهي ڪنهن ڪويءَ جي باري ۾ نه. اِن ڳالهه کي ڏيان ۾ رکندي ڪجهه ٻيا اهم تنقيدي حوالا/ ڪوٽس سمجهندا هلون. 'نئين ڪوتا جي لئباٽري ٽيسٽنگ' (هريش وسسواڻي) عنوان هيٺ سنڌيءَ جي چئن ڪوين جي ڪوتا تي ڪيل تنقيد ۾ نقاد جي اِنٽليڪچيوئل پاور/ بوڌڪ شڪتي ڪوتا ۽ ڪرٽسزم (critism) تي سندس فڪري خواه فني صلاحيت جي ميلاپ سان گهڙيل/ ڪم آندل ماڻن ماپن کي غور سان سمجهون :

Quote

1_ " هيءَ ڪويتا (بيمار پيڙهي - آنند ڪيماڻي) اُنهن نفيس قوتن جي/ رچناڪار جي روپ ۾ سنڌي ڪوتا کي هِڪ دين آهي ۽ سندس اُلٽ ڪوتائن جي ذوق ۾ (سندس) هِڪ ٻئي قسم جو نفيسپڻو لِڪل آهي. اِها سندس قوط آهي تہ هو سڌوسنئون سنڌي ڪويتا جي هِڪ الڳ قِسم جي (منفرد) سگهہ کي اندرلائين ٿو ڪري. ... ڪويتا جي ڪٽيہ حدن کان پيڙجي ڪجهہ درشيہ جوڙڻ جي مجبوري بہ سمجهہ ۾ اچي

ٿي، پر ڪويتا سان ارٿ ڪوش ڏيڻ ڪوتا جي مُنهن تي چماٽ آهي .... ڪرودڀي (crudity) سپاوڪ طرح ڪوئ ۽ ڪوتا لاءِ هونءَ ئي هِڪ نفي پهلو آهي. سندس رچنائن ۾ آتم يوگ ڪري ڪرودِ نموني سان اُپريو آهي، اُن جو سوتر هئڻ جو ڪارڻ ب اِها ڪرودڀي آهي. سندس انفراديت لفظن جي دئاران منتقي سوچ تي گهاتڪ حملا ڪري ذهني فساد پئدا ڪرڻ ۾ لڪل آهي. (رچنائون 16،31،34 ). پر هو ساوڌان ڪلاڪار نہ آهي."

2 -" تضاد (1976 واسديو موهي) سان سنڌي نئين ڪويتا اڳتي سفر ڏانهن سُري ٿي، فن جي سطح تي اُن جون ڪي حاصلاتون / مريادائون وڌيڪ واضح ٿين ٿيون ... شاعر جا ڪي مختلف ڪنهن حد تائين آتم وروڌي پهلو پاڻ ۾ جذب ٿي تضادي نموني ڪوتائن ۾ اُپرن ٿا، موهيءَ جي رچنا پرڪريا جا الڳ الڳ درجا محسوسي سگهجن ٿا ۽ اِن پرڪريا مان هِڪ آڪار پائيندڙ هڪ شاعر کي ڏسي سگهجي ٿو. سندس ڪن ڪوتائن ۾ ...جذبات وروڌي جذبات جي پلٽ مِلي ٿي . يٿارٿ ٻوڌ جي رسمي پڪڙ کان هو پوريءَ طرح سان مڪت نہ ٿي سگهيو آهي. باريڪ فڪر جهڙي چيز ب ڪوئ درجي ب درجي حاصل ڪئي آهي. هي ڪوتائون هُن اِنتهائي گهري ڪُن تائين ڪونہ ٿيون پهچائين،جذوي ڪوتائن ۾ ئي هو ماقول تناو جي رچنا ڪري سگهيو آهي.واڌو النڪارتا جي ڪري ائين ڪوتا چئي ب نہ چوڻ جي

لائق ٿي رهي. هي ڪوتائون اُن جو مثال آهن.“ (نئين ڪوتا جي لئباڻري ٽيسٽنگ رچنا انڪ 23،26)

هِتي اسان پانڪن کي هريش واسواڻي جهڙي عالمي فڪر رکندڙ نقاد جي اهڙي ذهن تراش تنقيد، نئين ڪوتا جي لئباڻري ٽيسٽنگ ( خبر ناهي ڇو اهڙي درجي جي تنقيد کي، ’سنڌي نئين ڪوتا جي چونڊ تنقيد سنگره – 2011‘ ۾ شامِل نہ ڪيو ويو آهي.) جي مطلب ۽ مقصد کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون. نقاد جي اعلیٰ ادبي شعور ۽ تکي پارکي نظر سان ٽيل هِن لئباڻري ٽيسٽنگ / تنقيد کي سنڌيءَ ۾ آيل نئين ڪوتا جي شعور (poetic excellence) کي اُپارينديِ ائڪسيلنٽ / بهترين سنڌي ڪويتا کي صحيح ڊِسا ڏيڻ جي ڪوشش طور ڏسي سگهجي ٿو. ۽ ڪٿي نہ ڪٿي نقاد جي اها منشا نظر اچي ٿي تہ مؤجوده سنڌي ڪويتا اندر عالمي سطح جي ڪوتائي عنصرن کان پانڪ کي آگاه / واقف رکجي. نہ ڪ هِن تنقيد سان اِهو ٻڌائڻ تہ هيءَ ڪوتا آهي يا نہ. نقاد شروع کان ئي ڪويتا جي اعلیٰ مقصد کي ڪٽي هليو آهي.

سنڌي آلوچنا تنقيد خواه ادب جي اِها خوشقسمتي آهي تہ اُن کي ادب خواه عالمي ادب جا گهرا اڀياسي ۽ جاڻوساهتڪار / شاعر / ڪوي / نقاد ملندا رهيا آهن شروعاتي وقت کان. اِهو ئي سبب آهي جو سنڌي ادب خاص طور سان ڪوتا ڪهاڻي مضمون، تحقيق خواه تنقيد جي ڪيتر ۾

ڪِتي ڪِتي عالمي سطح کي ڇُهي ٿو پلي اُن سطح جو مقداراوترو نہ هجي جيترو هِڪ اپياسي لاءِ هُئڻ گهرجي، پر وري بہ هيل تائين ضرورت پوري ٿئي ٿي. اهڙن سُڃاڻ شخصن جي فهرست ۾ خاص طور سان ورهاڳي کان پوءِ گهڻو پوءِ جيڪي سُڃاڻ شخص منظر عام تي آيا تِن ۾ هيرو شيوڪاٽي، پرم ابيچنداٽي، لعل پشپ ۽ آنند کيماٽي پنهنجي بي لاڳ، بولڊ، ريڊيڪل(redical) ۽ چٽي اِظهار لاءِ سجاتا وجن ٽا ۽ خاص طور سان مادرن ۽ پوسٽ مادرن ادب کي ڪٽي ڪري ڪيل سندن تنقيد ڪاريہ کين هِڪُ الڳ مقام ڏين ٿا. اِنهن ۾ ناول نويس نقاد، ڪوي جيڪو اڄ بہ پنهنجي اِن منفرد اِستائيل سان پوري جوش ۽ جذبي سان سرگرم آهي. آنند کيماٽي عالمي ادب جي اپياس جي روشنيءَ ۾ آنند کيماٽي جي نئين ڪويتا تي ڪيل تنقيد / آلوچنا کي بہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون. جن کي پڙهندي عالمي اديبن / نقادن جا حوالا چگّيءَ تعداد ۾ ملن ٿا : Quote

1_"مادرنزم / جدت پوءِ(Modernism) پنهنجي دؤر کان اڳ جي ادبي نظريي کي پلٽي ڇڏيو هو ۽ ائين ماضيءَ سان رشتو ٽوڙڻ جي ڪوشش هئي ۽ اِن دؤر جي نئين سينسيبلٽيءَ (New sensibility) ۾ گهڻي ۾ گهڻو اعتراض خواه چوٽ اختياريءَ يا اٽارٽيءَ تي آهي. زندگيءَ ۾ جيڪي بہ ستا جا ڪيندر / نشان آهن سي لڳ ڀڳ نئين سنڌي شاعريءَ ۾ ڏراشائي ٽيا آهن. خدا، ڏرم سماج، پير، پيغمبر، مهاتما

منتري، آفيسر، نظام وغيره. سنڌي جديد / نئين جو هڪ عجيب پهلو بہ آهي.

اڏيڪار جي سيني سروتن (وسيلن ) تي حملو ڪرڻ، ليڪن پنهنجي ادب جي روايتي شاعرن شاهہ، سچل ۽ سامي‌ءَ کي اڄُ سوڌو بخشي ڏيڻ. اِهو ڪهڙي قِسم جو شعور آهي، مان سمجهي نہ سگهيو آهيان. نہ صرف بخشيو ويو آهي بلڪ اُنهن کي اڄ سوڌو سيني شاعرن هِڪ آواز ڏي پوڄيو آهي. (ص. 105،107، 108)

2_" فريدرڪ جيمس ٻڌايو آهي تہ ويهين صدي‌ءَ ۾ پڇمي دنيا ۾ چار گنڀير مادِل حاوي رهيا - مارڪس، ڪلاسيڪي ، سائيڪو ائنالِيسيس، هستيواد ۽ سيميانتڪس (Semantics) .اِهي چار ئي مادِل پوسٽ مادِرنزم جي ڪري ڏٺي پيا آهن. پر سنڌي ادب / تعزه ترين نئين ڪوتا ۾ اڃان پوسٽ مادِرنزم حقيقت ۾ آيو ئي ڪونهي، اهڙي دعويٰ بہ نہ ڏي ڪري سگهجي. اِنڪري تعزه ترين نئين ڪويتا ۾ نئين سينسيبلٽي‌ءَ کي بحث جو وشيہ بڻائڻ ڏکيو آهي ... البت سنڌي نئين ڪوتا ۾ سنڌي‌ءَ جي لڳ ڀڳ سيني نون شاعرن / ڪوين ڪٽاتت کي اهميت ڏني آهي. هر شاعر کا نہ کا ڪهاڻي ضرور ڪٽي آيو آهي. هريش واسواڻي‌ءَ جي ڪوتائن ۾ اڪثر کا نہ کا ڪهاڻي هوندي آهي، ڪڏهن ائبسرڊ (Absurd) ڪڏهن اَتي يٽارٿ واد چو نہ هجي. مثال "مون توکي ٻڌايو هو / سمنڊ جي گهرائي / مُنهنجي ناڪاميابي‌ءَ

کان وڌيڪ گهري نہ آهي اِن لاءِ مان توکي سمنڊ سان ملائڻ ونيِ آيو هوس.“

(سنڌي نئين ڪوتا جي چونڊ تنقيد تعزه ترين نئين سنڌي ڪوتا ۾ نئين سينسبلٽي آنند ڪيماڻي ص 112،111)

هاڻي هِتي غور ڪرڻ واري ڳالهه اِها آهي تہ آنند ڪيماڻيءَ جهڙن ڪِن عالمي ادب جي اپياسي نقادن جي آلوچنا / تنقيد يا ادبي جائزي جو آڌار عالمي يا مغربي ادب جا ٽرينڊس/ سوچ ۽ اُن جي روشنيءَ ۾ ناهيل ماڻ ماپا رهيا ۽ هُن اُن نظريي سان سنڌي ڪويتا / ڪهاڻي جي تڪ تور يا ڪٽ ڪئي آهي ۽ پنهنجون فتوائون ڏنيون آهن. ٺيڪ آهي، اِهو اُنهن جو ادب کي پرکڻ جو هڪ پنهنجو پعمانو يا نظريو ٿي سگهي ٿو. پر ادب جو اپياس ٻُڌائي ٿو ۽ جيترو هِن اپياسيءَ جو مطعالو يا ادب آلوچنا کي ڪٽي ڪري سمجهه ڪم ڪري ٿي تہ ڪنهن بہ رچنا جي پرک ، ڪٽ يا تڪ تور اُن رچنا يا ياشائي رچنا لاءِ گهُربل ماڻ ماپن جي آڌار تي ۽ رچناڪار جي نجي (سماجڪ/ آرٽڪ) اِستتيءَ ياشائي حالتن ۽ سندس جاڻ جي دائري کي خيال ۾ رکندي ڪرڻ جي تقاضا کي جيڪڏهن جاڻو نقاد محسوس ڪري تہ اُن رچنا کي پرکڻ جو ويتر وڌيڪ جستيفائيبل واجبي يا جائز طريقو ٿيندو ۽ رچنا سان نياءُ ٿي سگهندو.اِن نقط نگاه کان اسان سنڌيءَ ۾ اصولي توڙي وهنوارڪ ٻنهي قسمن جي آلوچنا / تنقيد کي فروخ ڏيڻ واري سهلجهيل نقاد ۽ رچناڪار ڊاڪٽر ستيش

روهڑا جي نئين ڪويتا تي ڪيل تنقيد ۽ ڏنگ کي ب سمجهون. Quote

1_ ” ڪويتا جي آلوچنا ساهتيہ جي ٻين شاخن کان جي بلڪل الحدي نہ آهي تہ ب ڪافي الڳ آهي. هِڪ تہ ڪوتا ۾ ڪاويہ رچنا جا ڪي ٻنڌن ٽين ٿا ۽ ٻيو اِظهار جي پيچيدگي نثر کان گهٽي وڌيڪ ٽئي ٿي. اڳ ۾ آلوچنا سڌانتڪ يا نسخائي هوندي هئي پر هاڻي نئين آلوچنا مکيہ طرح سان وهنوارڪ آلوچنا آهي جنهن ۾ رچنا جي چنڊ چاڻ جو آڌار رچنا هوندي آهي. وهنوارڪ آلوچنا ۾ آلوچڪ رچنا جا تهہ کولڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جيئن سُجاڳ پاڻڪ اُن ۾ وڌيڪ گهرو وڃي سگهي. ماڻي سگهي.“ (ص. 8 ڪويتا کان ڪويتا تائين)

2_ ”اهڙي طرح ڏسجي تہ ’ لپ ير روشني‘ (هريڪانت) نئين ڪويتا جي فارم ۾ ساماجڪ سنويدنا ۽ راڄنيتڪ طنز جو اثردار اِظهار آهي. ڪوتائن ۾ روشنيءَ جي لپ يلي نہ هُجي، اُنهن ۾ روشنيءَ لاءِ لپ ير دانهن ضرور آهي. لپ ير روشنيءَ جي اهميت اِن ڳالهہ ۾ آهي تہ اُها ڪويتا پڙهڻ لاءِ آماده ڪري ٿي.“ (ص 73،74)

(3) ”اڄ جو شخص سڙڪ ۽ چوديواريءَ جي ڪميڻي سمجهوتي جو شڪار ’پرش وئشيا‘ (هريش واسواڻي) آهي. سڙڪ ڪيس روزي (نوڪري، ڏنڏو، ڪاروبار) ڏيئي ۽ چوديوار ڪٽمبي ويوستا ڪيس ساماجڪ سُرڪشا ڏيئي ساڻس ويچار ڪنديون ٿيون رهن، چو جو نہ چاهيندي ب هو اِنهن

ويوسٽائن ۾ جيئڻ لاءِ مجبور آهي. “ (ص 65 ڪوتا ڪان ڪوتا تائين)

اِن سِلسلي ۾ اڄُ جي سڀ کان وڌيڪ مذڪوره ڪوي / نقاد واسديو موهيءَ جي نئين سنڌي ڪويتا تي ڪيل تنقيد بہ قابل غور آهي. پاشا ۽ مؤضوع جي لحاظ کان سنڌي نئين ڪويتا جي سگهہ کي انڊرلائين ڪري ٿي: Quote

”- نئين ڪويتا صرف موضوعن يا موضوعن جي نباہ ۾ ئي نئين ڪانہ هئي. موضوعن کان موزون ٻولي ڏيڻ ۾ اُن رچنا تمڪتا (creativity) جو پرچيہ ڏنو.وشيہ مطابق ٻولي، ٿُز لفظ، لفظ نہ مِلڻ تي لفظن جي تراش ضرورت مطابق. ٻوليءَ جي اِنهن اؤزان هِڪ پاسي نئين ڪويتا جي اِظهار کي تازگي بخشي تہ ٻئي پاسي ٻوليءَ کي شاهوڪار ڪيو. ڪوتا لفظن ۾ گوناگون معنائن جا تهہ رکي ٻوليءَ جو غير روايتي اُپيوگ ڪيو .“ (ص. 119 سنڌي نئين ڪوتا چوند تنقيد 2011)

ائين ڪويتا تي ٿيل تنقيد تي گهڻو ڪُجهہ مٿڙ آهي ڳالهائڻ لاءِ جو وڌ ۾ وڌ تنقيد نئين ڪويتا ۽ ڪهاڻي تي ئي ٿي آهي. پر هاڻي هِن پائينٽ تي هن تنقيدي اپياس کي سميٽڻو پوندو. سنڌيءَ ۾ سجاڳ ذهن ، چوڪس نگاه ۽ پنهنجي اِظهار ۾ لفظن کي چٽي چٻاڙي بلڪل هوشياريءَ سان اِستعمال ڪندڙ نقاد پريم پرڪاش جي نئين ڪويتا تي ڪيل خاص ڪري ورهاڳي کان پوءِ جي لنبي / طويل عرصي

جي نئين ڪويتا تي ڪيل تجزياتي تنقيد / آلوچنا سان سندس آلوچنا کي لفظن تي غور ڪندي سمجهون. ادب جي هر تخليقي صنف تي قلم آزمائي ڪندڙ. روايتي، مادرن، پوسٽ مادرن هر دؤر جي رچنا، رچناڪار جي سياڻ، رچاءُ ۽ اُن جي رچنا پرکريا تي پريم پرڪاش جي باريڪ نگاه رهي آهي. جنهن سنڌي ادب کي هڪ منفرد نقادي چاٽيءَ سان چاٽي سنڌي آلوچنا کي پارتي / عالمي سطح جو ٿچ ڏنو آهي. 'سنويدنشيل انيو جو اِظهار' عنوان سان پنهنجي تجزياتي تنقيد (ورهاڳي کان پوءِ نئين ڪويتا جي ائنٽالاجي/ سنگره جو طويل مفصل مهاڳ) ۾ هن صاحب / نقاد، هن پوري عرصي جي نئين ڪويتا کي گهوٽي، ولوڙي مکڻ ڪڍيو آهي جنهن پارتي ڪويتا کي سٽيو ڪري ڇڏيو. اِن سٽيي سفر کي محسوس ڪيون پريم پرڪاش جي لفظن ۾: Quote
1_"زمان سان جيئن انسان بدليو آهي، ڪوتا به بدلي آهي، اُها نئين ٿي آهي. ورهاڳي بعد سنڌيءَ ۾ ترقي پسند شاعريءَ جو دؤر ، ڇهين ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ تائين ايندي ايندي ، وقت ۽ زندگيءَ جي وهڪري جي اثر سان هم ڪنارنہ رهي سگهيو ... سندن شاعريءَ جي اِنفرادي احساس ۽ ذاتي انيو کان نبض ڪٽجي ويئي. هر دؤر کي پنهنجي دڙڪن، اهميت، حد نشان، حد بندي ٿيندي آهي. سنڌيءَ ۾ نئين پيڙهيءَ جي ڪوين اُن وقت جي وشيہ / موضوع ۽ اِظهار لاءِ نئين پاو گهڙت/ فارم جي سُميل سان نئين ڪويتا جي تجربي کي آزمايو. جنهن ۾

سمڪالين فرد جي جيون- ٻوڌ، سوچ، تمام پيچيدگين، اِستتين، تضادين حالتن، اندر جي پست مانسڪتا ۽ پوڳنامين انيو کي نئين ذهنيت، نئين چيتنا، نئين ڪلپنا سوچ سان تازه تز سنويدنشيل ۽ سرجناتمڪ ٻوليءَ ۾خلقيو ويو. تجربو ڪامياب ويو." (ص 145– 146)

2– "1972 ۾ سنڌي نئين ڪوتا 'هيرن جي مڻ' (نامديو چواڻي ڪويتا انڪ19،21) هئي، 1990 ۾ آسمان جي تارن جي روشني ٿي (رچنا – 48) ۽ سال 2000 ۾ واسديو موهيءَ لکيو "ها سنڌي نئين ڪوتا ۾ ڪوتا آهي، تارن جي روشنيءَ جيان ظاهر". گذريل ڏهاڪي ۾ نئين ڪوتا جي ٽم ٽم ۾ چند نوجوان تارن جي ٽِم ٽِم جو ٻ اِظافو ٿيو آهي. اجا ٿيندو رهندو يا نہ اِهو وقت لڪائيندو ڪونہ. نئين ڪويتا کي ڇڄ ۾ چنڊي ڦُڪي، پرڻ ۾ چاڻي نقلي ڪڍي ونبو. باقي بچيل ڪوتا سان جهول تہ اوس پريي!ڪوتا سنويدنشيل انيو، تازه ٻوليءَ سان ذهن اندر رڌجندڙ 'مسلسل پراسيس' آهي، شراب نهڻ جيان، کير نهڻ جيان، ٻج ڦُٽي سِلو ٿيڻ جيان .. سنڌي ڪويتا پنهنجو شراب پارتيہ ٻين ٻولين جي محفل ۾ سرو ڪري سگهجي ٿو. (سنويدنشيل انيو جو اظهار ص 167)

**سنڌي ڪهاڻي - چونڊ آلوچنا/ ڪتاب :**

هاڻي هِتي هڪ دفعو وري معياري/ بهترين لفظ کي ڏيان ۾ رکندي ورهاڳي بعد سنڌي ڪهاڻيءَ تي ٿيل آلوچنا يا ڪتابن جي ڳالهہ ٿي ڪجي (جيڪي مُنهنجي اپياسي دائري

يا نظر هيٺ اچي سگهيا آهن) تہ هڪ انترسٽنگ / دِلچسپ ڳالهہ سامهون آئي تہ نقادن کهاڻيءَ جي تنقيد ۾ وڌيڪ انترسٽ ڏيکاريو آهي. ۽ سنڌي ڪوتا جي پيٺ ۾ سنڌي کهاڻيءَ جي آلوچنا / تنقيد وڌيڪ دلچسپيءَ سان ۽ گهڻ پاسائي ٿي آهي. اِن جو سڌو سنئون ڪارڻ اِهو نظر ٿو اچي تہ جيڪي بہ سنڌي نقاد خاص طور سان اي. لائينر(A.liner) نقاد اول کهاڻيڪار رهيا آهن (يا ناول نويس) ۽ ٻيون، کهاڻيءَ ۾ اِنساني زندگيءَ جي عڪس کي وڌيڪ چٽيءَ طرح ڏسي سگهجي ٿو ۽ رائيٽر کي پنهنجي ڪلاتمڪتا جو جوهر ڏيکارڻ جو موقعو / اِسڪوپ وڌيڪ ملي ٿو. ظاهر آهي تنقيدڪار/ آلوچڪ کي اُن تي ڳالهائڻ ۾ مزو بہ اچي ٿو. اِن حوالي ۾ خاص طور سان جن ڪتابن يا جن جي آلوچنائن جو ذڪر هِن آلوچناتمڪ اڀياس لاءِ کهاڻي، نئين کهاڻي، جديد کهاڻي، بعد جديد کهاڻي ۽ ٻي بہ جيڪڏهن ڪا آهي. اُن لحاظ کان ضروري ٿو سمجهجي. تن ۾ 'ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي کهاڻيءَ جي چونڊ تنقيد' (سمپادڪ ستيش روهڙا – 2014 )، سنڌي کهاڻي (پريم پرڪاش 2010)، سنڌي ڪٿا ساهتيہ (نامديو تاراچنداڻي 2004)، جِدت جو مفهوم ۽ سنڌي کهاڻي، سرجن جو سنڪٽ ۽ سنڌي کهاڻي(1975 ۽ 2004 هيرو شيوڪاڻي). اِن کان علاوه آنند ڪيماڻي ، پرم ابيچنداڻي، ستيش روهڙا، لعل پشپ ۽ پڱوان اٽلاڻي جهڙن کهاڻيڪارن/ نقادن، جن سنڌيءَ جي ٻڌيجيوي پانڪ ورگ

کي پنهنجين لکڻين سان سمموهت ۽ آندولت پئي کيو آهي تن جا کهاڻيءَ تي لکيل تنقيدي مقالا /ليک سندن سنگرهن_ بدلجندڙ دؤر ۽ تنقيد (آنند کيماڻي) چند - چاڻ، کٽ جي کٽ (ستيش روهڙا) تک تور (پرم ابيچنداڻي)، سنڌي کهاڻيءَ جي حيثيت (پگوان اٽلاڻي)' جو اپياس به سنڌي آلوچنا جي پانڪن/ اپياسين لاءِ لايڪاري آهي.

ورهاڳي ڪانپوءِ 72-70 سال حالانڪ ڪو ننڍو عرصو ڪونهي ڪنهن به ادبي صِنف جي سفر ۽ اُن ۾ وقت سان گڏ ايندڙ تبديلين ۽ سمايل نين ڳالهين جي پرک - جاچنا کٽ -چند -چاڻ ڪري هڪ چٽي تصوير اُن پاشائي ادب جي اِتهاس سامهون رکڻ . اِها سنڌي ساهتيہ جي جاڻو / اپياسي نقادن جي لياقت ۽ صلاحيت آهي جو سندن سنڌي کهاڻيءَ تي ٿيل تنقيد سنڌي کهاڻيءَ کي پارتي توڙي عالمي کهاڻيءَ جي پر ۾ وهڻ جي همٽ ۽ ڪانفيڊنس ته ڏنو آهي. اِن عرصي دؤران سنڌي کهاڻيءَ جي بدلجندڙ - اُپرندڙ سروپ ۽ آلوچنا جي اِستتيءَ تي اِنهن آلوچڪن / نقادن جي ڪرتيڪل رمارڪس کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. اُنهن جي سِٽن ۾ ئي : Quote

1_ " هِن عرصي دؤران نہ رڳو ڪافي کهاڻيون لِکيون ويون پر کهاڻين جي چند - چاڻ ۽ مُلهہ- کٽ به ڪئي ويئي، ادبي مخزنون شايع ٿيون، ڪيترائي ادبي ڪلاس شروع ٿيا. اِن ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اِن قِسم جي ادبي سرگرمين سنڌي

ڪهاڻيءَ کي ڪافي اوج ڏني.“ (سنڌي ڪهاڻيءَ جي چوند تنقيد - دستاويزي پومڪا ستيش روهڙا 2014)

2-” هِڪ لحاظ کان سنڌي ڪهاڻي شروعاتي نقطي کان مختلف نقطي تي آهي. پر 1960 کان پوءِ جي دؤر ۾ اڄُ هِڪ تازگي ۽ نون گرائونڊس جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. سنڌي ڪهاڻيءَ جي اڃان هِن وقت نئين دؤر جي درڪار آهي.“

(آلوچناتمڪ پومڪا هريش واسواڻي- چوند سنڌي ڪهاڻي ياڳو-2)

3-” سنڌي جيوت هر پهلوءَ کان ورهاڳي بعد بدلجندي بدلجندي ايتري بدلجي ويئي جو اُن بدلاو کي وسيع پيماني تي سموئڻ اِن ڏارا کان ڳرو ثابت ٿيو. ڪهاڻيون لکجنديون رهيون پر اُنهن ۾ اُهو زوو نہ رهيو. ڪيترن لِکڻ بند ڪيو، ڪن فلسفي کي ڇڏي ڏنو. ٻنهي حالتن ۾ هِنن ڪهاڻيءَ کي بطور فن ورتو اِن لاءِ مختلف رايہ آهي“.

(پومڪا - سنڌي ڪهاڻي 80-1960- پريم پرڪاش)

4”_ ائين زندگيءَ سان منهن منهان ٿيڻ ئي تازه ترين سنڌي ڪهاڻيءَ جي هڪ خوبي آهي اِن جي ڪا ذاتي شناخت ناهي. اِها همعصر اِنسان جي همعصر روئداد آهي. يعنيٰ دنيا جي همعصر ڪهاڻيءَ ۾ سنڌيءَ ۾ لکيل ڪهاڻيءَ جو ہ يوگدان ٿي سگهي ٿو، هلڪو ئي سهين.“ (سنڌي ڪهاڻي هاءِ -بدلجندڙ دؤر ۽ تنقيد - آنند ڪيماڻي )

5-"اڄُ جي پرنٽ ميڊيا ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي زماني ۾ ڪهاڻي شاعريءَ سميت ٻين سڀني ادبي صنفن کان گوءِ کڻي ويئي آهي. سنڌي ڪهاڻي گذريل سو سالن ۾ پنهنجي گهاڙيٽي، وشيہ- وستو ٽيڪنيڪ وغيره ۾ پارتي ڪهاڻيءَ سان بر ميچي بيني آهي". (ڪي. نوٽ هيرو شيوڪاڻي سيمينار (دهلي سنڌي اڪادمي) سنڌي ڪهاڻي ۽ ڪوتا جو بدلجندڙ مزاج -2017). Unquote

نقادن جي اِنهن پنج لائينز/ ڪرٽيڪل رمارڪس سان سنڌي ڪهاڻي جي سفر جو ٻه اندازو ٿئي ٿو نهيل تصوير سان، گڏ ئي ڪهاڻيءَ تي ٿيل تنقيد جو معيار ٻه محسوس ڪري سگهجي ٿو. مٿي ذڪر ۾ آيل نقاد ۽ اُنهن جي تنقيدي ڪتابن / مقالن جو اپياس ڪرڻ سان سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ گرو ۽ سنمان جي پاونا ۾ چگّو اِضافو اچي ٿو. خاص ڪري سنڌي ڪهاڻيءَ جي گهڻ پاسائي، وهنوارڪ ۽ ويچارڪ آلوچنا کي پڙهندي. خاص ڪري نئين ڪهاڻي/ مادرن جديد ۽ جديديت کي کڻي ڪري ڪيل آلوچنا ۽ آلوچنا تي ٿيل آلوچنا سنڌي ادب جي اپياسين کي اپ. ڊيٽ ڪري ٿي. ڇو جو سنڌيءَ ۾ ڪتاب لِکڻ جو ٽه لاڙو / روئيو آهي پر اُنهن کي پڙهڻ ۽ چگّيءَ طرح اپياس جي لحاظ / نگاه کان پڙهڻ جو رُجهان/ روئيو مَس کو رهيو آهي. اپياس پڙهڻ سان ئي جاڻ پوي ٿي ٽه سنڌي ادب ۾ ڪهڙي چيز ۽ ڪهڙي معيار جي چيز مؤجود آهي. ان حوالي سان سنڌي ڪهاڻيءَ تي ڪيل ڪِن

تنقيدي رِمارڪس تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. وچ مان ئي ڪئچ ڪيل تنقيدي - مجموعي طور ٽڪرن کي کولي سمجهي سگهجي ٿو:- Quote

1. " 1980 کان 1988 تائين ڪهاڻي تخليق جي رفتار ۽ مجموعي ڪارنامو، فني قوطن (هيئيت، بولي- عبارت، پيشڪش، اُٽت - گهڙت، نباه، تجربو ڪرڻ جي آمادگي، سچوٽتا ۽ قابليت وغيره) نون موضوعن طرف لاڙو، تلاش جي مد نظر سنڌي ڪهاڻيءَ جديد ڪهاڻيءَ کان اڳيان وڪون وڌايون يا ڪجهه خاص مخصوص نئون جوڙيو، ائين ڪونہ ٿيو. سنڌي ڪهاڻي جي جديد دؤر تي جتي شروع ۾ مغربي ساهتڪ ويچارڌارئن (western trends) جو سِڌو اثر هو، اُهو ڏيري ڏيري ناپر ڪائيندو ويو. ڪهاڻيءَ ۾ اِن بعد آس پاس زياده نزديڪيءَ وارو ڪنيو ويو. ڪهاڻيءَ جا پاتر عالمگيريت (Globalness) کي چُهٽي نہ پيا، زياده سُجاتل پاڙي - اوڙي ۽ گهر، محلي شهر جا لڳل لڳا يعنيٰ مڪانيت تي زور ڏنو ويو." (سنڌي ڪهاڻي- نائين ڏهاڪي جي سنڌي ڪهاڻي- عام جاچنائون. پريم پرڪاش)

2. "جيستائين پوسٽ مادرنزم جو سوال آهي اُهو ڪنهن لاڙي يا ڌارا جي روپ ۾ اجان سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ قائم نہ ٿيو آهي. ائين پوسٽ مادرنزم لفظ گهٽائي دفعا ، گهٽن ئي پيپرن ۾ اِستعمال ٿيندو رهيو آهي. حالانڪ .... چئي سگهجي ٿو تہ مادرن يا جديد سنڌي ڪهاڻي انين يا نائين

ڏهاڪي ۾ پنهنجي اوج تي پهتي جنهن ۾ موهن ڪلپنا، لعل پشپ، آنند ڪيماڻي، شيام جئسنگهاڻي ، هريش واسواڻي، پريم پرڪاش، ايشورچندر جهڙا برجستا مابرن ڪهاڻيڪار ٿيا. هاڻي جي پوسٽ مابرنزم جي نالي ۾ انين ڏهاڪي کان پوءِ جي لکيل ڪهاڻين جو ذڪر ڪبو ته اهڙيون ڪيئي ڪهاڻيون هونديون جن جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو. خاص ڪري هيرو شيوڪاڻي شيام جئسنگهاڻي، آنند ڪيماڻي ۽ ستيش روهڙا جي ڪهاڻين جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو. رڙهندڙ وقت، ڪارڻ جي تلاش، ڪجھ سچ ڪُجھ ڪوڙ، آپشن وغيره ڪهاڻيون ابوڌڪتا ۽ جذبات جي جنسي وهنوار کي اِظهارن ٿيون جيڪي پوسٽ مابرنزم جون ڏارٽائون آهن. اِنهن کان علاوه ٻيون ڪيتريون ڪهاڻيون آهن- هونديون جن ۾ پوسٽ مابرنزم جا عناصر مؤجود آهن. پر اِن هوندي بہ اها ڳالھ سچي آهي تہ پوسٽ مابرنزم سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن لاڙي جي روپ ۾ قائم نہ ٿي سگهيو آهي.

(بعد -جديديت-سنڌي ڪهاڻي - ستيش روهڙا. چوند تنقيد -2014 )

اِئين سنڌي ڪهاڻي ۽ جديد سنڌيءَ ۾ جديد بعد جديديت (post modernism) کي ڪٽي ڪري سنڌي ڪهاڻيءَ جي تنقيد آلوچنا جو معيار پانڪ / اپياسي خود طئي ڪري سگهي ٿو پڙهي ڪري ڪو بہ فئسلو يا فتويٰ ڏيڻ کان اڳ .

سنڌي ڪهاڻي ۾ جديديت جي ويچار کان بي لاڳ تنقيد / رايي لاءِ سنڌيءَ ۾ پنهنجي هِڪ الڳ ادبي شناخت رکندڙ نقاد/ريڊيڪل هيري شيوڪاڻيءَ جي جاچنا کي جاچڻ نهايت لازمي ٿو لڳي. ستين ڏهاڪي جي وچ ڌاري هيري شيوڪاڻي جي ڪيل اِها ڪٿ يا وئليو ! اِستيٽمينٽ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي دِشا کي اندرلائين ڪندي نظر ٿي اچي

quote:

3-"سنڌي ادب جي حوالي ۾، رڳو جِدت جي مؤضوع تي ئي نہ بلڪ اسانجي ساهتيہ ۾ هر مفڪرانہ اوک ڏوک پراڻي ڪلاسيڪي ، رومانوي مارڪسوادي توڙي نئين ويچارڌارا ۾ اصلوڪي ۽ اونهي ساهتيہ چنتن جي ڪوتاهي رهي آهي. ممڪن آهي اصلوڪي فڪر ۽ مظبوط ، مسلسل ادبي روايت جي ڪوٽ کان سواءِ، اِپياس ۽ انيو دواران پاتل سمجهہ ۽ سوجهيءَ جي ايماندارنہ اِظهار ۽ فني جاذبيت (Assimilation) جي ڪمي ہ مڪيہ ڪارڻ آهن. بحرحال، جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي اُن ذهني ڏراتل تي هلون جتي سنڌي ڪهاڻي موهن ڪلپنا تائين پهتي آهي. اِن درميان فني بنياد تي ڪي چند ڪهاڻيون آهن، جيڪي ٽِڙيل پکڙيل روپ ۾ ڏيان ڇڪائين ٿيون. ڪِڪي، (آسانند مامتوار)، هيءُ شهر، پوري (سندري اُتمچنداڻي)، رعب ،(سُڳن آهوجا) يا آنند گولاڻيءَ جون هڪ ہ ڪهاڻيون باقي ترقي پسند دؤر جون اُهي سڀ سوين ڪهاڻيون جن ۾ ساڏارڻ سطحي حقيقتن کي

پرچار، نعريبازي، آدرشن جي کونئر سان ڳنڍي پيش ڪيو ويو مونکي ڪِچرو ٿيون باسن. اِهو صرف منهنجو رايو ڪونهي پروفيسر ملڪاڻيءَ ۽ ٻين نقادن ۾ اهڙي قِسم جو رايو ڏنو آهي. آنند ڪيماڻيءَ تہ اِنهن کي نڪ مِني ۽ بدبودار سڏيو آهي. " (جدت جو مفهوم ۽ سنڌي ڪهاڻي هيرو شيوڪاڻي)

هاڻي هيري شيوڪاڻي صاحب جي دهلي اڪاڊمي جي سيمينار ۾ (سال 2000) سنڌي ڪهاڻيءَ تي پيش ڪيل مقالي ۾ درج هِڪ منصفانہ ڪٿ تي ۾ غور ڪيون ۽ سمجهون تہ نقاد جي باز نگاه مُسلسل هِڪ صنف تي برابر رهي ٿي. پنهنجي ياشائي ادب کي هو ڪيترو پيار ٿو ڪري:-Quote

" هونءَ يڪسان طور ويهي دور جي ماضيءَ ۾ سنڌي ساهتيہ جي عالمگير پارتيہ سطح تي رسائي وارن نمايان حاصلاتن بابت گهڻو سنتوش نہ هوندي ۾ ڪهاڻيءَ جي صِنف ۾ اسان وٽ ٻين کي ڏيکاري سگهڻ ۽ واجبي فخر ونڻ جا گهڻا ئي سبب ۽ ثبوت آهن، ائين چوندو آهيان ۽ اڄُ ۾ چوان ٿو."
(سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جدا - جدا مؤضوع چونڊ تنقيد هيرو شيوڪاڻي) .

هاڻي

هن نقطي تي ڪهاڻيءَ جي آلوچنا / تنقيد کي سميٽيون سنڌيءَ جي چُست چوڪس ۽ مانيٽي نقاد نامديو تاراچنداڻيءَ جي تجزياتي تاثرات مان جنهن جو گنيير اِياس تمام گهڻ

لفظ خرچ ڪري سهج سرل پاشا ۾ پنهنجي ڳالهه چئي ويندو آهي- هڪ اپياسي نقاد لاءِ هڪ مثال (lesson) آهي.

"سنڌي ڪهاڻيءَ جو بدلجندڙ مزاج - گذريل 15 سال هِن ڪهاڻين تي نظرثاني ڪندي ڏسي سگهنداسين تہ جديد ڪهاڻي هاڻي گهٽي سرل ۽ سهج ٿي آهي. من چيد واري ڪامپليڪس (complex) ڪان ليڪڪ ٻاهر آيا آهن عام پاڻڪ جي ڏانو جون ڪهاڻيون وڌيڪ آهن. پر خاص پاڻڪ بہ نراس نہ آهن. ڪهاڻيءَ ۾ ٿيم بہ آهي، غير رواجي ڪردار نہ آهن، ها بولڊ ڪردار اوس آهن پر اُهي جسٽيفاءِ (justify) ٿي رهيا آهن ائين سنڌي ڪهاڻي مادرنٽي ڪان اڳتي بعد جديد (post modern) ڪهاڻيءَ جي ويجهو اچي ويئي آهي. البت، پوسٽ مادرن خود ۾ اجان بہ اُلجهيل آهي."

(نامديو تاراچنداڻي سنڌي ڪهاڻيءَ جو بدلجندڙ مزاج 21 صدي گذريل 15 سال) (سنڌي اڪادمي دهلي سيمينار)

## سنڌي ناول - چوندڙ آلوچنا / ڪتاب :

سنڌي ناول، 'ساهتيہ' لفظ سان نباه ڪري سگهيو آهي يا نہ اِهو هِڪُ اظافي آلوچنا يا بحث جو وشيہ ٿي سگهي ٿو ليڪن هِن تذڪري/ اپياس هيٺ آيل ناولن تي ٿيل چوندڙ تنقيد / آلوچنا يا ڪتابن جو اپياسي جائزو اِهو ٻُڌائي ٿو تہ سنڌي ناول پارتي ناول جي فئملي ۾ ، جي مخصوص نہ تہ ڪا نہ ڪا جاءِ جوڙي سگهڻ جي صلاحيت برابر رکي ٿو. پاشائي ادب جي ويچاري نارمل پاڻڪ/ ليڪڪ جي اِها فطرتي

ويچارگي ئي هوندي آهي جو اُهو ڪنهن بہ مجيل / مقام يافتہ نقاد / ساهتڪار جي ادب جي حوالي ۾ ڏنل راين ۽ فتوائن کي آخري ڪري مڃي هلندو آهي، اُن ۾ پنهنجو نظريو يا ڪُجهہ نئون / (rational) جوڙڻ جي ڪوشش نہ ڪندو آهي. ٽي سگهي ٿو مان پنهنجي رايہ ۾ ڪجهہ وڌيڪ ئي ريڊيڪل هُجان پر اِن ايياس/ تذڪري ۾ هڪ ڳالهہ سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ آلوچنا سان لاڳاپيل ڪوبہ رايو/ فتويٰ گهڻي ياڳي نقادن جي پنهنجي ناهيل ماڻن- ماپن ۽ ادبي نظريي تي نهيل يا آڌارت هوندي آهي، ڇو جو هر ڪنهن جو ادبي ايياس / نظريو الڳ الڳ وئچارڪتائن/ وادن فلسفن/ (Philosophies) کان متاثر/ پرياوت هوندو آهي. اِنهن اِسڪول آف ٿاٽس / وئچارڪتائن جي پوئواري ڪندي جي اُهي وقت سان پاڻ اندر ڪو بدلاو نہ آڻيندا آهن تہ ڪِتي ڪِتي/ ڪڏهن ڪڏهن منفي روئيو بہ اختيار ڪري ويندا آهن پنهنجي پوزيشن جو لاپ ونندي. ۽ ٻي خاص ڳالهہ، ڪنهن بہ ادبي رچنا خاص ڪري ٽرينڊ سيٽر رچنا جي باري ۾ ڪيل ڪابہ آلوچنا آخري آلوچنا ڪونہ هوندي آهي. وقت سان گڏ هلندي. اُن جي جاچنا ڪٽ الڳ الڳ نظرين کان پيئي ٿيندي آهي. مثال طور، (ائين تہ ڪيترا ئي مثال ڏئي سگهجن ٿا) سنڌيءَ ۾ ناول سمراٽ ٽائيٽل سان سنڌي ناول کي سجاڻپ ڏيندڙ گوبند مالهيءَ جي ناولن جي آلوچنا / ڪٽ سنڌيءَ جي مجيل برجستا نقادن سميہ جي الڳ الڳ حصن ۾ پنهنجي

پنهنجي (مخصوص) نهيل ماڻن- ماپن ۽ نظرين سان ڪئي آهي. آلوچنا جي اِها ئي پرورتي/ روئيا ڪنهن بہ پاشائي ادب / آلوچنا ساهتيہ جي صحتمند هجڻ جي نشانديهي ڪن ٿا. خير، مالهي صاحب جي ناولن جي ڪٿ واري ڳالهہ تي اسان پوءِ اچون ٿا، پهرين اِهو ٻڌايان تہ ناول جي آلوچنا ئي اپياس شروعات ۾ ئي 'تنقيدي فتويٰ ئن ' واري پائينٽ کي جنهن فتويٰ ڊسڪس ڪرڻ تي آماده ڪيو اُها ڪُجهہ هِن طرح ڏني ويئي آهي: quote

" سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ، ڪويتا، ڪهاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ ناول گهٽو ڪمزور ثابت ٿيل مجيو ويو آهي. عالمي سطح تي ناول جي اوسر ۽ معيار جي نسبت تہ دور جي ڳالهہ آهي، خود پارتيہ پاشائن جي ناول ساهتيہ آڏو هيٺو آهي... لڳ ڀڳ سڀ اپياسي متفق رايہ آهن تہ ناول اسان وٽ 'ميڊياڪر' ئي رهيو آهي." (مقدمو/ مهاڳ - سنڌي ناول ڪٽگهري ۾ - هيرو شيوڪاڻي)

هاڻي سنڌيءَ جي سياڻي، سمجهو ۽ عالمي ادب جي اپياسي نقاد سنڌي ناول تي پنهنجي آلوچناتمڪ/ تنقيدي ۽ اپياسي ڪتاب جي شروعات ۾ ئي سنڌي ناول تي اِن اِستيٽمينٽ / فتويٰ ذريعي ڏنل/حاصل تاثر پاڻڪ / اپياسيءَ تي اِهو اثر ٿو ڇڏي تہ سنڌي ناول جو اهڙو معيار ئي ڪونهي جو ڊسڪس ڪجي دِلچسپيءَ سان. ڪٿي نہ ڪٿي اِها ڳالهہ ٿوري مُتضاد نظر اچي ٿي ۽ غير فطرتي

(Contdradictry & Unnatural) ۽ ٻي ڳالھ اِنھن ڇئن سِڌن ۾ ٻہ ٽورو سھارو ٻين ڪُلھن جو ٻہ ورتو ويو آھي. ڪُڇ ٻہ نيڪ آھي سنڌي ناول جي باري ۾ جيڪا رايہ آھي نقاد جي ٻين جي، مقدمي جي شروعات ۾ اِھا غير فطرتي ۽ اوور رئيڪٽو ٿي لڳي ( ٿي سگھي ٿو نقاد جو اھڙو رايو ڏيڻ پنيان ڪو ٻيو ٻہ ڪارڻ ھجي). ھتي پنھنجي رايي / اِمپريشن کي ظاھر ڪندي مان ڪجھ ڪرٽيڪل نظر ايندو ھجان، پر مُنھنجي مُراد ھتي تنقيد تي تنقيد ڪرڻ ناھي، بلڪ ھِڪ پاڻڪ/اِياسي جي حيثيت ۾ ھڪ فيڊبئڪ( feed back) رد عمل آھي. ھڪ عام پاڻڪ جي اِياسي نگاہ سان جي ويچار ڪيون تہ اھڙيون سِٽون پڙھڻ بعد شروعات ۾ ئي، ھو سنڌي ناول کي ڪيتري دِلچسپيءَ سان پڙھندو ۽ گنيِيرتا سان ڪٽندو؟ ادب ۾ مجيل نقاد جو ھِڪُ رُتبو ھوندو آھي ۽ ڪا ٻہ ڳالھ ھو اختياريءَ ۽ ذميواريءَ سان چوندو آھي. سچُ قبول ڪرڻ ۾ ڪا ھِڇڪ ڪونھي ۽ شرم ٻہ. جيڪو آھي اُھو سيني جي سامھون آھي. ھر ڪنھن پاشائي ادب جون پنھنجون خصوصيتون ٻہ آھن ۽ ڪمزوريون ٻہ .۽ ڪيتريون پيرلل سٽريمس (parallel streams) / ھم دوش برابر ڏارائون ٻہ ساڳئي وقت ھلنديون رھنديون آھن ساھت / ڪلا ۽ سماج جي ھر ڪيتر ۾. ھِڪ ماھر فوٽوگرافر کي جيڪڏھن ڪنھن ھنڌ / جاءِ جي مڪمل چٽي تصوير ڪپي تہ ھو ھر ڪنھن اينگل کان تصوير ونڻ جي ڪوشش ڪندو. تڏھن ئي اُھو

وِيو، رويو جي سانچي ۾ فِٽ ٿيندو. ٽي سگهي ٿو پنهنجي سوچ ۽ رايي ۾ هِن تجزيڪار/ اڀياسي سان ڪيترا سهمت نہ هُجن، اُهو حق سڀني کي حاصل آهي، شايد مونکي بہ. خير اِها ناول تي ڊِسڪشن اجان ڪُجھ دير تائين هلندي، اِن وچ ۾ ڏسندا هلون تہ 'سنڌي ناول' ڪٽگهري ۾ عنوان سان هلندڙ مقدمي ۾ ٿورو اڳتي وڌي چا چئي رهيو آهي نقاد : Quote

"ايڪويهن صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي تائين پهچندي، مُنهنجي پنهنجي ڪٽ ۽ ڪسوٽيءَ تي (مُمڪن آهي اُن سان سڀ متفق رايہ نہ بہ ٿين) ذڪر جوڳا ناول ۽ اوسر جا پڙاو منهنجي هن ڪتاب جي مقالن ۾ اچي وڃن ٿا. مگر پوءِ جي سالن ۾ ٻيا بہ ڪيترا ناول آيا آهن، چاهيان ٿو اُنهن کي بہ سال 2007 ۾ هلندڙ هن مقدمي ۾ شامل ڪيان. اُنهن جي شاهِدي ۽ مشاهدو بہ جائزي تحت آڻيان، پوءِ عمر ۽ وقت ساٿ ڏئي يا نہ" (هيرو شيوڪاڻي مقدمو - ناول ڪٽگهري ۾ ص. 15)

يعنيٰ ائين ڪُل ملائي (سال 2000 کان پوءِ) جيڪا لسٽ ڪتاب ۾ ڏني ويئي آهي. سنڌي ناول ساهتيہ جا 16 ناول هِن مقدمي جي سُنوائيءَ ۾ شامل ٽي سگهيا آهن. جج صاحب/ نقاد جي ڪسوٽيءَ تي جيئن پاڻ چون ٿا. سنڌي ناول جي اِها سُنوائي پڙهڻ / ٻڌڻ بعد پهريون تاثر اِهوئي ٿو مِلي تہ اِها پوري يا اڌپوري ڪهڙي بہ آهي. پارتي آلوچنا ساهتيہ ۾پنهنجو هِڪُ مقام رکي ٿي، هِڪ جاءِ والاري ٿي.

رزرويشنس سهمتيون ۽ اسهمتيون هر ڪنهن کي ظاهر آهي ٿيندیون. فرق صرف ايترو آهي ڪيرُ پنهنجي ڳالهه چئي ڏيندو آهي ۽ ڪير چاهي به چئي نہ سگهندو آهي. ۽ اهم تاثر اِهو ٿو ملي تہ سنڌي ناول مقدار ۾ به پلي گهڻ آهي. پر معيار ۾ پارتي ادب جي اِسڪيل(scale) کي ڪٽي تہ ڇُهي ٿو. پوءِ اُهو (شيام جئسنگهاڻي) 'هُن جي آتم جو مؤت' ، (گوبند مالهي) 'پيار جي پياس'، (موهن ڪلپنا) 'ڪانءَ ۽ سمند' (ڪلا پرڪاش) 'آرسيءَ آڏو'، (لعل پشپ) 'اُها ديوار آسمان تائين'، (پرم ابيچنداڻيءَ) 'ڪايا پلٽ'، (ڪرشن ڪنواڻي) 'ترندڙ بادل'، (آنند ڪيماڻي) 'اڻلتاڙيل پيچرا' هُجي يا (تارا ميرچنداڻيءَ ) 'هڻ يوگي' ائين ناول تہ گهڻيئي آهن پارتي ناول جي قطار ۾ بيهي سگهڻ وارا.

**هاڻي، سنڌي ناول ڪٽي پهتل آهي يا نہ اُهو تہ سنڌي ادب جا جاڻوءِ اپياسي پلي پانت جاڻن ٿا پر حقيقي، نقاد خود هِڪُ ليول جا ڪهاڻيڪار / ناول نويس يا شاعر هوندا آهن ۽ عالمي ادب جي گهري مطالعي ڪري اُنهن جا پنهنجا ماڻ ماپ ڏهي ويندا آهن ۽ اُهي پنهنجي پاشا جي رچنا جي ڪٽ به عالمي ادب جي نظريي سان ڏهيل سانچي ۾ فِٽ ڪري ڇڏيندا آهن.**

**هر ڪنهن پاشا جي رچناڪار ۽ رچنا جو پنهنجو پاشائي دائرو هوندو آهي. هُن کي ميسر مڪاني ماحول هوندو آهي، حالتون ، شخصي مطالعو- مشاهدو، زندگيءَ سان پنهنجا**

**سنگهرش ۽ وڏي ڳالهه زندگيءَ لاءِ هر ڪنهن جي معنيٰ الڳ الڳ هوندي آهي. ۽ هڪ سٺي ناول ۾ اُهي سڀ رفليڪٽ ٿيندا آهن. ۽ جيڪڏهن سنڌي پاشا جو نقاد ڪنهن سنڌي ناول جي ڪٽ ڪندي (وچ وچ ۾) ڪاميو، سارتر، مارڪيز، پاموڪ، اروڻ ڌتي رايه يا چيتن پڳت جي رچنا سنسار جي ڳالهه ڪري ٿو، حالانڪ سُڻي ڳالهه آهي، ساهتيه جي وديارٿيءَ/ شاگرد کي ڪُجهه سکڻ لاءِ ملي ٿو. پر ڪٿي نه ڪٿي هو سنڌي رچنا / ناول جي ڪٽ/ تنقيد سان شايد جسٽيفاءِ نه ٻه ڪري/ يا نه ڪري سگهي. هِن تجزيه ڪار جو ايترو گهرو مطالعو / اپياس اڃان ڪونهي جو ٻي ڪا وڏي ڳالهه ڪري سگهي. ها ، ايترو ضرور چوندس ته ناول ڪٽگهري جي حوالي ۾ ٿيل شخصي ڏي وٺ دؤران هيري شيوڪاڻيءَ اِها ڳالهه قبول ڪئي ته- "ها موهن، نقاد کي پنهنجو نظريو پنهنجن ناهيل ماڻن- ماپن کان ٻاهر نڪري وسيع / ڪُشادو ٻڌائڻ جي ضرورت آهي." (سال 2007-8 ۾ لکيل هيري شيوڪاڻيءَ جو هِڪ خط)**

خير، جيڪو ٻه آهي سنڌي ناول جو تنقيدي آلوچناتمڪ اپياس اِهو ٻُڌائي ٿو ته ناول جي وهنوارڪ تنقيد ڪرڻ نقادن گهٽو پسند ڪيو آهي بجاءِ ڪنهن وادن ۽ ويچارڌارن جي نظرين سان ناول کي پرکڻ / جاچڻ جي. اِن لحاظ کان 'سنڌي ناول جي چونڊ تنقيد' (سنپادڪ لکمي ڪلاڻي، ساهتيه اڪادمي 2016) ۾ ورهاڳي ڪانپوءِ سنڌيءَ جي ٽيهارو ڪن

ناولن تي پروفيسر منگھارام ملڪاڻي، هيرو شيوڪاڻي، هريش واسواڻي، پرم ابيچنداڻي، ستيش روهڙا، لعل پشپ نامديو تاراچنداڻي، ڪلا پرڪاش، لکمي ڪلاڻي ۽ پڳوان اٽلاڻيءَ جهڙن سُجاڻ ۽ اپياسي نقادن جي ڪيل تنقيد قابل ذڪر آهي. **اِن کان علاوه هريش واسواڻي، آنند ڪيماڻي، پرم ابيچنداڻي ۽ لعل پشپ جهڙن عالمي ادب جي اپياسي نقادن سندن تنقيدي ليکن / سنگرهن ۽ عالمي ادبي لاڙهن ۽ ادبي ويچارڌارائن جي روشنيءَ ۾ خاص ڪري ماڊرن ۽ پوسٽ ماڊرن ادبي لاڙن جي روشنيءَ ۾ سنڌي ناول جي تخليقي ڪٽ ڪري هُن کي پارتي ادب سان گڏُ وهارڻ جو شرف/ مان بخشيو آهي. اِن حوالي ۾ هتي اِها ڳالهه به هاءِ لائيٽ / انڊرلائين ڪرڻ جي ضرورت آهي ته اِنهن صاحبن نه رڳو صنف مخصوص تي آلوچنا ڪئي آهي، بلڪ الڳ الڳ صنفن تي ڪيل آلوچنا جي آلوچنا به تخليقي سطح تي ڪئي آهي. اِن جو ذڪر ڪرڻ اِنڪري ضروري آهي جو اِهو اهم ڪم هر نقاد جي وس جي يا دائري جي ڳالهه شايد نه هوندي آهي. جي آهي به ته اُن سان جسٽيفاءِ ڪرڻ لاءِ نقاد کي پنهنجي توازن ۽ تاراضيءَ تي پورو ڪانفيڊنس هجڻ لازمي آهي. اهڙو ڪانفيڊنس سنڌي نقادن ۾ پرپور آهي.** اِن حوالي ۾ 76-40 (هريش واسواڻي) تڪ تور (پرم ابيچنداڻي) ڪندن جي سڳنڌ، بدلجندڙ دؤر ۽ تنقيد (آنند ڪيماڻي)، چند چاڻ (ستيش روهڙا) سنڌي ادب جا معيار (هيرو شيوڪاڻي) جهڙن تنقيدي

سنگرهن/ مضموعن جو ذکر ڪري سگهجي ٿو. ڪتاب تہ ٻيا بہ گهٽيئي هوندا پر هن تجزيڪار جي پهُچ ۾ نہ اچي سگهيا آهن. لِکڻ تہ قلم گهٽيئي چاهي ٿو. ڳالهيون گهٽيئي آهن پر هر وشيہ / تذکري کي ڪٽي نہ ڪٽي ڇاڻي ڏيڻ ضروري آهي. حد کان وڌيڪ شايد هيءُ پيپر اڳ ئي لکجي چکو آهي. في اِلحال تنقيدن جا مثال وڌيڪ نہ ڏئي ڪري ناول جي تنقيدي جائزي کي رئيپ -اپ (wrap-up) ڪيون سنڌي جي ڏاهي، سُجاڻ ۽ سڀاجهي ناول نويس / ڪهاڻيڪار ڪلا پرڪاش جي تاثر سان :- Quote

" گذريل ٻن ڏهاڪن دؤران شايع ٿيل سنڌي ناولن جي مؤضوعن، ڏارائن، لاڙن ،رُخن، سنڌي سماج ۾ آيل تبديلين کي بہ فوڪس ۾ آندو آهي. مونکي پڪ آهي تہ نئون سنڌي ناول، اِنهن سيني اڻ ڇٽين حالتن هيٺ بہ هند توڙي سنڌ ۾ پنهنجي ڇاپ ڇڏيندو، رڳو اسانجا پڙهندڙ سُجاڳ ٿين." (ناول جي چوند تنقيد- مقالو انترنئشنل سنڌي ساهتيہ سيمينار 2008)

**جيڪا ڳالهہ مان اڳ بہ چئي آهيو آهيان تہ نقاد پنهنجي خصوصي ماحول ياشا ۽ سماجي/ سياسي/ مهاشي دائري ۾ ئي رهي ڪري يا جنهن سميہ / ڪال ۾ اُها رچنا ڏيکاري يا ڪئي ويئي آهي. ڪٽ/ آلوچنا ڪندو تہ رچنا / رچناڪار سان وڌيڪ جسٽيفاءِ ڪري سگهندو. ۽ رچناڪار جو مطالعو/ اپياس ۽ مشاهدو/ انيو آلوچڪ/ نقاد لاءِ چگو مئٽر ڪري ٿو. ُسجُ**

**پنهنجي دائري ۾ رهندو آهي ۽ چند پنهنجي دائري ۾ رهي سنسار کي شيتلتا ۽ روشني ڏيندو آهي. ڪرُ ٻنهي جوسنسار کي روشن ڪرڻ آهي. اهڙيءَ طرح تارامنڊل ۾ گهٽيئي بيشمار ستارا ۽ نڪتر آهن، جن جو ڪم ڏرتيءَ تي روشني ڪرڻ يا جيستائين اُنهن جي روشني پهُچي باقي پعمانا تہ هرنقاد / ساهتڪار پنهنجو پاڻ گهڙيندو آهي، جنهنجو جيڪو، نظريو - اپياس جيترو وڏيڪ ۽ ڪشادو، ماڻ- ماپا بہ هُن جا اوترا.**

اِن وچ ۾ گذريل ڪُجهہ سالن دؤران ڪافي قابل ذڪر سنڌي ناول سنڌي ادب کي مليا آهن سنڌي ناول نويسن وٽان ۽ اُنهن تي آلوچنا بہ ٿيندي رهي آهي سنڌي ادبي رسالن ۾. خاص طور سان 'منو پاٽي کارو پاٽي'، 'هِن شهر ۾ هِڪ شهر هو' (جيا جادواٽي 19-2015)، 'هڪ شخصيت جي ڪوسي ڇانو ۾' آنند کيماٽي 2017)، 'ٻنڌن' (هري همٿاٽي 2019) ۽ سنڌُ جي ناول نويس اڪبر سومري جي پوسٽ مادرن تي لکيل ناول 'ڪُماچ' (2017) جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو.(ڪُماچ جو ذڪر صرف جاڻ لاءِ ڪيو ويو آهي)- ڪُماچ ناول ۾ هڪ ذهين پاڻڪ کي ڪامياب ناول جو سڀ خصوصيتون نظر ايندیون باقي هند جي ناول کي ورهاڳي بعد اُن جي ٿيل آلوچنا کي پوري ڪانفيڊنس سان پارتي ادب / ساهتيہ جي ست ۾ ويهاري سگهجي ٿو. سنڌي ناولن جي وشيہ - ڪئنواس جي مد نظر ناول جي يونيورسل گلوبل

عنصر تي تبصرو ڪرڻ جي ڪُنجائش ڪونهي جيڪڏهن ڪُجهه آهي تہ اُن پاشا ۽ پاشا جي رچناڪار جو نجيپڻو- هُن جو ساماجڪ سروڪار ۽ مشاهدو / انيو.

اهڙي طرح، ڪنڪلوزولي (Conclusively) هن تجزياتي / تاثراتي تذڪري/اپياس (Impression) ۾ ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ مذڪوره تجزيو ٻُڌائي ٿو تہ مقدار ڪٽي ڪيترو بہ هجي ۽ معيار، ٻنهي لحاظ کان سنڌي آلوچنا ۽ آلوچڪ ٻنهي کي وڌيڪ سهج، سُجاڳ / سچيت ۽ سڪريہ (updated and active) رهڻ جي ضرورت آهي ۽ ايماندار پڻ، سنڌي ادب جي مُسلسل واڌاري کي يقيني بڻائڻ لاءِ ..سفر کي جاري رکڻ لاءِ .

# سنڌي ڪوتا : بدلجندڙ مزاج ايڪويهين صدي

(گذريل ڏهه سال)

ڪوتا جي باري ۾ ڳالهائيندي پهريون سوال ذهن ۾ اِهو ٿو اچي تہ ڪوتا ۾ آخر ڪوتا آهي ڇا ؟ ڇا دنيا جو هر شخص سياويڪ (فطرتي) طور ڪوي آهي يا ڪوتا ڪو خاص / وڏو ڪارنامو آهي جنهن کي ڪي خاص / ورلي ماڻهو ئي ڪري سگهن ٿا؟ اندر جي اُها کهڙي ڪُنڊ آهي جتي زمين ۽ آسمان ڪوتا جي بهاني ملن ٿا - جنهن کي اسان انترمن چئون ٿا؟ انهن سيني سوالن جو جواب اسان کي قدرت ۽ ڪائنات جي ڪڻ ڪڻ ۾ سمايل سنگيت کي ٻڌڻ سان ملندو جيڪو هر انسان جي اندر سانده ڏنڪارون ڏئي (Playing) رهيو آهي، جنهن اُن سنگيت جي ڏن کي، واڃ کي جهڻي ورت کهڙي بہ فريڪوينسيءَ (Frequency) تي ۽ اُن جي رمز ۾ رمجي ويو اُهوئي ڪوي / شاعر آهي. ساهتڪ ياشا ۾ اسان هن کي سنويدن من يا سنويدن شيلتا چئون ٿا جيڪا هڪ ڪوي يا ڪلاڪار جي بڊجڻ ۾ اهم پومڪا نيائي ٿي، جيستائين ڪوتا، انسان جي سياڻ مزاج سمجهه ۾ آيو آهي، انسان جي اندر گهري ۾ وينل ياونائن، ويچارن، انيون جو سنسار سنويدن ۽ جيوت ٻوڌ جي سطح تائين پهچي سگهيو آهي، اُهر اُچل کائي ٻاهر اَڇڻ لاءِ پيو تڙڦندو آهي - ڦٽڪندو آهي - جيئن ڪو ڏيڏر گهري کڏ مان ڦٽڪي ڦٽڪي ٻاهر اَڇڻ جا پيو جتن ڪندو آهي - ۽ ٻاهر نڪرڻ تي هُن جي ٽان ٽان ۾

هُن کي مليل راحت هڪ سنويدن شيل من تي محسوس ڪري سگهي ٿو. چوڻ جي مُراد اِها آهي ته گهري ۾ وينل سنويدن من جي اِظهار جي شدت (Intenty) ڪوتا جي صورت ۾ پرڪرتيءَ زندگيءَ سان ڳالهائڻ - ميل - ميلاپ جو هڪ سافٽ ويئر آهي - ماڏيم آهي ڪوتا، جيڪو اِنساني من کي ازل (شروعات) کان راس ايندو آهي - پنهنجي اندر جي ڳالهه ٻين تائين پهچائڻ جو هڪ سشڪت / سگهارو ماڏيم (سافٽ ويئر) آهي ڪوتا. ڪوتا اڄ به هر طبقي ۽ عمر جي شخص کي گهٽي راس ايندي آهي - وقت جي هر دؤر ۾ - خوشيءَ جو اِظهار آهي ڪوتا، نراشا گُهٽن جي ماحول مان ٻاهر نڪرڻ جو ذريعو آهي ڪوتا، جذباتي / مشڪل حالتن، زندگي ۽ موت جي مسئلن سان مقابل ٿيڻ ۽ اُنهن کان پار پائڻ جي شڪتي آهي ڪوتا - زندگيءَ کي نئون حوصلو، همٿ - طاقت جي پريرٹا ڏئي ويندي آهي ڪوتا، بيقرارين - بيچئنين کي چئن ڏيندي آهي ڪوتا - جذباتي آگهاتن کي نيڪ (heal) ڪرڻ جو ڪم به ڪندي آهي ڪوتا - اوجاگر ۾ چئن جي ننڍ آهي ڪوتا زندگيءَ جي برندڙ جيڏ جي ٻيهري آڪاڙ جي بادلن سان ڏڏي هوا - نرم چانو ڪٽي ايندڙ آهي ڪوتا - ۽ خبر ناهي چا چا آهي ڪوتا - اِهو آهي ڪوي ۽ ڪوتا جو سنبنڌ - جادوءَ مثل سپ ڪُجهه ائين آسانيءَ سان چئي ويندي آهي - جيئن هر ٻڌڻ واري جي پنهنجي ڳالهه هجي. ها، ڪوتا اندر اِهو جادو تڏهن برپا ٿيندو جڏهن ڳالهه

فنائتي / ڪلاتمڪ نموني يا وڻندڙ انداز ۾ چئي وڃي جو / (هرڪنهن کي) پنهنجي لڳي.

## سنڌي ڪوتا : بدلجندڙ مزاج - نئين چيتنا

هيڏانهن گذريل ڪُڇ سالن ۾ پارتي پاشا جي ڪوتا بنهه طرح پنهنجو مزاج ۽ تيور بدليو آهي، چوٽو پوندو ته پارتي پاشا جي سنڌي ڪوتا به پنهنجي وڪاس ۽ وجود ڏانهن پوريءَ طرح سان سچيت آهي - خاص ڪري اڄوڪي وقت ۾ جڏهن ڪُڇ چوڻ - ڪوتا ذريعي بدلجندڙ وقت / دؤر جا سچ چوڻ ڏکيو ٿيندو ٿو وڃي، سنڌي ڪوتا چيتنا ۽ يٿارٿ جون نيون زمينون تلاش ڪندي، وقت جي هن دؤر ۾ پنهنجي هجڻ جو احساس ڪرائي ٿي - سنڌي ڪوتا چيتنا جي ڪيترين نين زمينن تائين پهچي سگهي آهي - يٿارٿ جون ڪيتريون گهرايون ماپي سگهي آهي اِهو ڏسڻ ۽ سمجهڻ کان اول سنڌيءَ ۾ ڪوتا يا نئين ڪوتا جو پايو وجهندڙن مان هڪ سنڌيءَ جي ميجتا حاصل برڪ ڪوي / نقاد هريش واسواڻيءَ جي سنڌي ڪوتا جي ڪنهن دؤر ۾ چيل ستن کي اڄُ به هتي سمجهڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي.

"سنڌي ساهت جو ڪوي جنهن وقت جو حصو رهيو آهي اُن جي ڪا الڳ يا خاص پرشٹ پومي (پس منظر/ Background) ڪونهي علاوه اِن جي ته جڏهن نئين ڪوتا اک کولي، تڏهن سنڌي ڪوتا (اَپوادن کي ڇڏي) پاونا رهت ويچار ۽ ويچار رهت پاونا جي بن پرم اِستتين مان گذري

رهي هئي. (سنڌي نئين ڪوتا جي لئباريٽري ٽيسٽنگ - رچنا)

سنڌي ڪوتا جي باري ۾ هريش واسواڻيءَ جي اِها آلوچناتمڪ ٽپڻي Value Statement/ منصفانہ ڪٽ اَسيءَ واري ڏاهاڪي جي وچ ڏاري ڪئي وئي ۽ جيستائين ڪوتا ۾ نئين چيتنا ۽ مزاج جو تعلق آهي حالانڪ 30-25 سالن جي اِن وٽيءَ واري سميہ ۾ سنڌي ڪوتا نين زمينن آسمانن- کي ٽٽولينديِ اُپري ڪري ٿہ آئي آهي ٿہ بہ، ڪٽي نہ ڪٽي ائين لڳي ٿو ٿہ پرڪرتيءَ ۾ سچيت ۽ رچناتمڪ نقاد جي چيل اِنهن سٽن جا لفظ اڄ بہ ڪٽي نہ ڪٽي سنڌي ڪوتا کي ايا سچيت ۽ رچناتمڪ ٽيڙ جي هدايت ڏيندا محسوس ٽين ٿا.

سنڌي ڪوتا ۾ نئين چيتنا - نئين مزاج جي ڳالهہ ڪرڻي آهي ٿہ ڳالهہ جي شروعات ڪُڇ سالن ۾ سنڌي ڪوتا ۾ اُپري آيل نيئن پوءِ پيڙهيءَ سان ڪيون جنهن سنڌي ڪوتا جي سرڪلِس ۾ (Circle) نہ صرف پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪايو آهي بلڪ پنهنجي حاضري بہ ڪٽي ڪٽي محسوس ڪرائي آهي. اِنهن نين پرتيائن جا ڪوتا ئي تيور ڏسي لڳي ٿو - هي ڪوتا سان گڏ وهندا آهن، اُن کي محسوس ڪندا آهن، هُن سان ڳالهائيندا آهن هُن کي سمجهندا آهن ٿہ ڪوتا لفظن ۾ ئي نہ لفظن کان ٻاهر بہ ڪٽي هوندي آهي :

(i) اڄ سوچيم/ بس، اڄ کان پوءِ پلائي ڇڏيندس توکي / تنهنجي مُرڪ / تنهنجا ٽهڪ، تنهنجي معصوميت، تنهنجو

چهاءُ / تنهنجون ڳالهيون ... / پکيءَ طرح فيصلو ورتم / من ۾ وري ڏُهرايم / تولي پلائي ئي ڇڏيندس / توکي پلائي ڇڏيو اٿم / آئيني اڳيان اچي بينس .../ منهنجي پنيان تہ ڪونہ هئين / آئيني ۾ مان بہ ڪٿي هئس.

(ريتيلو ڇِٹُ پارتي سدارنگاڻي آديپور)

(ii) هميشهہ منهنجي لفظن تي شڪُ ڪندو آهين .../ توکي منهنجو ڳالهائڻ ڪُجهہ ميرو ميرو لڳندو آهي / اِنڪري مان ڪير سان گُڙڻيون ڪري پنهنجي لفظن کي سنان ڪرائي صاف سُٿري ڪري آيُس ... / اُن وقت بہ تنهنجو مون تي شڪُ ڪرڻ / تہ مون ڪير ۾ زهر مِلايو هوندو / اسان ڳالهائڻ وِهون بہ تہ ڪيئن ...!!

(پنجرا - منوج چاولا - احمداباد)

(iii) شاديءَ کان پوءِ هاڻي ملاقات ڪانہ ٿيندي / اِنڪري لنچ تي گُهرايو آهي هُن / ناڪام محبت کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ / جِنُ هُن مونکان اِها رچنا ڪرائي هجي / هِڪ هِڪ ياد پنهنجي دِل ۾ / ائين رکي اٿائين سانديي / سنيالي / جيئن ڪا خوشي ڪِرائي تي گُهرائي هُجئين.

(اُساٹ - ريکا سچديو پوهاڻي : پوني)

تو زندگيءَ جو مزو ورتو ئي ڪونهي/ ڪڏهن ڪيلوچانهہ ۾ بوڙي ڪاڏو اٽيئي-/ مارولس.. /ءِ شراب ۾ بسڪيٽ.. بٽر ڪُڪيس ...بوڙي ڪائي ڏس. مزو نہ اچيئي تہ منهنجو نالو مٽي منٽو رکي ڇڏجانءِ.

*تنقيد @ تاثرات*

(ڪئلاش شاداب- رايپور- ڏُبئ)

اِنسان من جي گهري انيوتي ۽ اڀيويڪتيءَ (احساس ۽ اِظهار) جي روپ ۾ ڪوتا، پانڪ سان سنواد ۽ رشتو قائم ڪرڻ جو هڪُ سگهارو ۽ پُر - اثر ماڌيم (ذريعو) رهي آهي. وشيه ۾ نواڻ جي پنهنجي اهميت آهي ۽ ڪنٽينٽ - وستوءَ ۾ اوريجنلٽيءَ (Originality) جي به. ڪوي پنهنجي ڳالهه پنهنجي پوري سنويدناتمڪ پرياو سان جيئن هن گرهڻ ڪئي آهي، اُن ۾ ڪويءَ جي ڪاويه چيتنا جي يومڪا به اهم آهي، خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته سنڌي ڪوتا جي وڏي ٽيندڙ پوڌ / پيڙهي اِن ڳالهه کي چگّيءَ طرح سمجهي ٽي - ۽ پنهنجي رچنا کي اڄ جي پرياوشالي پرچار ماڌيمن (فيسبوڪ، واٽس اَپ، اِنسٽاگرام وغيره) جي ڪنهن نه ڪنهن پليٽفارم تي پوسٽ ڪري ٿُرت فيڊ بئڪ حاصل ڪري اُن کي پانڪن جي ڪسوٽيءَ تي به ڪسي وني ٽي عام پانڪ جو ڪوتا / رچنا ڏانهن فرسٽ هئنڊ (first hand) ريسپانس ٿُرت ملڻ سان ڪويءَ جو اُتساه ته وڌي ٿو، ڪوتا کي به ڪٽي نه ڪٽي تسلي ملي ٽي ته اُن کي پسند ڪرڻ وارا، پڙهڻ وارا ۽ سمجهڻ وارا ذهن ۽ اُن جي ڪلاس اڄ به مؤجود آهي. هن نئين وڏي ٽيندڙ پيڙهيءَ جي ڪِن بين ڪوتائي تيورن کي به ڏسندا هلون

(i) راهن جسم کي ختم ڪيو / منزل ڪيو قتل جذباتن جو/
منهنجي گهر به رهندي هئي / ٻالي پولي - معصوم مرڪ

منهنجي / گنگا جل به هو اکين / خوابن جي صورت هئي سلؤني / پاڪُر ۾ پرڻ وارا عزيز هئا / رُسڻ واري ويجها رشتا هئا / جهول پري وقت نهاڪو هنيو / حاصل ڪرڻ جي قيمت چڪائي آهي / جهولي پرڻ جي قيمت به گهٽ ڪانه ڏني آهي، گهٽي ڏني آهي/

(اشوڪ جامناٽي، هوشنگاباد، مڌيه پرديش ۾ سنڌي ڪاويه پرمپرا)

(ii) بس ۾، موبائيل هٿ ۾ / اکيون جهڪيل / هوريان سُس پُس پيئي ڪري ڪنهن سان / ڪٿي ڪير ٻڌي نه وڃي هُن جي ڳالهه - ٻولهه / اِها ڪوشش ڪندي ته مسڪراهٽ به هُن جي چهري تي نه اَچي / پنهنجي ڪوشش ۾ ناڪام ڏسڻ ۾ ايندي -/ رڳي پيو پنهنجي ڪنهن خواب سان پيئي ڳالهائي فون جي ٻئي پاسي ... / باقي دنيا ۽ اِن ڳالهه کان هوءَ آهي بي خبر / ته سچ پچ / فون جي ٻئي پاسي هُن جا سپنا ٽين پيا ساڪار / يا آهي ڪو وڏو چلُ / (دروپدي چندناٽي - پوپال، مڌيه پرديش ...)

(iii) سولو ڪونهي ماءُ ٻڌجڻ ڏيءُ جي / ڏيءَ جمندي ئي ٻڌڻا پون ٿا طعنا / پُٽ نه جڻڻ جا / جمڻ سان ئي ڏاجو ناهي رکڻ جا / خوشي به نه ظاهر ڪري سگهندي آهي هوءَ / پنهنجي ماءُ ٻڌجڻ سولو ڪونهي ... / ننڍپڻ کان ئي / ساه کان وڌيڪ سنياڻو ٿو پوي / نه رڳو ڏارين کان / پنهنجن کان به بچائڻو ٿو پوي ... / نه ٿئي هُن جو ننڍپڻ خراب / ۽ ڏيڻو پوي هُن

کي حِسابُ / لاپرواه ماءُ بڻجڻ جو / سولو ڪونهي ... (پريا وچاڻي, اُلهاسنگر)

هِتي سنڌيءَ جا برڪ نقاد / ڪوي ڊاڪٽر ستيش روهڙا جي ڪوتا جي باري ۾ سندس اڀياسي ڪتاب 'ڪوتا کان ڪوتا تائين' ۾ ڏنل هن سمجهاڻيءَ کي سمجهڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي :

"نئين ڪوتا / ڪوتا نہ سکڻ جي شيءِ آهي نہ لکڻ جي، ڪوتا جيئڻ جي شيءِ آهي؛ اُهو شخص جنهن ۾ نئون جيون ٻوڌ، نئون احساس ڪونهي، اندروني ۽ شخصي سچاين کي سماج جي حوالي ۾ ڏسڻ جو حوصلو ڪونهي، اهڙن شخصن لاءِ ڪوتا نہ سمجهڻ جي شيءِ آهي نہ ڏسڻ جي."

ڪوتا کي سمجهڻ وارن کي، ڪوتا جو سواد / رسُ ونڻ وارن کي ۽ ڪوتا ڪرڻ وارن کي (هونءَ ڪوتا سايو ڪري، جتن ڪري ڪرڻ جو ڪاريہ ڪونهي) اِها خبر آهي تہ ڪوتا بنيادي طرح هِڪ رومانٽڪ صِنف / وڌا آهي، پر جيستائين اُن کي يٿارٿ يعنيٰ حقيقت جو رنگ ۽ خوبصورتي نہ ٿي ملي (Flavor of Reality) اُها پنهنجو ڪوتائي اثر پوريءَ طرح سان چڏڻ ۾ پاڻ کي لاچار ٿي محسوس ڪري.

جڏهن بہ سنڌي ڪوتا جي ڳالهہ نڪري ٿي ڪنهن بہ حوالي ۾ تہ هِڪ دلچسپ ڳالهہ اِها بہ سامهون ٿي اَچي تہ سنڌيءَ ۾ مؤزون شاعري جي (Traditional Poetry) قداورن شاعرن جو

قلم بہ ڪوتا جي جادوءَ کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ نہ رهي سگهيو باوجود ڪِن آگرهن جي. اِنهن شاعرن اڳتي هلي نہ فقط سنڌي ڪوتا کي پنهنجي ڪوتائي جوهر کان واقف ڪرايو بلڪ اُن جي سُڌيءَ طرح پرورش بہ ڪئي ۽ سنڌي ڪوتا کي پارتي ڪوتا جي برابريءَ ۾ ڪٽي اڇي بيهاريو. اهڙا گهٽيئي قداور نالا آهن، ۽ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ اُنهن مان ڪي سگهارا دستخط اڄ بہ سرگرميءَ واري دلچسپيءَ سان سنڌي ڪوتا ۽ پارتي ڪوتا ۾ پنهنجي تخليقي حاضري درج پيا ڪرائيندا آهن. اُنهن جي ڪوتا جو رسُ بہ اسان وٽندا هلون - اِن ڪڙيءَ ۾ سنڌيءَ جي برڪ شاعر اَرجن حاسد جي سُڪد احساس ڏيڻ واري داخلا (Pleasant entry) سنڌي ڪوتا کي سُڌي لڳي :

ڇانوَ مونسان گڏ هوندي آهي / چلولي / رئو پيئي هوا ۾ اُڏائيندي / ديهہ ٽامي جهڙي / بہ وکون کٽي هيڏي - هوڏي نهاري / الائي ڪنهن سان ٽي ڳالهائي ... / وڻ ڏسي ويهي رهي ٽڪُ لاهڻ / هوريان ڇُهي / هٿ پڪڙي چيائين - 'اڄُ تہ ڏوڙ پايون / سِجُ لهي نہ وڃي./

(اَرجن حاسد، رچنا، جولاءِ سيپٽمبر 2015)

اِن سلسلي جي بي ڪڙيءَ ۾ واسديو موهي سنڌي ڪوتا جي سگهاري دستخط جي روپ ۾ اڄ بہ پنهنجي پوري هنڌريد پرسينٽ سان سرگرم آهي ۽ سنڌي ڪوتا جي شروعاتي ڏينهن کان ئي سنڌي ڪوتا جي عمارت کي جاندار

بٹائڻ ۾ ڪوتا جي مڪيہ ٽنين - هريش واسواڻي، موهن ڪلپنا، آنند ڪيماڻي، ايم. ڪمل، ايشور آنچل جهڙن سان گڏ بيهي هِڪ سگهاري ٽنيي جي ٻومڪا نباهي آهي - موهيءَ جي ڪوتا ۾ چيتنا جانزم - نوان چهاءَ ريتيلي تتل زمين تي، وقتي تيز وسڪاري وارين بوندن جو احساس ڪرائي ويندا آهن :

اجا اونده هي هوندي آهي / ڪير وارو بيل وڃائيندو آهي / ... پتيءَ کي بسترو چڏڻو ئي پوندو آهي -/ ڪيرُ تہ ڪپي ئي / پتني ڪچن ۾ ايندي آهي ... (بات روم مان ٿي) ننڍاڪڙين اکين سان / چانهہ تہ ڪپي ئي / پتي بيبوءَ کي اُڻارينڊو آهي / تازو توانو ڪندو آهي / پتني ناشتو ناهيندي آهي / پتي سوچي ٿو - بيبوءَ بجاءِ بيبي هجي هان تہ ... شايد هن جو ۽ پتنيءَ جو ڪمُ اُبتڙ ٿي وڃي هان ... / ڪمُ تہ ڪرڻو ئي آهي / شام جو بيبو هوم ورڪ سان / پتي، پتنيءَ سان ڪچن ۾ هوندو آهي / اُن وقت ڏيري سان ڪوتا گهر اندر گهڙندي آهي. (موهي، ڪونج مئي جون 2014) مؤزون شاعريءَ جي ٻين سگهارن / نامياڻن شاعرن جن ۾ خاص طور سان واسديو نرمل، ڊولڻ راهي، گوپ ڪمل ۽ ڪيمن مولاڻيءَ جو سرگرميءَ سان ڪوتا لکڻ جتي هڪ طرف سنڌي ڪوتا کي سُڪد احساس ڏنو، ٻئي طرف اُن کي شاهوڪار ٻہ ٻڌايو، اِنهن جي ڪوتائي تيورن جي جهلڪ ٻہ پسندا هلون :

(1) چا تو ڪڏهن اوندهه جي گهري رومانس کي / محسوس ناهي ڪيو / جڏهن آواز جي مڌير جوت جلندي آهي / جذبا ڀرڪندا آهن ... / ريشمي ڇهاءُ سُرڻ لڳندو آهي سرير تي / سرير سان سرير ائين سلهاڙجي ويندو آهي جيئن وڻ سان آڪاسي ولي / سڄو جسم گنگنائڻ لڳندو آهي / هڪ عجيب تپش اُپرندي آهي / اونده جڻ رجڻ لڳندي آهي / اهڙي حسين اونده جي رومانس کي چا تو محسوس ڪيو آهي -

(مان آرسي تنهنجي ڊولڻ راهي)

(2) هيءَ رستي جي برساتي پاڻيءَ سان پريل ٽمٽار ڪڏ / جڻ پيالو پريل آهي مئه جو / ڏسي جنهن کي سپ هوش وارا پري ٿا ڇڄن / متان داغ ٿين سندن وسترن تي / هيءَ ... حسينن جي ڪاڏيءَ جي ڪڏ ڪان گهٽ تہ ڪونهي / گهٽيئي نزاڪت پريا سين پير وڪڙ ۾ اچي مُڙي ويندا آهن.

(رستي جو فانوس - واسديو نرمل)

(3) اڄ هوءَ هلي ويئي ... / پُڻ / ڏيءَ جا فون اَچي رهيا هئس / ملي سيُ مذاق اُڏائي رهيا آهن ... سڄي شهر ۾ / ٻيو نہ تہ مُنهنجي ساهرن جو خيال ڪرين هان / سيُ چون ٿا / ماڻهين هن گهر ۾ نئون عاشق ڦاسايو آهي ... مارڪيٽ بازارُن ۾ نئين يار سان ٽي گهُمي ... / شهر ننڊيو، افواه ترندا رهندا آهن / هلڪڙن بادلن وانگر / ... اڄُ وڏو پُڻُ آيو هوس ونڊ ٻئي شهر مان ٻاهر هلڪي هلڪي برسات ... هوءَ جڻ ڏڪجي ڪار ۾ وهي ٽي / هٿ لوڏيان ٿو ... / ڪمري ۾ اَچي برسات

۾ آلو ٿي ويل اڏُ چهرو أگهان ٿو ... / لڳي ٿو سُڪل چهرو هُن سان گڏ هليو ويو.

(نئين شروعات - گوپ ڪمل)

(4) أس پڪي چتين مان گهر ڪونہ گِهڙي سگهي / منهنجي چپري جي ٽُنگن مان / أس جو ترورو / لپيل فرش تي ڪري / ننڍڙو بيبو أن سان راند ڪري / مُنڌ ۾ بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪري / ترورو سندس هٿن مان تِرکي / ڊِجندو سهڪندو، سرڪندو / اڳتي وڌي پت تي چڙهڻ لڳي / بيبوُ هُن کي عجب وچان تڪي / تيسيتائين تڪي / جيسيتائين هو پت تان غائب نہ ٿئي / امان تروري مان گهڙيءَ وانگر ٽائيم ڊِسي، بيبو أس سان سنان ڪري.

(ڪيمن مولاڻي)

چيتنا لفظ جو مول پاو سُجاڳي (Awareness) آهي، سُجاڳي هر لحاظ کان شاعر / ڪوي هجڻ جي پهرين تقاضا آهي. مؤجوده دؤر ۾ جيئڻ ئي هڪ ڪوي يا ڪلاڪار جي فطرت آهي، ٻيءَ حالت ۾ فني لحاظ کان هُن جو موت طئي آهي. جيئن مان اڳ ۾ چئي آيو آهيان تہ ڪوتا بنيادي طور تي رومانٽڪ وڌا آهي، جڏهن أن کي ڪلاسيڪل يا مڇيور ٽچ ملي ٿو أها ويتر نڪري ٿي. جڏهن اسان اِنهن ڪوتائن جو سواد ونڊي رهيا هئاسين تہ اَسان کي اِها ڳالهہ سمجهہ ۾ اَچي رهي هئي. سنويدن من جو اهڙو اڇوتو اِظهار سچ پچ ڪنهن ڪوي هرديہ مان ئي ملي سگهي ٿو. اِنهن مؤزون شاعرن

جون اِهي ڪوتائون جيڪڏهن پاو ۽ ڪلا پڪش ٻنهي لحاظن ڪان ڏِسون تہ اِهي نئين چيتنا ۽ بدليل مزاج جون ڪوتائون آهن - سُنيون ڪوتائون آهن. اِنهن ڪان علاوه بہ ٻيا ڪيترا مؤزون شاعريءَ جا شاعر آهن جيڪي نئين ڪوتا ڪري رهيا آهن بدليل مزاج سان نئين چيتنا جي زمين تي -

سنڌي ڪوتا ۾ نئين چيتنا ۽ بدليل مزاج جي ڳالهہ ڪندي هاڻي اسان اُنهن زمينن جو رُخ ڏا ڪيون جتي سنڌي ڪوتا جي مؤجوده عمارت بيني آهي ۽ ڪٿي نہ ڪٿي آئيندي جي عمارت بہ تيار ٿي رهي آهي - سنڌي ڪوتا جي سگهاري زمين جون اِهي ڪوتائون لڳنديون آهن پنهنجي ڳالهہ چئي ڪري پاسيرو ويهي رهيون آهن، پر اِنهن جي خاموشيءَ هر دفعي گوڙ برپا ڪيو آهي سنڌي نئين ڪوتا جي برک سجاڻپ قائم رکي وينل سخت چهري واري دهليءَ جي آنند ڪيماڻيءَ جي ڪوتا هر دؤر ۾ پنهنجي چتي حاضري درج ڪرائي آهي :

(i) مون ڪڏهن پاڻ سان ئي وفا ڪانہ ڪئي / تہ توسان يا ٻئي ڪنهن سان چا ڪندُس / وفا اصل ۾ پاڳلن جي ڊڪشنريءَ جو لفظ آهي / وفا معنيٰ پنهنجي آزاديءَ تان هٿ کڻڻ .../ نہ الڳ سوچ جي آزادي ... ڪاريہ جي آزادي ... خوشيءَ جي آزادي، غميءَ جي آزادي يعني وفا، پنهنجي آزاديءَ سان بيوفائيءَ جو ٻيو نالو آهي اڄُ تہ پاڻ ۾ عهد ڪريون / تہ دنيا جي سمجهدار آباديءَ وانگر نہ ڪنهن سان وفا ڪنداسين / نہ

ڪنهن کان وفا گهرنداسين / وفا ڪندڙن کي سُسندو ڏسي،
پنهنجي قسمت تي ناز ڪنداسين تہ خدا اسان کي اِن
بيماريءَ کان بچڻ لاءِ سُبڌي ڏني / تہ تون بہ خوش رهُ ۽
خوش رهڻُ ڏئي.

(سنڌو جوت - 53)

پريم پرڪاش سنڌيءَ جي ڪِن اهڙن رچناڪارن مان آهي جنهن جي رچناتمڪ سوچ ۽ ڪلاتمڪ اپيوگتي سنڌي ناٽڪ هجي، ڪهاڻي يا ڪوتا، نئون آيام ڏيئي نئين اوچائي ڏني ويندي آهي - غزل جي پاسي ۾ ويهي لکيل سندس ڪوتائون (جيئن هو صاحب چوي ٿو) سنڌي ڪوتا ۾ هڪ تجرباتي اِضافو تہ آهي ئي اڇوتا اِظهار بہ آهن - اِنهن ڪوتائن ۾ :

(2) ڪيڏو وڏو ماڻهو ٿي پئين پاڻ لاءِ بہ ڏاريرِ ٿي پئين
جِتِ ڪِتِ ورهائين، پاڻ تي چڙهيل پرساد بڙهيا

منهنجا ئي انگ ڪٽي ڏير ڪندو وئين / ڪو لکاءُ پوڻ نہ
ڏنئہ مونکي بہ ڪرائي ڏي خنجر جي تکي ڌار بڙهيا.

هي مؤسم تہ اُن وقت بہ خوبصورت هو / توکي ڪُهي
پلاسٽڪ بئگ ۾ پريو هوم / ڪاش ڏسين هان منهنجو آخري
پيار بڙهيا.

(سرحد جي آرپار - سنڌي اڪادمي)

سنڌي ڪوتا جي حوالي ۾ جيڪا خاص ڳالهہ مونکي ڪرٽي آهي تہ ڪوتا جي سٽيڪ پرياو، خوبصورتي ۽ وقت

سان گڏ بدلجندڙ اُن جي سروپ ۽ سياڻ کي سمجھڻ لاءِ، جنھن ڪري ڪوتا کي ڪوتا چيو ويندو آھي. نھايت ضروري آھي تہ ھِن تيز رفتاري اِنفرميشن جي دؤر ۾ (سوچنا جي يُگ ۾) ڪوئ کي، پاڻ کي اپ ڈيٽ رکڻ، خاص ڪري اِظھار ۽ پاشائي پريوگن جي ڈِس ۾. آڪاشي رفتار سان گذرندڙ وقت جي جنھن بعد - جديد (Post - Modern) دؤر مان اسان ٽيندي گذري رھيا آھيون، اُھو وقت - لمحو ڪو معمولي ڪونھي - اسان ڈجيٽل دؤر ۾ جي رھيا آھيون - اسانجي آس پاس ڪافي ڪُجھ بدلجي ويو آھي ۽ پل پل بدلجي رھيو آھي گھٽو ڪُجھ - ۽ اُن جي ڄاڻ بہ اَسان کي پل پل ملي رھي آھي - جيئن فيسبوڪ ۽ واٽس اپ جو اِستيٽس.

ظاھر آھي تيزيءَ سان بدلجندڙ دؤر - سماج جي پاشا جو سروپ، لفظن جون معنائون، اِظھار جا نوان دائرا - ماڻ - ماپا ڪافي ڪجھ بدلجي ويو آھي ۽ بدلجي رھيو آھي - اِنھن سيني ڳالھين کان واقف (updated) رھڻ ضروري آھي، ڪوتا جي بھتر صحت لاءِ. اڄ پاشا جنھن رفتار سان بدلجي رھي آھي خود پاشا حيران آھي، پريشان آھي، ھوءَ پاڻ سنياڻ ڄاھي ٿي، رفتار ھُن کي پاڻ سنياڻ جو مؤقعو تہ ڏئي. نہ صرف ڳالھائڻ جو، سوچڻ جي اِستائيل بہ بدلجي ويئي آھي - اڄ جي پيڙھيءَ جا ايس. ايم. ايس / موبائيل جي پاشا (Changed Style of Communication) جو سروپ اسان ڏسون تہ

ائين لڳندو اُهو ڏينهن / وقت دور ڪونهي جڏهن صرف آڳرين ۾ اکين جو ئي ڪمُ رهجي ويندو. اهڙي صورتحال ۾ ياشائن کي خاص ڪري مڪاني / علائقائي ياشائن / بولين کي هڪ چئلينج سان مقابلو ڪرڻو پوي ٿو ۽ پنهنجي ياشا جي سروائيول (Survival) لاءِ گهٽي جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي. اهڙي حالت ۾ هڪ ساهتڪار / شاعر جي بٽي جوابداري آهي - پنهنجي زبان کي - ياشا کي سنيالي رکڻ جي ۽ گڏ ئي، نون لفظن، اُنهن جي استعمال / پريوگن سان اُن کي واقف ڪرائڻ جي. ڇو جو جيڪڏهن اڃوکي ڪوءَ جي اِظهار ۾ مؤجوده دؤر جو آواز، اِظهار، پڙاڏو نه هوندو، تہ اُهو (سهج - سياوڪ) فطرتي نہ هوندو ۽ ناقابل - فهم (Non - receptire) پڻ.

هڪ ڪوءَ / رچناڪار لاءِ اِها ڳالهہ سمجهڻ بيحد ضروري آهي تہ ڪوتا ٻيو ڪُجهہ ڪري يا نہ ڪري، اُها اڪثر ياشا کي اُتي ڪٽي ويندي آهي، جتي هوءَ پهرين ڪڏهن نہ وئي هُجي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڪوءَ جي ڪوتا اهڙن هنڌن جو سئر ڪري ٿي ۽ ڪرائي ٿي تہ يقينن اِها هِڪ ڪوءَ جي حاصلات آهي.

(3) اڄ هن جي موُدِ سنگيت بُڌڻ جي آهي / ڪولاهل کان پري/ ڪنهن سانتيڪي لرزش ۾رئي، لهرن جي سومنگ پول ۾ ڪٽي ويندڙ سنگيت / هو چئنل مٽيندو ٿو رهي - هِڪُ هِڪُ ڪري - ٻيون – ٽيون ... / سيني تي اُهو ساڳيو ئي سنگيت ... / ڪِٽي نئين ڪِٽي پراڻي ڪولاهل سان پريل ... / هاڻي هو رموٽ جي بٽڻن کي تيزيءَ سان دٻائڻ شروع ٿو ڪري ... /

هرهنڌ اُهائي ساڳي ڏُن، ساڳيو سُر، ساڳي لئ - تال ... رموٽ جا بٽڻ ڏبائيندي ڏبائيندي هُن جو هٿ ٽڪجي ٿو پوي / هو رموٽ کي پاسيرو رکي ٿو ڇڏي ... / اُيو ساه ڪٽندي ... اُٿي هو ٻاهر وڃڻ لاءِ جيئن درُ کولي ٿو ٽڏي هوا جي جهونڪي سان سنگيت جي هڪ نئين ڏُن / نہ جاڻ ڪهڙي پاسي کان اندر ڏوکي ٿي اَچي .../ آئو ٿُمکو لي ڪَر چلين ائسي فضائون ۾.../ هو دروازو کُليو ڇڏي واپس ڪُرسيءَ تي اَچي وِهي ٿو / ۽ گُم ٿي وجي ٿو/ اُن اندر داخل ٿيل نئين ڏُن ۾ ...

(موهن همٽاڻي - هاءِ وي، ڪونج جنوري - فيبروري 2014)

سنڌيءَ جي سمڪالين ڪوين ۾ ومي سدارنگاڻيءَ ڪوتائن جي پنهنجي پهرئين مجموعي 'سونهري رنگ جي ڪاراڻ' کان وٺي هي سنڌي ڪوتا جي سگهاري دستخط طور پنهنجي سجاڻپ قائم ڪئي هئي. ومیءَ جي سهجتا، سرلتا، نفاست ۽ خاموش معصوميت واري شخصيت هُن جي ڪوتائن جي خوبصورتي آهي جيڪا سندس ڪوتائن جي لفظ لفظ مان پيئي جهاتيون پائيندي آهي :

(4) ڏکي ويندي آهيان جڏهن اوچتو / در سان سٽيل پراڻي ريڊيو تي ... / وقت ني ڪِيا ڪِيا هي سِتم / تُم رهي نہ تُم / هم رهي نہ هم ٻُڌڻ تي دل ٽيندي اٿم / اُن وقت منهنجي ماءُ اِهو گيت ٻڌي رهي هوندي آهي / اڌ رات جو اُٿي بنا ڪپڑن لاهڻ جي شاور جي هيٺان وجي بيهندي آهيان / ۽ بنا لڳ اُگهڻ جي پلنگ تي اَچي ليٽندي آهيان / اُن وقت منهنجي

پڦي پلنگ تي پاسو ورائيندي آهي / پندرهان سال پراڻي ساڙهي ڪڍي / جاچڻ لڳندي آهيان اُن جي ڪاراڻجي ويل زري ... / آهستي - سنيال سان وري ويڙهي رکندي آهيان اُن کي / اُن وقت ماسيءَ جا سُست هٿ نظر ايندا آهن / ايتري عرصي کان ائين ئي بيچئن ناهيان مان / هڪ نہ ڪيئي عورتون جيئنديون آهن مون ۾.

(ومي سدارنگاڻي - (رچنا جولاءِ - سيپٽمبر 2015)

ناريءَ کي پنهنجي وجود ڏانهن سُجاڳ رهڻ جو احساس ڏياريندڙ ومیءَ جي ڪوتا ناري چيتنا جو هِڪ سياويڪ آواز آهي :

بس نہ، پيار تو لاءِ ياڃي ماني ! / اِتي ئي اَچي پورو ٿي ويو ٿُنهنجو پيار؟ / پيار مون لاءِ هوا پاڻي! / ياڃي مانيءَ کان سواءِ تون تہ وري بہ جيءِ سگهندين / هوا پاڻيءَ کان سواءِ مان تہ مري ئي ويندس.

(رچنا 139، جولاءِ - سيپٽمبر 2013)

سنڌي ادب ۾ ناري چيتنا جي ڳالهہ ڪنهن خاص ويچارڌارا کي ڪٽي ڪري ڪانہ ڪئي وئي آهي، پر عورت جي وجود، شخصي ياونائن، پريوار ۽ سماج لاءِ سندس ذميواريون ۽ جُڙاو، پُرش ۽ سماج سان مقابلو ڪندي پئدا ٿيندڙ مسئلن سان جوجهڻ لاءِ سندس اندروني شڪتيءَ جا اِظهار سنڌي ڪوتا ۾ ٿيندا رهيا آهن. اِن حوالي ۾ رشمي راماڻي ۽ وينا ڪرمچنداڻيءَ جي ڪوتائن جتي هڪ طرف پنهنجي گهر -

پريوار ڏانهن عورت جي، پيار جي هڪ سمرپت روپ سنڌي ڪوتا کي هِڪ سگهارو اِظهار - سُجاٽپ ڏئي اُن کي گريما بخشي، اُتي ئي، ٻئي طرف جيا جادواٽي، وينا شرنگي، شالني ساگر، موهني هگوراٽيءَ جي ڪوتائن ۾ اِستري - سنويدنا پيڙا کي سگهارو اِظهار مليو آهي.

(5) ڪوئي، جلدي ناهي مونکي ڪٽي وڃڻ جي / اِنتظار ۾ ناهي ڪنهن جي اَڇڻ جو / شاخ کان ٽٽل پن کي جيئن هوا وڻي ويندي آهي / ڪنهن بينام سفر تي / هلي ويندس مان ۾ ... / چاهيان ٿي مان ۾ / مُنهنجو ۾ وجود هُجي وڻ جي پڪل انب جيان / رس، سڳنڌ ۽ مٺاس سان ڀرپور / آزمودن جي تپش ۾ پڪجڻ ٿي چاهيان مان ۾ / سِڌي سرل لفظن کي / بدلڻ ٿي چاهيان ڪوتا ۾ / زندگيءَ جي اندروني آواز ۾ / ڪنهن روحاني سئر ۾.

(رشمي راماڻي، ڪونج مارچ - اپريل 2013)

کي وٽندڙ ڇهاءُ ماڪ جيان آلو ڪري ٿا ڇڏين وينا ڪرمچنداڻي جي چيتن من ۽ سنويدناتمڪ اظهار جا :

(6) هوا آزاد آهي ڪيتري / جتي ٿي چاهي هلي ٿي وڃي / نہ ڪا روڪ / نہ ٽوڪ / نہ ڪا بندش / پر جي آهي تہ ۾ سويڪار نہ ٿي ڪري / هوءَ هوا آهي ڇوڪري سويڪار / هوءَ هوا ٽيڻ چاهي ٿي پر ٿي نہ ٿي سگهي / ... هوءَ اِستري آهي / هوءَ هوا ناهي - هوءَ استري آهي.

(ii) رشتن جي گڻِت ها هي رشتو هي تہ هو جو پنهنجا هوندي مان هلي آيس تو وٽ / ٿُنهنجن پنهنجن وٽ ... / جو ٿُنهنجا پنهنجا بہ مُنهنجا ٿي ويا / پر منهنجا پنهنجا نہ ٿي سگهيا تنهنجا / تہ نقصان ۾ ڪيرُ رهيو / پاڻ کي گهٽو سمجهدار سمجهندو آهين ... / ڇا اِهو سچُ ناهي / تہ مان ئي رهيس فائدي ۾ / مون پنهنجي دنيا وڌائي آ /تنهنجي دنيا بہ پنهنجي بڻائي آ.

(وينا ڪرمچنداڻي - ڪونج - مارچ اپريل 2013)

ناري سمويدنا جي حوالي ۾ گذريل ڪُجهہ سالن دؤران سنڌي ڪوتا توڙي ڪهاڻيءَ ۾ ڪي پليزينٽ ۽ مئچيور اينٽريز ٿيون آهن - جڙ ريتيلي مئدان ۾ پٽڪندڙ خشڪ هوائن کي سبزگاه ملي ويو هجي - سنڌي ڪوتا ۾ جيا جادواڻيءَ جي چيتنا جي نئين زمين ڪُڇ اهڙو ئي احساس ڪرايو آهي :

(7)-(i) پڙهن بہ پڙ ٿا / نتيجو بہ ڪين ٿا پاڻ / منهنجين ديوارن تي نہ جاڙ ڇا ڇا لکي ويا ماڻهو (ii) هو هر پيري چڏي اچن ٿيون پنهنجو چهرو / اُنهن جي بستري تي / سجو ڏينهن گذارين ٿيون جنهن کي ڳولهڙ ۾ رات وجائي اَچن ٿيون.

(iii)جئن حاشيي تي لکون ٿا ڪي فالتو لفظ / ۽ ڪڏهن بہ نٿا پڙهون اُنهن کي / ائين هوءَ لکي ويئي ۽ نہ پڙهيو جنهن کي ڪنهن بہ / جڏهن تہ اُنهن کان شروع هو پورو هڪُ ڪتاب.

(پنهنجي ڳولها ۾ - جيا جادواڻي) ناري سنويدنا کي اِظهاري

ڏيندي وينا شرنگي ۽ شالني ساگر جي ڪوتائن ۾ اڄُ جي عورت جي انترمن جي پيڙا ڪُجھ اِن طرح اِظهارُ پاتو آهي :

(i) مان عورت آهيان / ها! عورت، اڄُ جي جديد دؤر جي عورت !! / پڙدي جي اوٽ کان ٻاهر/ پير پاتل عورت / مونکي مختلف نالن سان نوازيو پيو وجي / ... جڏهن چنچل شوخ حسينا مادِل گرل / تہ ڪڏهن خوبصورتيءَ جو مُجسمہ!! مون کا جاڻ آهي / اِهي حسين ۽ دلڪش نالا / پنهنجي آرزوئن ۽ خواهشن جي چند لمحن جي تسڪين لاءِ عورت جي حياداريءَ کي ، نظر - آتش ڪرڻ وارا اِرادا آهن.

(ii) مان گهاٽي وڻ جي ڇانو آهيان / هر راهي رهگذر لاءِ راحت آهيان / پر پوءِ بہ ... هرڪنهن منهنجا ڇوڏا لاٽا آهن.

(سنڌي نئين ڪوتا جي ائنٽالاجي - 2010 - وينا شرنگي)

شالني ساگر جو هيءُ اڇوتي اِظهار گهٽو ڪُجھ ڇئي ٿو وجي :

(i) مُنهنجي تِريءَ تي / ٻرندڙ ٽاندو رکي / يا پگهرجندڙ برف / ڪو بہ تاثير نہ ٿيندو / تِريءَ جي چمڙي تہ مري وئي آهي ... / رنج ۽ راحت جو ساڳيو ئي حشر آهي ... هر سنويدنا بي اثر / رهجي ويئي آهي هڪ درشٽيءَ / شانت ... خاموش، ترپت / يم درشٽي / ازخود اُتم - درشٽيءَ ۾ تبديل ٿيندي پيئي وجي. (سرحد جي آرپار - 2017)

ناري چيتنا جي هڪ اهڙي هي زمين تي وڻي ٿي هلي. اِنسينسٽو (Insensetive) دهليءَ جي سينسيٽو / سنويدشيل موهني هڱوراڻي جتي ڪليل آڪاش نظر ٿو اچي، نہ ڪا ڇت آهي، نہ ڪا ديوار، نہ ڪو پڙدو / بس هڪ منظر آهي جيڪو سنويدنشيل من جي انيوتيءَ ڇٽيو آهي :

(2) او نياڻي ! پاڪيزه / تون ڇو آئينءَ هتي / بدنام بستيءَ جي هن گندّ گهٽيءَ ۾ / ڇا ماءُ جون ڏنل اڳڙيون ڪافي نہ هيون / ماتيلي پيءُ جي اُگهاڙين اکين کان بچڻ لاءِ يا / وڪامجي ويئينءَ تون / ننڍڙن پيئرن ۾ پائرن جون زندگيون ناهڻ لاءِ ... / ڪُٻير جا اولاد / مُنهن منگيل مُلهه ڏيندا آهن ڪچي مڪڙيءَ کي مهڻ جو / ڪو فرق ناهي اُنهن لاءِ / جي. بي. رودِ هجي يا ڪماٹي پورا ... منجيت هجي يا مونا / مينا هجي يا امينا ... لگّن ۾ پوکيل ڪندن کي / سماج کي ڏنل سون کي / ڪيرُ چوي پليتا؟ / تون تہ آهين پکي پاڪيزه.

(موهني هڱوراڻي سنڌو جوت - انڪ 53)

اِنهن ڪوتائن ۾ اسان اڄ جي ياشا ۽ اُن جا ڪلاتمڪ اِظهار / پريوگ اسان انيو ڪندا پيا هلون. سنڌيءَ جون اهڙيون تمام گهٽ عورت ليکڪائون آهن جن جي سنويدنشيل قلم، ڪهاڻي هجي يا ڪوتا پنهنجي الڳ طرح جي سگهاري ڇاپ ڇڏي آهي مايا راهي اُنهن ۾ هڪ الڳ جاءِ والاريندڙ نالو آهي جنهنجي لفظن ۾ شهري زندگي ۽ عورت جهاتيون پائي گهٽو ڪُجهه چئي ويندا آهن :

توتي جڏهن پيار آيو / تنهنجا چپ هجڻ چاهيم / تہ اُتي اڳ ۾ ئي / ڪِن ٻين چپن جي هجڻ جو احساس ٿيو! / ٿابو کاڏمُ / هٿ وڌائي تنهنجو هٿُ پکڙڻ چاهيمُ / تہ اُتي اڳ ۾ ئي ڪنهن ٻئي جي هٿ جي هجڻ جو احساس ٿيم ... / تنهنجي نظرن سان پيار وندڻ چاهيم / تہ منهنجون نظرون / اڳ ۾ ئي ڪِن ٻين نظرن سان / اڻيل ڏٺم ! ... جيون ساڻي تہ تون مُنهنجو آهين .... ڄاڻ ناهي تنهنجون ٻيون ڪيتريون جيون ساڻي آهن !!!

(ii) گلا، شڪوه، شڪايت / اکين اُهو سپ ڪُجهه چيو / ٻڌندڙ نگاهن جو ڏيان / پر الائي ڪٿي هو !

ناري - چيتنا - سنويدن کي اظهارا ڏيڻ وارا ٻيا ٻہ گهڻيئي نالا آهن، سنڌي ڪوتا اُنهن جا لفظ حاصل ڪري پاڻ کي پريل - پريل پيئي محسوس ڪندي آهي - خاص ڪري ڪملا گوڪلاڻي، اِندرا پونا والا شبنم، گيتا بندراڻي، دروپدي ڏنواڻي، نادیا مسند، هرشا مولچنداڻي (شايد ٻيا ٻہ ڪيترا نالا هجن) سنڌي ڪوتا کي لاڳيتو پنهنجو آواز ڏيڻ ۾ اڳتي آهن.

ڪويءَ لاءِ ڪوتا جي پرڪرتي سياڻُ (Nature) کي سمجهڻ بيحد ضروري آهي خاص ڪري اڄوڪي وقت ۾ ٿيندڙ ڪوتا جو سياڻُ جڏهن زندگيءَ جا سمورا ماڻ ماپا بدليل آهن ۽ حالتن / مسئلن تي ويچار ڪرڻ جا نظريا ٻہ بلڪل بدلجي ويا آهن هونءَ ٻہ ڪوتا اندر جو وشيہ (Introvert) آهي، ڪوي جيستائين اندر جو سئر نہ ڪندو (داخليت) ٻاهرين چيزن کي

(خارجيت) خوبصورتيءَ سان اِظهاري نہ سگھندو. اندر جي کوٽ کوٽان ئي هڪ خوبصورت تخليق جي جنم جو بِج وجهي ٿي. اِنڪري ڪوتا جو چوڻ آهي تہ پلي ڪويءَ وٽ ڪوتا ڪرڻ جا ڪيترائي مؤضوع آهن ۽ ڪارڻ بہ، ضروري ناهي تہ هر وشيہ کي ڪوتا جو ويس پهرايو وجي يا اهڙي کا ڪوشش ڪئي وجي، جي ڪبي بہ تہ اُها قطعي اثر نہ ڇڏيندي. جيسيتائين پاو کي رچناتمڪ ۽ ڪلاتمڪ (زبان جو تخليقي اِستعمال، علامتون / پاشا پروگ) جو ٽچ نٿو ملي تہ اُها فقط چند ستون / لفظ يا لائينون ئي بڌجي رهجي ٿي وجي. جديد ڪوي ۽ جديد ڪوتا جي نقاد اِزراپائونڊ هڪڙي هنڌ ڪوتا جي فطرت جي باري ۾ سُهڻي ڊنگ سان سمجهائي ٿو : "ڪوتا تڏهن لکڻ کپي جڏهن اُها تمام ضروري هجي، جڏهن اُها شيءِ هڪُ اهڙو رِدمُ ناهي، جيڪو مؤجوده روايتي بحرن کان وڌيڪ حسين هجي، وڌيڪ حقيقي هجي ۽ جذبن جي وڌيڪ بهتر نموني ترجماني ڪري سگهي. اِن تعلق سان سنڌي ڪوتا وٽ جائز ڪارڻ آهي خوش ٿيڻ جو تہ هُن وٽ اهڙا بہ سنجيده ڪوي آهن، جيڪي هروپرو ڪوتا ڪونہ ڪندا آهن. ڪوتا ڪرڻ کان وڌيڪ اُن کي پڙهندا آهن، پرکيندا آهن ۽ جڏهن ڪوتا ڪندا آهن تہ اُها ڪڏهن 'منش نگري' ' اکر ڪٿا ڪڏهن رڻ پٽ ۾' نئين چيتنا جي تلاش پيئي ڏيڪندي آهي ۽ اُن جو پڙاڏو گونجندو آهي پوري آسمان ۾.

نامديو تاراچنداڻي سنڌي کهاڻي، ڪوتا، سميڪشا / آلوچنا جي هِڪ اهڙي برڪ سجاڻپ آهي جيڪو لفظن جي ڪفايتي اِستعمال ذريعي ڪراري چوٽ / وينگيہ / طنز ڪيئن ڪيو ويندو آهي، اِهو هُن صاحب ڪان سکڻ لاءِ ملي ٿو. هُن جي ٿُڙ ترين چيتنا جي زمين تي رچيل لنبي ڪوتا اڄ جي مذهبي رنگ ۾ رڱيل سياسي ماحول هڪ وقتائتي طنز / چوٽ آهي:

(i) مٿي / آسمان جي تارن جي هيرن مڙهيل چادر / رات پر چمڪي ... هيٺ / گل ۽ ڪنڊا پاڪُر پائي سُمهيل / ڪائنات جون جڙ / اکيون ٻوٽيل / دِشائون سڀ سنسان / ٻڌي ڪئي آ پاڻ ۾ / روشنيءَ انڌڪار سان / سنسار سارو / جڙ شانت ساگر ڪارو ... / هي رنگ اڇا ! تلڪ / ڏرم جي نشاني / مان اِهو سڀ ڇا ڄاڻان / مان هِت نئون آهيان / هن اَجنبي دنيا ۾ پهريون دفعو گهمڻ آيو آهيان / منُش نگري . !! (منش نگري - نامديو) نند جويري ڪويءَ جي درد پيڙا کي علامتي انداز ۾ اِظهاري سنڌي ڪوتا کي روحاني رنگ ۾ رڱيندي، پاو ۽ ڪلا پکش جي اونچاين تائين وٺي آيو آهي :

(2) طوطو لفظ رٽي / مرچ ڪمائي ٿو / حافظ پنن ۾ پيهي / پاڻُ پچائي ٿو / جڏهن اَرٿ / ارٿ هيڻ ٿي پوي ٿو / اِڪ اَرٿي شبد / بهو اَرٿ شبد ٿي پوي ٿو ... / مورت امورت ٿي پوي ٿي / اَپاتر سُپاتر ٿي پوي ٿو / جڏهن ارٿ ارٿ هيڻ ٿي پوي ٿو. /

(ii) جنهن باغ ۾ گلاب کي ڇُولهي / خوشبوءِ کي پنکڙين ۾ قيد ڪيو / جنهن اکر کي اکر سان آڻي / شاستر جو نرماڻ ڪيو / هو شاستري جنهن اڻ پڙهيل پنن کي پڙهي / پت تي ناچ نچيو هو / ستيم شِوم سُندرم جو پوجاري لطيف هو.

اِن سلسلي جي ڪڙيءَ ۾ ستيش روهڙا جي چنتن - منن واري شانت چيتنا جو هيءَ ڪوتائي اِظهار پانڪ جو ڏيان بربس پاڻ طرف کينچي ٿو وڃي - اڄ جي اِنساني سوچ تي ڪراري طنز چوٽ جو سهڻو بهترين اِظهار سنڌي ڪوتا کي هِڪ نئون سروڪار ڏئي ٿو :

(3) مونکي گيتا پسند آهي / گيتا پنهنجن کي مارڻ جي اِجازت ٿي ڏئي.../ مونکي قران پسند آهي / قران چئن شادين کي روان ٿو سمجهي ... / مون کي بائيبل به پسند آهي / بائيبل بي عزت ڪرڻ وارن کي معاف ڪرڻ جي صلاح ٿو ڏئي / گيتا مون ساڃي هٿ ۾ رکي آهي / ڏکُ ساڃي هٿ سان ٻڌبو آهي / قران منهنجي کابي هٿ ۾ آهي / زال کي کابي پاسي وهاربو آهي / ۽ بائيبل آهي منهنجي جُهڪيل سَرَ تي / باس اڳيان سر جهڪائي بيهڻ نوڪر جي فرض ادائي آهي.

تجزيو ۽ طنز (وشليشڻ ۽ وينگيم) سنڌيءَ جي برڪ ڪوي / نقاد / نثر نويس موهن گيهاڻيءَ جي قلم جو سياڻُ آهي (بي فطرت آهي) ۽ ڪيس پڪڙ به آهي پنهنجي وشيم تي. / سندس سُجاڳ من / چيتنا، اڄ جي اِنسان کي دٻاون، تناون،

پريشانين سان پريل زندگي جيئڻ جي پيل عادت کي - پنهنجي ئي انداز ۾ اظهار ڏنو آهي - انهن سيني شين لاءِ اڄ جي منش کي تيار رهڻ لاءِ چئي رهيو آهي موهن گيهاڻيءَ جو ڪوي :

4 (i) منهنجي پرورش / انترراشٽريه ڪمپنيءَ جي براند واري ڪير سان ٿي آهي / منهنجي شڪشا / تعليم جڏ ڪنهن دڪان جي ڪائونٽر جي سيلس مين پاران ڏنل جاڻ جي ڪئپسول سان ٿي آهي ... / منهنجي تربيت ڪِن فلمي ڊائلاگن / گيتن / هيرو - هيروئن ڪئي آهي / منهنجو چهرو اِشتهاري سونهن جي ساڏنن پاران تيار ڪيو ويو آهي.

(ii) مان / اڪيلو ئي اڪيلو هلندو رهيس / ڪُگن کان لڳاتار / تپسيا بعد ڀڳوان درشن ڏنو / گُهر جيڪي گُهرٽو اٿيئي - هِڪُ سُپنو.

(موهن گيهاڻي رڻ پٽ ۾)

پل - پل بدلجندڙ سماج - اِنسان ۽ هُن جي مزاج تي هڪ سچيت سنويدنشيل ڪوءَ جي اک برابر هوندي آهي. هريش ڪرمچنداڻي هندي - سنڌي ڪوتا جو سگهارو دستخط آهي. بدلجندڙ سماج ۽ اِنسان جي روپن ۽ وڪرتين ڏانهن هريش جو سنجيدا ۽ سهج قلم پوريءَ طرح سان سچيت آهي - هُن جو قلم سهج آهي سندس سياڻ جيان پر چوٽ سخت ڪندو آهي : جنهن ڪَالهه تي اَڄڻ ڪپندي هئي لڄ / وڃيون تاڙيون /

(5) ... مائيڪ تي ٽي وري پڏرائي / ور ور وڃايو تاڙيون / هن جو ڪنڈُ آ جهڪيل / ٻوٽيون اٽائين اکيون / ڪن ڪيا اٽائين بند / مطلب تہ بچيو اٽس شرم / اِهو ڪو نندو گناہ نہ آهي / سزا اِهائي آهي تہ هو ٻہ وڃائي تاڙيون / سزا اِهائي آهي تہ هو ٻہ وڃائي تاڙيون / ۽ هُن ٻہ وڃايون تاڙيون.

(هريش ڪرمچنداڻي ڪونج ، مارچ اَپريل 2013)

مان پهرين ٻہ ڇئي آيو آهيان تہ گذريل ڪُڇ سالن دؤران سنڌي ڪوتا ۽ ڪهاڻيءَ ۾ ڪي مئچيور ۽ پليزينٽ اينٽريز ٽيون آهن ۽ اِنهن سان سنڌي ڪوتا (۽ ڪهاڻيءَ) ڪي نوان عفق ملڻ جون سنڀاونائون پئدا ٽيون آهن - ڪوتا جي ساماجڪ چيتنا ۾ جڙ نئون ساه آيو آهي - اُنهن مان هڪُ سهج ۽ سڀاجهو چهرو آهي اروڙ ٻاٻاڻي - ٻاهران شانت ڏسڻ ۾ اَڇڻ واري چهرو آهي اروڙ ٻاٻاڻيءَ جو - هُن جي اندر ڪيترو گوڙ آهي - هُن جو اظهار بُڌائي رهيو آهي :

(6) مُنهنجي ٽيلهي ۾ گهڻا ئي ڪيسا آهن ... / جِن تي ننڍيون ڇٽڪيون لڳل آهن / هِڪُ وڏّ سِرو خانو سنڌيت جو آهي / جنهن ۾ عربي اِشارا ۽ نشانيون آهن / جيڪي منهنجي ننڍپڻ کي چُهن ٽيون ... / هِڪُ ٻيو وڏّو ڪيسو / اُنهن گهڻين ۽ گلين جو آهي / جتي مان هر روز پنڌ ڪندو آهيان / اُن جي لڳو لڳ هڪُ نندو خانو آهي / جنهن ۾ روز گڏجندڙ شخص / وزٽنگ ڪارڊس وانگر پيا آهن / ٻيو هڪڙو ڪيسو منهنجي اڏياتمڪ ڳولهائن سان پريل آهي ... / عجيب وَ غريب شيون

هِن ۾ پيل آهن / مُنهنجو ڪُٽنب / هِڪ سوڙهي ننڍي فولدر منجهه آهي /جيڪو هر آرتوار تي ڪڍي واپس وجهي ڇڏيندو آهيان / هِڪُ خُفيہ ڪيسو مُنهنجين ڪلپنائن، ڪوجنائن، ڪوتائن، ڪلاپن، مستين وغيره سان پريل آهي جنهن تي تالو لڳل آهي ... مان وقت بہ وقت اِن ٽيلهي جي صفائي ڪندو رهندو آهيان ... /

(اروڙ ٻاٻاڻي ڪوتائون 2014)

هاڻي هتي قلم پنهنجي ڳالهہ کي چورڻ وارو ڏيڻ ٿو چاهي هونءَ بہ ڪافي ڪُجهہ چئي چُڪو آهي پنهنجي ڳالهہ ڪندي، ائين تہ گهڻيئي ڪُڇ بچيو آهي، ڪوتا جو سياڻُ نِرنتر - لاڳيتو ٽيندو رهڻ آهي - ڪافي نالا آهن اجان بہ سنڌي ڪوتا کي پنهنجي قلم سان سُجاڻپ ڏئي رهيا آهن - ڪئلاش شاداب، مڪيش تلوڪاڻي، رتن آڏتاڻي، سريچند ڪيسواڻي - ڪيترا اجان ڪاغذ تي لهن ئي ڪونہ ٿا - ها هڪ ڳالهہ سنڌي ڪوتا کي پنڇ ٿي رهي آهي - ڪِن سگهارن دستخطن جو (ڪِن سببن / مجبورين ڪري) مؤن- اُنهن جي خاموشي - ائين چئون تہ ڪوتا کي اهڙن آوازن جو مؤن سُنو نہ لڳندو آهي - ڪوتا لاءِ، زندگيءَ لاءِ.

آخر ۾ بس ايترو چوندسُ ڪوتا جي اِظهار جا تهہ اوترا ، جيترا ڪيرُ (ڪوي من) کولي سگهي، جيئن من/ چيتن - اَچيتن ڪيترو بہ اندر وجون انت - نور نہ ملندو. زندگيءَ جي هر دؤر کي پنهنجي ڏڙڪن، پنهنجو سوچ، ماڻ - ماپا ۽

حدون. ڪوبہ فن - لطيف يا اُن جي ڪا صنف پنهنجي دؤر جي فني ۽ فِڪري روايت سان هلندي تہ جي سگهندي ۽ بهتر زندگي ماڻيندي. سنڌي ڪوتا جي هن سفر ۾ اسان ڏٺو تہ بنا ڪنهن وڇارڪ ٻنڌن جي هي الڳ- الڳ سياوَ ۽ سواد وارا ڪوي آهن - ساماجڪ چيتنا ۽ سروڪارن سان گڏ - دارشنڪ چنتن بہ ڏسڻ ۾ آيو پنهنجي پوري ياشائي ۽ ڪلاتمڪ خوبصورتيءَ سان ياشائي خوبصورت پريوگ ۽ استعمال جو ڪوتا آنند ورتو هوندو.

سنڌيءَ جي برڪ ڪوي / نقاد واسديو موهيءَ ڪوتا جي ڳالهہ ڪندي هِڪ هنڌ چيو آهي : " اڄُ جي سنڌي شاعري / ڪوتا جي سپ کان وڌي پونجي / جدا پونجي اُن جي ياشا ۽ ياشا جو تخليقي اِستعمال / پريوگ آهي. ياشا جو اهڙو اڇوتو پريوگ، ترقيبون، نوان مُهاورا، دل کي ڇُهندڙ تصويرڪشي (Poetic Pics) ... ۽ ٻيا بہ اهڙا گهڻيئي عنصر آهن جيڪي ڪالهوڪي ڪوتا / شاعريءَ ۾ مُشڪل ملندا هئا."

(جديد سنڌي ڪوتا - 2012)

اِتي هن سنڌيءَ جي برڪ نقاد / ڪوي / ناٽڪ ڪار / پريم پرڪاش تي پنهنجي هڪ وڪتويہ ۾ چيل ڳالهہ بہ سمجهہ ۾ اچي ٿي بجا طور تي..." سنڌي ڪوتا پنهنجو شراب ٻين پارتي ياشائن جي محفل ۾ سروَ (Serve) ڪري سگهجي ٿو"

پنهنجي دؤر ۽ وقت جي چئلينجس سان مقابلو ڪندڙ اِنهن ڪوتائن جو فلڪ حالانڪ جيترو بہ آهي، اُن ۾ نہ

صرف پنهنجي آس - پاس بلڪ پوري رفتار سان بدلجندڙ دنيا جو آلارام بہ ٻُڌڻ ۾ اچي ٿو - هيءُ تہ بس هڪُ ننڍو سفرُ آهي.

# نئين ڪوتا جي لئباڙي ٽيسٽينگ-هريش واسواڻي هڪ تجزيو

## لئباڙي ٽيسٽنگ جو ممڪن مطلب ۽ مقصد : هريش واسواڻيءَ جي فڪر جي آئيني ۾

ها،ڪوتا جيڪڏهن سچ پچ ايتري سولي هجي ها ۽ سولائيءَ سان سيني کي سمجهه ۾ اچي ها ته هريش واسواڻيءَ جهڙي سنڌيءَ جي نقاد - ڪويءَ کي 'نئين ڪوتا جي لئباڙي ٽيسٽنگ' نالي تنقيدي تجزيي جي شروعات انهن لفظن سان نه ڪرڻي پوي ها "ڪوتا جو چهرو معصوم آهي، شخصيت پيچيدهه" بن سِٽن کان پوءِ ئي هو چئي ٿو " اسين حيرت ۾ آهيون ته اُهو چا آهي جيڪو ڪوتا ۾ ڪوتا آهي. يا جيڪڏهن ڪجهه اهڙو آهي ئي ڪونه ته آخر (ڪاب) ڪوتا ڪيئن ڪوتا آهي؟ نقاد لاءِ اِهو انيوتيءَ کان وڌيڪ شبد جو سنڪٽ آهي." ڪوتا جي سياڻ کي سمجهائڻ وارين اِنهن سِٽن جو جيڪڏهن اسان تجزيوڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته هريش واسواڻيءَ جي فڪري اونچاين (خاص ڪري هتي ڪوتا جي حوالي ۾) سان روبرو ٿينداسين ۽ اسان کي اِتي هن ليباڙي ٽيسٽنگ جو مقصد به سمجهه ۾ اچي ويندو. باقي بي طرح بنيادي نقاد هئڻ جي ناتي، سو به نقاد ڪوي لاءِ ڪجهه فطرتي ۽ ظاهري طور تي ڪوتا لاءِ پيار ۽ ذميواريءَ جي احساس کي محسوس ڪندي ڪوتا کي پنهنجي عالماڻي

فڪر جو اسپرش ڏيڻ ۾ اُن فڪر جي روشنيءَ ۾ گفائن ۾ پٽڪندڙ ڪوتا ئي لاڙن  کي ٻاهر ڪيڻ لازمي ٿي پوي ٿو. اِن ساڳي ڳالهه کي نقاد آرٽيڪل ۾ درج پنهنجن اِنهن لفظن سان اِندورس (Endorse ) ڪيو آهي:

”جيڪڏهن ڪوتا دؤران پاڻڪ ساڳين ڪيفيتن مان نه ٿو گذري تہ هن جي بي حس رهجي وڃڻ جو امڪان آهي. مان جيڪر اِنهن ڪيفيتن مان گذري وڃڻ تائين پاڻ کي محدود رکان ها. پر ’نقاد‘ سڏجڻ جو منهنجو حرص شايد مونکان منهنجي سهجتا کسي وڃي.“ unquote

ڪوتا لاءِ اهڙي اگاڏ آسٿا، اهڙو پروسو اُن ڪويءَ کي ئي ٿي سگهي ٿو جيڪو ڪوتا ۾ عظيم انساني مُلهن کي ڏسڻ ٿو چاهي. ڪوتا هُن لاءِ محض شفد يا ويهي ننوليون ڪرڻ جو پارٽ ٽائيم ڪم ڪونهي. ڪوتا هُن لاءِ ساڏنا آهي. هڪ هٿيار آهي ماڻهو جي سوچ ۽ ذهن کي بدلڻ جو، هڪُ سمبلُ(power ) آهي. ڏکن سان پريل زندگيءَ جي تلخ حقيقتن سان مقابلو ڪرڻ جو ۽ مؤت کي مات ڏيڻ جو. نقاد- ڪوي هريش واسواڻيءَ جي اِن صِفت کي سندس ڏيءُ شيفالي واسديو ’رچنا‘ جي خصوصي هريش واسواڻي انڪ ۾ پنهنجي برنم اکين سان لکيل آرٽيڪل ۾ ڪجهه اِن طرح بيان ڪيو آهي: ”پنهنجي جيون ساڻِڻ جي بيماريءَ دؤران هُن هر طرح سان سندس سات نباهيو ۽ سچي ساٿيءَ جيان هُن جي سيوا ڪئي. هِڪُ در گذر ڪرڻ وارو دانشور موهه ۾

قاتل هڏ ڏوکي پتيءَ ۾ تبديل ٿي ويو هو. هُن ۾ اهڙي بدلاءَ مونکي حيرت انگيز ڪري ڇڏيو. پتنيءَ جي موت کان پوءِ جيڪڏهن هُن وٽ صحيح ۽ غلط جي صاف پرک نہ هجي ها تہ هو پاڻ کي ماري ڇڏي ها.“ unquote

جيستائين لئباٽري ٽيسٽنگ (سنڌي نئين ڪوتاجي) جو مطلب يا نقاد- ڪويءَ جي مُراد جو تعلق آهي تہ هُن جي پُنيان ڪويءَ جي اِن منشا تي ڪم ڪيو آهي تہ سنڌي ڪوتا جي پوٽينشل ۽ عالمي ستح جي ڪوتائي عنصرن کان سنڌي ادب خواه عالمي ادب جي عام پاڻڪ کي واقف ڪرائڻ ۽ اِهو ٻُڌائڻ تہ ڪوتا ڪنهن مخصوص پاشا ۾ هُجي، اُها هر پاشا جي ڪويءَ کي سمجهه ۾ ايندي آهي. ۽ ڪويءَ جي اِها منشا ظاهر ٿي آهي سندس اِنهن لفظن ۾ :- (Quote)

”بقول سپينش (Spanish) ڪوي ميڪيل ايرندس ڪوتا ڏند ۽ ٿُڪ جو معاملو نہ آهي، همٿ جو معاملو آهي. اِهو قول حرف بہ حرف جيڪڏهن ڪنهن زبان ۾ پوريءَ طرح بر ثواب ٿيو آهي تہ اُها سنڌي زبان ئي آهي. ادب ۾ اعبسردڻي جي وهنوارڪ عمل جو سنڌي ڪوتا هِڪُ بهترين مثال آهي.

باقي جيڪڏهن ڪيرُ اِن کي نفيع رُخ سان ٿو ڪٽي ۽ اِن تنقيدي تجزيي سان ڪنهن قسم جي نا اِتفاقي ٿو رکي، اِها ڪوتا کي سمجهڻ جي هُن جي پنهنجي صلاحيت ۽ قوط آهي. اِن باري ۾ ڪجهه وڌيڪ نہ ٿو چئي سگهجي ها ، هِڪ ڳالهہ شِدت سان ضرور محسوس ٿئي تہ اهڙي قسم جي

شعور ۽ فڪر جي روشنيءَ ۾ تحرير ٿيل اِن تصنيف جيڪا پنهنجي ڪوالٽيءَ ۾ عالمي سطح کي ڇُهي ٿي، اُن کي انگريزي يا هنديءَ ۾ شايع ٿيڻ جي ضرورت آهي. (جيڪڏهن هي آهي تہ شايد اِن جي جاڻ مونکي نہ آهي.)

**لئباٽري ٽيسٽنگ جو فائيل** :

هاڻي اچو تہ ڪوليون سنڌي نئين ڪوتا جي لئباٽري ٽيسٽنگ دؤران نقاد-ڪويءَ طرفان ڪيل جاچنائن جو فائيل ۽ ڏسون تہ هُن پنهنجي عالمي فڪر جي روشنيءَ ۾ سنڌي ڪوتا کي پنهنجي سوچ جو حسن بخشندي ڪٿي ۽ ڪيئن بيهاريو آهي. هِن لئباٽري ٽيسٽنگ يعنيٰ تنقيدي تجزيي لاءِ نقاد هريش واسواڻيءَ زندگيءَ ڏانهن هڪ ٻئي کان بنهہ مختلف سوچ رکندڙ ڊفرنٽ مائينڈ سيٽ وارن سنڌيءَ جي ٻين قداور ڪوين جي ڪوتائن جي مجموعن کي سليڪٽ ڪيو آهي. - ( 1 ) بيمار پيڙهي (آنند ڪيماڻي)، (2) تضاد- ۱۹۷۵ (واسديو موهي)، (3) ڳرندڙ برف جا نقش (ايم ڪمل) ۽ (4) جهاز جي ڊيڪ تي (موهن ڪلپنا). هڪ ڳالهہ هِتي واضح ڪرڻ جي ضرورت آهي ، حالانڪ ڪوتا کي سمجهڻ جي خيال کان ايتري سمجهہ جي توقع تہ ڪري سگهجي ٿي پر وري بہ ڪنهن بہ ڪوي/ پانڪ کي هريش واسواڻيءَ جو هيءُ تنقيدي تجزيو پڙهندي يا ڪندي وقت پنهنجي سوچ کي پوريءَ طرح سان رئشنل بڻائيندي ويڪرو(Broad) بہ ڪرڻو

آهي ۽ ڪوتا جي سطح تائين اُٽڪو آهي. ڪوي مخصوص جي ڪوتا تي هِتي ڏنل جاچنائن ۽ وئليو/ باٽم لائين اِسٽيٽمينٽس (value/bottom line statments) کي پڙهي ڪري کي پاڻڪ/ ڪوي، نقاد سان نااِتفاق ۽ نا مطمينت ۾ ٿي سگهن ٿا. (ٿي سگهي ٿو کي نراش ۾ ٿين). اِهو اُنهن جي پنهنجي سوچ ۽ سمجهه جو دائرو ٿي سگهي ٿو. پر هتي ڏنل جاچنائون ڪوتا ۽ فقط ڪوتا سان ئي تعلق رکن ٿيون. هِن تجزيي ۾ صرف ڪوتا جي ڳالهه ڪيل آهي نه ڪنهن ڪويءَ جي باري ۾. جئن ته پيپر جو دائرو قدر شناسيءَ تائين محدود آهي حالانڪ ٽيسٽنگ هيٺ آيل ڪوتا جا ڪيترا پهلو ويچار ۽ بحث جو مؤضوع بڻجي سگهن ٿا.

'نقاد'، ڪوتائن جا وشيہ، اُنهن سان ٽيل نباه ۽ پاشا ٽنهي کي تجزيي ۾ لڳ ڀڳ گڏ ئي ڪٽي هليو آهي. اِن متعلق سندس چوڻ آهي ته "سنڌيءَ ۾ نئين ڪوتا جو جيترو وستار آهي، اُن کي ڏسندي، اُنجي وڌيڪ خانابنديءَ تي مون توج ڪونہ ڏني آهي. مزاج ۽ لهجي جا ڪُجهه فرق آهن پر آڏار يومي لڳ ڀڳ ساڳي آهي.unquote

"هن لئباٽري ٽيسٽنگ (تنقيدي تجزيي) کي پڙهندي وقت جيڪا سي کان اهم ۽ قابل-غور ڳالهه نظر ٿي اَچي، سا آهي نقاد جو ڪويءَ ۽ ڪوتا لاءِ شروعات کان ئي هِڪ پازٽو ائٽيٽيوڊ (positive attitude) شفيح رُخ، ۽ اِها ڳالهه پاڻڪ / ڪويءَ کي هِن تجزيي ذريعي ڪوتا کي سمجهڻ ۾ مدد

ڪري ٿي. ڪنهن بہ ڪويءَ/ رچناڪار جي پوئٽڪ پوٽينشل ۽ اسڪلس (poetic potencial skills) کي جاچڻ لاءِ اِها هڪ وڏي نقاد جي نشاني آهي ۽ لاشڪ هُن جي اندر مؤجود پوئٽڪ ائڪسيلنس (Poetic excellence) جي پڻ. ’بيمار پيڙهي‘ ڪوتائن جي مجموعي جو تجزيو ڪندي جڏهن نقاد اِهو چوڻ لاءِ مجبور ٿو ٿئي تہ هيءُ ڪوتائون هِڪ نفيع قوطن (Negative capabilities) جي رچناڪار جي روپ ۾ سنڌي ڪوتا / ادب کي هڪ دين آهي ۽ سندس اُلٿ ڪوتائن جي ذوق ۾ هڪ ٻئي قِسم جو نفيپڻو لڪل آهي ۽ اِها سندس قوط آهي“ تہ هو سِڌو سنئو سنڌي ڪوتا جي هِڪ الڳ(منفرد) قِسم جي سگهہ کي اندرلائين ٿو ڪري. ساڳئي ئي وقت ’مان بيمار پيڙهيءَ جو فرد آهيان‘ عنوان ڪوتا جي پاو پوميءَ کي سمجهائيندي جڏهن هو چئي ٿو: ”ڪوتا جي ڪٽيہ حدن کان پيڙجي ڪجهہ ’درشيہ‘ جوڙڻ جي تجرباتي مجبوري بہ سمجهہ ۾ اچي ٿي پر ڪوتا سان ’ارٿ ڪوش‘ ڏيڻ ڪوتا جي منهن تي چماٽ آهي“ . اِها تکي وئليو اِسٽيٽمينٽ (value statement) نہ فقط ڪوي مخصوص لاءِ بلڪ پوري ڪوي برادريءَ لاءِ خاص ڪري جيڪي ڪوتا جي نالي ۾ بيان ڏيڻ کان باز نہ ايندا آهن، هِڪ سڌي سنئي سچوٽ سمجهاڻي آهي تہ ٻيلي ڪوتا پنهنجي سياءَ ۾ واڪي ئي ڪوتا آهي، تہ اُها پاڻيهي ڳالهائيندي، ڪويءَ کي ڳالهائڻ جي گُنجائش ئي ڪانہ ڇڏيندي. ساڳي ڪوتا نسبت هُن لفظن

جي ڪفايتي استعمال ۽ اُنهن کي سوچي سمجهي خرچ ڪرڻ تي ٻه زور ڏنو آهي "فقط 'بيهودگي' لفظ لکي هُن ڪوتا کي صحيح جڳهه کان الڳ بي پرده ڪري ڇڏيو. " ڪويءَ جي سياڻ کي سمجهندي ڪوتا ۾ لفظن جي اِستعمال متعلق نقاد جي ڏنل سمجهاڻيءَ کي ٻه ڏيان سان سمجهون quote "جيتوڻيڪ ذاتي انيوتيءَ جو وروڌ ئي ڪوتا جو مؤضوع آهي پر لفظن جي semantic fixation جي ڪري ڪوتا پنهنجي بي ڏار کان محروم رهجي ٿي وڃي، ارٿ جون ڪي ضربون ٻه آهن، اِنڪري ڪوتائون هِڪ کان وڌيڪ سطحن تي ٻه يڪ سطحي رهجي ٿيون وڃن." ۽ ساڳئي وقت هو ڪويءَ کي 'ڏُهراڻ' جي نيرس پرڪريا کان بچڻ جي هِدايت ٻه ڪندو ٿو هلي.

ڪروڊ ٿي(crudity) سياوڪ طرح ڪوي ۽ ڪوتا لاءِ هونءَ ئي هِڪُ نفيع پهلو آهي. پنهنجي اِن سياڻ کان ٻاهر هر ڪويءَ کي ساوڏان رهڻو آهي. نقاد اِن ڳالهه کي اندرلائين ڪندي چئي ٿو " سندس رچنائن ۾ آتم پوڌ crude نموني سان اُپريو آهي، اُنجي موثر هئڻ جو ڪارڻ ٻه اِها crudity آهي. سندس انفراديت لفظن جي ڏُئاران منطقي سوچ تي گهاتڪ حملا ڪري ٻوڌڪ فساد پئدا ڪرڻ ۾ لڪيل آهي ( رچنائون ١٦، ٣١، ٣۴ پر هو ساوڏان ڪلاڪار نه آهي." نقاد جي اِها باٿم لائين استيٽمينٽ ڪويءَ/ پائڪ کي اِهو سمجهائڻ جي ڪوشش آهي ته ڪوتا ۾ وقت جي اجائي گدڙ (ڪولاهل) ۽

ڪوءَ جي اندر هلندڙ ڪولاهل جو بيان، ڪوتا جي انڌيري پکش جو چترڻ آهي ۽ زندگيءَ کان الوداع جو سنکيت) جڏهنڪ ڪوتا پنهنجو پاڻ ۾ روشنيءَ طرف وک وڌائڻ آهي، سهمتي ۽ زندگيءَ کي گڏ ڪڻي هلڻ آهي. نقادُ ڪوءَ طرفان اِستعمال ڪيل پاشا جي Assertive power جو ذڪر ڪندي جڏهن چئي ٿو " ...ڏماڪائي اثر پئدا ڪرڻ جو سندس شوق هر هنڌ موزون بڻجي نہ سگهيو آهي." اِن جو صاف مطلب اِهو آهي تہ ڪوتا ۾ لفظن يا نشانين جو گهڻو تڻو اِستعمال ڪوتا جي صيحت لاءِ نيڪ نہ آهي . ( words doesn't work always) باوجود اِن جي، نقادُ ڪوي ۽ ڪوتا ڏانهن پوريءَ طرح سان شفيع رُخ ڪڻي هلي ٿو ۽ ڪوءَ جي ڪوتا اندر مؤجود نفيع توڙي شفيع عنصرن جي تنقيدي تجزيي بعد آخر ۾ پنهنجي منصفانہ ڪٽ ۾ چئي ٿو! "پر تنهن هوندي بہ هُن جون ڪي رچنائون گهرو اثر ڇڏين ٿيون (۱۲،۱۸ ۲۰ ،۳۶، ۴۴ وغيره)." ۽ نقاد اُهو بہ تسليم ٿو ڪري تہ هو هڪ دائري جي نفيع قوطن جو ڪوي آهي.

لئباڻري ٿيستنگ جڏهن پنهنجي ٻئين مرحلي ۾ پهچي ٿي تہ ڏسون ٿا تہ نقاد ٿورو وڌيڪ مٿي اوچائيءَ تي وڃي وينو آهي جتان ڪيس ڪافي ڪجهہ صاف نظر اچي رهيو آهي ۽ ڪوتا کي ماپڻ تورڻ جا ٻيا بہ ڪي ماڻ ماپ پنهنجي فڪري پندار مان ڪڍي باهر رکيا اَٿس. ٿيستنگ لاءِ سليڪٽ ڪيل ڪوتائن جي ٻئين مجموعي جو تنقيدي

تجزيو ڪرڻ بعد شروعاتي سِٽن ۾ ئي درج وئليو اِستيٽمينٽ ”تضاد (1985) مان سنڌي نئين ڪوتا اڳتي صفر ڏانهن سُري ٿي ۽ فن جي سطح تي اُن جون ڪي حاصلاتون / مريادا.ون وڌيڪ واضح ٿين ٿيون “ اِها عالمي فڪر رکندڙ نقاد ڪوئ جي سوڪيم/ سهجتا کي انڊرلائين ٿي ڪري. اِها نقاد جي گڏ سرشٽي ئي آهي جيڪا پري کان ئي يڪدم ڪوتائي تاثُر کي جهٽي ٿي وڃي..”شاعر جا ڪي مختلف، ڪنهن حد تائين آتم وروڌي پهلو پاڻ ۾ جذب ٿي قصادي نموني ڪوتائن ۾ اُيرن ٿا. جيتوڻيڪ مجموعي ۾ ڪا رٽا ڪونهي تہ بہ ڪوئ جي رچنا پرڪريا جا الڳ الڳ درجا محصوصي سگهجن ٿا ۽ پرڪريا مان آڪار پائيندڙ هِڪ شاعر کي ڏسي سگهجي ٿو.“
unquote

”ڪوتا بنيادي طور تي رومانٽڪ وڌا آهي ۽ جڏهن اُن کي ڪلاسيڪل سڃ ملي ٿو اُها ويتر نڪري ٿي پر جيستائين اُن کي يٿارٽ جي خوبصورتي نہ ٿي ملي اُها پنهنجو ڪوتائي اثر پوريءَ طرح ڇڏڻ ۾ پاڻ کي لاچار محصوص ٿي ڪري. ڇو جو ’تضاد‘ مجموعي جو ڪوي مڪيہ طرح سان غزل ۽ نظم جو شاعر آهي تنهن ڪري ائين لڳي ٿو تہ نقاد ڪوئ جي رچنا پرڪريا جو بيحد باريڪيءَ سان تجزيو ڪيو آهي ۽ ڪوتائي تاثر کي جهڪو ڪندڙ يا هاجي رسائيندڙ ايليمينٽس elements کي انڊرلائين ڪيو آهي: quote سندس ڪِن ڪوتائن ۾ جذبات وروڌي جذبات جي پلٽ ملي ٿي

سندس ڪوتائن ۾ مؤجود يٿارٽ-ٻوڌ جي رسمي پڪڙ ڪان هو پوريءَ طرح سان مڪت نہ ٿي سگھيو آهي.
يٿارٽ جي بي پناه پيچيدگين ۾ هُن جي اُلجھاو جي گتي ڏاڍي ڏيمي آهي
باريڪ فڪر جھڙي چيز ۾ ڪويءَ درج ۾ درج حاصل ڪئي آهي.
”يٿارٽ جو ڪويءَ وٽ جيڪو انپو - اعتقاد آهي، حالانڪ اُهو هڪ الڳ تاثر جي روپ نمايا ٿيو آهي پر منتسطقي سوچ هيٺ جي ڪري اُهي ڪوتائون هِڪ دٻيل سُجاڳ ۽ آڪروش جون تِراڪڙيون ڪوتائون بڻجي وڃن ٿيون ۽ موٽ ۾ اُنهن مان جيڪا سماجي چيتنا پئدا ٿئي ٿي تنهن ۾ انفرادي فڪر لاءِ ڪو اِسڪوپ نہ ٿو رهي.“ unquote

تنهن هوندي ۾ نقاد ڪوي ۽ ڪوتا ڏانهن پوريءَ طرح سان آشوست آهي ۽ پنهنجي ڳالھ ڪي بيحد هوشياريءَ سان سميٽي ٿووني... ”اهڙين ڪوتائن ڪي مون ڪويءَ جي شاعراڻي اوسر جو حصو مڃيو آهي، ڏيري ڏيري سندس اِهو سماج ٻوڌ نيتي ٻوڌ جي شِڪل ٿو ونې. اِن بعد هو مُڪت قدرن (value tree) واري ذهنيت ڏانهن مُڙي ٿو.“unquote
نقاد ڪوتا ۾ پاشا جي اِستعمال ۾ ساوڏانيءَ جي اهميت ڪي سمجھائڻ لاءِ مجموعي جي ڪن ڪوتائن (منسٽر ڏانهن مخاطب ،مينيفيسٽو، آزاديءَ ڏانهن هلندي وغيره) ۾ ڪويءَ طرفان يوز ڪيل ايسرشن پاور (asseration power) تشبيهن،

undertanc النکار، قاما ، قل اِستاپ ۽ ٻين نشانين کي اندرلائين ڪري اهو ٻُڌايو آهي تہ اِنهن جي اِستعمال جي پوري جاڻ نہ هئڻ جي استتيءَ ۾ ڪوتا جي ياو يومي ڪيتري قدر متاثر ٿئي ٿي. اِن متعلق هوپنهنجي وئليو اِستيمينٽ ۾ چئي ٿو! "واڌو النکارتا جي ڪري ڪيئن ڪوتا چئي ٻہ نہ چوڻ جي لائق ٿي رهي، هيءُ ڪوتائون اُنجو هِڪ مثال آهن." unquote

اِن مجموعي جي ڪوتائن ۾ پنهنجي سموريت ۾ نقاد کي هڪُ 'تضاد' ٿو نظر اچي. تجزيي جي آخر ۾ پنهنجي منصفانہ ڪٽ ۾ value judgement چئي ٿو: آخرين ڪوتا ۾ وري هِڪ دفعو هُن جي ڪويءَ سان ملاقات ٿئي ٿي، عام اِنسان جي پرتيڪ جي روپ ۾ جيڪو منهنجي نگاهہ ۾ڪوتائن جو انتر پرواه (अंतरप्रवाह) آهي. پر 'تضاد' جي آڌار تي ڪويءَ جي اندر جي ڪويءَ جي "سموريت" کي پرکڻ خود ۾ هِڪ تنقيدي تضاد ٿيندو شايد." unquote

هاڻي جڏهن جديد دؤر/زندگيءَ ۾ رسُ رهيو ڪونهي تہ اهڙي ڪا شيءَ ڪٽان ڪٽي اچبي جيڪا پانڪ کي پاڻ سان گڏ وهاري ؟ رسُ استتيءَ ۾ ئي هوندو آهي.، ڪٽي ٻاهر نہ. پر ڪوتا جو، يا ساهت جو چئلينج ٻہ اِهو ئي آهي. اِها ريت مان ٻہ تيل ڪيڻ جي ڪلا آهي. ڪجهہ اهڙن ئي ماڻن-ماپن کي پنهنجي سامهون رکي نقاد-ڪوي مفڪر هريش واسواڻي لئباڙي ٽيسٽنگ جي اِسڪئنگ لاءِ ڪوتائن جو ٽيون

مجموعو هٿ ۾ ٿو کٽي ته ’ ڳرندڙ برف جا نقش‘ (ايم کمل) هن جي ذهن تي ڪُجهه ان طرح چانئجي ٿا وڃن جو پنهنجي وئليو اِسٽيٽمينٽ ۾ هو قبولي ٿو”Q “ ”ايم کمل ۽ ڪِن ٻين شاعرن جو نئين ڪوتا کي اپنائڻ هِڪ ئي وقت نئين ڪوتا جي صداقت جو ثبوت ۽ تواريخي ضرورت جي پوئواري آهي. موضوعاتي ماندراڻ جي خيال کان، سنڌيءَ ۾ نواڻ جو جيڪو ڇٽو - اڻ ڇٽو خاڪو ٿهيو آهي.ڪوي ايم.ڪمل اُن جي ڪافي نزديڪ ٿو اَچي شاعر ته هو آهي ئي جڏهن نئين ڪوتا لکي ٿو تڏهن سندس رچناڪار هر وقت صحيح مقام تي آهي.“unquote

سنڌي نئين ڪوتا لاءِ لاشڪ اِها سيليبريشن جي مومينٽ آهي. پر گڏ ئي مؤجوده خواه ايندڙ پيڙهيءَ جي قطار (جيڪا به آهي) لاءِ هِڪ ذميواريءَ پرئي دؤر جو احساس ۽ آگاز پڻ . مجموعي جي ڪوتائن ۾ (sadism، انتخاب جي جرئيت، صلاح، هري راما هري ڪرشنا، ديوار وغيره )اِها ڳالهه ته ظاهر ٿي بيٺي آهي ته ڪويءَ جي زندگيءَ جي مختلف روپن ۽ حقيقتن سان مُلاقات تلخ رهي آهي. زندگي ته پوءِ به زندگي ئي آهي. پنهنجي ڏررِي تي ئي هلندي آهي ۽ اُن کي هلندو رهڻو آهي حالتن مطابق حالتون ڪٽي ڪيتريون به مشڪل، ڏکيون هُجن، باوجود اِنجي جيئڻ جو جذبو ڪنهن نه ڪنهن سيني ۾ هوندو ئي آهي، اِن جذبي کي ملهائڻ ئي ڪويءَ جو ڪرمُ آهي.۽ اِهو ڪمُ ڪيئن ڪرڻو آهي، اِن ۾

ئي ڪوءَ جو اِمتحان آهي. ڪجھ اھڙُو ئي فڪر (جيڪڏھن مان صحيح آهيان) نقاد جي ذهن ۾ مجموعي جي ڪوتاعن جو تجزيو ڪندي وقت ولوڙوجندو ٿو نظر اچي جڏھن هو چئي ٿو: "Q"

" ڀَرندڙ برف مان مونکي اُهي ڪي نقش مِليا آهن جن ۾ ڪافي ڳُوڙو ياو سنسار آهي. اوتروئي ڀيڪيدار بہ. اسھمتيءَ لاءِ گنجائش ڪونهي پر ڪوتا هِڪ وڏّي سچ کي ٻڌائي ڪنهن کي متاثر ڪرڻ يا سياڻو ٻڌائڻ جو واهڻ نہ آهي. ڪوتائي انيو (अनुभव) من جڳت ۾ ٽيندڙ هِڪ حادثي جيان آهي. حادثي لاءِ اُن کي مُوو (Move) ڪرڻ کپي. اُها ڪڏھن ڪيئن ٽي موُو ڪري اِن جو ڪو فارمولو ڪونهي."unquote

ڪوءَ جي ڪوتا چوڻ جي ڏانو تي هو ڪيفيت ڪندو چئي ٿو: (Q) " گھٽو ڪري سندس ڪوتائن مٽان عاقلانہ ڳُڙھاٽپ ڄانيل آهي پر اُن جو شِلپ اُن کان الڳ ٽي بينو آهي. جِتي هُن ڪوتائن کي خود چوڻ جي ڪجھ آزادي ڏني آهي. ۽ جتي احساسي عنصر النکارک ٻوجھ کان بچي نڪتو آهي،اُتي سندس الڳ هي چهرو اُپريو آهي."(Q) مطلب صاف آهي تہ ڪوتا کي النکار جي کا هرويرو ضرورت ڪونهي. ڪوتا ۾ بوريت اُتان شروع ٿئي ٽي جتي اُها گھٽو ذهين تمام حلقي يا وري ضرورت کان وڌيڪ ساج سينگھار جو شڪار ٿئي ٽي. (هڪ روپ آهيان، ۽ ٻين ڪوتائن جي حوالي ۾)

ڪوءَ جي ياشا ۽ شِلپ تي نقاد جي هن تبصري تي ٻه مان سمجهان ٿو ڪوتا ڪرڻ وارن ڪوين کي خاص طور سان غور ڪرڻ جي ضرورت آهي: (Q) تصوري لاجڪ جي چڙواڳي، متضاد ، تشبيهون، مناسب چيدن جي ورچ جي ڪمي، ڊڪشن(Diction) تي روايتي اثر، گڏجي ڪوءَ جي ڪوتائن ۾ شِلپ جي تراش جي هڪ وڏي ضرورت محسوس ڪرائين ٿا.“unquote ڪوءَ جي فخر صلاحيت تي اهڙي قسم جي ڪريڪشن ۾ اِهو سمجهائڻ جي ڪوشش آهي ته ڪوتا کا ماڻا پچيءَ جي چيز ڪونهي، ڪوتا کي ڪوتا رهڻ ڏيڻ ۾ ئي ڪوتا جي خوشي سمايل آهي. سموريت ۾، مجموعي ۾ شامل ڪوتائن تي ڏنل پنهنجي ڪُل تاثر over) all impression) ۾ نقادُ، مؤجوده خواه نيڪسٽ لائين کي (سنڌي نئين ڪوتا جي) ڪوتا جي سياڻُ ۽ رچنا پرڪريا سان جڙيل مِٿس (myths) ۽ پرمن کان آگاه ٿو ڪري ”خوشنصيبا، نئين ڪوءَ جي روپ ۾ڪوءَ جي هن انتخاب (مجموعي) کان پوءِ هِڪ اوسر (Growth) ٿي آهي جنهنکي لکير هيٺ آڻڻ جو هِتي اِسڪوپ ڪونهي. پر اِهو مجموعو هِڪ اوستا مان ٻي اوستا ۾ روپانتر/ ٽرانسفارم ٿيڻ جي پرڪريا آهي جنهن مان کي خطرا پڻ نمودار ٿين ٿا.“unquote

اِن ۾ ڪو شڪُ ڪونهي ته ڪوءَ سان گڏ پانڪ جي سوچ ٻه جديد ٿي آهي. حالانڪ ڪوءَ جي حد تائين ڪونهي، پر تنهن هوندي ٻه هُن جون ڪوتائي تقاضائون اُن معنيٰ ۾

جديد بڌجي وئي آهي. ها، لڳي ٿو نقاد کوي لئباڻري ٽيسٽنگ جي چوٽين ۽ آخري مرحلي تائين پهچندي ۽ جهاز جي ڊيڪ تي چڙهڻ کان اڳُ ماڻن ماپن ۽ کسوٽين جا کجهه وڌيڪ ئي تکا ۽ تيز (فکري) اؤزار جهلي بينو آهي. (هونءَ به موهن کي هر دؤر ۾...) ڳرندڙ برف جا نقش جي کوتائن جو تجزيو کندي جيکا ڳالهه نقاد سمجهائڻ پئي چاهي تنهن کي هتي پنهنجي تجزيي جي شروعاتي تاثُر ۾ وڌيڪ کولي ٿو سمجهائي: quote

'جهاز جي ڊيڪ تي' جي کن کوتائن ۾ کي اهڙا اُهجاڻ آهن جيکي اڳتي هلي نئين کوتا جي مؤثر وصف جو روپ ٿا ونن. اِنهن کوتائن ۾ - دل جو دؤر، اِنسنٽو کيئر يونٽ، آزادي امرجينسي، گوئا ستياگره وغيره)

-جذباتديت جي باوجود اُن کان مکت ٽيڻ جو سنگهرش آهي.

-عاقلانہ اِشارا آهن پر عقُل پرستي کونهي.

- سماجي بد اِنتظامي خلاف باغي روش آهي پر اُنهن مان کو نهيل- -نکيل خيالي وهکرو نہ ٿو جُڙي.

-سروکار آهي پر اُهو اِنساپرستيءَ جي هِپوکريسيءَ ۾ کونہ ٿو بدلجي.

-شخصي، انيو اِستٽيون آهن پر اُن جو کو منتق کونهي."

unquote

نقاد جون اِهي جاچنائون جِتي هک طرف سنڌي نئين کوتا جي هِک پختہ شِکِل اختيار کندڙ سفر ڏانهن اِشارو کن ٽيون، ساڳئي ئي وقت کوتا ۾ جذباديت ۽ عقل جي دخل

کي غير ضروري قرار ڏيندي ڪوتا جي سياڻ کي سمجهائڻ جي سڀاجهي ڪوشش آهي. نقاد ڪوتائن ۾ پکڙيل مؤضوعن ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي اِن ڳالهه کي به اندرلائين ٿو ڪري ته ڪوئ لاءِ نه فقط پنهنجي آس پاس سُجاڳيءَ جي ضرورت آهي بلڪ سموري دنيا اندر ٿيندڙ هلچل ۽ اهم گهٽنائن جي اپ - ڊيٽ به لازمي آهي: (Q) ”ڪوبه مؤضوع ڪوتائي مؤ وضوع آهي ڪوئ جي ڪئنواس مان اِها ڳالهه چٽي ٿي اُپري ٿي. ايترو جنرل ناليج هُئڻ (ڪوتائن ۾ آيل مؤضوعن جي حوالي ۾) ڪوتائن لاءِ ضروري آهي ئي. اِن مان هِڪ طرف اُهومائول خلقجي ٿو جنهن سان همعصر اِنسان مقابل آهي، ٻئي طرف اُهو ڪوتائن جي جامع سِمتن لاءِ هڪ وڏي پٺ ثابت ٿئي ٿو.“ (U Q) ڪوئ جا سياوڪ وڇارڪ انڌر-وروڌ (تضاد) به ڪوتا جي صيحت لاءِ ڏيڪ ناهن. اِن متعلق نقاد جي اِن آبزرويشن تي به غور ڪندا هلون: (Q) ”ڪوئ سان تڪليف اِها آهي ته هو ساڳئي هنڌ مختلف نه ٿي، الڳ الڳ هنڌن تي مختلف آهي، اِن حد تائين جو ڪوي split personality جو مؤزون مادل ٿو لڳي. ڪوئ ۾هر ننڍي وڏي تفصيل ۾ جيڪي تضاد بکري پيا آهن، اُنهن جو ڇا ڪجي؟ اِهي لِکل به ڪونه رهندا ۽ اِنهن سان ناه به نه ٿو ڪري سگهجي“. (U Q)

(’نئون اِتهاس‘، ’مؤت سان ڳالهه ٻولهه‘، اُگهاڙي تهذيب وغيره) ڪوتائن جو چيد ڪندي نقاد جڏهن ڪوئ جي

شعوري ۾ ٻين تضادن جي ڳالھ ڪري ٿو ۽ سندس واتان ’لاحؤل‘ ۽ ’خدا خدا‘ نڪري ٿو وڃي ۽ ائين چئي ٿو وهي تہ ھڪ ڪوتا کي ڇڏي سيني ڪوتائن ۾ غير سنجيدگي ۽ بي تڪي لڇلجا هٿ آهي. اِن جو مطلب ائين نہ ڪيڄي تہ ڪو نقاد اِنهن ڪوتائن کي سري سان خارج ڪري ڇڏيو آهي. اِها ھڪ سنجيده ڪوي ۽ ڪوتا لاءِ ڪوتا کي سمجھڻ واري ڪويءَ جي پيڙا آهي. ڪويءَ جي فني پھلُن تي نقاد پنهنجي تاثر ۾ چئي ٿو: (Q) ”بولیءَ جي لحاج کان هُن کي تجزيا ڪونہ ڪيا آهن، اُها نظماڻي نثرواري بولي آهي.“ شام ڏسجي ڪنهن جڳھ آئي صُبح.“ اِها سِٽ سندس سڃي شاعراڻي سرمايي جو آئينو آهي ۽ کي سِٽون جيترو ارٿوان ۽ ڪلاتمڪ آهن، اوترو ارٿوان ۽ ڪلاتمڪ پوري ڪوتا ڪونہ آهي.“ ۽ ٿوري دير کان پوءِ ئي پنهنجي تجزيي ۾ آخرين لفظ درج ڪندو چئي ٿو: ”لڳي ٿو پھرئين ئي ڏھاکي ۾ ڪيس منزل مِلي وئي هئي ۽ باقي ٻِن ڏھاکن ۾ بہ هُن پنهنجو احڪام قائم رکيو، جيتوڻيڪ اِهو ئي عرصو نئين ڪوتا لاءِ اهم ترين وقت رهيو آهي.“ U Q

هِن لئباڻري ٽيسٽنگ جو تجزيو ڪندي هِڪ ڳالھ هِن ناشناس تجزياڪار کي سمجھ ۾ ضرور آئي آهي تہ ڪويءَ وانگر جيئڻ بيحد ڏکيو آهي. پر جيستائين توهان ڪويءَ وانگر نٿا جيئو، تيستائين، معاف ڪجو ڪويءَ وانگر نہ ڪنسيو ڪري سگھندا، نہ پين ٽيندو نہ ئي کا دِليوري

**ڪوتا / ساهت، پارٽ ٽائيم ڪم ڪونهي. آخر ۾ هريش واسواڻيءَ جي اِنهن لفظن سان لئبارٽري ٽيسٽنگ جو فائيل بند ڪندُس "ڪوتا جي ڪوتا آهي ته اُن مان هر دفعي نئين ارٿ-ڏوني پئدا ٿيڻ کپي."**

# سنڌي ڪهاڻيءَ جي آلوچنا گذريل پنج سال.
# هڪ تجزيو

**ڪُجهہ رمارڪس- سنڌي ڪهاڻيءَ جي آلوچنا جي حوالي ۾ :**

سنڌي ڪهاڻيءَ جو هيل تائين طئہ ڪيل سفر (وڪاس ياترا) ٻُڌائي ٿو تہ سنڌي ڪهاڻي پنهنجي شروعاتي دؤر مان لنگهي، ترقي پسند دؤر کي پار ڪندي رومانوي ۽ تجرباتي دؤر مان گذري، جديديت کان بہ اڳتي وڌي بعد-جديديت جي جنهن مرحلي (Post Modernisation Point) تي پهتي آهي (جيا جادواڻي، واسديو موهي، چنپا چيتناڻي، ڪومل ديالاڻيءَ تائين) ڪنهن بہ ياشا، اَدبي صِنف لاءِ ايتري ننڍي عمر ۾ بدلاوَن جي ايترا وروڪڙ ڏسندي، موڙن تان لنگهندي پارتي ياشائي ڪهاڻيءَ/ ادب ۾ پنهنجي وجود جو نہ فقط احساس ڪرائڻ بلڪ اُن کي پارتي ڪهاڻيءَ جي مؤجوده پري درشيہ / منظر (Scenario) ۾ مجارائڻ ۽ اَڄان بہ وک وڌائيندي هلڻ- سنڌي ڪهاڻيءَ جي صحتمند هجڻ جي نشاني تہ آهي-

**گذريل پنجن سالن ۾ ٿيل سنڌي ڪهاڻيءَ جي آلوچنا/ تنقيد-هڪ نظرثاني- ڪُجهہ اِمپريشنس / رمارڪس**

- هاڻي جڏهن گذريل پنجن سالن دؤران واري عرصي ۾ ڪهاڻين تي ٿيل آلوچنا يا ڪٿ خاص طور سان مجيل طرفان ڪيل ڪٿ تي نظر ڊوڙايون ٿا تہ هڪ دفعو اِئين لڳي تہ سنڌي اَدب ۾ معني خير صحتمند آلوچنا / تنقيد صِنف،

ناول جيان هوريان هوريان موڪلائي رهي آهي. ٿي سگهي ٿو مُنهنجو اِهو اِمپريشن ريڊيڪل اَئٽيٽيوڊ / اَتي سڏاري واري طبعيت ۽ مزاج جي ڪري پئدا ٿيو هجي ۽ ٻين لاءِ اسهمتيءَ وارو ٻ. پر ٽيبل تي مُنهنجي سامهون رکيل ڪِن ڳاڙ - ڳٽين ڪهاڻي سنگرهن تي ڪيل ڪٽ / آلوچنا اِهو ئي محسوس ڪرائي رهي آهي تہ "ها دوست، اِهو سچ آهي سنڌي ساهت ۾ هاڻي اَسانجي اِها ئي اِستتي آهي. تنقيد تہ تمام وڏي ۽ پوءِ جي ڳالهہ آهي، ڪتابن کي کولي پڙهڻ وارا اُهي پانڪ / هٿ ٻ ڪٽي رهيا آهن." ڪنهن ڪتاب تي پنهنجا رد-عمل/ تاثرات ٻ تڏهن ڏيئي سگهبو جڏهن ڪتاب هٿ ۾ ڪڍبو ۽ پڙهڻ شروع ڪبو. هاڻي اَسانجي هٿ ۾ پڙهڻ / ڏسڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ آهي سواءِ ڪتاب جي خير، گهڻو جذباتي نہ ٿيندي، ٻُڌايل عرصي دؤران سنڌي ڪهاڻيءَ تي ٿيل آلوچناتمڪ / تنقيدي ۽ تاثراتي اَدب / ساهتيہ ۽ لاڳاپيل سرگرمين جي ڳالهہ ڪريون.

- **<u>ڪجهہ آبزرويشنس/ ٽپڻيون</u>**

- اِن عرصي دؤران ٿيل آلوچنا خاص ڪري سنڌي مخزنن/ رسالن ۾ ئي درج آهي يا وري ڪهاڻيءَ تي لکيل مقالن ۾. مقالن کي ڪتابي صورت ۾ ڇپائي ڪِن ليڪڪن اُن کي مخصوص اَدبي حيثيت ٻ ڏني آهي.

- ڪتابن جي لکيل مهاڳن کي حالانڪ آلوچنا جي دائري ۾ ته نٿو آڻي سگهجي پر 'شروعاتي تاثرات' طور کڻي سگهجي ٿو.

- اِن عرصي دؤران ڪٽاڪارن جا ڪٽا سنگره ته ڇڳي تعداد ۾ شايع ٿيا آهن. پر اُنهن سنگرهن تي آلوچنا ته ڇڳي تعداد ۾ شايع ٿيا آهن. پر اُنهن سنگرهن تي آلوچنا / ڪٽ معيار ۽ مقدار ٻنهي لحاظن کان جيتري ٿي آهي يا جيتري مون تائين پهچي سگهي آهي، اُن جو ذڪر هِن پيپر ۾ ايندو ڪنهن نه ڪنهن طرح سان.

- سنڌي ڪهاڻيءَ تي ٿيل آلوچنا جو دستاويزي مجموعو 'ورهاڳي کانپوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ جي چونڊ تنقيد' (ڈا. ستيش روهڙا جي سمپادن ۾) ساهتيہ اڪاڈميءَ پاران سال 2014 ۾ شايع ٿيو آهي- سنڌي ڪهاڻيءَ جي اڀياسن لاءِ اِهو هڪ ڪارائتو اُپيوگي ڪتاب آهي. پر هِتي ڄاڻايل عرصي دؤران ٿيل آلوچنا / ڪٽ جو اُن ۾ ڪو ذڪر ڪونهي. اِن ڏس ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جي جُدا جُدا پهلُن تي گهٽ- پاسائي ڪيل هٿ ۽ لکيل مقالن تي مشتمل نقاد پڳوان اٽلاڻيءَ جي ڪتاب 'سنڌي ڪهاڻيءَ جي حيثيت' جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو. (پر ان ۾ بہ مذڪوره عرصي دؤران جنهن مقدار ۽ معيار ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جي آلوچنا ٿي آهي، هڪ- ٻن سنگرهن کي ڇڏي گهٽو ڪري شايع ٿيل ڪهاڻي سنگرهہ تي آلوچنا شامل نہ آهي يا نہ ڪيل آهي.) نقادن / آلوچڪن جو زور

وهنوارڪ آلوچنا ڪرڻ تي ئي رهيو آهي. ڪجهه مثال ڏسندا هلون:

**- ٽِڪڙ (ڪلاڏرمتوا)، زندگي اِئين ڇو (رتو پاڻيه)، اَمان (ڪشن رتناڻي)**

- آلوچنا / تنقيد ڌا. ستيش روهڙا جي مزاج ۽ طبعيت آهي. سندي اَدب ۾ خاص ڪري آلوچنا جي ڪيتر ۾ ستيش روهڙا ( هيري شيوڪاڻي، هريش واسواڻي، آنند ڪيماڻي جي سف ۾ پتامهه / ابو چئي سگهجي ٿو. هيءُ صاحب ياشا وگياني به آهي، ساهتڪار / ڪٽاڪار ته آهي ئي پر هڪ اعليٰ درجي جو آلوچڪ / نقاد اَول آهي. ڊاڪٽر صاحب جي ياشا جي سرلتا، سهجتا ۽ سمجهائڻ جو طريقو اَهڙو آهي جو پڙهڻ واري کي رس به اَچي ۽ جلد سمجهي به وڃي. وشيه تي هِڪ 'ماسٽر' پڪڙ صاف ڏسڻ ۾ ايندي آهي. 'رچنا' مخزن ۾ سندي آلوچنا جي ڪالم 'ڪٽ' سان هيءُ صاحب ڇڪي عرصي کان نباهيندا پيا اَچن- ۽ سندي آلوچنا کي نِت نئون مقام ۽ درجو عطا ڪندو پيو اَچي.

'ٽِڪڙ' ڪهاڻيءَ جي تنقيد - اصولي تنقيد جي ڪافي ويجهو آهي. ڪهاڻين جي وچوڙ ٻُڌائيندي نقاد، ڪردار، وشيه، زمان- مڪان بولي / عبارت / ياشا شئلي تي به پنهنجا تاثرات ڏيندو هليو آهي:

"هيءُ اُن ليڪڪ جون ڪهاڻيون آهن جيڪو اُن زمين تي رهي ۽ جيئي ٿو جنهن زمين جون اِهي ڪهاڻيون آهن.

اِنڪري سادن سڀاجهن ڳوناڻن وانگر اِنهن ڪهاڻين ۾ نہ فِلاسافيءَ جا نُسخا آهن نہ دماغي ڪلابازيون ۽ وري عبارت جا ور- وڪڙ. هيءُ سادیون- سودیون ڪهاڻيون آهن جن ۾ ٻنيءَ جا رنگ- روپ، ٻنيءَ جي ماڻهن جي دڙڪن ۽ خون جي رواني سمايل آهي- هيءُ ڪهاڻيون - ٻني رهاڪن جي هڏ ماس مان جُڙيل جاندار ڪهاڻيون آهن.“

حقيقت ۾ هڪ نقاد جو ڪم ڪنهن رچنا کي صرف طئہ شده ماڻن- ماپن سان ئي پرکڻ نہ آهي بلڪ هِڪ، ويچارڪ، درشٽا جي روپ ۾ ٻہ رچنا جو مولیانکن ڪرڻ آهي- تہ هُن اَدب ۾ ڪهڙا نوان آيام جوڙيا آهن- مجموعي جو موُليانکن ڪندي هيءُ صاحب چوي ٿو - ” حقيقت ۾ ڪلاڈر متوا جي ڪهاڻين جو مجموعو رُڳو ٻين نوَن ڪتابن وانگر چيڪڻ يا سنڌي اَدب ۾ هڪ نئين ڪهاڻي ليکڪ جي اُيري اَچڻ تائين محدود نہ آهي، اِهو پاڻ سان ڪافي نوان حوالا ڪٽي ٿو اَچي جن مان ڪي معصوم پريشان ڪندڙ سوال پئدا ٿين ٿا ... جن جو جواب ڏيڻ اَهڙو آسان نہ آهي.“ موضوعن ڪانسواءِ هِن مجموعي جي مڪيہ نرالیت آهي هِنن ڪهاڻين جي ٻولي ۽ عبارت ۽ سنڌي اَدب جي حوالي ۾ ائين ٻہ چئي سگهبو تہ اُن ۾ شهري ۽ آنچلِڪ (ڳوناڻو) اَدب ٻہ آهي.“ (رچنا، جنوري- مارچ - 2013)

اِن ئي سلسلي ۾ سنڌيءَ جي ٻن ٻين ڏيان ڇڪائيندڙ ڪٿاڪارن ڪِشن رتناڻي ۽ ’رتو پاٿيہ‘ جي مجموعن ’اَمان‘

۽ ’زندگي اِئين ڇو‘ جي ڪٿ ڪندي نقاد ستيش روهڙا ڪٿا- سنرچنا، وشيہ وستوُ ۽ ڪهاڻيءَ ۾ دِسڪس ٿيل فلسفي تي هڪ وئليو ججمينٽ / مُلهائتي ڪٿ ۾ چوي ٿو : ”ڪِشن رتناڻي جي مجموعي ’اَمان‘ جون گهڻيون ڪهاڻيون لڳن ٿيون سُجاڳ ڪوشش سان با مقصد لکيل آهن. اِنهن ۾ سهجتا گهٽ آهي، انڪري اُهي پرچار وڌيڪ ٿيون لڳن. مثال طور ”پڪراج“ ڪهاڻيءَ ۾ زندگيءَ ۾ ٿيندڙ ستن بدلاوَن جو اهڙو بيان ڪيل آهي جهڙو ڪنهن نيتي يا ڏرم شاستر ۾ ڪيل هجي. حالانڪ ليکڪ زندگيءَ جي حقيقتن کان واقف آهي، اِن جو مثال ’سور‘ ڪهاڻي آهي پر ساڳئي وقت هڪ طرف هو نہ رڳو پرمپرا ۽ پراچين مُلهن، رسمن، رواجن جو مجيندڙ آهي پر ورايتي وهمن ۽ اَنڌ وشواسن کي بہ قبولينڊڙ آهي ۽ ٻئي طرف هو بدلجندڙ دنيا – تڪنيڪي ۽ سماجي تبديل کان بہ پوريءَ طرح روءِ شناس آهي ۽ اُن جو حمايتي آهي.“

پنهنجي اِن ڪٿ ذريعي نقاد، ڪهاڻيڪارن کي ڪهاڻيءَ جو وشيہ چونڊڻ ۽ اُن سان نباهڻ (Treatment with subject) جي ڏانو طرف ڏيان ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي- جا ڳالهہ اَڪثر سُڻن وشين کي هڪ ڪمزور ڪهاڻي بڻائي ڇڏيندي آهي - ساڳيءَ طرح رتو ياتيہ جي ڪهاڻين جي مجموعي ’زندگي اِئين ڇو‘ تي پنهنجي ڪٿ جي آخر ۾ڪهاڻيءَ جي اُڻت تي ليکڪ جو ڏيان ڇڪائيندي چوي ٿو :

”رتوءَ کي کھاڻي ٻُڌائڻ جو ڏانءُ آھي، ... شروعات کان وٺي آخر تائين پاڻ جي اُتسڪتا کي قائم رکي سگھندي آھي پر رتوءَ جي کھاڻين جي ھڪ وڏي ڪمزوري آھي گھٽنائون ۽ در گھٽنائون- ھر کھاڻيءَ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ رتوءَ کي اوچتو گھٽنا ڪرائڻ جي ضرورت پئجي ٿي وڃي اِنڪري ڪيترا کھاڻيءَ جا ڪردار اوترا سُياويڪ نٿا لڳن. ھِڪ اَھم ڳالھ ... سنسار جو سچ ساھتيہ جو سچ نہ ھوندو آھي- مطلب تہ سنسار جو سچ کھاڻيءَ جو سچ نہ آھي ۽ کھاڻيءَ جو سچ سنسار جو سچ نہ ھوندو آھي. (رچنا)، جنوري- مارچ- 2017)

کھاڻيءَ جي گھاڙيٽي / ٽيڪنڪ يا شِلپ جي حوالي ۾ نقاد دا. ستيش روھڙا جي اِن مُلھائتي ڪٿ کي اَسان اِن طرح بہ سمجھي سگھون ٿا تہ ڪٿا- ليکن اِن نقط-نگاہ کان سچيت پرڪريا نہ آھي تہ ڪو ليکڪ سچيت روپ ۾ پنھنجي وقت ۽ حالتن (ڪال ٻوڌ) کي پاڻ تائين پھچائڻ لاءِ کھاڻيءَ کي ماڌيم جي روپ ۾ اِستعمال ڪري، کھاڻي ان طرح سوچي سمجھي ڪانہ لکي ويندي آھي، کھاڻيڪار جو سنويدن (حساسيت) ئي ھُنجو مارگ درشن ڪندو آھي ، ھُن جا دليل ۽ ماپيل - توريل مجتائون نہ. ۽ ٻيو ڪشن رتناڻيءَ جي کھاڻين جي حوالي ۾ نقاد اِھو چوڻ چاھي ٿو تہ .. ”ورھين کان ھلندیون ايندڙ پرمپرائون، مُلھن ۽ مجتائن جو پرياءُ ڪو اوچتو ڪمزور پئجي ويو آھي، اِئين ڪونہ ٿيندو آھي. پلي ئي ليکڪ پرمپرائن کي کڻي ڪيترو بہ ناڪاريندو

رهي، اُهي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ سماج ۾ رهندیون آهن ۽ بدلیل ماحول / پَريويش ۾ گهٽي مِلي ڪري رهندیون آهن.

**(١) مهانگي مُرڪ (٢) ديسي لوڪ پرديس سُپنا (مايا راهي) :**

گذريل پنجن سالن جي عرصي دؤران سنڌي ڪٿا ساهتيہ ۾ جن ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين رچناتمڪ اِضافو آندو آهي، تِن ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جو سگهارو آواز- دستخط مايا راهي جا اِهي ٻہ ڪهاڻي سنگره نقادن جي تنقيدي قلم جي سونهن بڻيا. 'مهانگي مُرڪ' (اڪادمي اَوارڊ حاصل) ڪهاڻين جي سمآلوچنا / سميڪشا سنڌيءَ ۾ ماپي- توري ڳالهائڻ لاءِ سُجاڻپ رکندڙ نقاد پروفيسر نامديو تاراچنداڻيءَ ڪئي آهي. (اِن ئي ڪتاب تي هڪ تجزياتي مقالو (قدرشناسيءَ جي نقط نگاه کان) مقالا نويس موهن همٿاڻيءَ جو ٻہ لکيل آهي.) پنهنجي سمآلوچنا ۾ جيڪا اصولن جي آسپاس آهي، نامديو تاراچنداڻيءَ شروعاتي تبصري ۾ ئي ڪهاڻين جي سنرچنا گهاڙيٽي، شلپ، وشيہ- وستو ۽ ياشا تي چگّيءَ طرح پنهنجو تنقيدي رايو ڏنو آهي -"مايا راهيءَ جي ڪهاڻين اَجوڪي يگ جي پڙهيل - لکيل طبقي جي متئين- وچولي درجي (Upper Middle Class) جي گهريلو عورتن کي، اُنهن جي ڪٽنب- قبيلي ۽ اُنهن جي سماجڪ اوڻاين کي، ڪي قدر بيباڪ لهجي ۾ پيش ڪيو آهي. هنن ڪهاڻين ۾ ڪي اَهم نقطا نظر اَچي رهيا آهن- الڳ الڳ موضوعن جو سڦل چٽ، ٻيو ڪلاڪار جديد دؤر ۾ نالي چڙهيل نئين

ڪهاڻيءَ جي سپاٽ بياني‌ءَ بجاءِ سوڪشم گهٽنائن کي آڌار بڻائي ٿي ۽ ٿيون هي ڪهاڻيون اِستوري ٽيڪنڪ شئليءَ ۾ پيش ٿيون آهن، جتي ڪهاڻي ڳُم ٿيڻ بجاءِ هِڪ قسم جي سنهي - ٽلهي يا ننڍي- وڏي ڪلائميڪس طرف وڌندي هڪ قسم جي ٻوڏڪ پچاڙي (اِنٽيليڪچوئل ايندِ) تي رسي ٿي.“

سمآلوچنا جي آخر ۾ نقاد، (پنهنجين) سيني ڪهاڻين کي بهتر ڪهاڻي سمجهي مجموعي ۾ شامل ڪرڻ جي ليڪڪا جي پرورتيءَ تي هڪ ٽپڻي ب ڪئي آهي. جنهن کي ڪريڪشن يا سمجهاڻيءَ طور کڻي سگهجي ٿو : ”مايا راهيءَ جي اِنهن ڪهاڻين ۾ ڪيترين بهتر ڪهاڻين ساڻ ڪجهه رواجي ڪهاڻين جو ب شامل ٿيڻ، هِن مجموعي کي ’تمام خاص‘ مجموعو بڻائڻ ۾ ٿوري وِٿي وجهڻ جهڙو اَثر پئدا ڪري رهيو آهي، پر اِن ڳالهه کان شايد ئي ڪو ليڪڪ بچي سگهيو هجي. (سنڌو جوت اَنڪ 53)

’مهانگي مرڪ‘ جي ڪهاڻين جي ڪلاتمڪ پهلوءَ تي هڪ تنقيدي مذاڪري ۾ ڳالهائيندي پنهجي مقالي ۾ موهن همٽاڻيءَ ڪهاڻيڪار جي ڪلاتمڪ تصوير کي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي :

” ... گڏوءَ کي فقط هڪ ئي شڪايت هئي ته رات جي اونداهيءَ وارا ڪم ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڪرڻ ڏکيو هو. ٻئي جوڙا رات جو ب چادرون وچ ۾ لڳائيندا هئا ... پر تڏهن ب ....“

هِتي ڪهاڻيڪار جو اِستتين جي وسنگتين / مشڪلاتن ڏانهن من ۾ هڪ هيومر جو پاڻُ ۾ آهي جيڪو يٿارٽ کي اَجان ۾ وڌيڪ ريئل ٽچ ڏئي ٿو ۽ سجيسٽ ٿو ڪري تہ جيڪي حالتون آهن، اَسان کي خوشي خوشيءَ يا ڪيئن ۾ اُنهن ۾ جيئڻو آهي. ڪهاڻيڪار جي اِن سنويدنائي هُن جس شلپ کي سجيسٽوِٽيءَ واري خوبصورتي ڏني آهي.

ليکڪ جو سنويدن، سنسڪار روپ ۾ پنهنجي ماحول پريويش (جنهن ۾ هو سانده رهي ٿو -گذر ٿو ڪري) کي گرهڻ ڪندو آهي - هوُ اُن ۾ جيئندو- ساه کڻندو آهي. اِنڪري ئي زمان- مڪان جي ڪنهن ۾ دؤر ۾ لکيل رچنا تي اُن دؤر / وقت ۽ ماحول جو رنگ تہ رهي ئي ٿو. مايا راهيءَ جو تازا ترين ڪهاڻي سنگره 'ديسي لوڪ پرديسي سُپنا' اِن جو هڪ بهترين / ماقول مثال آهي. سنڌيءَ ۾ تنقيد جو پنهنجو اَلڳ اَنداز، فلسفو / ماڻ- ماپ رکندڙ اَڪيڈميشن ٽرنڈ ڪرٽڪ ۽ ڪٽاڪار (خاص ڪري جديد ڪهاڻيءَ جي حوالي ۾) پروفيسر هيرو شيوڪاڻي مايا راهيءَ جي ڪهاڻي سنگره 'ديسي لوڪ پرديس سپنا' جي سمآلوچنا / ڪٽ ڪندي- پنهنجي مولياڪن ۾ چوي ٿو : - "منهنجي هن تنقيدي تبصري جو بنياد پوسٽ مادِرن تنقيدي مان ۽ ماپن 'فئڪٽس ۽ فِڪشن' لفظن (حقيقت ۽ ڪلپنا) کي جوڙي ناهيل لفظ 'فئڪٽشن' آهي. مايا راهيءَ جي اِنهن ڪهاڻين ۾ ، پرڏيهه ۾ وجي وسيل اَهڙن ڏيهي لوڪن (سنڌي ڪٽنبن) جي حقيقي

واقعياتي وارو تز (فئڪٽس) جي ارد گرد اُٽيل ڪٽانڪ ۾ ڪلپنا، اِظهار جي نون طريقن، تڪڙي رفتار سان بدلجندڙ سنڌي يا پارتي جيون پرورتين، ڪلچرل بدلاوَ ڪافي نوان دلچسپ ۽ چرڪ پرائيندڙ وهنوار جهڙيون خوبيون ۽ ڪن حصن ۾ هڪ نئين بولي‌ءَ جي اُٽت- بٽت جو مزو- سواد چکائين ٿيون. مايا راهي‌ءَ جون اِهي ڪهاڻيون، ايڪويهين صدي‌ءَ ۾ پرديسي وسيل هاڻوڪن سنڌين جون نہ فقط پرڏيهي بلڪ 'پوسٽ ٽرٽ' (پوءِ جون سچايون) آهن. اَهڙن موضوعن کي ڪهاڻي ڪلا جي دائري ۾ آڻي خاص طور ڪهاڻي - وِش لِسٽ پاتر، گفتگو، نئين پاشا ۽ شئلي‌ءَ ۾ آڻي هن تمام دلچسپ ڪهاڻيون اَسان کي ڏنيون آهن." (سنڌو جوت، اَنڪ 63 )

جيا جادواڻي هندي ڪٿا ساهتيہ ۾ جيترو پرتيشنت / برڪ نالو يا درجو رکي ٿي، سنڌي ڪٿا ساهتيہ ، بہ هن پُر- حساس / سنويدنشيل ڪٽاڪار جو ساڳيو ئي درجو ماڻيو آهي. هن جي سنويدن شيل ڪهاڻي ڪلا ۽ ڪهاڻيڪار سنڌي ڪٿا ساهتيہ ۾ بن ڪهاڻي سنگرهن 'برف جا گُل' ۽ 'خاموشين جي ديس ۾' رچناتمڪ اِضافو ڪيو آهي. هِن ڪٽاڪار تي اَهم سنڌي رسالن / مخزنن جا خاص اَنڪ بہ شايع ٿيا آهن . (ڪونج، سريي). سندس ڪهاڻين هر عام- خاص پاڻڪ جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو آهي- سنڌي‌ءَ جي لڳ ڀڳ هر نقاد جي قلم جي تنقيد ماڻي آهي. هِتي هُتي بکڙيل

انداز ۾ ڪجھ مھاڳن ۾ ، مقالن ۾ ، پر سندس مخصوص ڪنھن مجموعي تي ڪنھن نقاد جي ڇپيل تنقيد شايد مون تائين نہ پھچي سگھي آھي. جيڪڏھن آھي تہ (جيڪي ٿي آھي، سا بہ ڪافي آھي، آلوچنا ڪرڻ جي رُجھان کي ڏسندي) خاموشيءَ جي ديس ۾ ڪھاڻيون ترجمو سنڌيءَ سھڻي ، پختي شاعر کيمن مولاڻيءَ کيو آھي. شاعر / ڪٿاڪار/ نقاد واسديو موھيءَ پنھنجي مھاڳ ۾ ڪھاڻين ۽ ڪھاڻين جي ترجمي کي داد بہ ڏنو آھي- چوي ٿو :

"جيا جادواڻيءَ جون ڪھاڻيون جيڪڏھن ڪوتائون ڇڄن تہ ڪنھن کي اعتراض نہ ٿيندو - اِنھن ۾ ڪھاڻيءَ جا سڀ عناصر آھن. رومانيت، تجسم، سوڪشمتا، ماحول جي سجيو اُٽت، ڪردارن جو عام سماجي وھنوار ڪان علحدو چلن، ھر ڪھاڻيءَ ۾ ليڪڪ طرفان فلسفائي نقطا پر اُھي ڪھاڻيءَ ۾ ٽنبيل بلڪل نہ، ڪھاڻين ۾ چتيُت طور نہ، ڪپڑي تي ڪنھن خوبصورت ڊزائين جيان نظر ايندا."

نامديو تاراچنداڻي سندس ڪھاڻي ڪلا تي لکيل ھڪ ليک ۾ پنھنجو اِمپريشن ڪجھ اِن طرح درج ڪرايو آھي:

"جيا جادواڻيءَ جي پُرڪشش پاشا ۽ شئلي يا انداز بيان تي مُگڌ ٿي ويندڙ پاڻڪ تي ھي جادو ٿي سگھي ٿو، اگر ھُن وٽ ھڪ ياوُڪ جي دل ھوندي ۽ اُن جا سڀ دروازا کُليل ھوندا. ھُن جي ساھتيہ جو اَندر ڪرنٽ سماج جي سڙيل رِشتن کي ننڍا- ننڍا ٽڪرا ڪري ڇڏي ٿو. نئين سوچ جي

منووگيان سان اُن فلاسافيءَ جي روبرو ڪري ٿو بيهاري، جِتي اَسين خاص ڪري ريڊيمينٽ ٽريڪ تي هلڻ وارا - پاڻ کي اجنبي ٿا محسوس ڪريون .. جيا کي پڙهندي توهان کي اَمرتا پريتم يا ڪرشنا سوبتي يا منو پنداري ياد اَچي ٿي تہ اَچڻ ڏيو ....“ (ڪونج، خاص اَنڪ، جيا جادواٽي)

اَسان هن کي سنڌيءَ ۾ وهنوارڪ آلوچنا جي سُهٽي مثال طور ڏسي سگهون ٿا. وهنوارڪ آلوچنا ذريعي جيا جادواٽيءَ جي ڪهاڻي - ڪلا کي سنڌيءَ جي اهم ليکڪن — نقاد سيني ساراهيو آهي پر مُلهائتي ڪٽ هرهڪ پهلوءَ کي ڪٽي ڪري، اَجان ڪٽي نظر نہ آئي آهي -(حالانڪ ڪونج ۽ رچنا جي اَنڪ جيان جادواٽيءَ جي شخصيت ۽ ڪهاڻيڪار تي شايع ٿي چڪا آهن.)

اِن ڏس ۾ نقاد هيري شيوڪاٽيءَ جي جيا جي ڪهاڻين تي ڏنل هڪ جاچنا / تاثر ڪافي اَهميت وارو لڳي ٿو مولیانڪن جي درشٽيءَ کان. ” خاموشين جي ديس ۾ “ بي مثل ڪهاڻيون آهن، جيا جي ڪٿا ڪٽن جي پنهنجي اَنوکي شئلي آهي. منو وگيان جي شاگرد هئڻ ڪري ڪردارن جي اندرين غفائن کي ڪهاڻي ’اَهڙيون عورتون‘ ڪهاڻي ڪلا جي ڪسوٽيءَ جي نقط- نگاه کان قابل ذکر ڪهاڻي آهي. پر جيا جادواٽيءَ جي ڪهاڻي (توڙي ڪوتا) تہ ٻيهر نظرثاني ڪندي مونکي اِئين لڳو آهي تہ هوءَ ساهتيڪ فن جي پنهنجي تخليقي قوتن ۽ تقاضائن تي جڏهن پنهنجي فڪر

جو بوجھ مڑهي ٽي تہ هوءَ نج ساهتيہ جو جمالياتي حِظ مربي ٽي وجهي- جيا جادواڻيءَ کي پنهنجو پاڻ تي ريجهجهي پوڻ بجاءِ پنهنجي فکري فن سان توزن قائم کرڻ جو اونو کرڻ کپي .“ (کونج، سيپٽيمبر-آڪٽوبر-2018)

اِن عرصي دؤران سنڌي کهاڻيءَ ۾ نئين ۽ جديد کهاڻيڪار جي ٽئگ سان زوردار اينٽري ورتي آهي واسديو موهيءَ. شاعر، نقاد ۽ هاڻي ڪٽاڪار واسديو موهيءَ جي مسلسل رچناتمڪ جيونتتا کي تخليقي شعور ۽ ويچارڪ سڪريتا ہ چئي سگهون ٿا. تنهن سنڌي ساهت کي (ڪوتا ۽ کهاڻي آلوچنا ) معيار ۽ مقدار جي لحاج کان يارتي ساهت ۾ هڪ مقام پئي بخشيو آهي. سندس پهرئين چرچت کهاڻي سنگره ’چيڪ بوڪ‘ کانپوءِ ٻين کهاڻين جي مجموعي ’ڏيڊ ڪنڊ‘ (سال 2016) ہ شعوري خواه ذهين پاڻڪن جو پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪايو آهي (۽ ٻا. ونود آسوداڻيءَ هن مجموعي جو ہ تازو ئي اَنگريزيءَ ۾ 1.5 knots جي عنوان سان ترجمو ڪيو آهي مجموعي تي پنهنجي تاثراتي تنقيد ۾ شاعر / نقاد / مقالا/ ناول نويس / ساهتڪار موهن گيهاڻي کهاڻين جي وشيہ وستو تي (خاص طور سان عنوان واري کهاڻي) پنهنجي اِمپريشن ۾ چوي ٿو : - ”واسديو موهيءَ جون اِهي کهاڻيون حقيقت نگاريءَ واريون کهاڻيون آهن. سماج ۾رتيزيءَ سان پنهنجي جاءِ وٺندڙ نئين سوچ، رسمن

واريون ڪهاڻيون - وڏ ور جوڙن جو ۽ پنهنجو جيون ساڻي وجائڻ ڪانپوءِ زالن ۽ مردن جو بنا شاديءَ، ريتين - رسمن جي، هڪ ٻئي سان رهڻ ۽ گڏ رهندي پوءِ اولاد ٿيڻ- اِن کي ناجائز ڪيئن ڪوٺبو. (هاڻي سپريم ڪورٽ ۾ live-in کي قانوني طور منظور ڪيو آهي.) ظاهر آهي اَدب سماجي سوچ کان اڳتي رهندو آهي - موهيءَ جي گهٽين ئي ڪهاڻين جي پڇاڙي ڪُليل (open ended) آهي ۽ اِئين روشن آئيندہ جي دري کولي رکي ويئي آهي - اِئين هي ڪهاڻيون ڪهاڻي - ڪلا ۽ نوان جي ساک پرين ٿيون." (سنڌو جوت، اَنڪ61 — 'وهندڙ نديءَ ۾ چند ٻيناريون)

'ڏيڍ ڳنڍ' ڪهاڻين تي لکيل پنهنجي تجزياتي مقالي (پيپر ۾ ڪتاڪار جيا جادواڻيءَ موهيءَ جي ڪهاڻي ڪلا تي پنهنجي جاچنا ۾ چيو آهي ) :

هر ڪهاڻي هڪ نئين کوٽائي آهي، نہ صرف ٻئي جي اَندر بلڪ پنهنجي اَندر ۾ 'بٽوين د لائينس' ۾ گهٽ آهي. ڪهاڻي اَجان گهرو ۽ بهتر ٽريٽمينٽ گهُري ٿي-ڪا ڪا ڪهاڻي بُدّل ٿي لڳي، پنهنجي تجربي مان آيل نہ، سچي آزمودي ۾ ۽ جيڪڏهن ڪلپنا، شِلپ ۽ گهاڙيتو (گڻن) شامل نہ آهي تہ ڪهاڻي هڪ رواجي ڪٽن ٿي رهجي ويندي آهي ... پيچيده حقيقتن کي سولي ڍنگ سان نٿو لکي سگهجي." (2018 ۾ سيمينار ۾ پيش ڪيل مقالو.)

حالانڪ مان اڳ ۾ ئي چيو آهي تہ مهاڳ آلوچنا / ڪٿ جي دائري ۾ اصولي طور نٿا اچن پر ڪن مجيل / برڪ نقادن طرفان لکيل مهاڳن ۾ ڪهاڻي ڪلا يا فن جي حوالي ۾ ڪجھ رمارڪس ضرور هوندا آهن. بنسي خوبچنداڻي جي 'دونهون' ڪهاڻي سنگره جي مهاڳ ۾ نامديو تاراچنداڻيءَ جو اِمپريشن نوٽ - وَردي آهي.

"اصولن هر وقت ۾ ، هر ياشا ۾ هر طرح جا ڪهاڻيڪار مِلڻ ۾ ڏکيا نہ هوندا آهن ... اِن جو وڏو شاهد آهي اَسانجو بنسي خوبچنداڻي. هن ۾ پريمچند جي اَتي سهجتا ۽ آهي تہ جئنيندر جي منووگيانڪ درشٽي پڻ. هن وٽ ايشور چندر جي سادگي ۽ سڀاجهائي ۽ آهي تہ وشنو پاٽيہ جي فنائتي شئلي ۾ ۽ لکمي ڪلاڻيءَ جي ڪٿا جي اُڪت ۽ آهي. پر هو خود پنهنجو پاڻ ۾ اَهڙو مانيٽو ڪهاڻيڪار نظر ٿو اَچي جنهن جون سهج ڪهاڻيون آدرشواد جو اِظهار، منو وئگيانڪ آڌار تي ۽ ڪلاتمڪ نظر سان ڪري رهيون آهن ... ڪهاڻي ڪلا جي ڏس ۾ 'دونهون' مجموعي جون ڪهاڻيون، ليکڪ جي پوين ٽن مجموعن جي 'روايتي' لهجي و وڌيڪ فنائتو روپ پيش ڪري رهيون آهن ۽ سنڌي ڪهاڻي جي ڏس ۾ هڪ اَڳتي قدم ثابت ڪري سگهيون آهن."

هِتي اِهو ذڪر لازمي ٿو لڳيم تہ مرحوم بڪ ڪٿاڪار بنسي خوبچنداڻي جنهن هِن هلندڙ سال ئي فاني سنسار کي هڪ سنڌي سيمينار ۾ شرڪت ڪندي الوداع

چيو- پاڻ خود هڪ سهڄ سمالوچڪ ٻہ هو، جنهن کي سطحي تاثرات جي دائري ۾ رکي سگهجي ٿو.

ساهتيہ جي ڪنهن ٻہ صنف جي صحتمندي ۽ ترقيءَ لاءِ آلوچڪ / نقاد لاءِ ڪرٽيڪل اپروچ ضروري ائٽيٽيوڊ آهي - ساراه اِنجيرنگ آهي پر ساڳئي ئي وقت ڊميجنگ ٻہ آهي. جي اُها ڪرٽيڪل نہ آهي. وشيہ وستو ۽ ياشا شئليءَ تي سطحي تاثرات ڏيئي عام طرح مهاڳ نويسن / سمالوچڪن پنهنجو فرض پورو سمجهندا آهن. پر آلوچنا تہ هن کان پوءِ ئي شروع ٿيندي آهي.

ڪجهہ ڪتابن جا مهاڳ پڙهي اَهڙو تاثر ملي ٿو. خير. آخر ۾، تنقيد ئي آلوچنا جي اَهڙن روئين جي پس منظر ۾ ’گذريل 15 سالن جي سنڌي ڪهاڻيءَ جي بدلجندڙ مزاج‘ جي عنوان تحت نقاد نامديو تاراچنداڻيءَ جي آبزرويشن / جاچنا قابل - غور آهي : ”هنن ڪهاڻين تي نظرثاني ڪندي ڏسي سگهنداسين تہ جديد ڪهاڻي هاڻي گهٽي سرل ۽ سهڄ ٿي رهي آهي. آدرشن جي عزت وڌي آهي، من ڏيڊ واري ڪامپليڪس مان ليڪڪ ٻاهر آيا آهن، سماجڪ سنديش کان هروپرو ڪنارو ڪرڻ جو موه ٻہ نہ رهيو آهي. عام پاٺڪ جي ڏانو جون ڪهاڻيون وڌيڪ آهن. پر خاص پاٺڪ ٻہ نراس نہ آهن، ها بولڊ ڪردار اَوَس آهن پر اُهي جسٽيفاءِ ٿي رهيا آهن. اِئين سنڌي ڪهاڻي مادرنٽيءَ کان اڳتي بعد جديديت (پوسٽ مادرن) ڪهاڻيءَ جي ويجهو اَچي ويئي آهي. اَلبت پوسٽ

مادرنتي خود ۾ آجان بہ اُلجهيل آهي.“ (سنڌي اڪادمي دهليءَ جي سيمينار ۾ پڙهيل مقالي مان)

اهڙيءَ طرح مذڪوره تجزيو ٻُڌائي ٿو تہ معيار ۽ مقدار ٻنهي لحاظ کان سنڌي آلوچنا ۽ آلوچڪ ٻنهي کي وڌيڪ سهڄ، سجگ / سچيت ۽ سڪريہ ٿيڻ/ رهڻ جي ضرورت آهي ۽ ايماندار پڻ سنڌي اَدب جي مسلسل واڌاري کي يقيني بڻائڻ لاءِ. ان عرصي دؤران جا نوٽ - وَردي ڪهاڻي سنگره ’جيجل‘ (ايشور مورجاڻي) ، ’روح جو هڪ ٽڪرو‘ (آنند کيماڻي) ۽ ٻين ڪيترن يُوا ڪٽاڪارن چمپا چيتناڻي، روشني روهڙا، سريس ببلاڻيءَ وغيره جا ڪٽا سنگره آلوچڪ / نقاد جي قلم ڏانهن شِدت سان ڌاڻائي رهيا آهن ۽ پنهنجيءَ شيلف ۾ رکيل ۽ پکڙيل خاموشيءَ ۾ جڙ چئي رهيا آهن - ”نقاد دوستو، آلوچنا ڪؤڙي بادامي ضرور آهي، ساهت جي صحت لاءِ اوتري لايدائڪ آهي.“

(ساهتيہ اڪادميءَ طرفان آيوجت ’سنڌي ڪهاڻيءَ جا گذريل پنج سال‘ پريچرچا / سئمپوزيم ۾ پڙهيل مقالو، نمبر 16 ، اَجمير.)

# چيخ: نوان اِظهار: هڪ تجزياتي نظر

نسبتن بنا ڪنهن يومڪا جي سِڌو وشيہ تي ايندي جڏهن بہ ڪنهن حوالي ۾ سنڌي ڪوتا جو مذاڪرو ٿئي ٿو خاص طور سان اسي کان اڳ واري ڏهاڪي جي ڪوتا تي نظر ڊوڙائيندي هِڪ متضاد ۽ دلچسپ تصوير اُڀري اچي ٿي ۽ پتو پوي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ مؤزون شاعري ڪندڙ قداور شاعرن جي قلم بہ ڪوتا جي جادوءَ کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ نہ رهي سگهي ۽ اُنهن پڻ سنڌي ڪوتا جي پرورش ۾ پنهنجو اهم رول ادا ڪيو . ارجن شاد، گورڌن پارتي، ايشور آنچل، ايم ڪمل، واسديو نرمل سرخن موزون شاعرن جي قلم مان نڪتل ڪوتائون اڄُ بہ اسان اِنجاءِ (enjoy) ڪندا آهيون ۽ هيءُ اهڙيون ڪوتائون آهن جن سنڌي ڪوتا کي هِڪ مقام بخشيو آهي. پر ساڳئي وقت هِڪ سياوڪ سوال ذهن ۾ پيو گهمندو آهي تہ باوجود ڪيتري وروڌ ۽ رزرويشنس جي ڪهڙو سبب هو جو اهڙا مقام - يافتہ موزون شاعر بہ ڪوتا طرف پاڻ کي گهلجڻ کان نہ روڪي سگهيا. اِهو تہ ڪوتا جو ڪرشمائي جادوئي چئبو جو اربي فارسيءَ جي ماهر ۽ پنهنجين روباعين لاءِ مشهور موزون شاعريءَ جي اُستاد شاعر هرومل سدارنگاڻيءَ خادم جي قلم مان بہ نئين ڪوتا نڪري نروار ٿي. نہ فقط ايترو سندس واحد ڪوتائن جي مجوعي 'چيخ' کي ساهت اڪاڊميءَ جو

ائواردِ حاصل ٿيڻ جو شرف بہ حاصل ٿيو. نہ شايد نہ لاشڪ، اِهو سچي ۽ سگهاري ڪوتا جو سنمان هو. سنڌي ڪوتا اڳتي هلي ڪِن ڪِن هٿن ۾ نپني وڌي ٿي ۽ جوان ٿي اِهو چرچا جو الڳ موضوع آهي في الحال اسان سدارنگاڻي خادم جي ڪوتائن جي مجموعي 'چيخ' تي ڪنسٽريٽ ڪيون.

**اظهار جي تازگي/ نواڻ** :

ڪوتا اندر ۾ ڪلندڙ دري آهي ۽ هڪ ڪوءَ ڪي اِها دري کولڻ لاءِ ڪيترائي جتن ڪرڻا پون ٿا، اوجاڳا ڪرڻا پون ٿا. اِنهن جتنن ۽ اوجاڳن کان پوءِ ئي سرجن جو سِج اُپري ٿو. جنهن وقت اِهو سِجُ اُپرندو آهي ڪوتا ڪوءَ جي اندر ۾ ڦهلجي چُڪي هوندي آهي ۽ ڪوي اندر جو احوال ٻڌائڻ لڳندو آهي ۽ پاڻ کولي رکي ڇڏيندو آهي. ڪنهن بہ تخليق/ سرجن جي عمر اُن جي فنائتي اِظهار سان لاڳاپيل آهي جنهنکي اسان اظهار ۾ نواڻ يا تازگي، چئون ٿا. فنائتي اِظهار يا اُن ۾ ڪنهن قسم جي نواڻ/ تازگيءَ بنا ڪنهن بہ چيز کي تخليق (creation) جو درجو ڏيڻ، تخليق لفظ کي تڪليف پهچائڻ آهي، گهٽ ۾ گهٽ هِڪ رچناڪار / ڪلاڪار تہ اِها ڳالهہ چڱيءَ طرح سمجهي سگهي ٿو. اِظهار ۾ نواڻ هونءَ تہ مڪيہ طرح سان مؤضوع ۽ پاشا جي گوناگون اِستعمال تي مدار رکي ٿي پر ڏنو ويو آهي تہ مؤضوع سان ٿيل نباه treatment بہ تازگيءَ جي تعلق سان اهم رول ادا ڪري ٿو.

## ’چيخ‘ وشيہ ۽ وشيہ سان ڪيل نباہ- اِظهار : نواڻ جي نسبت ۾

چيخ مجموعي جي ڪوتائن جي تعلق سان جڏهن اِها ڳالهہ ڪجي ٿي تہ صفحي ۸۵ تي ’جنم دن‘ ڪوتا وشيہ پراڻو هوندي بہ ٿيل نباہ جي ڪري ڏيان ڇڪائي ٿي. ڪڏهن وشيہ ساڏارڻ يا نئون نہ هوندي بہ ڪوتا کي ڏنل ٽريٽمينٽ جو سچّ اُن کي نئون بڻائي ڇڏيندو آهي (حالانڪ دؤر جي مناسبت سان وشيہ جو نئون هُجڻ ڪوتا کي خوشي ۽ زيبُ بخشي ٿو) :- ”....اي دوست سڏائيندڙ دشمن / اڄُ توکي پُڏائڻو ئي پوندو/ تون ڇو ٿو ڪلين؟خوشي ٿيندي؟ ۽ نرين؟؟ ڪجهہ تنهنجو بگاڙيو آهي مون!/ جو مونکي مُئل ڏسڻ لاءِ هر سال بهانو ٿو ڳولهين.“ هِڪ بي ڪوتا ۾ اِسپتال جو درشن ڪوءَ جي گهري سنويدن شيلتا ۽ في صلاحيت سان روبرو ڪرائي ٿو :

”...هڪ هنڌ /هڪُ مريض/ رنگ زرد/ ليٽيل / سِڌو پيلُ/ ڪنهن مهل ڊاڪٽر ٿو اچي آڪسيجن ڏئيس/ ڪجهہ ڊرڪندو ڏسي /اچي چاڙهيس خون/ نرس.“ (اِسپتال ص ۸۷ )

اِهو مؤضوع سان ٿيل ٽريٽمينٽ ۽ لفظن جي بخوبي اِستعمال جو ئي ڪمال آهي جو خادم صاحب/ مومبتي جهڙي شيءَجي اهميت کي ’نورذرو‘ ڪوتا ۾ هائيلائيٽ ڪري ڏيکاريو آهي:-

”...پوءِ بہ ڏسو/ نور ذري جي طاقت:/ ڪيڏي نہ وڻي فوج / ڪري/اونده ڪاه/ ڪي اُن جو گلو گھُٽي /ڪيي سگھندي ساه؟ “ (ص ۹۸)

’معسوميت‘ ڪوتا ۾ ڪوءِ رکڻيءَ کي ڪٽي ڪري نہ فقط شهر جي خراب ٿيندڙ ماحول ۽ قانون ويوستا تي چوٽ ڪئي آهي بلڪ ٻارن جي معصوميت ذريعي اِهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي اهي تہ اِنساني ذهن وراثت ۾ مليل سنسڪارن ۽ آستائن ۾ پاڻ کي ڪيترو نہ محفوظ محسوس ٿوڪري :-

”....اِهي ئي ڏينهن گرميءَ جا/ وڏيل چوريون چڪاريون/ ڪٽي/ ٻارن / ٻہ رکڻيون / ٻڌي هِڪ.... فرج کي/ ۽ ٻئي...ڪُتي کي.“(ص ٦٥ )

سنويدنا کي اِظهار ڏيڻ لاءِ ياشا جو وڏو ڪردار آهي، پر اِهو ضروري ناهي تہ اِظهار لاءِ هروپرو لفظن يا گھڻن لفظن جو ئي سهارو ورتو وڃي. اِن مجموعي جون ڪوتائون پڙهندي وقت اِهو محسوس ٿيو تہ لفظ خاموش آهن ۽ ڪوتا ڳالهائي پيئي، اِهو وشيہ سان ٿيل ٽريٽمينٽ جو ئي ٽچُ آهي. اِهي تہ فقط کي مثال هُئا مجموعي جون گھڻي ياڳي ڪوتائون پنهنجي گھڙت ۽ اصلوب ۾ وشيہ سان ٿيل نباه جي ڪري ئي سنويدنشيل اِظهار جي ڏراتل تي پاڻ مڃائي سگھيون آهن.

مجموعي جون ڪوتائون پڙهندي ڪيريئير جي شروعاتي ڏينهن ۾ خادم صاحب سان ٿيل مختصر مُلاقاتون، ڏنڏليون هوندي به ذهن ۾ تري آيون، تن ڏينهن ۾ مون ريڊيو اڃان جائين (join ) ڪيوئي هو. هِڪ ٻه دفعو هُنن کي مشاعرن ۾ به بڏڻ جو موقعو مليو هو. هيءُ صاحب رُباعين جو شائق هو، غزل به چوندو هو ۽ لکيا به اٽائين. وزندار کافيو، پکو پختو شعر، لڳ ڀڳ پرسنلٽيءَ سان نهڪندڙ ڪڙڪ ڊسپلن وارو انداز، آواز جيئن اُستاد هوندا آهن ،خير اسان کي ته سندس ڪوتا جي ڳالهه ڪرڻي آهي. چوڻ جو مطلب ته ڪويءَ جي بنيادي سوچ، ذهن ۽ مسلسل هِڪ ئي ماحول ۾ رهڻ ڪري هُن جي سيٽ ٿي ويل رچنا پرڪريا (thought process). سندس ڪنهن به صنف جي رچنا ۾ پوريءَ طرح سان رفليڪٽ ٿين ٿا. پوءِ پلي هو شعر چئي، ڪوتا ڪري يا وري ڪهاڻي /ناول لکجي. گهڻي ياڳي رچناڪارن سان ائين ٿيندو آهي. پر خادم صاحب جون ڪوتائون پڙهندي محسوس ٿيو ته اربي فارسيءَ جو ڄاڻو، پکو شعر چوندڙ اُستاد شاعر سدارنگاڻي خادم، ڪوي سدارنگاڻي خادم جي سامهون مؤجود ڪونهي، ها ڪڏهن ڪڏهن ليئا پائيندو (پاشا جي لحاج کان) ضرورو ڏٺو ويو. وشيه، وشيه سان ٿيل نباه ۽ ايڪسپريشن هر لحاج کان ڪوي خادم سان ئي روبرو هوئس. ڪويءَ جي درشٽي اڄُ جي مُنش جي نراشا تي تکي نظر رکي ٿي، عام ماڻهوءَ جي

منهن تي وڌندڙ تناءُ، گهنج ۽ حالتن سان منهن ڏيڻ ۾ هُن جي اسمرتا / بي بس، اخلاق جي ڪرندڙ گراف ۽ مٹريلزم جي وڌندڙ پرياو تي ڪوءَ جي بوکلاهٽ ۽ بيچئني لازمي آهي. اِن حوالي ۾ ڪوءَ جون ڪجهه ڪوتائون انجاءِ ڪندا هلون ۽ محسوس ڪيون هڪ شاعر جي ذهن کي ڪوءَ جي ذهن ۾ تبديل ٿيندي :

1. پتيون / پتيون/ ۽ اُنهن پنيان ۾ پتيون.... اڳيان/ پنيان/چوگرد/ دري نہ آهي درُ. سڏيان / تہ ڪنهن کي سڏيان؟ (ص۴ ۴ ڪٹيل)

2. زنجيرن ۾ جڪڙيل/ هِڪڙو قيدي دِل جو ڏاڏو/ ۽ لال اکيون ڦاسي ٿو چڙهي.../ مرڻ کان پوءِ پڻ/ نيڻ پٹيل/ جِپ لڙکيل.. ڪيڏي نہ رهيل اتس/ اجا/ دِل جي آس!/ جيون جي پياس./ (جيون پياس ص ۲۳ )

3. آڏيءَ جو اُتي/ سمنڊ جي ڪنڌيءَ تي بهي/ لهرن جي هر چال کي ڏسندو آهيان/ لئہ تال سنديون سرڪيون پٹيندو آهيان... چا لاه ۾ / چا چاڙه ۾ / آ روهي ۽ اوروهي. (آ روهي — اوروهي ص ۲۰ )

مون هن ڏي ڏٹو/ هن ڏي ڏٹو/ سپ ڏي ڏٹو... هِن کي ٻڌو/ هُن کي ٻُڌو/ سپ کي ٻُڌو... پر/ ائين ٿو لڳي شايد ڇئي ڪجهه نہ سگهان.(ماڻ ص ۱۸)

نہ فقط هنن ڪوتائنُ ۾ / بلڪ مجموعي جي گهڻي ياڳي ڪوتائن ۾ شاعر سدارنگاڻي ، ڪوي سدارنگاڻي خادم

ئي نظر اچي ٿو. اِنهن ڪوتائن ۾ ڪوئ جي دؤر ، زندگيءَ جو انپوُ، گهٽنائون ۽ روزمره جي ڳالهين ۽ واقفيت ڪري زندگيءَ ۾ جاءِ ونندڙ پيڙا ۽ خالي پڻي کي ڪوئ کي پنهنجي پرسنل لهجي ۾ لفظن جو بيحد ڪفايت سان اِستعمال ڪندي اِظهار مليو آهي. 'عيد جو روزو'، 'شوپيس' ، 'ماڻ'، 'بابو بڻيو افسر'، 'روشن راه'، 'بس اسٽئنڊ'، 'اڳتي ڏِسُ'، 'ڪوپري'، 'چيڪ' ۽ 'هڏائون پيجرو' وغيره ڪوتائن ۾ موضوع جي گهرائي ۽ گنيبرتا پنهنجي پوري شِدت سان سمايل آهي، توهان ڏسندا تہ هيءَ ڪوتائون/ بطور ڪوي سدارنگاڻيءَ جي ٽيمپرامينٽ ۽ ذهن سان پوريءَ طرح مئچ ڪن ٿيون.

**<u>پاشا ۽ پاشا پريوگ- اِظهار ۾ نوڻ/ تازگي جي نسبت ۾</u> :-**

اِن حوالي ۾ جڏهن اسان مجموعي جي ڪوتائن جو تجزيو ڪيون ٿا تہ اِهو ڏسي خوشي ٿي تہ اربي- فارسي جو جاڻو هوندي خادم صاحب ڪوتائن کي ڪوشش ڪري ڪوتا جي پاشا ۾ ئي (required out fit) چيو آهي، حالانڪ ڪِٽي ڪِٽي اهڙا لفظ اِستعمال ڪرڻ کان شايد سياوڪ طرح پاڻ کي نہ روڪي سگهيو آهي. اِن ڳالهہ تي پوءِ ٿا اچون، اول اسان ڏسون وشيہ موجب پاشا جي سهجتا جو خوبصورتيءَ سان ڪوتا ۾ اَچي وڃڻ :- "ڪڏهن ڪڏهن/ اچي/ گهر کان / بازار جي مُنهن تي تڪيندو آهيان/ بسون / موٽرون/ ۽

سائيڪلون/ جلسو ۽ سرگس/.. انهيءَ طرح / ڪندو آهيان صحيح / جهاز جي رڳ." (ص ١٢ )

'بس اِستئنڊ' جو هيءُ درش ڏِسو:-

'هِت / مسافر اچن/ بيهن/ وِهن/ ۽ ڳالهيون ڪن/ پيار جو ذڪُر/ ، ڪڏهن جهيڙو/ ڪڏهن ٽهڪ لڳن.../ ٽيان پر خالي ته بيشرم ڪُتا / ٽنگ ڪٽي / منهنجي ٽنگُن تي مُٽن/ گند ۽ ڪنِ! / بانس ۽ ڪن. (ص ٦٩-٨٠)

اِنهن ڪوتائن ۾ اِهو محسوس ڪري سگهجي ٿو ايڪسپريشن لاءِ هروپيرو وڏن ۽ ڏکين لفظن جي ضرورت ڪونہ هوندي آهي. مان پيپر ۾ اڳ ۾ چئي آيو آهيان تہ اِها اِن مجموعي جي وڏي حاصلات آهي جو لفظ خاموش آهن ۽ ڪوتائون ڳالهائين پيون. لائوڊنيس ڪٽي ۽ ڪونهي. جيڪڏهن مجموعي جي عنوان 'چيخ' تي ۽ غور ڪندا تہ توهانکي کا رڙ ٻڌڻ ۾ ائين نہ ايندي جيئن عام طرح سان ٻڌي سگهبي آهي. اِها ڪوتا جي هِڪ وڏي حاصلات آهي. پئدا ٿيل حالتن ڪري ڪوتا ڪيئن خود ۽ خود جسم پائي ٿي ان جو خوبصورت ائڪسپريشن انجاءِ ڪرڻ لاءِ مليو هِن ڪوتا ۾ :-

من اِستتيءَ جو اهڙو سنو اِظهار ڪڏهن ئي ڏسڻ لاءِ ملندو آهي. ".... خوب پهاڙي سيرُ ڪيمُ/ ڪاڏم/ پيتمُ عيش ڪيمُ/ ڪي ڏيک ڏنم/ ڪي ڏنگ ڏنم/ ۽ زندگيءَ جا سؤ رنگ ڏنم/ پر / آخر ۾/ مان نڪجي ويس/ مان ڦرجي ويس/

مان لڏجي ويس.“ (ص ۵۰ وجون نہ وري) ساڳئي طرح ننڍين ڪوتائُن ۾ بہ ڪوئ جي ائڪسپريشن پاور ڪوتا ۾ تازگيءَ جو احساس ڏيندي ٿي هلي:-

-”فرقت جي رات / تهُ سياري جي اُماس/ ٻاريان بہ ڪٽي بتي.../ دوريءَ کي هٽائي تہ نہ سگهندو ڪو چراغ.“ (دوري ۽ چراغ ص ۵۵)

حالانڪ ڪجھ ڪوتائون بيان بازيءَ جي اثر کان بچيل ڪونهن (اوهانجو ليڊر پر اُنهن کي ياشائي پريوگ ۽ اِظهارن جي تازگي ڪور ڪري ٿي ڇڏي .اهڙي قسم جا ڪيترا اڇوتا اِظهار مجموعي ۾ پکڙيا پيا آهن. ”بارش ڇڊي، مني جواني، تکيون مرغابيون، ڪلهوڙي سفر، ٻاٽ سناٽو، ماڻ جون ويڪريون نگاهون، سڙڪ جون هڏيون، ڇتيون ڇوليون، مِنيون روشنيون مست ڪلندر هوا، عيد جو روزو، هر ديڳي چمچو وغيره. اڇو تہ دم دار نون اِظهارن کي ماڻيون؛

- ڏرتيءَ بابت/ دنيا بابت/... هر ڪنهن بابت ٻاڳ جي دونهي گهُٽيو آدم/ تازي هوا ڏي/ ڪجھ تہ جيئڻ ڏي.

(تازي هوا ص ۹)

- ...بارش ڇڏي/ بيرنگ عفق/ وڏي زرد چهري جو گلزار ڏسو خزان جي جهلڪ اک جي آلاڻ ۾. (نوتو ص ۱۰ )

- ڪوئي تہ آهي/ بڙچين سان/ جنهن ڦاڙيو آ اُپ جو پيٽ...(برسات ص ۲۵)

هڪ ٻي ڳالهه جيڪا آبزرو ڪئي تہ گهڻي ياڳي ڪوتائون دهلي شهر ۽ اُن جي اردگرد جي ماحول ۽ ماڻهن کي رفليڪٽ ڪن ٿيون. ڇو جو خادم صاحب پاڻ دهليءَ جو ئي رهاڪو هو ۽ دهليءَ جي فضا ۽ هوا کي ڪوتا ۾ بهتر اِظهاري سگهجي ٿو، اِن ڳالهه کان خادم صاحب پوريءَ طرح آشنا هو.

پاشا جي لحاج کان خادم صاحب پنهنجي ڪوتائن ۾ اُستاد هئڻ جي ڪري اربي فارسي مهاوري/ لفظن کي اڇڻ کان نہ روڪي سگهيا آهن. يقينن، غم انگيز، مفهوم، پشت پناه، قلب فرقت، غروب، سرگردان، غافل، مخلوقات ۽ اهڙن ٻين ڪيترن لفظن جي اِستعمال سان ڪوتا جي سهجتا متاثر ٿي آهي ۽ ڪوتا کي سولي طرح سمجهڻ ۾ ڪٽي ڪِٽي ڏکيائي بہ پيش اچي ٿي. ڪِن کي تہ شايد اِنهن لفظن جي معانائُن لاءِ ڊڪشنري بہ ڪنسلٽ ڪرڻي پوي. خير، ڪوتا وري بہ ڪوتا آهي ۽ چيخ مجموعي جون ڪوتائون پنهنجي عنوان کي پوريءَ طرح سان سارٿڪ ڪندي نين تشبيهن ۽ ٻوليءَ جي گوناگون اِستعمال کي تڏوڪي ساماجڪ سندرين ۽ حالتن سان جوڙي شهري زندگيءَ کي / بلڪ ائين چئون بدلجندڙ زندگيءَ کي اظهار ڏين ٿيون. آخر ۾ ايتروئي چوندس ڪوي پنهنجي هر ڪوتا ۾ اِنساني خواه زندگيءَ جي سنياونائُن کي ڳولهي ونندو آهي. جنهن کي تاريخ پنهنجي عمل ۾ هِڪ ڏينهن ضرور ڳولهي ونندي.

# پل پل جو پرلاءُ : هڪ تجزياتي نظر

في اِلحال مان اِن کي پنهنجي خوشقسمتي هي سمجهندُس جو اڄُ مونکي سنڌيءَ جي هِڪ اهڙي شاعر جي شاعريءَ تي ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو آهي جنهن لڳ ڀڳ اڌُ مني صديءَ تائين پنهنجي شاعر قلم جي جؤهر ۽ جلوي سان سنڌي شاعريءَ کي نہ فقط مالامال ڪيو بلڪ سندس شهاڻي شخصيت ۽ شاعرانہ صلاحيت سنڌي شاعريءَ کي هِڪ آبروادار سُجاڻپ بہ هري درياڻي دلگير جي نالي سان ڏني. اهڙي شخصيت تي ڳالهائڻ لاءِ جنهن شخص کي چيو ويو آهي اُن جو وِڻُ ناهي تہ هو اهڙي اعلیٰ ۽ آبروادار شاعر شخصيت جي شاعريءَ جي باري ۾ پنهنجي بيحد محدود جاڻ ۽ مطالي جي جهيڙي روشنيءَ ۾ ڪُجهہ مُتاثر ڪندڙ ڳالهائي سگهي. اُها بہ فني ۽ مؤزون شاعري. دلگير ۽ نارائڻ شيام جهڙن شاعرن جي شاعريءَ تي ڳالهائڻ لاءِ تہ ڪنهن ماسٽر جي وِت ۽ وس جي ڳالهہ آهي. خود نارايڻ شيام نيازمنديءَ سان چيو آهي.

شعر اياز جو اوجود پونم رات
۽ ڪوتا دلگير جي رنگ رتي پريات

مطالعو ڪندي ائين ڏسڻ ۾ آيو تہ هري دلگير جي سادگيءَ پري شخصيت ۽ شاعريءَ ڪشنچند بيوس کان وني ويندي

ارجن حاسد ،واسديو موهيءَ ۽ ڀگوان نردوش جي پيڙهيءَ وارن شاعرن کي بہ لِکڻ لاءِ متاثر ڪيو ۽ سندس شاعريءَ جا اپياسي ڪتاب جوڙيا. سندس اُستاد شاعر بيوس جون هري دلگير جي پهرئين ڪوتائن جي مجموعي 'هريشچندر جيون ڪوتا' جي مهاڳ (جون ۱۹۴۱) ۾ سندس شاعريءَ تي (تڏوڪي وقت ۾ ٿيندڙ شاعريءَ جي مد نظر) تبصرو ڪندي تاثر طور جيڪي سٽون درج آهن. "دلگير نوجوان وهيءَ کان مونکي ويهارو سال وڏو ڏسڻ ۾ آيندو آهي. سندس ڪوتا جهڙي پڪيري آهي تهڙي رسيلي، جيئن جيڪو پڪو ميوو جتان چک اُتان رسيل." تڏوڪي زماني ۾ اُستاد شاعر بيوس جي ڏنل تاثر بعد اڄوڪي يگ جي شاعر ۽ نقاد واسديو موهيءَ جي هِڪ تجزياتي تبصري/ ليک ۾ دلگير صاحب جي شاعريءَ جي حوالي ۾ ڏنل تاثر (ڳالهه شاعريءَ جي- ۲۰۰۷) تي غور ڪنداسين تہ دلگير صاحب جي اِن طويل عرصي دؤران ڪيل شاعريءَ پٺيان سندس فلسفي، گروٽ ۽ اِن گروٽ جي پرکريا کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي. "اڌ صديءَ جيترو وقت پهاڙ جيترو لڳي فطرتي آهي. لڳي ٿو هِڪ يُگ آهي. ايڏو وقت ڪنهن شخص جو تخليقي عمل سان رشتو رهيو هُجي سو فطرتي هوندي بہ ٿورو عجيب خوشي ديهہ لڳي ٿو. ها، اِهو ربطي رشتو آهي هري دلگير جو سنڌي شاعريءَ سان."

**<u>پل پل جو پرلاءُ : فن ۽ فڪر جي آئيني ۾</u>**

دلگير صاحب جي شاعريءَ جي حوالي ۾ منهنجي اپياسي مذاڪري جو دائرو سندس تنقيدي سطح تي چرچا ۾ آيل مقبول ڪوتائن/ شاعريءَ جي مجموعي 'پل پل جو پرلاءُ' تائين محدود آهي. اِنهن تاثرات جي روشنيءَ ۾ جڏهن اسان اِن مذڪوره مجموعي ۾ شامِل شاعري (اُن وقت سندس چوٽيءَ موجب گذريل ڏهن- ٻارهن سالن ۾ جيڪو لِکيو اٿم هِن مجموعي ۾ شامل ڪيو اَٿم ) جو فن ٿوري فڪر جي نقط-نگاه کان تجزيو ڪنداسين ته هِن طويل عرصي دؤران شاعر جي ٿات، فن (Techniques) گهاڙيٽي ۽ ٻوليءَ سان ڪيل پريوگن جي روشنيءَ ۾ هڪ اهڙي شاعر جي تصوير اُبري ٿي جنهن سنڌي شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف تي نہ فقط قلم آزمائي ڪئي بلڪ سنڌي شاعريءَ کي اُن سان شاهوڪار ٻڌجڻ جو احساس بہ ٿيو آهي. پنهنجي فلسفي ۽ ڏانو ۾ روايتي ۽ سڪ درسي هوندي بہ صاحب زندگي جي تلخين ۽ حقيقتن سان پوريءَ طرح سان مقابل آهي- سندس شروعاتي سِٽن مان ئي اِها ڳالهہ ظاهر آهي "مونکي زندگي وٽي ٿي. زندگيءَ جو وقت سيني کي گذارڻو آهي کلندي يا رُئندي، اُهو اسان تي ڇڏيل آهي."

هن مجموعي ۾ شامل شاعريءَ جي حوالي ۾ جيڪا خاص ڳالهہ اُبري بيٺي آهي- اُها آهي دلگير صاحب جي فني صلاحيت ۽ قوط. شاعر سنڌي شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف تي ۽ ڪٿي ڪِٿي تجربيڪارنہ (experimental) ٿيندي

ڪاميابيءَ سان فنائتي اِظهار جو مثال پيش ڪيو آهي. ۽ پنهنجي اِظهار کي فنائتو بڻائڻ لاءِ اٽڪل ڏهن قسمن جي فارمس (forms) کي استعمال ۾ آندو آهي. هن سو صُفحن جي شاعريءَ ۾ وائي، نظم، ٽيڑو (هائيڪو)، گيت، قطم رُباعي، للت، پد، بيت، نظم، غزل ۽ نظماٽي نثر جو سنڌي پاڻڪ کي رسُ ملي ٿو. (آنند ملي ٿو) ۽ سنڌي شاعرن کي جسُ ملي ٿو.

- ٻولي اِظهار جو وسيلو آهي. هري دلگير سنڌي ٻوليءَ جي ذخيري ۽ ڊڪشنريءَ جو نالو آهي. ٻوليءَ ۽ اظهار جا نوان تجربا ٻه هن مجموعي جي هڪ ٻي خصوصيت آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ايياسيءَ کي اهڙي شاعري پڙهندي/ ماڻيندي پنهنجي سنڌي هُجڻ تي فخر جو احساس ٿو ٿئي ته هو ڪهڙي نه شاهوڪار زمين/ ماءُ جي ڪُک مان پئدا ٿيو آهي.

- ۽ هري دلگير جي شاعريءَ جي جيڪا سيني کان اهم خوبي آهي سا آهي سندس چيل لفظن ۾ مؤجود مؤسقي ۽ نغمگي مؤسقيت جي خوبي هر ڪنهن شاعر وٽ نه هوندي آهي. ۽ اِها مؤسقيت (سنگيتا تمڪتا) پنهنجي زمين ۽ ٻوليءَ سان جڙيو رهڻ سان ئي شاعريءَ ۾ اچي ٿي.

دلگير صاحب جي هن مجموعي جي حوالي ۾ آخري خاص ڳالهه آهي ٿاٽ گهٽو تٽو ته دلگير صاحب پنهنجي ۽ پنهنجي آس پاس جي زندگيءَ تائين محدود آهي، ائين ساماجڪ سروڪار يا لاڳاپي جون ڳالهيون ٻه آيون آهن. پر

ڪاوياتمڪ سنويدنا (poetic sensibility) جي جيڪر ڳالهه ڪيون ته ڏنل ٻُڌل ڳالهين ۽ وقت سان گڏ گذرندڙ زندگي اُن سان لاڳاپيل گهٽنائون ،حادثا ڪوتا / شاعريءَ ۾ هڪ ساڌارڻ يا سطحي اِظهار سان اچن ٿا جڏهنڪ ماڻيل ۽ پوڳيل زندگيءَ ۽ اُن جي احساسن جي اِظهار جي شدت، تڪاڻ ۽ اپيل اُن رچنا کي الڳ ڪري بيهاريندي آهي. اُن رچنا کي صدين تائين زنده رکندي آهي. اُن جو پرلاءُ هر دؤر ۾ پيو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. جنهن کي اسان ڪالجيي چوندا آهيون.

اِن حوالي ۾ هِن مجموعي جي جيڪڏهن ڳالهه ڪيون ته ڪويءَ جي فلسفي ڏات، اُن جي دؤر جو سماج، اِنسان، حالتون سندس مختلف قِسمن/صنفن جي شاعريءَ ۾ اظهار ته بخوبي پائي سگهيا آهن. مؤسقي انداز ۾ خاص ڪري وائي، نظم ۽ غزل ۾ سندس فن جو ڪمال اسان ڏسي سگهون ٿا. پر ڪالجيي رچنا جي طلب اجان وڌيڪ آهي شايد تمام وڌيڪ. شاعر ڪنهن به صنف ۾ شاعري ڪري اُن ۾ هڪ چيز هوندي آهي مجموعي اثر (Total effect) اِهو ٽوٽل اِفيڪٽ ڇڏڻ ۾.

هيءُ مجموعو ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهي، سو ته مجموعي ۾ شامل شاعريءَ مان ظاهر آهي- وري به اسان ڪجهه مثالن ذريعي اِهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين دلگير صاحب جي شاعريءَ کي ماڻيندي. هونءَ ته دلگير صاحب ڏهن صنفن ۾ شاعري ڪري پنهنجي فني ڪماليت ۽ قوط جو

مظاهرو ڪيو آهي پر سندس ٿات ۽ خيال جو گهٽو اِظهار وائي، گيت، غزل ۽ نظمن ۾ ٿيو آهي ۽ اِنهن ۾ ئي سندس لِڪل شاعريءَ واري پيڪيولرٽي (خاصيت) خوبصورتيءَ سان سامهون آئي آهي.

آپسي رنجشُن، دُئيش، ناراضگيون دور ڪري پاڻ ۾ رلي ملي نهي هلڻ جي سرل سنديش هن وائيءَ جي لفظن ۾ مؤسقي ۽ رواني آڻي ڇڏي آهي.سو بہ نيازمنديءَ جي ياو سان

آءُ ، رُنل تون آءُ/ياءُ، وري ٿي ياءُ....
اڄُ تہ ڪريون پرچاءُ
وٽبو ڪجهہ نہ ويرمان / سِڪَ و ونجي ساءُ...
تنهنجي ڪندن پوک مان/ توکي پڻ ايذاءُ....
ڏوهہ متان منهنجو هجي/ مان ئي ننڍڙو، تون وڏو
معاف مونکي ڪر ياءُ... ڪر ڪو نيٺ نياءُ.../ اڄُ تہ ڪريون پرچاءُ

هِتي ڏيان ڏيڻ واري ڳالهہ آهي لفظن جي چونڊ جنهن سان مؤسقي پئدا ٿئي- ڪِتي ڪِتي تہ ائفرٽ (effort)نظر اچي ٿو پر گهٽو ڪري خيال سان گڏ سياوڪ طرح لفظن پنهنجي جاءِ ورتي آهي ائين هِڪ سنگيتميہ رچنا بڻجي وئي آهي. اِن تعلق سان آسان جيڪر لِرڪل شاعري/ لفظن جو مفهوم سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون تہ سنو ٿيندو.

حقيقت ۾ جذبو/ جذبات هي لِرِڪل شاعريءَ جو بنياد آهي يا وري ماحوڻ خارجي ۽ داخلي سچوئيشنس جي اثر ڪري بنا ڪنهن ڪوشش جي بي خودي‌ءَ مان ئي مُنهن مان نڪتل لفظ ڪهڙي وقت شاعري بڻجي ٿا وڃن خبر ئي ڪانہ پوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن دِل تي ٽينڊڙ اِهو بنا لفظن وارو بنيادي اثر، جذبي سان گڏُ ڪنهن نئين خيال کي ب پئدا ڪري شاعريءَ ۾ داخل ٿئي ٿو. لفظن جي جڙت ۽ جملن جي ترتيب مان جيڪو جذبو بنا ڪنهن خاص ڪوشش جي پئدا ٿيل لڳندو. اُهو لِرِڪل/ مؤسقيءَ پريو جذبو آهي. هونءَ ئي ڪنهن ويل من مست ۽ خوش هوندو آهي. عام ماڻهون ب بي ساخت گُنگنائڻ لڳندو آهي. راه ويندي لا لا ل لا لا ... چاندني رات ۽ اڪيلائي.... خاص ڪري جڏهن رومانٽڪ مودِ هوندي آهي. ( ڪيتريون ڏنون تہ بات رومن ۾ ب تيار ٿي ويندیون آهن.) في اِلحال معسوم نئين عشق جي چڪ دِل ۾ ڪيئن ڪرنٽ پئدا ڪندي آهي. اُن جو خوبصورت اِظهار هري دلگير وائيءَ ۾ ڪيو آهي :-

هتي دلگير صاحب جي بولي، پاشا جو تخليقي استعمال نوان اِظهار ب ڏسندا هلون:

ڳالهہ ڪريان ڪنهن سان تکي / آهي خوشي اَجهل
هُن مونکي مرکي ڏنو.

اندر ۾ اڏمو اٿيو/ من مور لهرڻ لڳو/ هير هلي سيتل.../ هن مونکي مرکي ڏنو

لڄ ۾ ٿي ويس لال مان/ ڏرتي جڻ ڦرندي ڏٺم
اُپ ۾ پڻ هلچل / وقت نچيو ناچوءَ جيان
پلُ پل هو پيتل/ هُن مونکي مُرکي ڏٺو...
مؤسفيت ۽ روانيءَ واري خوبي هري دلگير جي غزل، قطع ۽ گيت ۾ به خوبصورتيءَ سان آئي آهي خاص ڪري عشق ، پيار ۽ نارمل زندگيءَ جي واقعين /حالتن جي اِظهار سان وري به ڪجھ الڳ -شاعر جي اُڏام ماڻڻ وٺان آهي هتي:

وار ڪارا جڏهن ڪنديريئن ٿي/ رات جي سونهن مات ٿي وئي
سينڌ تنهنجيءَ ۾ ليڪ آهي سنئين/ دور هر مشڪلات ٿي وئي
تنهنجي آهٺ ٻڌم صُبح سمي/ بيني بيني هي رات ٿي وئي
ڪجھ زبان ساڻ، ڪُجھ اکين ساڻ چيئه / بات ۾ خوب بات ٿي وئي.
زماني جي نيگيٽيوٽيءَ ۾ پازيٽيوٽي ڳولهڻ به هِڪ شاعر جي هي خوبي آهي:
- وٽي ٿي اجا زندگي/ ڪجھ نه ڪجھ/ زماني ۾ آ دلڪشي ڪُجھ نه ڪُجھ
- سراسر برو ته ڪو ٽيڙو نه آيو/ منجهس بات هوندي ڪُجھ نه ڪُجھ.
هاڻي غزل بابت گهڻو ڪُجھ ڳالهائڻ يا تشريھ ڪرڻ جي نه منهنجي منشا آهي نه اِستتي فن ۽ فارم تي ڳالهائڻ وارا

گھٽيئي وينا آهن. ها ايترو ضرور چوندس تہ جيستائين غزل ۾ ٿات جي فنائتي اِظهار جو تعلق آهي. منهنجي سمجهہ ۾ اچي ٿو غزل زندگيءَ جي داخلي خارجي تجربن (experiences) توڙي پوگنائن/ ڪيفيتن جو مؤسقيءَ پريو دِلڪش اِظهار آهي. مؤسقيت جي غير حاضريءَ ۾ غزل اڪثرنظماٽو نثُر يا نثري نظم لڳندو آهي. خاص طور جيئن ڏٺو پيو وجي اَڄ ڪالهہ خير وشيہ جي چوندِ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿي. غزل لاءِ بن شين جي گهٽي ضرورت آهي جيترو مطالعو ۽ مشاهدو آهي. شاعراٽي معسوميت (lyrical innocence) ۽ تخليقي سادگي (creative simplicity) اِهي بئي خاصيتون هري دلگير صاحب جي ساده شاعر/ شخصيت جو حِصو آهن. هتي جيڪڏهن مان نارايڻ شيام جي شاعر شخصيت کي بہ ياد ڪيان تہ بيجان نہ ٿيندو.

**هڪ آبزرويشن**:

ڪِتي ڪتي جذبات وچان شاعر ڪيڏي مهل اُپديشڪ بڻجي پوي ٿو ڪيس احساس تہ ٿيندو هوندو پر غزل ۾ 'ٿات' جي صيحتمنديءَ لاءِ اِها پرورتي نقصان ديهہ آهي ٿورو ڏسون:

زندگيءَ جو سفر آ/ ڪوئي رُئندو ڪوئي ڪلندو رهيو-
مؤت طوفان آ، زندگيءَ آ ڏيئو تيز طوفان ۾ ديپ جلندو رهيو.

گيت ۽ بيت وغيره ۾ اِهي هلڪيون ڦلڪيون ڳالهيون سنيون به لڳنديون آهن پر غزل ۾ خيال جي وسعت ۽ گهرائي غزل جي آب-نقاب حياتيءَ لاءِ لازمي ٿي پوي ٿي- خير اهڙا گهٽيئي مثال آهن. مون اِها ڳالهه خاص ڪري نئين پيڑهيءَ جي غزل گو شاعرن ۽ شاعريءَ کي ڏسندي به ڪئي آهي. (فيس بوڪ ۽ ٻين سائيٽن تي تمام گهٽي شاعري پوسٽ ٿئي ٿي.) (حلقا ڦُلڪا نارمل خيال گيت بيت جي سونهن ئي آهن)

هاڻي لفظن ۾ مؤسقي پري دلگير صاحب ڪيئن سندر گيت ٿو رچي -ڏسو

(1) اي شيام پنهنجي بنسري مونکي بڌاءِ تون/ وري وري چپن سان پنهنجي پيو انهيءَ ۾ قوڪَ قُوڪِ تون اننت مؤج مان/ جيئن وڻيئي تيئن پيو مونکي وڄاءِ تون

(2) ڳائيندو ره ياءُ/ اجان ته رات گهڻي پيئي آ/ سُن جو آهي ستاءُ تنهنجو پد پد منجهه ٻُڌان ٿو/ پل پل جو پرلاءُ/ سورج، چند، ڪتيون ۽ تارا، / اونده جو به هُڳاءُ/ ڳائيندو رهُ ياءُ

-نظمن ۽ ٽيڙو صنفن ۾ دلگير صاحب جي ٽاڪ جي وئيرائتي مِلي ٿي. اِنهن ۾ 'ٽاڪ' ۽ اِظهار ٻئي اُيري بينا آهن. ۽ ڪي خيال طنز سان ايتري سياوڪ طرح اچي ويا آهن. جن جو اِظهار عام طرح سان ٻيا شاعر ايتري

سؤلائيءَ سان نہ ڪري سگھندا آھن. محفل ،چٻرو، مُنھنجو دشمن گذاري ويو، پوڙھو، گھٽتائي، ترڪٽو رستو، عورت جو ساٿي آئينو، پياسو ۽ ٻيا ڪيترا نظم آھن جن ۾ شاعر پنھنجي ۽ پنھنجي آس-پاس جي تصوير چٽي ٻُڌايو آھي ھو سماج ۾ ٿيندڙ ننڍي ۾ ننڍي خسيس ڳالھ ۽ بدلاءُ سان بخوبي واقف آھي. ڪڏھن ڪڏھن لفظ اُھو ڪم نہ ڪري سگھندا آھن، جيتري شانت اکين جي خاموشي.

(1) هي اوندھ جا ساٿي چٻرا/ ھِڪُ جنم اڳُ ماڻھو ھوندا/...
اِنسان بہ اڄُ ڪالھ ائين/ شڪ گھٻراھٽ جي اونده ۾/
ھڪ چٻري وانگر اُڏندو آ...

(2) هو گذاري ويو/ چگّو ئي ٿيو/ ڪُجھ مٽي سور گھٽ
ٿي پيو مونکي اُسرڻ ھوُ ڏيندو نہ ھو... آھي ڪائيءَ
تي ليٽيو پيو (نيڪ ھرڪو مرڻ بعد) چگّو ٿيو.

(3) ھُن جو ھيءُ عاشقاڻو اِظھار احساس ڪيترن ماڻھن
لاءِ انسپائيرنگ آھي پوپٽ وانگر پيار ڪريان ٿو/
سونھن ڏِسان ٿو رس بہ چکان ٿو
ليکن اٽکي ڪونہ بيھان ٿو/ اٽکڻ عيب ٻُڌاپي جو آ
پوڙھو ھوندين تون پاڻ/ آءُ تہ آھيان سدا جوان!

(4) هوءَ صبح سوير اُٺندي آ: ڪِٽ رنگ جھڪيرو ٿيو
آھي/ ڪِٽ گھُنج پڪيرو ٿيو آھي/ ڪِٽ نِڪتو وار

سفيد نئون/ آئينو چوندو صاف سنئون هوءَ وار سفيد ڪندي ڪارو/ آئينو ڄاڻي ڳهجهه سارو...
اهڙا معمولي ۽ نارمل زندگيءَ جا خيال به فنائتي اِظهار سان تصوير بڻجي ڪيئن ڳالاهين ٿا - اِها تڪنيڪ هري دلگير جهڙي شاعر کان سِکڻ جي ضرورت آهي.
دلگير صاحب وٽ نئين ڪوتا لاءِ نئون خيال به آهي جنهن کي هو نظماڻي نثُر جي صنف ۾ اِظهار ڏيندي چوي ٿو، "هيءَ نئين ڪوتا ناهي جنهن ۾ سوچ جون سوڙهيون ۽ وڙوڪڙ واريون گهٽيون هوندیون آهن هِنن رچنائُن ۾ اُمنگ ۽ اُڇل جو شاهي رستو آهي بنا ردیف ۽ ڪافيي جي سينگار جي چند ۽ ماترائن جي ممتا کان هي مڪت آهن."
يعني هو صاحب اِهو ته قبولي ٿو ته نئين ڪوتا خيال جي فنائتي اِظهار جو شاهي ۽ سِڌو رستو آهي.مانو من جي داخلي ڪيفيت جو خوبصورت اِظهار اِنهن سِٽن ۾ ڏسي ۽ ماڻي سگهجي ٿو:

(1) مان هِڪ چگّو ماڻهو آهيان/ اهڙو ڪوبه ڪم ڪونه ڪيو اڄ جو شرمسار ٿيڻو پوي.../ پر جيڪڏهن مُنهنجي من ۾ ڪو ٽائيپ رائيٽر رکيل هُجي/ جو ذهن جي ڪاغذ تي/ پاڻهي پاڻ ٽائيپ ڪندو وجي/ مُنهنجون اڻپوريون خواهشون / مُنهنجو هر ويچار جو هلندي، اُڀندي. وهندي مُنهنجي اندر

۾ پئدا ٿئي ٿو/ ۽ ڪوئي اُهو ٽائيپ ٽيل مئٽر ڪنهن اخبار ۾ شايع ڪرائي/ ته مان جيڪر شرم ۾ ٻُڏي مران/ ۽ پڪ ئي پڪ آپگهات ڪري ڇڏيان.

**بولي- پاشا- اظهار**

اِن ۾ڪو شڪ ڪونهي ته ڪنهن شاعر جي بولي ،هُن جي پنهنجي نِجي بوليءَ جو ذخيرو، اِن جي اِستعمال جو طريقو- انداز، نوتن لفظن جملن، استعارن - مهاورن جي گهڙت ۽ سپ کان وڌي ڳالهه زمين سان جڙيل بوليءَ ۾ اظهار اُن شاعر جي نجي سُجاڻپ ته ٻڌجي هي ٿي بلڪ اُن پاشا جي خاصيت به ٻڌجي وجي ٿي- ۽ ڪوي/ شاعر پنهنجي انداز بيان ۽ اِظهار جي اِستائيل لاءِ سُجاتو وجي ٿو. ۽ هري دلگير سنڌيءَ جي اهڙن ڪيترن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو جيڪي بوليءَ تي اڏڪار سان اِستعمال ۽ اُن جي وسعت لاءِ اڃُ به نمايا ٿي بينا آهن -

هري دلگير جو گيت هُجي/ غزل يا وائي اُن جي وڌي خوبي سِڪ سليس بولي، مؤسقي ۽ روانيءَ واري گيت جي مؤسفيت ۽ روانيءَ واري خوبيءَ کي هري دلگير غزل ۾ ڪم آڻي هِڪُ نئون تجزيو به ڪيو، اُن تجزيي ۾ سندس بوليءَ جو اِستعمال - ائين چئجي تخليقي اِستعمال نئين پيڙهيءَ جي شاعرن لاءِ مثل- راه جو ڪمُ ڪري ٿو- بوليءَ جي سلامت غزل جي هِنن بندن ۾ ڏسڻ وڻان آهي.

- رات ههڙي جي هلي وئي هٽن مان/ ويئي،/ ايندي واپس نہ وري/ رات وڃڻ واري آ
- وقت کي روڪ ،مٽس جار وِجهي گيتن جو/ آ سندس چال چري رات وڃڻ واري آ

نوان اِصطلاح ۽ اِظهار دلگير صاحب جي فني قوطن ۽ بولي‌ءَ جي تخليقي اِستعمال ۾ مهارت جو درس ڪرائين ٿا- اهڙا مثال مجموعي ۾ پريا پيا آهن-

'پره جي هير' ، 'ستارن جا ڪنول'، 'ماڪ جا ڳوڙها'، نظر نير پري هي‌ءُ چار مثال ته هِڪ ئي غزل جا آهن- اِن مان اندازو لڳي سگهي ٿو ته دلگير صاحب جي بولي‌ءَ جي تخليقي اِستعمال واري صلاحيت ۽ سليس بولي‌ءَ ۾ خيال جي اِظهار جي قوط تنهن زماني ۾، سنڌي شاعري‌ءَ جي مئدان ۾ ڪيتري هلچل پئدا ڪئي هوندي.

مونکي لڳي ٿو ڪنهن شاعر جي شاعري‌ءَ ۾ بولي‌ءَ جي سلاست، اُن جي تخليقي اِستعمال ۽ اُن سان پريوگ واري خوبي شاعر جي پنهنجي شخصيت تي گهڻو مدار ٿي رکي- هري دلگير صاحب سان به اِها ڳالهه لاڳو ٿئي ٿي. پنهنجي زمين ۽ سنسڪرتي‌ءَ سان پختي نموني جڙيل هُئڻ جي ڪري، هي‌ءُ صاحب سنڌي‌ءَ ۾ ئي اُتي وِهي ٿو، سنڌي‌ءَ ۾ جاڳي ٿو، هلي ٿو، کائي ٿو پائي ۽ مُسڪرائي به سنڌي‌ءَ ۾ ئي ٿو. (اسان جيڪڏهن غور ڪنداسين ته اڄُ به پراڻي پيڙهي‌ءَ يا سنڌي ماحول ۾ نپني وڏو ٿيڻ وارن جي وهنوار

۾ اسانکي سنڌي هي نظر ايندي - ڳالهائڻ ٻولائڻ اُٽڻ وهڻ ۽ سوچڻ ۾) ۽ صرف سنڌيءَ ۾ ٿو سوچي تہ ظاهري طور تي پنهنجي ٻولي، روايت، سنسڪرتي اُنجي لکڻيءَ ۾ ٻہ ايندي- ها هُن جو تخليقي اِستعمال هُن جي افراديت (potential) آهي. مثال طور اسان دلگير صاحب جو ڪوبہ بند ڪڍون- اُهو بنا ڪنهن خاص ڪوشش جي سُهڻو ٿي ٿو بهي، ڪُجهہ تصويرون جن کي ٽيڙو چوي ٿو

- سج ۽ جهُڙ جي جاڳ/ سارنگ ۾ سُلگي پيئي/ هلڪي هلڪي آگ

- هي تڙڪو، هيءَ بوند/ اُپ ۾ مشڪي اِندلڻ/ تون هجين ها هوند

- صاف چاندني رات - هلڪي هير تلاءَ ۾ / روپيلي بارات

هيءَ تصوير بنا ڪنهن ائيفرٿ جي سوچ سان گڏ نهنديون ويون آهن، نون اِظهارن سان تز سنڌي ۽ اُن جي پريوگ سِکڻ لاءِ اڄُ جي شاعر ۽ اپياسيءَ لاءِ دلگير جهڙي شاعر جو اپياس لازمي آهي. جي سنڌي شاعر بڻجڻو آهي تہ؟

باقي پنهنجي ڪل تاثر (Total effect) ۾ هيءُ مجموعو شاعر جي فني صلاحيت ۽ اِظهار جي قوط کي اُجاگر ڪري ٿو- شاعر جو زور فني تجزيي ذريعي گهڻ صنفي اِظهار تي رهيو آهي- جنهن ڪري ٿات ڪِٽي ڪِٽي ويڪ(weak) رهجي ويو آهي. شاعر کي پنهنجي چوائس آزادي آهي

ائين ٿيندو آهي ۽ کي قدر سياوڪ ۾ هونءَ ۾ پرفيڪٽ پکچر ناهڻ آسانجي هٿ ۾ ڪونهي- اُها الائي ڪٽي نهندي پيئي آهي- وقتي هر ڪنهن کي نظر ۾ نہ اچي ۽ سمجهه ۾ ۾ وقتي سمندُ ۾ اُجايل محسوس ڪندو آهي. پاڻ هي شاعر دلگير چيو آهي:

- آزل جي اُڇ اندر ۾ آهي/ سمند ۾ پاڻي آهي/ تہ پي/ سپ پياسي آهي ...

مونکي ۾ هڪڙي بوند ڪپي.../ آهي ڪٽي سان بوند هي جاڻان ها مان هوند - !

ظاهر آهي هري دلگير جي شاعريءَ ۾ پنهنجي وقت جو حُسن ۽ آواز تہ آهي ئي .. جنهنجو پرلاءُ اڃُ ۾ آديپور جي گهِٽين ۾ ٻڌي سگهجي ٿو، محسوس ڪري سگهجي ٿو.

# مهانگي مُرڪ : مايا راهي: هڪ تجزيو

حالانڪ نہ چاهيندي بہ ڪيتريون ڳالهيون ڏُهرايون ويندیون آهن يا ڏُهرائجنديون آهن وشيہ سان وابستہ يا غير وابستہ بہ هڪ سُهڻي پومڪا ٻڌڻ جو موه خير ڪو مقالانويس ڇڏي سگهندو آهي. پيشيور ماهر هجي يا ضرورت پوڻ تي لکڻ وارو (On demand) پيپر رائيٽر پيپر جو وشيہ سهڻو آهي. دلچسپ آهي اَسان سيني کي خبر آهي، افسانوي ادب ۾ تخليقي ادب ۽ اُن ۾ بہ ڪهاڻيءَ بلڪ ائين چئون نئين ڪهاڻيءَ کي اهم منفرد مقام حاصل آهي اسان سيني کي اِها بہ خبر آهي ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪُجهہ اهڙوئي مقام مايا راهيءَ جي ڪهاڻي کي حاصل آهي.اِها اُنهن سيني کي خبر آهي. جن مايا راهيءَ کي پڙهيو آهي. ۽ اُنهن سيني کي بہ چگيءَ طرح خبر آهي جن مايا راهيءَ کي نہ پڙهيو آهي. جن مايا راهيءَ کي نہ پڙهيو آهي، اُهي هُن جي ڪهاڻين جي فني يا فنائتي نموني اِظهار واري پهلوُ تي هيءُ مقالو/ پيپر ٻڌڻ بعد مايا راهيءَ جي ڪهاڻيڪار سان ضرور ملاقات ڪرڻ چاهيندا.

اَهڙي پڪ آهي ڇو جو ڪهاڻيءَ جو پنهنجو هِڪُ سنجيده پاڻڪ ورگ آهي. حالانڪ اَسان سيني کي اِها بہ خبر آهي تہ ڪتابن جو پاڻڪ ڏينهون پوءِ گهٽجي رهيو آهي ۽ سنڌي ڪتاب جو پاڻڪ تہ هاڻي سرچ (search ) ڪرڻو ٿو پوي جڏهن کان اسانجي گهرن ۾ تي.ويءَ ڪانپوءِ موبائيل

(سمارٽ ) ۽ اِنٽرنيٽ جهڙين حسينائن اينٽر ڪيو آهي. سيني ڪي موبائيل تي ڪِلڪ يا ٽچ ڪري، يا ٽي ويءَ جو بٽڻ آن ڪري پنهنجو منورنجن ڪرڻ، خبرچار ونڻ يا ڪُجهه هلڪو ڦلڪو پڙهڻ ئي سهوليت وارو ۽ بهتر ٿو لڳي، پوءِ پلي اُهو دماغي / ذهني صحت جي انوڪول هجي يا نہ، پر هُن جي دل تہ بهلجي وجي ٽي. پهرين بہ ڪيل تماشا ميلا نيلا سيني جي دل بهلائيندا ئي هئا.

هِتي اِها ڳالهہ ڪرڻ جي مُراد فقط ايتري آهي تہ اِن ونڊمبنا جي هلندي جنهن ۾ پانڪن جو هڪ وڏو تعداد (ورگ/ ڪلاس) صرف منورنجن يا ٽائيم پاس ڪرڻ لاءِ ڪتاب پڙهي ٿو. ڪتاب جا پنا اُٽلائڻ مڱڻي ڪائڻ ساڳي ڳالهہ آهي. جي اِن حالت ۾ بہ ليڪڪ چاهي ٿو تہ پانڪ منهنجو ڪتاب پڙهي ۽ دلچسپيءَ سان پڙهي تہ اِهو هُن لاءِ هڪ چئلينج آهي. ٽي. وي ۽ اِنٽرنيٽ جي سستي ۽ مصالحيدار منورنجن جي ڦلجندڙ ڦولجندڙ اِن ماحول ۾ هڪ سچيت، سگهاري ۽ ذميوار ليڪڪ يا رچناڪار جي ڪابہ سگهاري رچنا اَهڙي قسم جي ساماجڪ لاڙن سان مقابلو ڪرڻ جي پوري سگهہ رکي ٽي، اُها پانڪن کي 'انٽرٽينمينٽ' ڪونہ پائي ڏيندي آهي ٽالهيءَ ۾، بلڪ اُنهن کي ساماجڪ ۽ سانسڪرتڪ سروڪار ۽ رچناتمڪ مشغولين(Engagement) طرف رُخ رکڻ جي صلاح ڏيندي آهي يا ڪٽ جهلي وٽي ويندي آهي. هڪ ذميدار ليڪڪ /

سرجڪ خاموشيءَ سان اِهو ئي ڪندو ٿو اَچي صدين کان شتابدين کان اِن حالت ۾ سنڌي ڪهاڻي جي سگهاري دستخط مايا راهيءَ جي 'مهنگي مرڪ' کي جيڪڏهن ڏٺهه کن سنجيده پاڻڪ مِلي ٿا وجن تہ مرڪ ايتري مهانگي نہ چئجي.

**مايا راهيءَ جي ڪهاڻين ۾ فنائتو (ڪلاتمڪ) اِظهار** :

مايا راهيءَ جي مذڪور ڪهاڻين جي مجموعي ۾ ڪُل ٣٢ ڪهاڻيون آهن، ڪي ڪهاڻيون سندس ئي پوئين مجموعن مان کڻي هن مجموعي ۾ شامل ڪيون ويون آهن. هڪ عورت ڪهاڻيڪار هئڻ جي ناتي ڪهاڻين جو سُر هروپرو ناري چيتنا يا ناري سنويدنا ڪونهي، ها اڃوڪي يگ،ماحول ۾ پڙهيل، لکيل طبقي جي متئين وچولي درجي جي گهريلو عورتن کي ۽ سندن پريوار ڪٽنب ۽ ساماجڪ اُٽاين کي خاص ڪري شهري پريوارن ۾ وچولي درجي جي پريوارن ۾ گهڙي آيل يا پئدا ٿيل نين اِستتين، آپسي رشتن، آشائن نراشائن، ڪٽنب ۾ ايندڙ بِڪراءَ ۽ خاص ڪري سنڌي پريوارن جي ماحول کي کڻي ڪري ساماجڪ اوٽاين کي پنهنجي نجي بيباڪ لهجي ۾ پيش ڪيو آهي.

نئين ڪهاڻي يا جديد ڪهاڻيءَ جي حوالي ۾ مايا راهيءَ جون ڪهاڻيون پڙهندي ڪهاڻيءَ جا سڀ عنصر لڳ ڀڳ هر ڪهاڻيءَ ۾نظر اَچن ٿا. پرويش / ماحول، شهري وچولي درجي / طبقي جا ڪردار ۽ اُنهن جا مسئلا، آپسي

رشتا، سيڪس سان لاڳاپيل پئدا ٿيل نيون ڏارڻائون، ويچار مُدا- پڙهيل لکيل ناريءَ جي اِستتي، پريوارڪ / ڪٽنبي، پرمپرا خلاف آواز، دوند (द्वंद) / ڇڪتاڻ، شخصي انائون (Individual Ego ) وغيره سڀ وشيہ ڳالهيون مايا راهيءَ جي ڪهاڻي سگهاري پيشڪش جي روپ ۾ سامهون آيا آهن.
هنن ڪهاڻين ۾ جيڪي خاص ڳالهيون نظر اَچن ٿيون تِن ۾:
(1) موضوعن جي پرمار آهي الڳ الڳ موضوعن جو ڪامياب چترڻ ڪيو ويو آهي.
(1) نندين نندين گهٽنائن کي ڪهاڻين جو آڌار بڻايو ويو آهي.
(2) ڪهاڻيون گهٽنائن ذريعي اڳتي نٽيون وڌن، گهڻو ڪري ڪهاڻيڪار ڪهاڻي ٻڌائڻ جو طريقو استعمال ڪيو آهي. (story telling style)
(3) ڪهاڻين جو ڪلائيميڪس (climax) طرف وڌندي وڌندي اوچتو هڪ وئچارڪ نقطي سان اُتي ئي ختم ٿي وڃڻ. (Intellectually Random end)
(4) ڪهاڻيءَ جا ڪردار / پاتر گهٽ ٿا ڳالهائن. اِنڪري ڪهاڻيڪار پنهنجي هر ڪهاڻيءَ ۾ مؤجود آهي. پنهنجي وٽندڙ ۽ نجي ايجاد ڪيل لهجي ۾ ڪهاڻي ٻڌائڻ لاءِ.
ڪهاڻيءَ جي ڪلاتمڪ اِظهار جي پرڪ لاءِ يا ائين ڪٽي ڇئون اُنهن نقطن جاين/ ڪي اندرلائين ڪرڻ جي

ڪسوٽي ئي تتو / عنصر نظر اَچن جيئن مون کي سمجھ ۾ آيو آھي.

(i) ياشا ٿَتو (ii) ياو ٿَتو (iii) ڪلپنا ٿَتو اِنھن ٽنھي جي سنگھڻن / جُڙاو سان ئي رچنا جي ڪلاتمڪتا کي ڏسي / پرکي سگھجي ٿو. رچناڪار پنھنجي ياوَ ويچار/ وشيہ کي پنھنجي ياشا ۽ ڪلپنا سان اَھڙو ڪھڙو پرياوشالي روپ ڏنو آھي جو پاڻڪ / نقاد جي مانس - پٽل تي اُھا رچنا ڇانئجي ٿي وڃي. ۽ جڏھن بہ ڪنھن حوالي ۾ اُن رچنا جو ذڪر نڪري ٿو، اُھا رچنا يڪدم ذھن ۾ تري ٿي اَچي- پوءِ اُھا پريمچند جي ڪھاڻي 'ڪفن' ھجي، ھريش واسواڻيءَ جي 'گھنٽي'، سُندري اُتمچنداڻيءَ جي 'پوري'، سندر اڳناڻيءَ جي 'ليٽر بوڪس'، ھيري شيوڪاڻيءَ جي 'باشيمل جو باٿروم' ۽ مايا راھيءَ جي 'ڊال' 'موڪش' ۽ 'مھانگي مرڪ'. ڪنھن رچنا کي اسان بار بار پڙھون ٿا / پڙھڻ چاھيون ٿا شايد اِتي ئي ڪٿي ڪلاتمڪتا آھي- رچنا جي-

**ڪھاڻيون - ڪلاتمڪ اِظھار جي آئيني ۾**

مايا راھي اڄُ جي زندگي، ھاڻوڪي زندگي، بلڪل تازي ڪلھوڪي زندگيءَ جي ڪھاڻيڪار آھي. مايا جون ڪھاڻيون پڙھڻ بعد سي کان پھرين تاثر اِھو ئي ٿو ملي. حقيقت ۾ زندگي ۽ ساھت ھڪ ٻئي جا سمان اَرٿي/ پريايہ (synonymous) مايا جون ڪھاڻيون پڙھڻ کان پوءِ ائين لڳو تہ ھُن جي اندر جو ڪھاڻيڪار جيڪو ۽ جيئي ٿو - پوڳي

ٿو- لفظن ۾ اهو ڪهاڻيءَ جو روپ ونڻ لڳي ٿو- اسان جي زندگي ڪٿان ڪان ڪٽي پهچي وئي آهي اُن جو وٽنيس اُهي مايا جون هيءُ ٻٽيون ڪهاڻيون جن مان ڪِن کي ڪٽي ڪري اَسان اُنهن جي اندر جي ڪلاتمڪتا کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ جائزو وٺنداسين ته سنڌي ڪهاڻيءَ کي مايا جي ڪهاڻين کڻڻين ڪلاتمڪ اوچاين تائين پهچايو آهي. ياشا، پاو ۽ ڪلپنا جي سطح تي.

(1) ڪتاب کوليندي ئي ڪهاڻي سامهون هئي. 'گهوٽ رُسي ته رُسي پر' اڄ ڪالهه جي مشيني زندگيءَ واري پرموشن- شهري گهرن ۾ ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ڪيئن مسئلا بڻجي ٽيون وجن. اُن جو بخوبي چترڻ ٽيو آهي ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردارن چمپا ۽ زال مڙس ونود - ونيتا جي تناوَ سان پريل سنودان ۽ پاونا ذريعي :

"پر اِهو نيڪ ته نه آهي... نيڪ آهي يا نه مان نٿو ڄاڻان، اَما هِت ايندي رهندي ... فئسلي جي اٽلتا ۽ آواز جي سختي هن جملي مان ظاهر هيون- اما جي اَڇڻ جي خبر ٻڌي چمپا جو من به سڙيل ڦلڪي جيان سڙي ويو.'

ڪهاڻيءَ ۾ سنواد جو پاوَ سان پوءِ اِنٽليڪچيوئل رليشن آهي- پاتر جيڪڏهن پنهنجو سنواد پوريءَ طرح نه ٿو به چئي- پر سامهون واري کي اُن جي ڳالهه ڪميونيڪٽ ٿي وجي- اِتي ئي ڪهاڻيڪار / فنڪار جو فن نظر اَچي ٿو- 'سڙيل ڦلڪو .... وارو سنواد ڪهاڻيءَ جي پرپاو کي پائڻ جي من ۽

ذهن ۾ پيهي ٿو ڇڏي - ۽ جنهن انتليڪچوئل رس بوڏڪ خوراڪ يا سنتشٽيءَ جي چاهنا هن کي هوندي آهي سا هُن کي اُتي ملي ويندي آهي. هيءُ ڪهاڻيون اَهڙن شخصن / فردن جون ڪهاڻيون آهن، جيڪي پنهنجي پريويش ماحول، حالتن جي بدلاءَ سبب پئدا ٿيندڙ ننڍن وڏن تناون، مشڪلاتن ۽ سميسائن / ڪڙواهٽن کي سَهندي ۽ اُنهن سان ئي جڙيو رهڻ ۾ پنهنجي سارٽڪتا انيو ڪندا آهن.

(2) مايا راهيءَ جي هڪ ٻي ڪهاڻي 'پگي بئنڪ' جو مرڪزي ڪردار 'ببيتا' ۽ اَهڙي ئي قسم جو آهي جيڪو پنهنجي مليل شهري جهوپڙپٽيءَ واري ماحول، پريوار ۽ حالتن ۾ رهڻ لاءِ ڪٽي مجبور نہ ٿو نظر اَچي- ڇو جو اِن کي هو پنهنجي قسمت / ياڳ سمجهي زندگي گذارڻ جو ذريعو سمجهي ٿو هلي- ڪولين/ شهري جهوپڙپٽيءَ ۾ زندگي بسر ڪرڻ وارن کي هر طرح جي تنگيءَ ۾ جيئندي ۽ ڪيئن هڪ ٻئي سان جوڙي رکندیون آهن - ڪهاڻيڪار جي قلم اُن کي اَهڙيءَ طرح بيان ڪيو آهي جڙ پاڻ وِزٽ (visit) ڪري آيو هجي:

'.... ساڃي پاسي سُمهيل سندس گهوٽ جي وات مان نڪتل بانس (دارونءَ جي) ببيتا جي نڪ مان گهڙي سندس اندر ساڙي ننڍ حرام ڪري رهي هئي. ڪابي پاسي سمهيل رما ۽ ساڳي ڪار ڪري رهي هئي ...پلا ڏهه باءِ ٻارهان ماپ واري ڪوليءَ ۾ پنج سُمهيل ماڻهو، جيئن ڪولي ورهائيندا آهن

ڏينهن جو، تيئن رات جو هڪ ٻئي جا حواس ۾ ورهائي ڪڍندا ۽ ڏيندا ونندا آهن.‘

ڪهاڻيڪار جي قلم جو رچيل شلپ ونياس- هُن جو لفظ لفظ هتي ممبئيءَ جي صبياڻي زندگي يا ائين چئون ڪوليءَ جي لائيف اِسٽائيل جي هڪ ڳالهائيندڙ تصوير ناهڻ ۾ ڪيترو ڪلاتمڪ آهي.

پانڪ ڪهاڻي پوري ڪرڻ کانپوءِ ئي ساه ڪڍي ٿو-

’ڳٽوءَ کي فقط هڪ ئي شڪايت هئي ته رات جي اونداهيءَ وارا ڪمَ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڪرڻ ڏکيو هو- ٻئي جوڙا رات جو ۾ چادرون وچ ۾ لڳائيندا هئا پر تڏهن ۾ ...‘

هِتي ڏسڻ واري ڳالهه اِها آهي ته ڪهاڻيڪار جو اِستتين جي وسنگتين/ مشڪلن ڏانهن من ۾ هڪ هيومر جو پاو ۾ آهي جيڪو ڪهاڻيڪار جي سنويدنا کي وڌيڪ يٿارٽ ريئل ٽچ ڏئي ٿو ۽ سجيسٽ ٿو ڪري ته جيڪي حالتون آهن اَسان کي اُنهن ۾ ئي جيئڻو آهي. خوشيءَ سان يا کيئن ۾ اُنهن جي باري ۾ وڌيڪ سوچي اُنهن کي ڳورو نه بڻائڻو آهي. ڪهاڻيڪار جي اِن سنويدنا ئي هُن جي شلپ / /ڪرافت کي ’سجيسٽيوٽي (Suggestivity) واري خوبصورتي ڏني آهي- جهڙي زندگي ملي آهي. اُن ۾ خوش / سنتشٽ رهڻو آهي : چار هزار نيڪ هئه نه ...؟ چوندي پنڪيءَ ۾ پنهنجي ’پگي بئنڪ‘ ببيتا ڏانهن وڌائي.

’وڃُ رنڌڻي ۾، ڊنر جي تياري ڪر‘ آنتيءَ چيُس.

پارتي ساهت ۾ نئين کهاڻيءَ جي ٽئگ سان جنهن کهاڻيءَ زوردار ڍنگ سان اينٽري ورتي، اُن جو مُکيہ کارڻ کهاڻيءَ ۾ آيل رچناتمک جيونتتا ۽ وئچارک سکريتا (रचनात्मक जीवंतता ऐं वैचारिक सक्रियता) تخليقي شعور ۽ وئچارک سطح تي سرگرم هو.

ورهاڱو، موه ڀنگ، مشيني زندگي ۽ اُن جون مشڪلاتون / مسئلا، زندگيءَ جو اَجايو پڻ- اڪيلوپڻ، مُلهن جو ڪرڻ، سياسي خواه سماجي، ڪرپشن ۽ وڏي بيچئنيءَ جي وچ ۾ رهندڙ اِنسان کي کٽي ڪري کهاڻين جو سرجڻ ٽيڻ لڳو- سنڌي کهاڻيءَ ۾ ٻہ اهڙي قسم جون کهاڻيون ڏيڻ وارا کهاڻيڪار ڇڪي تعداد ۾ آهن- کهاڻيءَ جي کيتر ۾ حالانڪ مايا راهيءَ ديرسان ئي قدم رکيو- پر هُن جي هٿ اُها پلسَ لڳي ويئي جنهن سنڌي کهاڻيءَ کي اُهي کهاڻيون ڏنيون جنهن ۾ رچناتمک وئچارک دڙکن محسوس ڪري سگهجي ٿي جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان.

(3) کهاڻي هڪ ٻي 'مُئن جو دڙو' ممبئي مهانگر جتي ليڪڪا پاڻ رهي ٿي- اُتي جي ميٽرو لائيف اِسٽائيل ۾ تيزيءَ سان پاپولر (Popular) ٽيل ڪِٽي پارٽي ڪلچرل خاص ڪري ليڊيز ڪِٽي پارٽين تي اثردار طنز آهي. سنڌي پريوارن ۾ ٻہ ڪيڏو( Popular ) ٽي رهيو آهي کهاڻيڪار اُن کي خوبصورت سنڌي رنگ ۽ لهجو ڏنو آهي - ياشا شلپ ۽

واڪيہ ڪهاڻيءَ کي ساڏارڻ موضوع هوندي ہ مزيدار بڻائي ٿو ۽ پاڻ هڪ لس ۾ پڙهي مزو ٿو وڃي.

’.... پاپيءَ جون پاپيون يعني تہ ٽيون سيٽڪيون.... هي ايندیون تہ مان نہ ايندس... هيءَ نہ ايندي تہ مان ہ نہ ايندس، سيٽن کي پري کان ئي سلام ڪجي تہ سنو.‘ نئين رائونڊ ۾ ننڍي پاپيءَ جي پاپيءَ کي ہ ڪنيو ويو، ٿوري ويچارن ۾ رساڪشي ٽي پر پوءِ سمجهائڻ سان سمجهو سمجهي ويون.... انين ڪِٽي سُک سان پوري ٽي. بُکيءَ ۾ ننڍي نراڻ جو نالو نڪتو تہ ننڍي نونهن هڪدم آواز ڪيو ’نان ويج‘.

حالانڪ ڪهاڻيءَ جو عنوان ’هڪ ٻيو مئن جو دڙو‘ ڪهاڻيءَ جي ڪٿيہ کي ڏيان ۾ رکندي طنز کي تکيءَ طرح اُپارڻ ۾ ايترو قِٽ نہ ٿو ٻيهي - (ڇو جو) اُن جو ڪٿيہ سان نسبتي(Relatively) اَهڙو ڪو پريوجن نظر نٿو اَچي - صرف اڌ کن پيج ۾ سنڌ ۽ سنڌي جي اندروني حالتن جو ذڪر آهي - (يا تہ سموري ڪهاڻيءَ جي اُڌت سنڌ ۽ اُتان جي حالتن جي پس منظر ۾ هجي هان.) پنهنجي ليکڻي ڪهاڻي اثر ڇڏي ٽي. ليکن هڪ ذميدار ليکڪ/ ليکڪا هڻڻ جي ناتي سو ہ تخليقي ساهتڪار کي ڪهاڻي يا ڪنهن رچنا ۾ ڪنهن پاشا يا پاشا پاشيءَ/ ججمينٽل (مُنصفانہ ڪٽ ڏيڻ) کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي- ’سنڌ ۾ ٽن قسمن جا سنڌي رهيا پيا آهن ’لچا، لاچار، لالچي‘ اهڙا روئيا ڪلتمڪتا کي تہ چوٽ پهچائين ٿا- ليکڪ جي مانسڪتا کي ہ ظاهر ڪن ٿا. خير...

(4) کھاڻي 'الائي ڪير آهي' ۾ ممبئيءَ مهانگري، جيوت ڪي ڪٽي ڪري گھٽنائي ڪٽانڪ/ انڊرپلانٽ ذريعي مهانگر ۾ رهندڙ ماڻھو جي سوچ ۽ وهنوار تي - اُتان جي ماڻھن جي اِستائيل ۾ ئي تکي طنز آهي- ڪنهن تي وشواس ڪجي ڪنهن تي نہ ڪجي ڪھاڻيءَ جو ڪٽيہ آهي-

'انگريز ڪي اولاد هئہ صرف انگريزي سمجھتا هئہ- اِتني هندي ۾ بڪ بڪ ڪري مئني...' ڏاراويءَ جي ايريا ۾ گھڙندي ئي ٻن شين هُن جو سواگت ڪيو. گند جا ڍير ۽ بانسوُن... مليل جھليل الائي ڪيترن قسمن جون!...' هُن ڏٺو عورت جي ساڙھي گھٽن ھنڊن تان ڦاٽل هئي پر ڪٽي ٻہ ٽوپا يا چتي ڪانہ هئي.'

اَھڙي قسم جا اِظھار/ ائڪسپريشنس ڪھاڻيءَ ۾ پاترن سان گڏ ايندا آهن. سياويڪ طرح سان ۽ اِن کي ڪلاتمڪ ٽچ ڏيندو آهي، ڪھاڻيڪار جو اُنهن پاترن، ماحول، حالتن سان سياويڪ جُڙاو -ڪھاڻيڪار ڪٽي ڪيترو ٻہ ماحول ڪرئيٽ ڪري، هتي هڪ ڳالھہ مايا راهيءَ جي فيور ۾ آهي تہ هوءَ ممبئيءَ جي ماحول ۾ جيئي ٿي، ساه کڻي ٿي،. هن ڪھاڻيءَ جي آخر ۾ ٻہ هڪ پئرا ۾ سنڌي پاشا، ورھاگي جو ذڪر اَچي ٿو، '.... سنڌي جتي جنهن راجيہ ۾ آهيو.... اُتي اُتان جا ٿي وجو'... هتي ٻہ سنڌيت يا سنڌي ٻوليءَ سان نسبتي ڪو مسئلو / وشيہ ڊسڪس ڪونہ ڪيو ويو آهي تنهن ڪري اِها ڳالھہ بيحد غير- فطري (un- natural) ٿي لڳي- ڪابہ

شيءَ نئچرل طريقي سان ڪهاڻيءَ ۾ داخل ٿئي يا ظاهر ٿئي ته پنهنجو سنو امپيڪٽ ڇڏي ٿي، ٻيءَ حالت ۾ اِمپوزڊ لڳي ٿي پانڪ مٿان / ۽ روان ڪلاتمڪ پهلوءَ تي نيگيٽو اِمپيڪٽ/ نفي اثر ٿي ڇڏي.

جديد دور ۾ ماڻهو- ماڻهوءَ وچ ۾ اڪيلو پڻ، اجنبيپڻو، سهج اِنساني سنٻنڌن ۾ فاصلا، اُداسينتا - ايتري قدر جو مرد عورت، زال مڙس، ماءُ پيءُ، ياءُ پيٽ جهڙا سنٻنڌ ٻه ٽڏا مهتو هين ٿيندا ٿا وجن، ڏيري ڏيري سنويدنا شيلتا/ بي حسي ۽ لاڳاپن ۾ جڙتا / ٽڦاڻ هر ڪنهن ويجهي رشتي ۾ گهر ڪري وئي آهي.هن مجموعي جي ڪيترين ڪهاڻين ۾ اَهڙا ساماجڪ پهلو دِسڪس ڪيا ويا آهن ۽ انهن جا دمدار- ڪلاتمڪ عڪس پانڪ جي من ۾ دير تائين رهن ٿا. ڪن ڪهاڻين جي ڪِلپنگس (Clipings) اَسان ڏسندا هلون.

(5) 'دل، دماغ ۽ من' ڪهاڻي سموري مونولاگ (ايڪالاپ) آهي. هڪ شاهوڪار شهري عمر رسيده اڪيلي انسان جي چنچل من اِستتيءَ جو چترن پرياوشالي بڻجي پيو آهي: 'هگ (Hug) پالر جي ويب سائيٽ ڪُلي ته هُن جي آڏر هوا ۾ ئي رهجي وئي ... هي هگ پارلر وري ڪهڙي بلا آهي - يعني 'پاڪر پارلر'- سائيٽ اندر وجي هُن جي آنند ماڻڻ جي اُڻ تڻ وڏي ويئي ... اندر پاڪر پئي پريائون، منيون پئي ورهايائون، آنند پئي پاتائون .... لڳاتار اندر جي امرت ڏارا پئي وهي.

مايا راهيءَ جي ياشا شلپ جي اِها خوبي آهي تہ جسماني ضرورتن/سيڪس يا اَهڙي ڪنهن بہ بولڊ سبجيڪٽ سان ڊيل ڪندي اُن جا پاتر ڪٽي بہ فاحش/ وانگر نہ ٿيندا آهن. پنهنجي ڳالهہ بيحد سليقي سان چئي ويندا آهن:

’آستڪ وڌيڪ سُڪي آهن. ناستڪ ’مان ۽ منهنجيءَ‘ جي پنهنجي رچيل جار ۾ پاڻ ئي ڦاسي پريشان رهندا آهن. جيون درشن جو ڇهاءُ ڏيندڙ هن ڪهاڻيءَ جو سِرو بہ ’هگ پارلر‘ وڌيڪ پرفيڪٽ ٿو لڳي. عنوان ڪهاڻيءَ جي برانڊ وئليو (Brand Value) يقين وڌائيندو آهي. مايا راهيءَ کي خبر هُجي.

(6) ’وڄُ جي چمڪات‘ ۽ ’ڊال‘ ڪهاڻيون بہ آپسي سنبنڌن ۾ ايندڙ بکراو ۽ جمندڙ برف جو بهترين مثال آهن.

’هُن جي آڳڻ پنن جي ڊڳ منجهان چاٻي ڳولهي ڪيي ڪُڪر ۽ لئچ ڪولي گهر گهڙيو- ڪُڪڙ جي سيٽيءَ هُن جو سواگت ڪيو. نيلو پهچي وئي آهي .... اڄ جو لئچ ڪلچرل اِهوئي آهي ...ڪيرُ واندو ڪونهي جو در تائين اَچي درُ لاهي ۽ گهر موٽيل ياتيءَ سان ڪيڪار ڪري ... ڪيرُ ڪڏهن ٿو اَچي- ڪيڏانهن ٿو وڃي - ڪٽان ٿو اَچي ڪيرُ ڄاڻي؟‘حالانڪ ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ مرڪزي ڪردار سنجيہ جو پنهنجي پيءُ کي رڙ- واڪي سان اِهو چوڻ تہ ’توهان کي جي ڪِٽي ڪُجهہ ٿي پيو تہ گهٽ ۾ گهٽ لاش تہ ملندوَ اڳني

سنسڪار لاءِ؟' سنبنڌن ۾ آيل سنويدن شيلتا جو پرفيڪٽ مثال آهي. پر ڪهاڻيڪار هن کي فلمي / ڊراماٽائيز (Dramatize) ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن ڪري هڪ گهربل ڪلاتمڪ اينڊ (End ) نہ ٿي سگهيو آهي. هِتي ڪلپنا حقيقت مٿان چانئجي ويئي آهي- تنهنڪري ڪهاڻيءَ جي نيچرل ڊنگ سان اينڊ محسوس نہ ٿي ٿئي. اِن لحاظ کان ڊال ڪهاڻيءَ جي اينڊ (End) وڌيڪ نيچرل ِ1مپيڪٽ ڇڏيو آهي : -

(7) سروج جو هڪ پيرُ ڏرتيءَ تي هو ۽ جو ڪنڊڪٽر گهنٽي ڏني ۽ بس هلڻ .... ڏرتيءَ وارو پير ڏرتيءَ سان گسندو پٽرن نڪرن مٿان هلندو رهيو .... بس اندر وينل ماڻهن واڪا ڪيا ... اِسٽاپ تي بينل ماڻهن رڙيون ڪيون ... سروج اُڇلجي وجي 'ڦٽ پاٽ تي ڪنهن دُڪان جي ڏاڪن تي ڪري ۽ بيهوش ٿي ويئي.'

(8) موڪش ڪهاڻيءَ جو وشيہ جهڙو بولڊ آهي اَهڙي خوبصورتيءَ سان نيايو ويو آهي. ڏکڻ پارت جي ساماجڪ اوٽائيءَ کي بيباڪيءَ سان اظهارڻ ڪهاڻيڪار جي سرجناتمڪ هجڻ جي هام پري ٿو.

'.... اَلائي ڪيترين ڪنوارين ڪنيائن جو موڪش هِن نموني برهمڻ ڪُمار ڪيو هوندو .... عجيب وشواس آهي. ڪنهن برهمڻ ڪمار سان هن نموني ٽيل سنپوگ اُن کي مڪتي ڏيندو آهي.'

مايا راهيءَ جي هن مجموعي کهاڻين ۾ جيڪو خاص پهلو اُپري آيو آهي -اُهو ساماجڪ ته آهي ئي پر رچناتمڪ ۽ سرجناتمڪ وڌيڪ آهي. حالانڪ ڪن کهاڻين ۾ ضرورتن کان وڌيڪ ڪلپنا شيلتا ۽ آگرهن ڪري کهاڻيءَ جي اويجنل ۽ سياويڪ طرح سان اڳتي وڌڻ وارو پهلو اثر انداز ٿيو آهي. 'گلابي بلوبيج' وغيره کهاڻين کافي هنڌن تي ائين محسوس ٿيو- خير ٿيندو آهي- ڪڏهن قلم هلندو آهي ته بيهي ڪري ويچار ڪرڻ جو وقت نه به ملندو آهي- ۽ ٻيون نئين کهاڻي هڪ شخص جي هڪ فرد جي کهاڻي آهي - مايا راهيءَ جي کهاڻيڪار جي اِها ڳالهه سڌي آهي ته کهاڻيءَ ۾ ڪلاتمڪتا ايندي جيئڻ جي پنهنجي شخصي انداز سان- کهاڻي چوڻ جو به مايا جو ايجاد ڪيل لهجو آهي. جهڙا ڪردار اَهڙي ياشا- ماحول جي ترجماني ڪندڙ- ليکڪ جي ياشا- هڪ رچناتمڪ ليکڪ جي ياشا ۾ چئون ته هُن جو حقيقي ڪميٽمينٽ ڪنهن خاص ويچارڌارا سان نه ٿي ڪري پنهنجو پاڻ سان آهي، پنهنجي وقت ۽ پنهنجي وقت جي زندگيءَ سان آهي. اِن ڪري ليکڪ / کهاڻيڪار جهڙي ماحول ۾، جيئن جيئي ٿو- اُن کي ئي ڪلاتمڪ ايويڪتي ملي ٿي. مايا راهيءَ پنهنجي ماحول جي آس پاس پرڌيهه ۾ يا ممبئيءَ ۾ رهندي جيڪي ڪُجهه ڏاڻو انيو ڪيو- کي سُوال- به مُدا به ڊسڪس ڪيا - سرجناتمڪ ڊنگ

سان يقينن اِنهن ڪهاڻين ذريعي سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ رچناتمڪ دِشا ملي ٿي.

## سنڌي اَدبي / ساهتڪ مخزنون: موجوده دؤر

'موجوده دؤر ۾ سنڌي مخزنون / رسالا' - عام طرح سان وشيہ تي ڳالهائڻ وارو پنهنجي ڳالهہ شروع ڪرڻ لاءِ سُهڻي پومڪا ٻڌڻ لاءِ لفظن جي تلاش ڪندو آهي، پر هن پيپر رائيٽر جو چڱو وقت مؤجوده وقت / دؤر جنهن کي اسان ڊجيٽل / اِنٽرنيٽ ايج / (Internet/Digital age) دؤر ۾ چئون ٿا. تنهن ۾ سنڌي پرنٽ ميڊيا ۾ اجان تائين پنهنجي وجود کي جيئن تيئن قائم رکي ۽ چيڀندڙ- نڪرندڙ ۽ هر سنڌي پاڻڪ جي هٿن تائين پهچندڙ سنڌي مخزنن کي تلاش ڪرڻ ۽ اُنهن جي باري ۾ سوچڻ تي ئي خرچ ٿي ويو. ۽ هڪ لنبي سوچ کان پوءِ جيڪو پهريون اکر مُنهن مان نڪتو اُهو هو شاباس. شاباس هجي آهڙي جذبي کي اَهڙن هٿن کي، اَهڙن پيرن کي جيڪي پنهنجي ٻوليءَ کي جيئارڻ لاءِ اجان ۽ هلن پيا حالتن سان مقابلو ڪندي (دؤر پيا بدلجندا آهن ۽ حالتون ۽. هر دؤر ۾ هر حالت جو مقابلو ڪندي جيئڻ جو جذبو آهي تہ هيءُ جهان هر اُن شخص جو آهي جيڪو حالتن تي حڪومت ڪري ڇاڏي) ۽ ساهتڪار / پترڪار اَهڙن شخصن مان هڪُ هوندا آهن، جيڪي ساماجڪ چنتائن کان سيني کان اول روبرو ٿيندا آهن ۽ پنهنجين لکڻين ۾ آگاه ڪرڻ سان گڏوگڏ راه ۽ ڏيکارينداهلندا آهن. اِتي ئي هِڪُ ليکڪ سوچڻ لاءِ مجبور ٿو ٿئي تہ پنهنجي ڳالهہ جنتا تائين کيئن پهچائي ۽ اِها سوچ ئي هِڪ ياشائي رسالي مخزن

جي جنم جو ٻج وجهي ٿي، پوءِ اُهو پنهنجي وقت / دؤر جو شاندار ادبي رسالو ’مومل‘ هجي يا اڄ جي ڊجيٽل دؤر ۾ انٽرنيٽ ايج جون ليڊنگ سنڌي ادبي آن لائين سائيٽس ’سنڌ سلامت ڪتاب گهر‘ (Sind Salamat book. Com) ۾ سنڌي گلاب. ڪام. اِن حوالي ۾ ’مومل‘ رسالي جي (سال 1966-67) هِڪ انڪ ۾ سمپادڪ سُندراڻي هري پنڪج جي سمپادڪيہ / ايڊيٽوريل ۾ لکيل شروعاتي سِٽون اوهان سان شيئر ڪرڻ چاهيندُس جيڪي مؤجوده دؤر ۾ سنڌي مخزنن جي اِشاعت کي زنده رکڻ ۾ ايندڙ نسل / دؤر لاءِ پريرڻادائي / حوصلاڪن ثابت ٿي سگهن ٿيون.

”اڄ هيءُ وڏي سائيز ٽِن سون (300 Pages) ڪان ٻہ وڌيڪ صفحن واري ’مومل‘ سامهون رکان ٿو تہ اُنهن اديب دوستن (شري جيوت جوت ۽ لعل موتواڻيءَ) لاءِ عزت سان گڏ پيار ٻہ اُمڙي ٿو اَچي جو هُنن ساڻين سال 1953-52 ۾ هِڪ ڪاپيءَ تي هٿ سان رچنائون لکي ڏهن پندرهن ميمبرن ۾ پڙهڻ لاءِ قيرائڻ جي هڪ نئين رٿ جو پايو وڌو ۽ پوءِ جڏهن هِڪ ميمبر جي بي پرواهيءَ سبب اُها هٿ لکيل ڪاپي غم ٿي ويئي تہ دوست ڪُجهہ سوچ ۾ پئجي ويا. نيٺ اِن جو حلُ ڳولهي ڪڍيائون ۽ هِڪ ننڍي سائيز جي سوَ ڪن (100 Pages) صُفحن واري مومل ڇپائي سنڌي ادب کي اهڙي سوڪڙي ڏنائون جو هينئر وڏي هِن روپ تائين پهتي آهي ...“ ’مومل نمبر 67-1967 (66-77)

## سنڌي ادبي رسالا - سروپ / ڪانسيپٽ

پيپر جي شروعاتي نوٽس / صفحن مان اِهوتہ ڪليئر ٿي وڃڻ گهرجي تہ هِتي سنڌي رسالن جي اِتهاس يا اُنهن جي فهرست يا ڪا مخزن ڪڏهن شروع ٿي، اُن جي اِشاعت جو سلسلو ڪيئن شروع ٿيو ڪيرُ سمپادڪ رهيا يا اُنهن جي ڪَور اِستوري ڊِسڪس ڪرڻ هِن وشيہ جو پريوجن / مقصد ۽ دائرو ڪونهي.

هڪ ادبي مخزن جو سروپ، معيار، بولي / ڀاشا - مخزن جي ڪانسيپٽ کي ڏيان ۾ رکندي هڪ - آئيڊئيل ادبي مخزن جي اهم نقطن تي پهرئين ضرورت آهي ڪُجهہ سوچ ويچار ڪرڻ جي - پوءِ آسان ويچار ڪيون تہ مؤجوده حالتن / مسئلن کي مُنهن ڏيندي ادبي مخزنن جي هوريان هوريان بند ٿيندڙ سلسلي کي ڪيئن جهلي سگهجي ٿو. هِن انٽرنيٽ ۽ ڊجيٽل ٿيندڙ سماج ۽ دؤر ۾ (پر جيڪو سيني کان وڏو مسئلو آهن هن دؤر جو اُهي آهي ادبي مخزنن جي پانڪن کي پئدا ڪرڻ. اڄ ڪنهن بہ پاشائي اِداري رسالي لاءِ اِهو هِڪُ وڏو چئلينج آهي. پوءِ اُها مخزن، اي مخزن هُجي يا وري هت ۾ ملندڙ ڪونج، رچنا، سپون يا سنڌو جوت - خير، اِن پائينٽ تي وري موٽنداسين ماقول مقام تي ڳالهين کي - رليٽيڊ مسئلن کي ڊسڪس (Discuss) ڪندي.)

حالانڪ منهنجو سنڌي ادبي رسالن جي جلد سان ڪو لنبي عرصي وارو جڙاوَ يا پيشيورانہ انيوَ نہ رهيو آهي ۽ نہ

وري اِن حلقي ۾ ڪنهن قسم جي مهارت (ايڪسپٽائس) جي مان دعوايٰ ڪرڻ جي ڪا اهڙي ڳالهه ڪريان. ساهتيه جي هڪ وديارٿيءَ پاڻ طور ۽ گذريل ڪُجهه عرصي کان سنڌي اڪادمي، دهليءَ جي ادبي مخزنن 'سنڌو جوت' سان جُڙي جيڪو انيوَ ۽ جاڻ - سمپادڪ جي ناتي گڏ ٿيا آهن اُهو پُڌائي ٿو-"حالتون ڏکيون ضرور آهن - اجان به ٿيندیون خاص ڪري پاشائي ادب لاءِ. پر جيڪڏهن ڪميٽمينٽ/ سمرپڻ جي پاونا سان ڪمُ ڪجي تہ ڪنهن به حالت کي مُنهن ڏيئي سگهجي ٿو، بس وقت ۽ حالتن موجب بدلڻ جي ضرورت آهي."

## مؤجوده دؤر-سنڌي اَدبي رسالا مخزنون :

## سروپ/ ڪانسيپٽ ۽ اِستتي

سنڌي ادبي رسالن جا ورق اُٿلائيندي اڄ به جڏهن ڪو پاڻ ساهتڪار پنهنجي ڪتابن جي خزاني مان (Acehivers) - 'نئين دنيا، سنڌو، مهراڻ، سُهٽي، رابيل، آڪاڻي، ساهت ڌارا، سنڌو ڌارا، مُرڪ، پره ڦٽي، ساهتڪار ۽ رچنا، ڪونج ۽ سپون جا پراڻا پرچا ڪٽي پڙهڻ وِهندو تہ اُهي ڪير ايترو جلدي ڪونہ ڇڏيندا، هر پني جو هر حرف ڪٽي پڙهڻ کان ڇڏائجي نہ وجي - ۽ ڪيس ور ور ڪري پڙهڻ لاءِ آماده ڪندو- اِهوئي هڪ اَدبي رسالي جو ڪانسيپٽ / سروپ آهي، جنهن کي اُن مخصوص شخص جي آڊيئلاجي/ ويچارڌارا طئ ڪندي آهي. آڪار روپ ڏيندي آهي ۽ پنهنجي ڇاپ اُن

ياشائي ادب تي اَهڙي ڇڏيندي آهي جو ادب جي تاريخ لکجڻ وقت اُها جوڳي جاءِ حاصل ڪري - ايندڙ دؤر ۾ نسلن لاءِ مثل راه جو ڪمُ ڪندي آهي. پنهنجي ذاتي انيوَ مان ايترو چئي سگهان ٿو- اڄ جي دؤر جي ساهتڪار/ سمپادڪ کي گهٽو ڪُجهه ملي ٿو سگڻ لاءِ اِن خزاني مان ۾ (خاص ڪري پنهنجي ٻولي، اُن جو استعمال ۾ فنائتو اِظهار- ادب - ڪلا يعني فن ۾ فنائتو اِظهار ڪلا جي ڪنهن به روپ ۾، تنهنڪري ادب فن برائي ادب ۾ فن ئي هوندو آهي - سماج ۾ دنيا ته اُن فنائتي اِظهار جو ماڌيم/ وشيه ۾ ذريعو ٻڌجندا آهن.

هر دؤر جون حالتون ۾ ضرورتون الڳ ٿين ٿيون ۾ ڇپجندڙ رسالي جو نظريو به الڳ ٿئي ٿو. پر ادب جي حوالي ۾ جيڪا مکيه ڳالهه آهي ادب جو معيار. جن سنڌي ادبي رسالن ادب جي معيار ۾ صحتمند ادبي لاڙن کي قائم رکيو، مينڊين رکيو تن سنڌي ادب ۾ نه فقط پنهنجي هڪ جاءِ جوڙي بلڪ ياشائي ادب ۾ هڪ مثال ۾ مقام قائم ڪيو. مٿي ذڪر ڪيل رسالن کان سواءِ ٻيا ڪيترائي معياري رسالا آهن جيڪي هن وقت ذهن ۾ يڪدم نٿا اَچن جن پنهنجي دؤرن جي ادبي لاڙهن کي اوليت ۾ فروغ ڏئي سنڌي ادب کي نه رڳو پارتي ۾ دنيا جي ادب سامهون بيهي سگهڻ جي سگهه ۾ وشواس ڏنو بلڪ سنڌي ياشا کي به مالا - مال ڪندا رهيا. ڪنهن ادبي رسالي لاءِ اِهو تڏهن ممڪن ٿي سگهندو آهي جڏهن اُن رسالي / مخزن سان ادبي نظريي ۾ قد

- بت وارا معتبر ليکڪ/ ساهتڪار سمپادڪ يا سرپرست جي حيثيت سان جڙيل هجن. سنڌي ادب جي خوشقسمتي آهي تہ اهڙن ادبي رسالن سان ساڏو هيرانند (سرسوتي)، اي. جي. أتم (نئين دنيا)، ڪيرت باباڻي (سنڌو ڏارا) ڦتن پُرسواڻي، گوبند مالهي (مُرڪ)، سندر اڳناڻي، واسديو سنڌو يارتي، لڇمڻ پمياڻي (سُهڻي) آنند ڪيماڻي، لعل پشپ، هريڪانت (رابيل، آڪاڻي، پره ڦٽي)، هري موٽواڻي (ڪونج) لکمي ڪلاڻي، ستيش روهڙا، پريم پرڪاش (رچنا) ۽ ناڪر چاولا (سپون) جهڙا ساهتڪار جڙيا رهيا ۽ ڪي اڃان بہ سرگرميءَ سان پنهنجو وقت سنڌي ادب کي ڏئي رهيا آهن باوجود حالتن ۽ عمر جي تقاضائن جي ادبي معيار واري مخزن ڪونج، رچنا ۽ سپون جي اشاعت مؤجوده دؤر ۾ اڄ بہ پنهنجي معيار ۽ وقار سان جاري آهي باوجود ڪِن مالي ۽ حالي مشڪلاتن جي. اِنهن جي پٺيان سنڌي ادب جي سڃاڻ ساهتڪار (Mobile Encyclopedia) صاحب بجاڻي ۽ نند چڱاڻيءَ جا وڏا وڙ آهن. سنڌي ادب ۽ رسالن لاءِ انهن جو سمرپت جيون نئين پيڙهيءَ لاءِ هڪ پريرڻا آهي. شويا لعلچنداڻيءَ وراثت ۾ مليل ادبي ۽ سپيتڪ سوجھ - بوجھ سان نہ فقط سپون ۽ هفتيوار هندواسيءَ کي نيمائتي ۽ معياري سطح قائم رکندي شايع ڪرڻ جي ذميواري بخوبي انجام ڏئي رهي آهي، بلڪ سيتا سنڌو پون ۾ باقاعدا هر مهني ادبي ۽ سانسڪرتڪ ميڙ ۽ محفلون مچائي رام

پنجواڻي ناکر ۽ پارو چاولا جي ورڻي کي سانڊيندي نيائيندي سنڌيت کي نہ رڳو قائم - دائم رکيو آهي بلڪ نئين پيڙهي جي ساهتڪارن/ ڪلاڪارن لاءِ هڪ منچ بہ تيار ڪري ڏنو آهي. اِها هِڪ اِستاپت پاشائي اداري / رسالي جي پنهنجي بولي ۽ سنسڪرتيءَ کي وڌائڻ - ويجهائڻ جي ذميواري بہ ٻڌجي ٿي.

حقيقت ۾، معياري ادب / ساهتيہ سرجن، نون ادبي لاڙن بوليءَ جي پانڪن سان روبرو ڪرڻ کانسواءِ هِڪ وڏو ۽ اهم ڪاريہ آهي. نئين پيڙهيءَ جي پرتيبائن (Promising) کي همٿائي، اڳتي آڻڻ ۽ پنهنجي پاشا ۾ اِظهار ڪرڻ لاءِ هِڪُ پليٽفارم مهيا ڪرائي ڏيڻ پاشائي ساهتيہ کي اپ - ڊيٽ ۽ ترو تازا رکڻ لاءِ - جو جو نئين پيڙهي لازمي طرح سان ڪا نئين ڳالهہ ۽ نئون اِظهار ڪٽي ايندي آهي. اِن ڏس ۾ ڪونج ۽ رچنا جو خاص طرح سان هِڪُ سوچ ۽ طريقو رهيو آهي. خاص ڪري 'رچنا' اِن لحاظ کان هڪ الڳ ادبي مقام حاصل ڪيو. ڪنهن دؤر ۾- هريش واسواڻيءَ جو ڪالم 'ڏارا'، نامديو تاراچنداڻيءَ جو 'سچ چوڻ جي چوٽ مڪت چنتن'، ستيش روهڙا جي ڪَڻَ جي ڪَڻَ جهڙا ڪالم سنڌي ادب ۽ ادبي رسالن جي معيار کي نئُن اونچاين تي کڻي ويا. رچنا ۾ چپجندڙ ساهتيہ جي ڪوالٽيءَ سان ڪڏهن سمجهوتو ائين نہ ڪيو ويو- اِن ڪري هُن کي شڏ ساهتڪ رسالي جو درجو ملي سگهيو، ٻين رسالن جي ٻيٽ ۾. (حالانڪ اِهو رسالو بہ

شاهوڪارن جي مالي مدد ۽ اِشتهارن جي سهاري ئي هلندو آيو آهي) مخزن جي ادبي قد ۽ گليمر سان متاثر هر ننڍو وڏو سنڌي ساهتڪار اِنتظار پيو ڪندو آهي ته 'رچنا' جي ڪور تي سندس فوٽو ڪڍهن ٿو چيجي. ويٽنگ لسٽ ۾ ڪڍهن وارو ايندو. مخزن کي پاپولر بڻائڻ جو اِهو هِڪُ عام رواجي طريقو آهي. عام طرح سان خصوصي ادبي مخزنون ڪنهن به پاشا جون، اِن طرح جي روٽين ۽ طريقن کان پرهيز ڪندیون آهن ۽ سندن فوڪس فقط لِٽرري ڪنٽيٽ (content) تي هوندو آهي. اِها ڳالهه محسوس ڪندي يا خبر نابي ڪنهن ڪارڻ سان، مخزن اِها روايت في الحال بند ڪئي آهي (ايڊيٽر مڪيش تلوڪاڻي) (حالانڪ اِن ۾ ڪا اهڙي هروپرو ڊِسلائيڪ / ناپسنديد ڳالهه ڪونهي پر هڪ لٽرري مخزن جو ادبي روجهان ۽ لاڙو ڪٿي ٿورو ڊائيورٽ ٿي ٿو وڃي. خاص ڪري پاشائي ادب جي حوالي ۾. ڪنهن به وڏي سرڪاري / غيرسرڪاري پاشائي اِداري طرفان شايع ٿيندڙ ادبي توڙي غير ادبي رسالن ۾ اِها روايت نه رهي آهي - صرف ادب / لٽريچر جي انٽريسٽ ۾) حالانڪ ڪونج، سپون ۽ ٻيون مخزنون به ڪور تي تصويرون وڏي سائيز جون ۽ شخصيت پرچا شايع / ڪيندا رهيا آهن، سُڻي ڳالهه به شايد سندن پيشور مجبوري ٻه. راجيه سرڪار / سرڪاري ادارن طرفان شايع ٿيندڙ رسالن ۾ سنڌو جوت (دهلي اڪادمي)، رِهاڻ (راجستان ساهتيه اڪادمي)، ادبي چمن (گجرات سنڌي ساهتيه

اڪادمي)، مشعال (مڌيه پرديش سنڌي ساهتيه اڪادمي) جهڙا سنڌي ادب جي ترجماني ڪندڙ پرچا / رسالا شايع ٿين ٿا. اِن کان علاوه اين. سي. پي. ايس. ايل. NCPSL پارت سرڪار جي زير - سائي ساليانو 'مهڪ' نالي ادبي رسالو- به شايع ٿيندو آهي. 'سنڌو جوت' ٽماهي کي ڇڏي گهڻو ڪري سڀ ساليانو پرچا نڪرندا آهن. ۽ سنڌي ادب جي موجوده دور جي پنهنجي پنهنجي ڍنگ سان ترجماني ڪن ٿا - اِنهن سڀني کي سرڪاري اِمداد / خرچ سان هلايو وڃي ٿو اِنڪري اِهي پرچا نيمائتا نڪرن ٿا. پر رچنا، ڪونج سڀون ۽ سنڌو جوت جي پاڻڪن وانگر اِنهن رسالن جا پاڻڪ اُنهن جي نڪرڻ / شايع ٿيڻ جو اِنتظار ڪندا هُجن اِئين نظر نہ آيو آهي.

تنقيدي نظريي سان جيڪڏهن تجزيو ڪرڻو آهي تہ ڪوبہ ادبي رسالو جيڪڏهن پاڻڪن جي نگاه ۾ پنهنجي جاءِ جوڙيندو آهي تہ اُن جي پنيان هڪ ادبي سوچ، نظريہ ۽ ادب لاءِ هڪ ڪميٽمينٽ جو پاؤُ ڪمُ ڪندو آهي پوءِ اُهو رسالو سرڪاري هجي يا غيرسرڪاري / ادارائي - مهاراشٽر سنڌي اڪادمي جي 'ساهتڪار' نالي سالياني ادبي رسالي جو مثال کڻي سگهجي ٿو، حالانڪ اُن جا پرچا ڪي ٿورائي نڪتا ۽ پوءِ جلد بند ٿي ويا. ڪي سبب هوندا ظاهري خواهہ سرڪاري - اُن پرچي جو ادبي معيار اونچو هو مال - رومال ٻنهي لحاظ کان سانڍڻ جهڙا پرچا هئا - ساڳيءَ طرح سنڌي اڪادمي دهليءَ جي ٽماهي 'سنڌو جوت' اَدبي لحاظ کان



www.sindhsalamat.com 195 books.sindhsalamat.com

پنهنجي معيار کي بلند ۽ برقرار رکندي اپ - ڊيٽيڊ (Updated)
سنڌ / هند جي ادب سان گذريل 25 سالن کان باقاعده ڇپجي
رهي آهي. سنڌي پاڻڪن جي بي اِنتها پيار سان (ڪڏهن 20
15 ڏينهن ليٽ ٻه ٽي ويندي آهي ته پاڻڪن جا فون پڻ اُچڻ
شروع ٽي ويندا آهن) اِئين ڪونهي ته ادبي رسالن جا
بانيڪار ايڊيٽر ادب جي معيار کان ناواقف هجن، خاص
ڪري مؤجوده دؤر جي ادبي لاڙن / رُجهانن کان - پر ڳالهه
صرف ادبي سوچ جي آهي - اُن ڪري ئي اُهي رسالا نه صرف
اڄ ٻه زنده آهن بلڪ صحتمند سنڌي ادب جي پارتي پاشائن
۾ ترجماني ٻه ڪري رهيا آهن (چوڻ جي مُراد اِها آهي ته
صرف رسالي جو ڇپجندو رهڻ ئي زنده رهڻ نه آهي -
جيڪڏهن اُهي پاڻڪ جي، ادب جي تقاضا پوري نٿو ڪري
ته صرف ڳٽپ ۾ آڻي / شماري پاڻ کي خوش ڪري سگهجي
ٿو.) خير، وري ٻه اِها هِڪ سُڻي ڳالهه آهي ته جيڪي ٻه ٿورا
گهڻا سنڌي ادبي رسالا سرڪاري اِمداد حاصل يا غير
سرڪاري، هيل تائين نيم سان يا اوير- سوير ڇپجي رهيا
آهن ۽ پاڻڪن تائين پهچي رهيا آهن سنڌي ٻولي جي پاشائي
حالتن کي ڏسندي (اِهو ٻه هِڪُ شاباسيءَ جو ڪمُ آهي. اِها
ڳالهه شدت سان محسوس ٽي آهي سمپادن جو ڪمُ ڏسندي.
۽ جيڪي سالن کان اِن ڪم سان جڙيل آهن تِن کي ته دنڀوت
پرڻام، اُهي صاحب اوارڊ جا حقدار آهن) خاص ڪري سالن
کان نڪرندڙ ڪونج، رچنا، سپون، هندواسي (حالانڪ اِها

پوريءَ طرح سان ادبي نہ آهي - سيپيتڪ - سنڌيت جي سرگرميون بہ هن ۾ شامل رهن ٿيون) سنڌو، (سنڌو يوٿ سرڪل - ألهاسنگر)، چوليون ساليانو (جنتا ساهتيہ سنگم - گانڌيڌام طرفان چيجندڙ) جهڙين مخزنن جي بانيڪارن ۽ جڙيل ليکڪن / سمپادڪن کي سلام - سندن سمرپڻ ياوَ - ۽ بوليءَ سان صحبت جي جذبي لاءِ، حالانڪ 'چوليون' مخزن جو گذريل ٻن ٽن سالن جو پرچو مُنهنجي هٿن تائين ڪونہ پهتو آهي. اِهي مخزنون سنڌي ادب جي پنهنجي - پنهنجي ملامتي تي فوڪس رکندي. ادبي لحاظ کان پاڻکن جي اُڄ ۽ ضرورتن کي پورو ڪري رهيون آهن. نون توڙي مڪاني ليکڪن / شاعرن کي اُسرڻ / اُپرڻ لاءِ هڪُ منچ / موقعو مُهيا ڪري کين قومي سطح تي پيش ڪرڻ، سنڌي شخصيت جي خصوصي پرچا ڪڍڻ - نہ صرف ادبي، بلڪ سماج جي هر طبقي سان وابستہ قداور شخصيتن جا پرچا ڪڍي سنڌي جاتيءَ کي گروَ محسوس ڪرائڻ. جشن واسواڻي، رام جينملاڻي، لعل ڪرشن آڏواڻي، رام پنجواڻي لنبي - فهرست آهي شخصيت پرچن جي خاص ڪري ڪونج ۽ سپون اِن قسم جي ڪاريہ ۾ اڳرو رول ادا ڪري رهيون آهن - ادبي وواد / سامگريءَ ڪانسواءِ هر قسم جي ادبي سوچنا ۽ وهنواري ڪاروبار بہ اهڙين مخزنن جي خاصيت آهي. ڪونج ۽ سپون جا تہ (پنجاه) گولڊن جبلي انڪ بہ اچي ويا آهن.

(انهن) سنڌي مخزنن ۾ معياري ادب، ادبي لاڙن جي جيڪا اڳ ۾ ڳالهه ڪئي پئي اسان، اِن حوالي ۾ جيڪا ڳالهه رسالن کي پڙهندي ڪِرتيڪلي، محسوس ٿيندي آهي ۽ اکرجندي به آهي، اُها آهي ادبي رسالي جي ساج - سجا (Layout)، ادبي سامگريءَ جو انتظام اندرين صفحن ۾ رسالي جي ڇپائي سان متعلق ٽيل لاپرواهيون جن ۾ پروف وغيره جون ڇڪون تہ تمام ڪامن ٿي پيون آهن، ۽ ادبي مواد جي وشوسنيتيا - ڪُجهه اَهڙيون ڳالهيون آهن جن تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. مختصر ۾ اِنهن کي ڊسڪس ڪري اندرلائين ڪرڻ جو مقصد / مُراد فقط ايتري آهي - هِڪ اِستاپت ساهتڪ مخزن جي اِميج کي وڌيڪ ڏُهرم نہ رسي جو اِهو ايڊيٽر جو فرض به آهي ۽ حق به پنهنجي رسالي کي بهتر کان بهترين وڌندو ڏسي - هڪ پاشائي رسالي جي روپ ۾- اِها ڳالهه مان اِنڪري زور ڏيئي چئي رهيو آهيان جو اُنهن ۾ جيڪو ڪُجهه ڇپجي ٿو - ايندڙ پيڑهي اُنهن تي يقين ڪندي ۽ اُهي اُنهن جا مثل - راه به بڻجندا. جيئن اڄ اسان وقت به وقت مهراڻ، نئين دنيا، ڪونج، رهاڻ وغيره جا پراڻا پرچا ريفر ڪندا آهيون ضرورت پوڻ تي.

(هن وقت مڪاني سطح تي به ڪي ايڪڙ - ٻيڪڙ نوٽ ونڊ جهڙا ادبي رسالا نڪرن ٿا - جن ۾ ڇوليون (گانڌيڌام) ۽ 'سنڌ' (سنڌو يوٿ سرڪل اُلهاسنگر) جو ذڪر خاص طرح سان ڪري سگهجي ٿو. رسالن کي ڏسي محسوس ٿئي ٿو

سمپادڪ ۽ جڙيل ماڻهو چگّي محنت ڪن ٿا - سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ کي جيئاري رکڻ جي. اِنهن رسالن ۾ ڪوتا - ڪهاڻي ۽ ٻي ادبي سامگري عام طرح سان تہ سطحي نظر اچي ٿي پر وچ وچ ۾ ڪو سنو لٽرري پيس پڙهڻ لاءِ ملي ٿو وجي تہ ذائقو اَچڻ لڳي ٿو/ نهي ٿو وجي. چوليون (ڊسمبر 2014) جي هڪ پرچي ۾ ڪوتائن واري سيڪشن ۾ تمام سُنيون ڪوتائون ڏنل آهن - خاص ڪري نئين پيڙهيءَ جي ڪوين جون - ۽ هڪ اڌ ٻي ياشا جي انواد ڪيل - پرڪرپشن، خواهيون پرم (سيما پمياڻي) تلاش (منجو ميرواڻي) تڙڦ (مڪيش تلوڪاڻي) - ڪوتائون پڙهندي نظر پيئي اُن ئي صفحي تي چپيل - 'شرڌانجلي ۽ لک لک واڌايون' جهڙين سوچنائن تي - پڙهيل ڪوتائن جو ذائقو ۽ اُن جو اثر اُنهن سوچنائن ۾ گُم ٿي ويو- هِن ئي پرچي ۾ 'ٽئگور جي ڪاڻين جو سنڌي انواد ۽ اُن جو اثر' ليکڪا - روشني روهڙا جي نالي سان چپيل آهي. ليک تمام سنو معلوماتي ۽ تجزياتي آهي خاص ڪري ٽئگور جي ڪهاڻين جو سنڌيءَ جي برجستا ليکڪن طرفان ڪيل انواد ۽ اُنهن جي ويچارن ۽ تجزيي سان - جنهن طرز - بياني - انداز ۽ اختياريءَ سان اِهو رائيٽ لکيو ويو آهي - يقينن هڪ انيوي سُجاڻ ۽ گهڻ پڙهيل ليکڪ جو ڪاريہ آهي. خوشي ٿي اِهو ڄاڻي تہ نئين پيڙهيءَ جي سنڌي ليکڪا روشني روهڙا جو ايترو گهرو مطالعو آهي پارتي / سنڌي ادب جو- ها اِهو ڪنفرم ڪرڻ جي ضرورت

محسوس ٿئي ٿي - هِن نئين پيڙهيءَ جي ليکڪا کي - عربي سنڌي لپي، ڊڪشن ۽ محاوري تي پوري مهارت حاصل آهي - جنهن مهارت سان اِهو ليک لکيل آهي. مخزن جي ايڊيٽر کي اِنهن ڳالهين جو خيال رکڻ جي ضرورت آهي سنڌي ادب جي صحيح ۽ بهتر ترجماني لاءِ. اَڄوڪيون ڳالهيون مڪاني سطح جي ادبي توڙي غيرادبي رسالن ۾ نظر ايندڙ آهن. هڪ مجبوريءَ جي روپ ۾- پر وري جيترو ذميواريءَ سان ڪم ڪري سگهون ٿا سڀو.

سڀڪو (اُلهاسنگر) جو ادبي معيار بہ نوٽ وردي (Note worthy) آهي اِن رسالي جي 2014 شماري ۾- ننڍا ننڍا مثال آهن هِڪ بہ صرف پنهنجي ڳالهہ کي واضح ڪرڻ لاءِ - نامديو تاراچنداڻيءَ جو 'سمآلوچناتمڪ / تنقيدي ليک 'اَرجن حاسد جون ڪوتائون' ڪوتا جي بهترين سمآلوچنا ۾ شمار ٿئي ٿو. اَڄوڪي قسم جا ليک رسالي جي ادبي قد کي بيشڪ وڌائين ٿا - ۽ اِهو شڪ ريگيولر ساهتڪ مخزن جو مئٽر آهي - جتي اِن ليک کي پڙهڻ لاءِ - شڪ سمآلوچنا کي پڙهڻ لاءِ پابنڪن جو هڪُ ورگ آهي - ۽ اُهي انتظار ڪندا آهن. باقي اهڙن رسالن ۾ سڀڪو، هندواسي مڪاني ماڻهن/ ليککن جي تصويرن / سرگرمين سان پريل پيج ۽ اِشتهارن جا پيج ڏيڻ - اِنهن جي ضرورت آهي - رسالي جي حياتيءَ لاءِ. باقي ادبي ذائقي کي ٺ ٿورو گهڻو سهڻو ئي پوندو.

خير وري ۽ شاباس آهي رسالن جي بانيڪارن / ايڊيٽرن کي پنهنجي ٻوليءَ جي جيئاپي لاءِ پاڻ پتوڙي ۽ ادبي ذائقي کي برقرار رکيو وينا آهن. سنڌيءَ جي نئين / نوجوان پيڙهيءَ کي پڻ سنڌي ادب سان جوڙي سگهيا آهن. رسالن جي ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپجڻ سان نئين پيڙهيءَ ۾ اُتساه جاڳيل آهي جو هو پاڻ کي ديوناگري لپيءَ ۾ وڌيڪ ڪمفرٽيبل محسوس ٿا ڪن، حالانڪ کي عربي لپيءَ جي اهميت کي سمجهندي عربي لپيءَ ۾ پڙهڻ - لکڻ سکي رهيا آهن ۽ اڪادميون ۽ خانگي اِدارا اِن ڪاريه ۾ ڇگو ڪارائتو رول ادا ڪري رهيا آهن. اَهڙيءَ طرح سنڌيءَ جي نئين پيڙهيءَ جي ليڪڪن - ڪوين جي ست تيار ٿي رهي آهي. سرڪاري ادارن جي گهٽي ياڳي رسالن کان علاوه 'پراڻي رچنا' مخزن ۽ گذريل ڪُجهه عرصي کان ڪُجهه پيج ديوناگريءَ ۾ شايع ڪندي آهي. 'سنڌو جوت' (دهلي اڪادمي) ٻنهي لپين ۾ ڇپجندي آهي ۽ ٻارن جي مخزن 'جهرمر' ۽ سنڌي ٻال ساهتيه ۾ هِڪُ استان جوڙيو آهي - مڌيه پرديش سنڌي ساهتيه اڪادمي جي سنڌو مشعال ۽ راجستان سنڌي ساهتيه اڪادميءَ جي سالياني مخزن رهاڻ ۽ ٻنهي لپين ۾ شايع ٿي رهي آهي. ڪونج اجا ۽ عربي لپيءَ ۾ شايع ٿيندي پئي اَچي. هن سال - شاهي دائمند جُبلي انڪ کي شايع ڪرڻ جو شرف ۽ حاصل آهي ۽ ڪونج جي بانيڪارن ايڊيٽر (ننڊ چڱاڻيءَ) کي سلام. ڪيئن ۽ ڪري اِنهن رسالن، بند ٿي ويل

سنڌي ادبي رسالن جي پيٽ ۾ نہ فقط پاڻ کي جيئاري رکيو آهي) بلڪ ڪونج هر دؤر ۾ يادگار ۽ ادبي شعور جا پرچا شايع ڪري سنڌي ادب کي مالا مال ڪيو آهي. سنڌي ادب جي نئين پيڑهي ۾ تيار ڪئي آهي.

سنڌي ٻال ساهتيہ جي رسالن کي ۾ هن وقت سرڪاري اڪادمين جو ئي سهارو آهي. ادارو سرڪاري هجي يا غير سرڪاري - ڪنهن ۾ رسالي کي شروع ڪرڻ تہ سولو آهي - اُن وقت سيني ۾ اُتساه هوندو آهي. پر پوءِ ڪيترن ڪارڻن کي ذميوار نهرائي - اُن جي شايع ٿيڻ جو سلسلو ڪڏهن بند ٿي ويندو آهي خبر ئي ڪانہ پوندي آهي. گجرات ساهتيہ اڪادميءَ جي سهڻي مخزن چترن سان 'باغ بهار' ٿماهي (ايڊيٽر هوندراج بلواڻي)، مڌيہ پرديش سنڌي اڪادميءَ جي ٻال مشعال (ساليانو) ۽ راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد طرفان ٻال ساهتيہ جي 'پوپٽڙا' (ساليانو) نالي مخزن شايع ٿيندي آهي - اهڙي سوچنا آهي. پر انهن جا تازا انڪ ڏسڻ ۾ يا نظر ۾ ڪونہ آيا. يا ٿي سگهي ٿو منهنجي رسائي ايتري نہ هجي. پر هڪ سڻي ڳالهہ ٿيندي سنڌي ادب جي بهتريءَ لاءِ جيڪڏهن اِنهن جي اِشاعت جاري رهي نيمائتي نموني - دهلي اڪادميءَ جي ٻاراڻي (ٿماهي) مخزن 'جهرمر' نيم سان معياري ٻال ساهتيہ جي روايت کي برقرار رکندي - رنگبرنگي، سُهڻي مال - رومال سان پانڪن جي هٿ ۾ پهچندي رهي ٿي. ڊولڻ راهي، هوندراج بلواڻي، ڪيمن

مولاڻي، رشمي راماڻي، جڳديش لچاڻيءَ جهڙا سڃاڻ ٻال ساهتڪار مخزن سان جڙيل هن. سنڌي ٻال ساهتيہ ۾ اِنهن جو يوگدان اهم رهيو آهي - ڪنهن بہ اِداري يا شخص جي سَکشمتا اِتي ثابت ٿي وجي ٿي.

تجزياتي / تنقيدي لحاظ کان گهٽو ڪجهہ چئي سگهجي ٿو - پر هر شخص ۾ شيءِ جو پنهنجو مُنهن مهاندو ۽ خاصيت هوندي آهي - ۽ پنهنجي سطح تي هرڪنهن جي ضرورت ۽ اهميت هوندي آهي - اِهو سمجهي هلون. سنڌي ادب جي حوالي ۾، هن وقت نڪرندڙ رسالن ۾ خاص طور سان ڪونج، سپون، سنڌو جوت اُهي اهم رسالا آهن - جن نہ فقط ادبي معيار کي برقرار رکيو آهي، بلڪ نئين پيڑهيءَ جي ليکڪن کي اُتساهيندي هند سنڌ جي ادب کي جوڙي هڪ پُل جو ڪمُ ڪري رهيا آهن. سنڌ ۾ سنڌيءَ جون جڙون آهن ۽ ٻوليءَ جي پروش جا ساڌن. جذبو ماحول ۽ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندڙ ساه ڪٽندڙ ماڻهو.

**سنڌ جا ادبي رسالا -**

سنڌي ادبي رسالن جي حوالي ۾ هن وقت سنڌ مان نڪرندڙ ڪُجهہ خاص سنڌي ادبي رسالن جو ذڪر هتي ضروري ٿو سمجهجي. ڇو جو ڪنهن بہ ياشا جو معياري ۽ صحتمند ادب ۽ ادبي لاڙا، سُڌي پائڻ ۽ ليکڪن جي لازمي خوراڪ آهي - ۽ دنيا ۾ ۾ ياشائن جا ساهتڪار / ليکڪ ۽ پائڻ اڄ انٽرنيٽ ذريعي نہ رڳو ڳنڍيل آهن - بلڪ

هِڪ پاشائي پريوار جوڙي ورتو آهي جنهن ۾ سرحدن جي معنيٰ رهي ناهي - هونءَ به سرحد جي آرپار کان سنڌ - هند وچ ۾ ادبي / ثقافتي ڳانڍاپو باقاعدي رهيو آهي. حالانڪ ورهاڱي گهٽو ڪجهه ورهائي ڇڏيو - گهٽو ڪُجهه اُتي ڇڏجي ويو- ۽ ڇڏائجندو پيو وجي نه ڪي سهٽيون روايتون بنهي طرف جاري آهن. جيئن هتي ڪونج، رچنا ۽ سپون ڇپي پائڪن جي هڻ تائين پهچي پئي تيئن اُتي به سنڌ ادبي بورڊ، حيدراباد طرفان ڇپجندڙ سنڌي ادب جو بهترين / معياري رسالو 'مهراڻ' (ڇهه ماهي) هيل تائين باقاعده نيم سان ڇپجي پيو- اُن جا پرچا ڪڍهن - ڪڍهن ڪنهن ذريعي هند جي پائڪن تائين پهچندا آهن مؤجوده وقت هن رسالي جي ايڊيٽر آهي ثميناپنوهر - اِن کان علاوه ٻيا ڪيترا ادبي رسالا شايع ٿيندا آهن - پر جيڪو رسالو لاڳيتو سرحد پار ڪري هٿن تائين پهچندو آهي اُهو 'سارنگا' جي نالي سان حيدراباد سنڌ مان ئي شايع ٿئي ٿو. سارنگا (ايڊيٽر- اِسحاق سميجو) مؤجوده دؤر ۾ جديد ۽ بعد جديد سنڌي ادب جي ترجماني ڪندڙ هِڪ مڪمل ادبي رسالي جي هر تقاضا کي پورو ڪري ٿو. سنڌ جي اِنهن بنهي ادبي رسالن جو سنڌ هند جا پائڪ بي صبريءَ سان اِنتظار ڪندا آهن. سنڌ جي سرڪاري اِداري سنڌ لئنگويج اٿارٽيءَ طرفان پنهنجي مجتا حاصل قدبت سان 'سنڌي بولي' نالي تحقيقي جرنل (ٽماهي) رسالو برابر شايع ٿيندو آهي. اِن جا پرچا هند جي پائڪن

تائين پهچندا آهن. سنڌي ادب جي گنڀير اڀياسن لاءِ اِهو هِڪُ بيحد اُپيوگي رسالو آهي. ۽ اڄ ڪالهه نامياري اديب / نقاد تاج جويي ۽ اِسڪالر اديبا ڊاڪٽر فهميده حسين جي عالماڻي ايڊيٽرشپ ۾ وڪون پري رهيون آهن - اِهي اَهڙا ادبي رسالا آهن جيڪي سُڌي پاڻڪن ۽ گنڀير اڀياسين جي ادبي بُک ۽ اُڄ کي شانت ڪن ٿا.

اِن کان سواءِ اِنٽرنيٽ تي سنڌي ادبي، سفاقتي خواه سنڌيت جي سيني حلقن جي سرگرمين سان وابسته ڪُجهه خاص ويب سائيٽس آهن جيڪي، مؤجوده دؤر جي ادبي ضرورتن کي ڪافي حد تائين پورو ڪري رهيون آهن - تِن ۾ خاص طور سان سنڌ سلامت بوڪس.ڪام (Sindhsalamat.book.com) سنڌ سلامت ڪتاب گهر. (Sindhsalamatkitab Ghar) سنڌي گلاب. ڪام (SindhiGulab.com) پيچرو.ڪام (Pechro.com)سنڌي ادبي بورڊ. آرگ (Sindhiadabiboard.org) آن لائين لائبريري جهڙيون سائيٽس سنڌي ادب لاءِ پاپولر سائيٽس آهن. ۽ مؤجوده دؤر جي مفيد / اُپيوگي ڄاڻ پاڻڪن کي هتان ملندي رهي ٿي. اِن کان علاوه هرڪنهن اِداري جون پنهنجون سائيٽس آهن. پر اُنهن جي اپڊيشن/درستي ٿيندي رهي ٿي يا نه خاطريءَ سان چئي نٿو سگهجي. ويب لٽرري پيج ورهاڱي کان پوءِ "سنڌي ادب"جي تائيٽل سان ڏنل آهي. جنهن ۾ ورهاڱي بعد سنڌي ادب جي ڪلاسيفائيڊ جهلڪ ڏسي سگهجي ٿي.

. **سنڌي ادبي رسالا :- چئلينجس / للڪارون - مؤجوده دؤر**

مؤجوده دؤر ۾ ڪنهن به پاشا ۽ پاشائي اِداري لاءِ اُن پاشا ۾ چيڀندڙ / نڪرندڙ رسالي کي ڪاميابيءَ سان هلائيندو رهڻ ۽ پائڻ تائين پهچائيندو رهڻ جيترو وڏو چئلينج آهي - اُن کان وڏو چئلينج آهي اُن پاشا ۾ ڳالهائيندڙ، لکڻ - پڙهڻ وارن جي گهٽجندڙ پائڻ جي تعداد کي گهٽجڻ کان روڪڻ، اِها استتي صرف سنڌي پاشا جي ئي نه بلڪ ٻين ڪيترين پارتي پاشائن جي آهي - اِن چنتاجنڪ اِستتيءَ کي محسوس ڪندي تازو ئي پارت جي اُپ راشترپتي شري وٽنڪيا نايڊوءَ سرسوتي سماروه ۾ ڳالهائيندي چيو "پارتي پاشائن جي استيتوَ لاءِ ضروري آهي تہ شروعاتي اِسڪولي تعليم ٻارن کي اُنهن جي مادري زبان / ماترپاشا ۾ ڏني وڃي" وقت اَچي ويو آهي سجاڳ ٿيڻ جو سرڪار/ راجيہ سرڪار طرفان اِن ڏس ۾ تڪڙا قدم کڻڻ جو - ڪنهن به پاشا جو وجود / استيتوَ اُن پاشا ۾ ڳالهائيندڙ- پڙهڻ - لکڻ وارن سان ئي آهي.

(خير) سنڌي ادب جي حوالي ۾ سنڌي ادبي رسالن جو وڏو چئلينج آهي سنڌي پائڻ پئدا ڪرڻ. خاص ڪري نئين پيڑهيءَ جو پائڻ جنهن کي موبائيل ۽ انٽرنيٽ جي دنيا پنهنجي جادوئي پاشا ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي - ڪنهن رسالي جي بند ٿيڻ جو وڏو سبب اُن رسالي جو خريدار نہ ملڻ هوندو آهي. سنڌي رسالن سان به لڳ ڀڳ اِهائي حالت

آهي. رسالو / ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ عام ته نهيو خاص پاڻڪ جي فطرت ۾ نه هوندو آهي. تنهنڪري ادبي رسالن کي سرڪاري اِمداد جي شرط ونڻ کان سواءِ زنده رهڻ جو ٻيو ڪو وسيلو ڪونه بچندو آهي.

سرڪاري مخزنن کان سواءِ ٻيون جيڪي مخزنون نڪرن ٿيون سي گهڻو ڪري ايڊورٽائيزمينٽ / اِشتهارن ۽ سنڌي ادب ۽ سنڌيت لاءِ پيار ۽ جزبو رکندڙ شاهوڪارن ۽ سڪشم طبقي جي مالي اِمداد سان پاڻ کي زنده رکي وينيون آهن. جيڪڏهن ڪڏهن سرڪاري اِدارا / اڪاديمون رسالن / ڪتابن جون طئ شده ڪاپيون خريد نه ڪندا آهن ته وڌيڪ مشڪل حالت کي مُنهن ڏيڻو پوندو آهي. خاص ڪري ڪونج، رچنا، سپون، هندواسي پوريءَ طرح سان اِشتهارن ۽ خانگي مالي اِمداد جي بل تي ۽ سمپادڪن بانيڪارن جي ادب ٻوليءَ ۽ سنڌيت کي بچائڻ وڌائڻ جي جذبي ۽ جنون جي سهاري ئي هلي رهيون آهن - اِنهن کي سمورو سال مالي وسيلن کي گڏ ڪرڻ جي چنتا ۾ ئي نڪري ٿو وڃي. اِنڪري رسالي جي مول ياونا اُديش ۾ ڪٿي نه ڪٿي متاثر ٿئي ٿو ۽ رسالن جو ادبي فليور جهڪو پئجي ٿو وڃي.

اَهڙين حالتن جي هلندي 'چوليون' جهڙيون ڪيتريون سنيون ادبي مخزنون ساليانو ۾ نه نڪري سگهيون، (گذريل 4 - 3 سالن کان اِن جو انڪ ڏسڻ نه آيو آهي.)

ساڳيءَ طرح سنڌي ساهتيہ جو هندي پانڪ ورگ سان هِڪُ جڙاو- ناتو قائم ڪندڙ معياري مخزن 'سُريي' (سُهڻي پبليڪيشن - سمپادڪ لچمڻ پمياڻي) جي اِشاعت بہ گذريل ٻن سالن کان اِريگيولر آهي يا بند آهي - اڄ جي سوشل ميڊيائي دور ۾ سنڌي ساهتيہ جي ترجماني ڪندڙ هندي يا انگريزي پاشا ۾ ڇپجندڙ رسالن جي اهميت ۽ ضرورت کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي - ڪنهن زماني ۾سنڌي انٽرنئشنل (لعل پشپ) اسين سنڌي (جئرام روپاڻي) سهيوگ ٽائيمس اِنٽرنشنل (رام جواهراڻي) سنڌي شان (رڻجيت بوٽاڻي) جهڙا سنڌي ساهتيہ، سنڌيت کي باقي دنيا سان واقف ڪرائڻ ۽ جوڙڻ وارا انگريزي پاشا ۾ نڪرندڙ رسالن جو سلسلو بہ گهٽو ڪري مالي حالتن جي ڪري بند ٿيو يا رُڪجي ويو. حالانڪ رسالن کي خريد ڪرڻ جي سرڪاري اسڪيم / يوجنا ۽ شاهوڪار ۽ سنڌي سُجاڻ شخصن جي مالي ۽ هر طرح جي مدد برابر ملندو رهڻ جي باوجود بہ جيڪڏهن ڪو رسالو نڪو نڪري يا بند ٿي ٿو وڃي - تہ ڪٿي نہ ڪٿي جنون ۽ جذبي جي ڪمي نظر اچي ٿي - ۽ وڏو سبب اِنهن رسالن کي پانڪن تائين پهچائڻ ۽ پانڪن جي اُداسينتا بہ آهي - سرڪاري اِدارن اڪادمين کي اهڙن رسالن کي مالي اِمداد مهيا ڪرائي همٿائي جي باري ۾ سوچڻ ۽ اسڪيمون امل ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي تڪڙا قدم ڪٽي.

پراٹي پيڑهيءَ ۾ پنهنجي ٻوليءَ، ادب ساهتيہ سنسڪرتيءَ لاءِ جذبو، جنون ۽ ڪميٽمينٽ هئي ۽ اُنهن پنهنجو رول بخوبي نياڀايو ٻہ - جڏهن ڪ نئين پيڑهيءَ کي پنهنجي ٻولي - ادب - سنسڪرتيءَ جو سنسڪار هاڻي لرننگ ڪلاسز ۽ لرننگ ائپس (Learning app) ذريعي ڏنو پيو وڃي.

مالي تڪليفن کان سواءِ سنڌي رسالن آڏو ٽريننڊ (Trained) سنڌي اِسٽاف جي ڪمي يا سنڌيءَ جي ڄاڻ رکندڙ اِسٽاف / ماڻهن جو سؤلائيءَ سان نہ ملڻ ٻہ هڪ رسالي کي بنا ڪنهن رنڊڪ هلائڻ (Smothly) ٻہ چئلينج آهي - خاص ڪري عربي لپيءَ جي ڄاڻ رکندڙ ماڻهو/ اِسٽاف نہ ملڻ ڪري، سمپادڪ کي سڄو ڪم ڪرڻو پوي ٿو - مخزن کي سيٽ ڪرڻ کان وٺي - پوسٽ ڪرڻ تائين هڪ سمپادڪ آخر ڪيترو بار پاڻ تي ڪٽي سگهندو - جيستائين ڪٽي سگهندو هلندو. ڪونج جو انڪ هن سال هڪ اڏ ئي نڪتو آهي - سپون جا ٻہ انڪ ڪافي اِنتظار کان پوءِ ملیا - رچنا لڳ ڀڳ ڇهہ ماهي نڪري ٿي - 'ڇوليون' جو تہ ڪو پرچو ڪافي وقت کان شايد نہ نڪري سگهيو آهي ۽ 'سُرِيءَ' جو ٻہ مطلب تہ ڪيئن ٻہ ڪري پاڻ پتوڙي رسالن جا سمپادڪ / اِدارا سال ۾ ٻہ انڪ ڪڊي پنهنجي حاضري درج ڪرائين ٿا.

رسالن لاءِ اڄ وڏو چئلينج آهي اِليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا - نئين پيڑهيءَ کان وٺي پراٹي پيڑهيءَ تائين هرڪو

ٽي.وي. اِنٽرنيٽ، سوشل ميڊيا سان ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ جڙيل آهي ۽ اُن ورچيول ورلڊ / آياسي / واستوڪ دنيا کان ٻاهر نڪرڻ نٿو چاهي. پانڪن / درشڪن کي اُتي هر طرح جو منورنجن ۽ نالیج سولائيءَ سان ملي ٿو ۽ اُن سان جڙيو رهڻ ۽ ائڪسائيٽنگ لڳي ٿو - اِن حالت کي ڏسي لڳي ٿو دنيا ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ پيپرليس (paperless) ٽي ويندي - اهڙين حالتن جي هلندي ليڪڪن / پرڪاشڪن خاص طور سان پاشائي رسالن کي سوچڻ جي ضرورت آهي تہ هو جيڪو ساهتيہ ڏئي رهيا آهن اُهو پانڪن جي رچناتمڪ سوچ کي جاڳائي، ۽ وشين جي چوند اهڙي هجي جو اُنهن جو اِنٽريسٽ ڪرئيٽ ٿئي رسالي ۾- ڪامپيٽيشن جي دؤر ۾ هو ڪهڙو ۽ ڪيترو مئٽر (Matter) ڇاپي رهيا آهن - جيڪو پانڪن کي ٻڌي سگهي.اُن ٽي سوچڻ جي ضرورت آهي.

اَڄوڪي دؤر ۾ ساهتڪار / ليکڪ پنهنجي سجاڻپ کي خاص ويچارڌارا / دائري ۾ محدود رکڻ نٿو چاهي - جتي هُن کي سُجاڻپ ۽ مالي فائدو ملي ٿو هو اُتي يا اُن سرڪل ۾ رهڻ ٿو چاهي. ساهتڪارن / ليکڪن جي پيشيور اِنديويدل (Individual indenti) شخصي سجاڻپ واري سوچ ہ خانگي رسالن جي صحت لاءِ سازگار ماحول ڪونهي - سرڪاري ۽ وڏا اِدارا - ساهتڪارن کي جوڳو / سنو آرٽڪ لاپ ڏين ٿا ۽ اليڪٽرانڪ / سوشل ميڊيا جي ڪي مرڪز آرٽڪ لاپ جو آڪرشڻ آهن - جڏهن ڪونج ۽ سپون هندواسي رچنا جهڙا

رسالا - ساهتيہ سان پيار سيوا ۽ سنڌيت جي جذبي / ياوَ سان سنڌي ادب جي مشعال کي جهيلندي رسالو اڄ بہ سنڌي پانڪن تائين پهچائي رهيا آهن - سوشل ميڊيا جي هِن چڪا چونڊ واري دؤر ۾ سرڪاري توڙي غيرسرڪاري ادبي رسالن کي پنهنجي پراسنگڪتا ۽ اُپيوگتا کي قائم رکڻ لاءِ - وقت ۽ حالتن موجب ٻاهرئين – اندرئين/ مال - رومال روپ رنگ کي پُرڪشش بڻائڻ تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي - مثال طور جئپور راجستان مان پاسڪر گروپ طرفان شايع ٿيندڙ رسالو 'اها! زندگي' (منٿلي ماهوار ايڊيٽر) هنديءَ جا پانڪ جي خاص پسند آهي - ۽ بُڪ اِسٽال (رچنا هفتيوار) تي آسانيءَ سان ڪونہ ملندو آهي - پنهنجي مال - رومال ۾ اِهو رسالو فطرتي ادبي آهي - ۽ وئراٽي ۽ ڪرئيٽوتي هن جي خوبي آهي.

سو اهڙي سوچ جي ضرورت آهي - سنڌي ادبي رسالا پنهنجي سوچ ۾ شروعات کان وٺي ادبي رهيا آهن - ساهتيہ جي نئين پيڙهيءَ کي پئدا ڪندا رهيا آهن ادب جي معيار کي قائم رکندي - مؤجوده دؤر ۾ يا وري ڪو بہ دؤر هجي اسانجا سُجاڻ سنڌي ساهتڪار / ليکڪ پنهنجو پاڻ ۾ ادب جا رسالا آهن جيئرا جاڳندا - اُنهن سان گهڙي کن وهنداسين ادب سان پرجي ويندو.

# جيءَ ۾ ٽاندا :ڪيمن مولاڻي

سنڌي ياشائي ساهت ۾ هند ۾ هِن وقت پنهنجن جذبن ۽ زندگيءَ جي آزمودي/ مشاهدي کي اظهار ڏيڻ لاءِ ساهتڪارن/ شاعرن جي پسنديده/ صنف آهي 'ڪوتا' شاعريءَ ۾ ۽ 'ڪهاڻي' فِڪشن ۾. ڪوتا توڙي ڪهاڻي ٻئي ڇڪي تعداد ۾ لِکيون پيون وڃن، ساهت اڪادمي ۽ ٻين پرانتييہ اڪادمين طرفان تازو ڳڏيل سالن ۾ ڪوتا / شاعري ۽ ڪهاڻيءَ جي اينٿالاجيس poetry/ story (collections/Anthologies ) جي اِشاعت ادب جي بعد جديد دؤر ۾ سنڌي ڪوتا ۽ ڪهاڻيءَ جي معيار ۽ اهميت کي انڊرلائين ٻہ ڪيو آهي. سنڌي ڪوتا ۽ ڪهاڻيءَ لاءِ اِهو بجا طور تي خوش ٿيڻ جو باعث آهي. هِن تنقيدي/ تاثراتي جائزي ۾ مان ڪوتا / شاعريءَ جي ڳالهہ ڪنڈُس، ۽ ڳالهہ شروع ڪرڻ لاءِ منهنجي سامهون ڪيتري وقت کان ٽيبل تي ڪيو آهي/ شاعريءَ جو مجموعو- سو ٻہ موزون شاعريءَ جو ۽ سنڌيءَ جي پڪي پختي ۽ پنهنجي شاعريءَ سان دل وندرائيندڙ ، سنڌي شاعريءَ جا گهڻا پريندڙ شاعر ڪيمن مولاڻيءَ جو 'جيءَ ۾ ٽاندا'، جيڪو مونکي رکي رکي پيو چتائي ڏسي، منهنجي باري ۾ ڪُجهہ تہ لِک ڪُجهہ تہ چئُ پيارا- سو اڄ قلم ساڻ ڏنو آهي ڪُجهہ لِکڻ لاءِ - حالانڪ موزون شاعري ۽ اُن جون باريڪيون هِن تنقيدي ۽ تاثراتي

جائزو وٺندڙ جي فطرتي دائري ۾ ڪڏهن ڪوشش ڪري ٻه نه اچي سگهيون، پر شاعريءَ ۾ ڪنٽينٽ، مؤضوع خيال هميشهه هِن جو ڏيان ڇڪايو آهي. ۽ مان سمجهان ٿو ڪنهن ٻه دؤر جي شاعريءَ ۾ اُن جو ڪنٽينٽ، خيال، موضوع ئي هُن جي جسم جي جان آهي. شاعريءَ جي فڪر آهي ته فن پاڻ هي اچي ويندو آهي. ڪيمن ته فنڪار شاعر آهي- فن جي لحاج کان شاعر جو هيءُ مذڪوره مجموعو شاعريءَ جي ڇئن قسمن غزل، ٽيڙو، دوهو ۽ وائي سان سينگهاريو آهي پر مجموعي جو گهڻو حِصو غزل هي والاري ٿو جڏهنڪ ٻيا فارمس قلم آزمائيءَ جي حد تائين محدود آهن- اڄُ جي تاريخ ۾ موزون شاعريءَ جي سرمؤر شاعر سائين اِمداد حسينيءَ غزل جي گهاڙيٽي (construction) بابت هِڪ هنڌ ڳالهائيندي چيو آهي: "غزل ڏاڍي نازڪ نفنيس صنف آهي ٽاڪئين ڪائيءَ جيان ڪڏهن ڪڏهن هلڪي آواز تي پور پور ٽيندڙ، اِن جا قائدا قانون ٻه سخت آهن. بحر وزن جوسقم ۽ لفاظي اِن لاءِ حاجيڪار آهي." غزل گو اُستاد شاعر ارجن حاسد پنهنجي اِستائيل ۾ مهاڳ جي شروعاتي سِٽن ۾ غزل جي جيڪا ڀاوتمڪ وصف جوڙي آهي، اڄُ جي شاعر کي اُن جي لفظ لفظ کي کولي سمجهڻ جي ضرورت آهي. حاسد صاحب جو اِهو هِڪ پنهنجو انوويٽو اِستائيل(Innovative style) آهي. ڳالهه کي چوڻ جو سمجهائڻ جو ۽ انجائينگ (enjoying)

”غزل کي سڀ رنگ آهن، ٿي شهر، ٿي پاوچتر، سڀُ اسانجي آس پاس پکڙيا پيا آهن.... شاعري ماڻڻ ۽ سوچڻ جو درشن آهي... لفظ جون ڪندون پاسا چُيندا هلندا، ٽهڪڙا ٻه ڏيندا، رسندا پرچندا ٻه تڏهن ته پنڌ سولو ٿيندو. سچُ ڪڏهن ٻه نه چئجي، ٻيا ٻه ڪيترائي سُر آلاپ آهن، جن ۾ گهڻي سمجهه آهي. سچَ جي وياکيا ڪڏهن ڪنهن ٻه نه ڪئي آهي، سچُ نڱي آهي فريب آهي ٻهروپي آهي...“

هتي ٻن وڏن شاعرن کي شاعريءَ خاص ڪري غزل متعلق حوالي طور ڪوٽ ڪرڻ جي پٺيان مُراد اِها آهي ته جيئن پاڻڪ ۽ شاعر ٿوري دير لاءِ شاعريءَ جي زمين تي لهي اچن ۽ مونکي ٻه جيڪا ڳالهه ڪرڻي آهي. خاص ڪري فِڪر/ خيال (content/subject) جي لحاج کان اُن لاءِ مونکي سؤلائي ٿيندي پنهنجي ڳالهه چوڻ ۾.

’جيءَ ۾ ٽاندا‘ عنوان مان ئي ظاهر آهي ته شاعر جي اندر ۾ نه ڄاڻ ڪيتري وقت کان ڪُجهه اهڙو آهي، ڏُکي رهيو آهي، جيڪو لفظن جي تلاش ۾ هو جيڪي سانده سُلجندڙ - ڏکندڙ ٽاندن کي ٽارڻ جو ڪم ڪري سگهن- علامتن جو اِستعمال ڪندي ڪندي شاعر جي زندگي ٻه ذات خود هِڪ علامت بڻجي ويندي آهي. زماني جي خوشي غمي، درد، پيڙا، پوڳنا، سِستم خلاف دانهه ۽ ٿيندڙ انياءُ خلاف آواز جي علامت. هِن مجموعي جي ڪُل شاعريءَ جو گهڻو حصو مؤجوده دؤر ۾ اِنسان جي بدليل سوچ، وهنوار/ هلت

جيئڻ جو ڍنگ، شاعر ڪيمن جي جاتل-سُجاتل طمزيہ انداز واري شاعريءَ جو وشيہ تہ بڻيا ئي آهن- پر اُن سان گڏ بدليل سماج ،دؤر ۽ حالتن سان پاڻ کي نهڪائي نہ هلي سگهڻ يا ائين چوٿون بدليل اِنسان، سماج ۽ تيز رفتار واڌاري سبب گهُربل لائيف اِسٽائيل کي جيڪو طبقو/ فرد/ يا سماج ايڊاپٽ نہ ڪري سگهيو آهي ڪارڻ ڪُجهہ بہ هجي) اُن من اِستيءَ جو اِظهار- سُر بہ ڪيمن جي پُختہ قلم جي زير اِستعمال آيل هر فارم (شعر ، دوهي غزل، ٽيڑو، وائيءَ) ۾ نظر اچي ٿو. ٽيندو آهي، زندگيءَ سان سنگهرش ڪندي، پوڳيندي لهجي ۾ شڪايت اچڻ کي قدُر فطرتي آهي- عام ماڻهو جيڪا بہ ڳالهہ پنهنجي رواجي / نارمل انداز/ لهجي ۾ ڪندو تہ نئين /نہ لڳندي. پر اُها ئي ڳالهہ شاعر ڪندو سو بہ ڪيمن جهڙو سنڌي شاعر لفظ معانائون، اِستعارا، مهاورا، علامتون ۽ اُنهن جو بخوبي اِستعمال جنهنجي ساه ۾ سمايل آهي .

اُها ئي رواجي ڳالهہ شاعري بڻجي ويندي آهي، پڙهندڙ ۽ ٻُڌندڙ جي مُنهن مان ازخود نڪري ويندو آهي-واه... واه ڪيمن واه..

-زندگي جڏ تہ ڪائي طوائن لڳي
وقت توکي اچي ٿو نچڻ ئي نچڻ
-هل هلي ٿا هوا سان رکون دوستي
ٿو وڻي هاڻ هِت هت رُلڻ ئي رُلڻ.

*تنقيد @ تاثرات*

دوهن ۾ به ڪيمن اڇوڪي دؤر- زندگيءَ کان مايوس، فضا ۽ ڪٽي نہ ڪٽي پاڻ کي نھڪائي نہ هلي سگھڻ واري اِنساني ياوجو فنائتو اِظهار ڪيو آهي:

- هر مؤسم آئي وئي، سيءَ اونهارا مينهن
حال نہ پر ويهي وندیو، ڪڏهن رات سان ڏينهن.
- "مين مين" ڏوهاري بڻي، ڪاتيءَ مليو نہ ڏوه
تڏهن ڇيڻ کان گرم، ٿو لڳي مهينو پوه.

هِتي بدلجندڙ مؤسمن وارن لفظن سيءَ، اونهارو، ميهن/ ڇيڻ ۽ پوه جو بدلجندڙ دنيا سان علامتن طور اِستعمال سنڌي غزل کي تازگي جو احساس ڪرائي ٿو. زندگيءَ لاءِ 'طوائف' جي علامت به تازادم اِظهار آهي.

هِتي هڪ ڳالھ پاڻڪن نوٽيس ڪئي هوندي تہ طنز، تکي ڌار رکندڙ ڪيمن جو قلم ايتري فنائتي ڍنگ سان ڪري ويندو آهي. جو جنهن تي طنز ڪندو آهي. اُهو به سامهون ويهي تاڙيون وڄائيندو آهي- پوءِ اُهو غزل جو شعر هُجي، دوهو يا ٽيڑو/ هائيڪو :

1. ڏِسو ڏاتر جي جوڙ
ڪوتا سان گڏ ٿو وهان
مچر مڙندا کوڙ
2. اٽن قبر ۾ پير
تڏهن به هٽندا تا وتن
پيشُ، زبر ۽ زير

زندگيءَ جا معاملا مسئلا گھٽيئي، مشڪل راهون اڻانگا ور- وڪڙ وارا پيچرا، اِنهن راهن-پيچرن تي هلندڙ ڪروڙين قافلا اِنهن راهن تي زندگيءَ جي رهبر ۽ ملندا ۽ راهزن، دلدار دوست ملندا ۽ دشمن ۽ اوترائي خوار، قرڙ لٽڙ وارا ۽ ملندا ۽ ڪُجھ ڏيڙ وارا ۽، سُک چئن کسڙ وارا ۽ مِلندا ۽ زندگيءَ ۾ سک- سڪون جي معنيٰ سمجھائڙ وارا ۽، زندگي آهي ۽ اِهو سڀ ڪجھ هوندو. خاص طور سان اڄوڪي بدليل زندگي، سماج ۾ انسان جا رنگ شاعر جي اڪيلائپ سان پريل ۾ پنل دل ۾ اک کان ئي ڏسي پرکي سگھي ٿي. اڄُ ماڻھو ماڻھو کان ڇڪل آهي، دِل دِل کان ڌنل ۾ اک اک کان ڇرڪيل آهي، اڄوڪي زندگيءَ جي وک وک تي وکريل عڪسن کي ميڙيندي شاعر ڪيمن مولاڻيءَ جنهن فنائتي اصلوب خوبصورتيءَ سان ائين لفظن ۾ تراشي مڙهيو آهي جڙ هِڪ شفاف ڏزائينر آئينو سماج جي سامهون رکيو آهي:

1.-عڪس اونده ڏِسي -لفظ اهڙوچيو
لاپتا ٿي ويا فاسلا ٿي ويا
- پيار احساس جا مون چيو سچ جڏھن
ڦر مُڏا ٿي ويا سڀ خفا ٿي ويا

2.-هر چيز وڪامي ٿي، ونڊ چاهين پلي وڃ...
هن وقت جي وهنوار جي ڳالھ بس ڇڏي ڏي
سچ ڪوڙ جي مقدار جي بس ڳالھ ڇڏي ڏي..

مطلب تہ شاعر کيمن هِن مجموعي ۾ الڳ الڳ فارمن/ قسمن غزل، دوهي، ٽيڑو/ هائيکو ۽ وائي ذريعي سماج جا وکريل عڪس سميٽيا آهن. جيڪا تصوير ڪشي ڪئي آهي تن کي زندگيءَ جا رنگ چئي سگهجي ٿو. حاسِد صاحب جي اِن ڳالهه سان مان پوريءَ طرح سان اِتفاق ٿو رکان تہ شاعريءَ ۾ سچ ۽ ڪوڙ جي ڳالهه ڪرڻ شاعر ۽ شاعريءَ جي وزن کي گهٽائي ٿو- حالانڪ حاسِد صاحب اِها ڳالهه ٻئي ڍنگ سان چئي آهي ۽ مان اِن ڳالهه کي کولي ٿو ڪيان- سچُ- ڪوڙ جي معنيٰ/ پريڀاشا يا وياکيا پئي بدلجندي آهي، بدلجندڙ زماني، حالتن ۽ ٽرينڊس سان گڏ - هِڪ مخصوص دؤر جون حالتون ئي اُن دؤر جي طرز- زندگي ۽ طرز بياني طيہ ڪنديون آهن. سمُنڊ جو پاڻي اِنسان لاءِ کارو آهي ڪنهن ڪم جو ناهي- پر ساموندي جيون سنسار لاءِ سمُنڊ جو پاڻي هي اُنهن جي زندگي آهي- هِن ڌرتيءَ جي آب-هوا، موسمن جي ڦير- ڦار ۽ ڌرتيءَ جو توازن سمُنڊ جي هٿ ۾ ئي آهي- اُن ئي سمنڊ جو پاڻي اِنسان جي اُساٹ کي لاهي نہ ٿو- ويتر وڌائي ٿو- شاعر کي اُساٹ لاهڻي آهي تہ سمنڊ اندر گهِڙي سيپين ۾ لِڪل پاڻيءَ جي بوند کي ڳولهي ڪڍڻو ئي پوندو-

سِڌي سنئي سچ جي ڳالهه ڪرڻ يا شعرن/ دوهن ۾ نصيحت ڏيڻ شاعريءَ جي مزاج واري ڳالهه ڪونهي. ويتر صيحتمند شاعريءَ لاءِ اِنهن ڳالهين کان پرهيز هِڪ عمده

شاعري واري سِٽ جي ڊماند آهي- هاڻي مثال ڏسون شاعر پاڻ خود اِن ڳالهه کي محسوس ڪندو-:

(1) اجان بہ قائم صليب ساڳيو
هرڪوئي عيسىٰ پيو بدلائي

ٽيڙو- ڪالهه هو جو مجبور
ڪرسي مِلندي ئي ڏسو
بڦجي پيو مغرور

(2) ڏسو اڳُڻ ۾ نانگ تہ ڪونهي
جهرڪين جو ٿو گوڙ ٻُڌائي

ڪڏهن تہ ڪر ويچار
جنهن تي آهي قل نہ ڪو
سو ڪيئن جهڪندو ٽار

اهڙا ڪيترا ٻند- تصويرون مجموعي ۾ وکريون پيون آهن نصيحت آميز ۽ ڪوڙو سچ چوندڙ ، جيڪي شاعراڻي شعور جي دائري ۾ نہ ٽيون اچن- هيءُ منهنجو پنهنجو ويچار آهي- ڪنهنجو شامِل راءِ هجڻ ضروري ناهي. شاعري لفظن ۾ نہ هوندي آهي. لفظن کان ٻاهر پنهنجو اثر ڇڏيندي آهي.

شاعر قدرت ۽ عشق جي ڳالهه ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهي. کيمن جي غزل، دوهي ۽ ٽيڙي/ هائيکو ۾ اِن



www.sindhsalamat.com 219 books.sindhsalamat.com

جي جهلمِل نظر اچي ٿي.شاعر جو سڀ کان وڏو اساسو/ ملکيت آهي اُن جي بوليءَ ۽ اُن جي اِستعمال تي پوري پکڙ ۽ سمجهه :

- ڏِسو ستارن جي جهلمل، اکيون ٿا ڀيجن
ڪڙ ڪٻيتو تون مٺ ۾ جهلي ٿو رکين (ڪڙ ڪٻيتو)
- آرسيءَ کي اڃُ اکين چئي ڏنو
ائين وٽي ڪونہ مون ڏي ڏسڻ ئي ڏسڻ.
- چانڊوڪي ۽ چنڊ
ڇو ڀنونتي ديهہ آ
منڊي ڇڏيو ڪو منڊُ

ها هڪ ڳالهہ ٻي ٻہ چوندس آخر ۾ تہ ڪيمن جيترو عُمده شاعر آهي. بولي‌ءَ تي پکڙ ۽ مهارت رکندڙ- اوتروئي سُڻي هُن جي اِستيج تي پيشڪش آهي. جيئن تہ شعر پڙهڻ لاءِ منچ تي هوريا هوريان چڙهندو آهي- تاڙين جو ڦهڪو پئجي ويندو آهي. هر شعر کان پوءِ - ورائي چئو ورائي چئو جا آواز پيا گونجندا آهن. آڊينس مان خوشيءَ سان چوندس تہ اهڙي شناس شاعرن کان تبصرو ڪندڙ ٻہ گهٽو ڪجهہ سکيو آهي. اُن جي سادگي، سهجتا، سرلتا ۽ سڀ کان وڌيڪ لفظن جي سچائي ماڻڻ وٽان آهي

هڪ نبضشناس/ تبصراڪار پاڻ طورجيڪوتاثر هِڪ شاعريءَ کي پڙهندي ۽ ڪٿي ڪٿي ماڻيندي مليو، سو هڪ گفتگو/ تبصري ذريعي اوهان سان وندبيو. آخر ۾ بس

ايترو چوندس، محسوس ڪيان پيو گهٽو ڪجهه چئي ويو آهيان. ڪيمن جي شاعري ڪنهن ڳوڙهي گياني يا دانشورانہ اِظهار بجاءِ سادي عام ماڻهن جي لهجي ۾ ڪيل شاعري آهي هِڪ ماڻهو کي سمجهه ۾ اچڻ واري ۽ اُن سان جڙڻ واري ڳالهه ٿو ڪري اسانجو شاعر ڪيمن مولاڻي.

تون بہ هن شهر کي سجاڻين ٿو
ڪا گهِٽي موڙ ڪو ڳُجهو ڪونهي
ڪِن ڏَنا تارا ڪِن کي ٽانڊاڻا
دِل جو شعلو تہ ڪنهن ڏَنو ڪونهي.

# سنڌي ڪوتا جو هِڪُ سنويدنشيل آواز

(اروڙ ٻاٻاڻيءَ سان ملاقات جا ڪجهه انش)

## سندس مجموعي 'ڪوتائون' جي پسمنظر- حوالي ۾

ڪويءَ سان ائين ڇو ٿيندو آهي جو هُن کي دنيا جي هر شيءَ ۾ ڪوتا نظر ايندي آ، هر ڪنهن لنگهندڙ ماڻهوءَ جي چهري ۾ ڪوتا پيئي ڳالهائيندي آهي، ڏکندڙ پيڙ ۾ هن کي ڪوتا جون سٽون لڳنديون آهن ۽ ڪڏهن پريءَ پيڙ ۾ ڪو سانت – سوميه چهرو نظر اچي وڃي اُهو ته هِڪ نهيل نڪيل ڪوتا باسندو آهي بس عنوان رکڻ جي دير هوندي آهي. شايد اُهو اِنڪري جو هرڪو اِنسان هِڪ ساز مثل آهي جئن ساز سُرن سان پريل هوندو آهي ۽ اُن کي ڇيڙيندي ئي ڪيترائي سُر وڃي اُٽندا آهن، بلڪل تيئن اِنسان ۾ ڀاون جي سُرن سان پريل آهي، هر ڪنهن اِنسان ۾ ڀاون جي سرگم پيئي هِلورا هڻندي آهي ۽ اهڙي ئي ڪنهن ڀاوميه شخص سان جڏهن ڪنهن ڪويءَ جي ملاقات ٿيندي آهي ته اُهي پل، اُهي گهڙيون ڪوتا لاءِ سياڻيون هونديون آهن. خاص ڪري سامهون وارو شخص هِڪُ اعليٰ اِنسان هُئڻ سان گڏ هِڪُ ڪوي به هُجي ته .

پنج ڇهه سال اڳ (شايد 2014) جي جڏهن مبئيءَ جي هوٽل جي. ڊبليو ميئريٽ (J.W. Marriot) جي پول سائيڊ لان ۾ اروڙ ٻاٻاڻيءَ سان پهريون دفعو مُلاقات ٿي ته ڪجهه

اهڙائي احساس ۾ پاڻ پول ۾ هوا سان لڳندڙ لهرن ۾ تري آيا. اروڻ ٻاڻاٽيءَ جڏهن مونسان پاڪُر پائي مليو ۽ ڪليو ائين لڳو ته هڪ ڪوتا جيڪا مبئيءَ جي هل- هلان واري شهر ۾ ڪيتري وقت کان خاموش هُئي اُن کي اِظهار مليوآهي. سوميه، سانت، سنجيده چهري تي هلڪي هلڪي تري ايندڙ مسڪراهٽ سان هُن چيو "توهانجون ڪوتائون پڙهڻ کان پوءِ توهان سان مِلڻ پِئي چاهيو، ريئلي يو آر ائڪزيٽلي ديٽ واهٽ يو آر اِن پوئمس... ڪوتائون پڙهڻ کان پوءِ جيڪا منهنجي من ۾ توهانجي چوي ايري هُئي، بلڪل ساڳي آهي...

مونکي سنو لڳو ." مون چيومانس اروڻ توهان مونکان هر لحاج کان وڏا آهيو، مونکي نيڪ نہ ٿو لڳي مان توهان کي نالي سان سڏيان-سائين لفظ نيڪ رهندو، چيائين، نو، وي آر فرينڊس اروڻ اِز اوڪي". سائين لفظ ۾ فاصلو آ. بٽ اروڻ مونکي تنهنجي ۽ تنهنجي ڪوتا جي باري ۾ ڳالهائڻو آهي. ائين ته هن وقت نئين جنريشن ۾ ڪيترا سُنا قلم آهن ۽ باشعور پڻ جيڪي سنڌيءَ ۾ ڪوتا کي سنويدنا جي اِستر تي کڻي بينا آهن. حالانڪ توهان عمر جي لحاج کان نئين جنريشن جي ست ۾ شامل نہ ٿا ٿيو پر سنڌيءَ ۾ رچنا جي لحاج کان توهان کي مؤجوده ڏهاڪي جي هڪ پرامسنگ ڪوتائي. آواز جي روپ ۾ مان ڏسان ٿو. توهان جيڪو پنهنجو تازا ترين ڪوتائن جو دستخط (collection)

ڪوتائون جيڪو ٽن ٻولين (سنڌي، هندي، انگريزي) ۾ شايع ٿيو آهي اُن جي شروعاتي ڪوتا(نماڻا اکر- نوس سچايون) هي توهانجي اندر مؤجود گهري ڪاويہ سنويدنا سان پاڻکن جو پيش لفظ طور لکيل تعرف ٿي وجي ٿو. "سنڌي ٻولي مري وئي/ سنڌي دنيا ۾ ڦهلجي ويا سنڌي اِسڪول بند ٿي ويا / هِن وقت فقط چار نوجوان سنڌي شاعر وجي بچيا آهن." حالانڪ اِهي توهانجا پيش لفظ آهن پر توهان اِنهن کي هِڪ سهڻي سنويدنا جي پاو سان اِظهاريو آهي. هِن مجموعي جون ڪوتائون، لائيف اڪيلو، ٻيا ماڻهو،ڪردار، پنهنجي غُفا، ۾ پَرَ، آخري سِٽ... يعنيٰ لڳ-ڀڳ ڪوتائون سنويدنا جي ذراتل تي پاڻڪ تي هِڪ چاپ ڇڏين ٿيون.

"موهن توهان کي ڪوتا وڻي، توهان اُن کي ماڻيو منهنجي لاءِ انڪريجنگ ڳالهہ آهي سنڌيءَ ۾ لِکڻ جاري رکڻ لاءِ. " اروڻ پنهنجي ڳالهہ رکندي چيو. "مان توهان کي ٻُڌايان لکندو تہ مان ڪافي وقت کان رهيو آهيان گهٽو ڪري انگريزيءَ ۾. سنڌيءَ ۾ سنجيده پاڻڪ جي مونکي بنهہ ڪمي نظر آئي ۽ کي مائول ۾ منهنجي نيچر کي سمجهہ نہ پيو اچي:پر توهان جهڙن ڪن دوستن جي زور ۾ڻ تي مون پنهنجي زبان ۾ لکڻ جي ڳالهہ قبولي. حالانڪ مونکي اهڙو ريسپانس ڪونہ مليو جيڪو مونکي سنڌيءَ جي انٽليڪچوئل سرڪل مان اُميد هئي پر تنهن هوندي ۾

مونکي اِهو سنتوش ضرور مِليو تہ مان پنهنجي زبان ۾ اِظهار ڪري سگهان ٿو.“

اروڙ توهان اِها بيحد سُڻي ۽ پازٽو ڳالهہ ڪئي پنهنجي لاءِ بہ سنڌي ڪوتا لاءِ. توهانجي هِن پازٽو سوچ سنڌيءَ سان هِڪ سُڻي سنڌي ڇاڙڻ وارو سُڃاڻ ڪوي مِليو. توهانجو اِهو قدم سنڌي ڪوتا کي هِڪ نئون رُخ ۽ چهرو بخشي سگهي ٿو. ڇو جو توهان کي ٻُڌايان تہ ڪوتا لِکن ۽ ڪِن تہ ڪيترا پيا، روز ڪيترا ڪتاب ڇپجن پيا پر ڪوتا کي سمجهڻ ۽ پڙهڻ وارو سنجيده رُخ هرڪنهن وٽ نہ ٿو ملي. ريسنٽلي هنديءَ جي برک نقاد/الوچک نارايڻ دت پاليوال دهليءَ ۾ آيوجت 'پارتي ڪوتا پرتبمب' 'भारती कविता प्रतिबिम्ब' ۾ اِن ڳالهہ جي تصديک ڪئي ۽ چيائين تہ ڪوتا کي ڪوتا جو درجو ڪويءَ جي اندر مؤجود سنويدنا هي ڏياري ٿي جيڪڏهن سنويدن هين (Lac of sensibility) من کُجهہ لکي يا چئي ٿو تہ اُهي لکيل يا چيل لفظن کان وڌيک ڪجهہ ڪونهن. توهان کي خبر آهي تہ توهان سان هِن وقت ڳالهائيندي ائين پيو لڳي جڻ ڪوتا هتي اسان سان گڏ مؤجود آهي. اِها ڪوي من جي سنويدنشيلتا هي آهي. جيڪڏهن اسان کي رواجي لفظن ۾ بہ ڪوتائي آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. توهانجي اهڙي سوچ سان هک سني ڳالهہ اِها ٿي آهي جو سنڌيءَ کي اروڙ ٻاٻاٽيءَ نالي جو هک سنجيده ڪوتائي آواز ملي ويو جيڪو سمڪالين سنڌي ڪوتا ۾ جلد

ئي پنهنجي ماقول جاءِ جوڙي ونندو- اهڙي اُميد توهانجي کوتا پڙهي کري جاڳي آهي.

"موهن - توهانجي هِن حوسلاافزائيءَ مون کي سنڌيءَ ۾ پنهنجو کوتائي سفر جاري رکڻ لاءِ سرٽينلي هِڪ انجيڪشن جو کم کيو آهي ۽ پوري کوشش کنڊُس تہ مان سنڌي کوتا سان جڙيو رهان. اِن کري ئي مان سنڌي کوتائن جو انگريزيءَ ۾ انواد بہ وقتي کندو آهيان جيڪا مونکي وڻندي آهي-" اروڻ سِگريٽ دکائيندي چيو.

تازوئي مون واسديوموهي، پريم پرکاش، نامديو تاراچنداڻي ۽ ومي سدارنگاڻيءَ جون کوتائون ترجمو کيون آهن، مون کي تمام سنو لڳو.

اروڻ اِها ويتر سنڌي کوتا لاءِ هڪ بيحد سُڻي ڳالهہ آهي تہ دنيا جي سگهاري/ اِنفشنل ياشا ۾ سنڌي کوتا کي آڻڻ وارو هِڪُ ماهر بہ کيس مِلي ۽ اِها وقت جي اهم تقاضہ آهي تہ سنڌيءَ جو نمائنده ساهت دنيا جي برک ياشائن ۾ ترجمو ٿئي. يقينن راهي سنڌيءَ جا سگهارا آواز آهن. گذريل سالن ۾ ساهت اڪاڊميءَ بہ سنڌي کوتا ۽ کهاڻيءَ جا کتاب هنديءَ ۾ شايع کيا آهن، توهان اُهي بہ ڏٺا هوندا. اُنهن کي سنو ريسپانس مِلي رهيو آهي.

ها، اِهو هِڪُ سُنو ۽ وڏو کم ٿيو آهي، ائڪچيولي هِن وقت سنڌيءَ جي اِها ڊمانڊ بہ آهي. اروڻ سگريٽ جو کش هڻندي ۽ کافي پيئڻ کان نماڻائيءَ سان انکار کندي

پنهنجي ڳالهه رکندي چيو ته مان اِنگلش لٽريچر کافي پڙهيو آهي ۽ پڙهندو آهيان، مونکي لڳندو آهي سنڌي ڪوتا ۾ ائڪسپريشن پاور آهي ۽ اِن کي انگريزيءَ ۾ بين ٻولين ۾ اچڻ گهُرجي ۽ اِن خيال کان ئي 'سنڌي شان' ويب سائيٽ تي ريگيولر لِکندو هوئس. ۽ ٽرانسليشن مان اِنجاءِ ڪندو آهيان. ڇو جو ٻاهرين دنيا سان منهنجو تعلق بلڪل ڪونهي. منهنجي پهُچ گهر جا پنج ياتي- بابا (ڪيرت ٻاباڻي)، منهنجي وائيف، ڏيءَ پُٽ ۽ مان خود، منهنجي دنيا ايتري آهي. مونکي لڳي ٿو منهنجي اِن سياءَ هي مونکي ڪوتا لِکڻ لاءِ مائل ڪيو.

ها، اروڻ ،جيڪو شخص پنهنجي اندر جو گهڻوسيئر ڪندو آهي، اُهو لازمي طرح سان شاعر/ ڪوي يا چترڪار ئي آهي. هُن کي ته ڪونه ڪو آئوٽ ليٽ (outlet) ضروري آهي. پوءِ قلم هٿ ۾ ٿو اچي يا برش ۽ اهڙو شخص ڪا نه ڪا ڪلاتمڪ چيز لازميءَ طرح سان ڏئي ويندو. تنهنجون ڪوتائون جڏهن مون پڙهيون، هِڪ تازه جهونڪو محصوص ڪيو- ٽاٽ، ٽريٽمينٽ ۽ پيشڪش جي لحاج کان. انگريزيءَ ۽ هنديءَ ۾ ڏنل ڪوتائن بہ ساڳيو چڏيو آهي. اروڻ- يو سي ...اسان اڄُ جنهن دؤر مان گذري رهيا آهيون- اُهو بدحواسيءَ جو دؤر آهي. هرڪنهن حلقي ۾ هر ڳالهه ۾ اڳتي رهڻ جي دوڙ، سي ڪجهه يڪدم حاصِل ڪرڻ جي چاهنا ڏزرو نه ڪندي بہ ڏزائير رکڻ جي اسانجي فطرت اِن بد حواسيءَ کي

خطرناڪ انجام تائين گهيلي ڪٽي وڃي رهي آهي. اِنهن حالتن کي تنهنجي ڪوتائُن ۾ سهجتا سان اِسپيس مليو آهي ۽ اِظهار  ۾ اِها ڳالهه هند جي سنڌي ڪوتا لاءِ خوشي جو لمحو آهي- ٻيا ماڻهو، پنهنجي غفا، ۾ پر آخرين ست، ديوارون- اهڙيون ڪوتائون آهن جيڪي سنڌي ڪوتا جي مؤجوده شخصيت کي نڪارين ٿيون- آئي مَسٽ ڪانگريچيوليٽ.

هڪ گنڀير مُسڪراهٽ سان اروڙ چيو. "موهن، مونکي پاڻ کي اندران رليڪس ڪرڻو هو جو اِنهن ڪوتائن جو جنم ٿيو ۽ اڄُ مان وڌيڪ رلئڪس ۽خوش پيو محسوس ڪيان جو ڪوتا کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ وارن تائين پهچائي سگهيو آهيان. مونکي خبر آهي اڄُ سنڌيءَ ۾ پڙهڻ وارا آڳرين تي ڳڻي سگهجن ٿا،پر وري ب مان لِکندس ڪوتا لاءِ، ياشا لاءِ ۽ پنهنجي لاءِ اسانجي ڳالهه ٻولهه سُڻي رهي، آئي ريئلي اِنجائيڊ وري ڪڏهن مبئيءَ اچو تہ ضرور گڏجندا توهان کي ب وڃڻو آهي مان ب هلان ٿو-

ها ضرور اروڙ مونکي توسان گڏجي بيحد خوشي ٿي ائين لڳو جڻ خالي آيو هئس، پريل پيو وجان- آئي السو اِنجائيڊ اي ميٽنگ وٽ پوئيٽ ائينڊ پوئٽري "I also enjoyed a meeting with poet and his poetry" اسان ڪافي پلي نہ پيتي پر ذائقو پورو اچي ويو باءِ سي يو.

تاثراتي تذکرو

# سپنا پوکيندي : موهن گيهاڻي

ڪوتا/ ڪويتا لاءِ ڪهڙو سميہ هلي رهيو آهي ڪوتا ڪي بهتر ڪويتا ئي ٻڌائي سگهي ٿي ڪنن سميہ آهي يا ڪهڙو بہ سميہ تہ ساڳيوئي آهي. ڏکيو يا سکيو سميہ کي اِنسان ئي ٻڌايو آهي. ۽ اُن جي پئدا ڪيل حالتن سميہ کي پنهنجي رفتار ۽ معنىٰ بہ ڏني آهي. ڪجهہ بہ آهي اِها ڳالهہ وشواس سان چئي سگهجي ٿي اڄُ جي پارتي ڪويتا، اُن ۾ بہ سنڌي ڪويتا دنيا / وشو جي ڪويتا سان نہ فقط هٿ ۾ هٿ مِلائي سميہ سان گڏ هلي رهي آهي بلڪ ڪيترن هنڌن تي وشو ڪوتا کان وِڪ وڌائي اڳتي نڪري رهي آهي اِها ڳالهہ ايتري همٿ ۽ حوصلي جو جائز ڪارڻ تازو ئي وشو پارتي ۾ گڏو گڏ سنڌي ڪويتا جي روبرو ٿيڻ جو موقعو ملندو رهيو آهي. هن وقت منهنجي سامهون دنيا/ جي بهترين ڪوتائن جو ترجمو 'ڪوتا کا وشو رنگ' (پرڪاشڪ رويندرناٿ ٽئگور وشو وديالیہ، پوپال) ۽ سنڌيءَ جا تازوئي شايع ٿيل ڪوتائي مجموعا/ڪليڪشن 'سپنا پوکيندي..(موهن گيهاڻي، 2019)، ۽ خاموشيءَ کي لکندو آهيان (واسديو موهي2018). هِن تاثراتي تذکري ۾، ڪوتا جي باري ۾ سوچيندي هن تاثرات لکندڙ کي جيتري بہ ڪويتا سمجهہ

۾اچي سگهي آهي. اسان اڄُ جي ڪويتا جا الڳ الڳ رنگ ڏسنداسين. ۽ ڪويتا کي ماڻيندا سين.

ڪوتا تہ خير ڪوتا ئي آهي ڇو جو قلم سنڌيءَ ۾ لکي رهيو آهي تہ سنڌي ڪوتا جي ڳالهہ اول ڪرڻ ٿو چاهي. زندگيءَ جي جنهن اک سان ڪويتا ڏسندي آهي اُها ڪويءَ جي پنهنجي نجي اک هوندي آهي، انڪري ئي اُن ۾ منظر جي الهدگي ۽ سپنن سان ويجهائپ گڏ ڏِسڻ ۾ ايندا آهن ۽ اِهي ٻئي گڏجي اِظهار کي خوبصورت تہ بڻائي ئي ڇڏيندا پر خاص ٻہ. نقاد ٽرئنڊ پوئيٽ/ ڪوي موهن گيهاڻيءَ جي تعزه ترين مجموعي سُپنا پوکيندي جون ڪوتائون پنهنجي اِظهار جي تازگيءَ ۽ پختگيءَ سان اِها ڳالهہ ڪُجهہ ان انداز سان ٿيون ڪِن:

”هوا جو جهوٽو /ٽارين مان پن چڙ/ خاموشي، بيترتيب
بي معنيٰ مان اُنهن کي معنيٰ ڏيان ٿو/ٽڙيل پکڙيل جو
ڏسان ٿو/رنگ روپ ڏيان ٿو/ ۽ اُميد جي شاخ تي ٽنگي
ڇڏيان/ ايندڙ گهڙيءَ جي اُميد سان (ڪوتا28)

تون چئين: چنڊ تہ ساڳيوئي آهي/ پر مون جو ڏٺو/ اُهو چنڊ تہ/ خوابن سان سينگاريل هو. ڪوتا (54)

- مونکي ٻُک لڳندي آهي/ روز-ڪيترائي پيرا/ هر هر سوادي طعام کائيندو آهيان/ سِج کي ٻُک لڳندي هوندي؟ هو ڪهڙا طعام کائيندو هوندو؟.....تون سِج کي ٻُک خوش ڪرڻ لاءِ سِج جي اُستتي ڪرين/ هَون ڪرين / ۽ قرض لاهين/اِها

أشتتي ئي كاڃ آهي سڃ جو شايد!/ هر طاقتور جي سياڻ جيان!“ (ڪوتا 39)

-پڪ آهي/ڪِئلي / هڪ ڏينهن/ آهستي آهستي جبل ڪٽي ويندي/ ترت جبل تہ هنومان ئي ڪٽي سگهندو/پر هنومان ملندو رامائڻ جي پنن ۾/ ڪِولي تہ هر وقت حاضر آهي....ڪوتا.103)

سڀ جنهن درشيہ کي ڏسندا آهن، ڪوي اُن ئي درشيہ کي سيني وانگر ڪونہ ڏسندو آهي. هو، ڄاتل سُڄاتل ڄڳهن / هنڌن جي اڻ ڄاتل-سُڄاتل ڪُنڊن کي بہ ڏسي سگهندو آهي ۽ ڏسڻ ايندڙ درشيہ/ منظر جي اڻ ڏٺل مَرم کي بہ پڃاڻي ونندو آهي.ڪوي ڇا ڇا ڪري سگهي ٿو اُهو ڪويءَ جي پنهنجي سوچ، سوچ جي سگهہ ..اُڏام ۽ پرورتيءَ تي گهٽو مدار رکي ٿو موهن گيهاڻيءَ جي ڪوتائي سگهہ سنڌي ڪوتا کي سنڌي ڪوتا سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪرايو آهي. پنهنجي هر ڪوتائي مجموعي سان. جيترو ڪوتا جي سياڻُ کي سمجهي سگهيو آهيان ڪويتا هر ڪنهن ڪوي سڏائڻ يا ڪوتا ڪرڻ واري وٺ ڪونہ هوندي آهي ڪويتا هُن ڪويءَ وٺ ئي يا هُن سان ئي گڏ رهڻ پسند ڪندي آهي جيڪو ڪويتا جي پرڪرتيءَ سياڻ کي ڇڳيءَ طرح سمجهي ٿو خاص ڪري اڄوڪي وقت ۾ يا هر دؤر جي مؤجوده وقت ۾ ٽيندڙ ڪويتا جو سياڻُ جڏهن زندگيءَ جا ماڻ ماپا بدليل هوندا آهن ۽ حالتن / مسئلن تي ويچار ڪرڻ جا نظريا بہ بلڪل بدلجي

ويا هوندا آهن پنهنجي پهرئين ڪوتائن جي مجموعي پوپٽ پکڙيندي ( 1993) ڪان وني، منهنجو نگر ڪهڙو(2001)، رڻ پٽ ۾ (2012)، لوڻ منو ٿي پيو(2016) ويندي سپنا پوکيندي...(2019) تائين موهن گيهاڻيءَ جي ڪوتا جو سفر مسلسل قدم در قدم اڳتي وڌيو آهي.ڀ هُن جو ڪويتا سان رشتو تمام ويجهائپ وارو ٿي پيو آهي. فطرتي نثر نويس ٿنڪر/ ويچارڪ (intellectual) هُئڻ جو فائدو ڪويتا کي موهن گيهاڻيءَ وٽان تمام گهٽو پهتو آهي. جو هُن جي ڪوتا جو فڪري پهلو تمام سگهارو ۽ ديرينو ٿي بيٺو آهي. موضوع جي لحاظ کان پڻ هڪ وئرائٽي ملي ٿي. حالانڪ فطرتي نجي سوچ ۽ نجهڻ واري ڪويتا جو اثر گهٽو آهي.پر وري به سماجڪ سروڪار ۽ پرڪرتي پريم به جتي آيو آهي. سهج سياوڪ ڍنگ سان خوبصورت اِظهار سان آيو آهي. ۽ ڪٿي وري پرڪرتيءَ جو ميٽافر/ روپڪ طور اِستعمال ذريعي ڪوتا / پاشا جي اپيوينجناتمڪ شڪتيءَ تازگيءَ پريو اِظهار پاتو آهي-:

رات وڏي واڪي اعلان ڪيو/ هاڻي هِن کان پوءِ / سج نہ اُپرندو/ سدائين اونده رهندي مُنهنجو راڄ/ سدائين لاءِ قائم ٿي چڪو آهي.."سج جي اُستتي ڇڏي ڪن رات جي اُستتي شروع ڪئي/ ڪِن وري رات جي ساراه ۾ / گيت رچڻ شروع ڪيا/ ڪي ڪنڌ جهڪائي بينا رهيا / خاموشي اختيار ڪيائون

اچانڪ/ زمين جي سخت تهن کي چيري/ هڪ خُددار-باغي-سرڪش گُل ٽڙڻ جي همت ڪئي، هير/ هوا جي پلئه جي ڳنڍ ڇوڙي/ پاڇوڪڙ ٻار جيان نڪري وري ڊوڙڻ شروع ڪيو..." (ڪوتا-3)

هتي، مؤجوده سياسي/ سماجي سرشتي تي پاشا جو رچناتمڪ/ تخليقي اِستعمال ڪري ڪيئن طنز ڪريئيٽ ڪئي ويندي آهي. موهن گيهاڻيءَ جي ڪوتا اڄ جي اُپرندڙ ڪويءَ کي سيکاري رهي آهي پاشا جو اهڙو تخليقي اِستعمال سنڌي ڪوتا کي وشو ڪويتا سان وشواس سان وهڻ جي همت ڏئي سگهيو آهي. اهڙو پوري ڪانفيڊنس سان ڇئي سگهجي ٿو. هيءَ پوري ڪوتا پڙهڻ / ماڻڻ جهڙي آهي. پاشا جو دلڪش اِستعمال مجموعي جي ڪوتائن ۾ گهٽو - ٽٽو مِلي ٿو. ماڻيندا هلون.

- هڪ ڳُجهو ٽهڪ/ مون دل جي تحخاني اندر/ لِڪائي رکيو آهي..

- ڪنهن جا چپ مُرڪن/ اُڏندڙ ڪتولو بڻجن/چپن مان ٽهڪن جا آبشار ڦٽن/ خوشيءَ جون جهومريون پائين...

- روزمره ڪنهن نہ ڪنهن جنڊ ۾ ڪٽڪ جي داڻي جيان پيسجڻ جو احساس.

-بيابان روڻيءَ جيان کوريءَ ۾ پچن/ سُڄ واکا ڪري چوندن جي پرچاري واعدن جيان

سنڌي پاشا ۽ ساهت جا عالم- فاضل جنهن به صِنف ۾ قلم آزمائي ڪندا آهن، پاشا جي خوشبوءِ هڪاءُ ماڻڻ وٺان هوندو آهي. گيهاڻي صاحب جي ٿُز سنڌي لفظن جي اِستعمال سان ڪوتا کي هڪ پاشائي رنگ مِلي ٿو وجي ۽ نئين پيڙهيءَ جي ليکڪن/ ڪوين کي لفظن جي ڄاڻ ۽ اُنهن جي اِستعمال/ پريوگ سان واقفيت به ٿئي ٿي. حالانڪ اردو لفظ به واهپي ۾ گهڻو-ٿڻو اچي ويا آهن-:ڪوري، ويس وڳا، رنڊڻي، هڻ ،پڇاڻ، انڊلڻ، سها، وٽري ڳڻ ڳوت، ٻوڙ ٻوڙان، جهڙالو،لانگهائو جهڙا تز سنڌي لفظ ڪوتا ۾ سنڌيت پري ٿا ڇڏين جڏهنڪ فرد، مضمور،مخصور، طِلسم ،غلطان، آبشار يعنيٰ اِهي ڪوتائون پڙهندي پاڻڪ جي اردو ووڪيوبلري (vocublary) لفظي ڄاڻ ۾ اِظافو پڪ ٿيندو- ٿُز هندي لفظ 'اُستتي' جو اِستعمال به نهڪي آيو آهي. پاشا گيان جي هڪ سُڻي ڪلاس به ملي وجي ٿي. اِنهن ڪوتائن کي ماڻيندي.

ڪويءَ جو ويچارڪ ويڪتتو ڪٿي ڪٿي سُڻن ويچارن کي ڪويتا جو ويس پوريءَ طرح سان نہ پهرائي سگهيو آهي، ائين محسوس ٿئي ٿو، شايد خيال اڃان پوريءَ طرح سان پچڻ چاهي ٿو/ گهُري ٿو. رچنا پرڪريا ۾ ڪوتا سان ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي. هر سنو ويچار ڪوتا لڳڻ لڳندو آهي. ۽ ڪٿي خيال جو رپيٽيشن دُهراءُ به ٿيندو

آهي. ڪوئ ڪي اِهو معلوم هوندو آهي. صرف هِڪ ٻہ مثال ڪافي آهن.

- رات بادل گجيا پر وسيا ڪونہ...(ڪوتا 44) ڪئ بت پرست

-اڄُ بت شڪن بڻيا اِتهاس جي ننڍولي (ڪوتا 45) ڏُبئي ۾/

- اربي ٻوليءَ ۾ اِمتحان/ ٻار جو مسجد ٻاهران هٿ جوڙي پرارٿنا ڪرڻ...(ڪوتا 118)

- وڏن جي عزت ڪر/ غريب بيمارن جي شيوا ڪر/ آئي وئي جي مدد ڪر آدر ڪر...هاڻي سڀ آثار قديمي جي ميوزم ۾ ڏسڻ ايندا. (ڪوتا. 82)

- منهنجون ڪوتائون ميوزم جي اگڙ ۾ سجائي رکيل/ ڪي آثار قديمي (ڪوتا.8 لوڻ منو ٿي پيو. )

فطرتي ڪوي اڪيلو آهي ڪوئ ڪي اڪيلائپ جو تحفو قدرت پنهنجي طرفان ڏنو آهي ۽ ڪوتا پيڙ ۾ اڪيلي ماڻهوءَ جو مونولاگ آهي ايڪلاپ. ائين ڪنڍين جي لِحاظ کان اِنهن ڪوتائُن ۾ ڪوئ جي لنبي جيون ياترا جو انُيو ڪوتا جي ويچارتتو ۾ مؤجود آهي. سماج لاءِ فڪرمندي ٻہ آهي.

ساروڻيون ڪُجهہ خشيون ڏيندڙ، ڪُجهہ اندر ۾ رهجي ويل خلش کي ظاهر ڪندڙ، ڪوئ جي پنهنجي نِج جي آس پاس ويهي مسڪرائي رهيون آهن ۽ ڪوئ کي سمجهائي رهيون آهن."تون پنهنجا پوکيل سُپنا ئي تہ جي رهيو آهين...

سپنن کي جيئندي جيئندي هاڻي، ڪُجھ سُنو ڪُجھ/ ڪُجھ سُھڻو ڪجھ ، ڪُجھ پيار ڪجي/ پکي ٻڌجي لاتيون لنوجي/ گل ٻڌي مُسڪرائجي /جھرڻي جو گيت ڳجي... هاڻي شاھ، ايازءِ شام کي وري ياد ڪرڻ گھرجي.“

## تاثراتي تذکرو

# خاموشين کي لکندو آهيان :واسديو موهي

جڏهن بہ سنڌي ڪوتا جي ڳالهہ نڪري ٿي تہ ڪوتا کي اِهو ڏسي بيحد خوشي ٿي ٿئي ۽ اِها ڳالهہ دلچسپ بہ آهي تہ سنڌيءَ ۾ موزون/ پابند شاعري جي قداور شاعرن جو قلم بہ ڪوتا سان گڏ وِهڻ ۾ اِنجاءِ ڪندو آهي. غزل - گيت وغيره تہ اِنهن جي فطرت آهن پر شايد ڪوتا اِنهن جي اُها گرل فرينڊ آهي جنهن سان شام جو ويهي ميخاني جو مزو ماڻڻ جهڙو آهي. ها، مان ڳالهہ ڪري رهيو آهيان غزل جي ويجهو وينل خاموشين کي ماڻيندڙ خاموشين کي لکڻ واري ڪوي واسديو موهي جي . واسديو موهي سنڌيءَ ۾ نئين ڪوتا / هاڻي ڪوتا جي آمد ڪرڻ وارن مان مُسلسل نہ فقط هڪ سگهارو آواز رهيو آهي سنڌي ڪوتا جو بلڪ ڪوتا جي بين سگهارن آوازن هريش واسواڻي، آنند ڪيماڻي، موهن ڪلپنا، نامديو، پريم پرڪاش، نند جويري سان گڏ سنڌي ڪوتا جي پرورش بہ ڪئي آهي ۽ پارتي ڪوتا جي روپ ۾ هڪ الحدي سُڃاڻپ بخشي آهي. 'تضاد' (1976) کان وٺي 'خاموشيءَ کي لکندو آهيان' (2018) تائين طيءَ ڪيل طويل سفر ۾ واسديو موهيءَ سنڌي ڪوتا کي فڪر- فن ۽ اِظهار جا نوان رنگ ۽ آيام ڏنا آهن. سنڌي ادب جي رئشنل سوچ واري تنقيدي نظريئي سان شين کي پرکيندڙ نقاد هيري شيوڪاڻيءَ جي

پنجاه سال اڳُ چيل سٽن کي هِتي ياد/ ڪوٽ ڪرڻ تي قلم آماده ٿئي تہ باوجھ ۽ فطرتي لڳي ٿو. "هريش واسواڻي، موهن ڪلپنا ،واسديو موهي ۽ آنند کيماڻي سنڌيءَ ۾ نئين ڪوتا کي فني بلندين تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. (سنڌي ٽائيمس1949، تضاد).

قلم چوي ٿو هاڻي خاموشيءَ سان خاموشيءَ ۾ لکيل ڪوتائن جو حسن بہ ماڻيون:

- "نديءَ جي ڪَلڪَل تہ وڻ/ ڏاڍي خاموشي آهي.../ ڪو رشتو ڪونهي...ڪو تہ لڳاءُ هوندو/ کلين ٿو/ ڪِل ٻڌجي ڪانہ ٿي/ ڏاڍي خاموشي آهي/ ندي هنن کي تکي ٿي/ عرصو ٿيو/ توهان گڏجي پير نہ پسايا آهن/ ڏاڍي خاموشي آهي/ شام آهي/ اڃان روشنيءَ ڏيئي کي جلايو ڪونهي/ ڏاڍي خاموشي آهي..." (ڏاڍي خاموشي آهي)

- هوا ڇيڙ جي موڊ ۾ آهي/ ڳل سهلائي ٿي/ مُنهنجي اڌ ٻانهن ٻُشرٽ ۾ گهُسي ڪتڪتائي ڪري ٿي/ ڪنهن مهل سليقي سان سنواريل وار وکيري ٽهڪ ڏئي وڃي ٿي... منهنجي ڪليل ڪتاب جو پنو پلٽائي ٿي وڃي/ مونکي غصو آهي مونسان مستي!... پر هوا کي بہ غصو ايندو آهي مونکي خبر ڪِٿي هئي/ اوچتو وڻ پوتن جيان هِلڻ لڳا/ گهوگهاٽ ڪندي ٻيڪڙيل در کولي ڇڏيائين. مُنهنجو روم پنن جي واکن سان ڀرجي ويو / بجليءَ جا سپ بٽڻ بند ڪري

ڇڏيائين/ ڪنهن بار جيان تاڙيون وڄائي/ ٽهڪ ڏيندي رهي ڪيچلي. (هوا)

”- صرف هڪ بوند لاءِ واجهائي سِپ/ بوندون سمنڊ جي پيٽ ۾ ڳرنديون رهن ٿيون. رڻ جي پياس ڪيئن ماپجي/ پوءِ به ڪن بوندن لاءِ ماندو../ پياس وڻ جي به نه ٿي مٽجي/ هو به اُس کي ڇانو بڻائڻ جي فڪر ۾آهي../ ڪيترو جي پري ڏٺو توکي سُپني ۾ اک پوءِ به اُساڻيل.../ منهنجي ڪن ليڪيل، اڻ ليڪيل اُڌمن جي ٿورن سواسن لاءِ اُسات رهي ٿي/ پياس پياس نه رهي ٿي.“ (پياس)

ڪوي واسديو موهي اڪثر چوندو آهي ڪوتا آهي ڪنهنجي اکين ۾ نهارڻ . اِها ڳالهه مان اڳ ۾ چئي آيو آهيان ته زندگيءَ کي ڪوتا جنهن اک سان ڏسندي آهي اُها ڪويءَ جي نجي آهي، ڪويءَ جو اِهو پنهنجو نِجتو ۽ هُن جي سپنن سان ويجهائپ ٻئي گڏجي هُن جي اِظهار کي خاص بڻائيندا آهن. خاص جو مطلب خاص ئي آهي. بي مثل يا لاثاني نه، بي مثل جيڪڏهن ڪا ڳالهه ٿي ويئي ته پوءِ ٻين سان پنهنجي نِجتا / نجي احساسن (personal feelings) کي شيئر ڪرڻ جي ڳالهه نه ٿي رهي. سنواد ۽ ڪميونيڪيشن (communication) جي گنجائش به نه ٿي رهي، صرف ايبوڪتي/ اِظهار ڪافي آهي ۽ اڳتي هلي انيوتي ئي ڪافي هوندي آهي. اِن کي سِڌانت جو روپ ڏيندي چيو ويو آهي مؤن/خاموشي، ايبوينجنا/ اِظهار (Manifestation) آهي. واسديو

موهيءَ جي ڪوتائن ۾ جيڪڏهن اسان ڪويءَ جي ڪوتائي سفر تي غور ڪنداسين تہ محسوس ٿيندو خاموشين کي ئي اِظهار ملندو رهيو آهي. گهٽي ياڳي - موهيءَ جو غزل هُجي يا ڪوتا اُن ۾ لائوڊنيس ڪڏهن اچي نہ سگهي آهي. جي هو چاهيندو تہ بہ نہ اچي سگهندي ڇو جو واسديو موهيءَ جو ڪوي مؤن/ خاموشيءَ جو عادتي آهي. هُن وٽ آس پاس جي گوڙ کي بہ خاموشين ۾ جذب ڪري ڇڏڻ جي سگهہ آهي ۽ جنهن ڪويءَ وٽ اِها سگهہ آهي اُهو يا تہ اگييہ (अज्ञेय) ۾ آهي يا وري موهي ننڍين ڪوتائن ۾ خاموشيون ويتر شِدت سان محسوس ٿين ٿيون:-

- مان نہ ٿي چاهيان / تون چوين ٿي/ مان نہ ٿو چاهيان/ مان چوان ٿو پر بنهي جي چاهہ ۾ فرق آهي.../ توکي ڪُجهہ نہ ڪپي/ مونکي ٻيو ڪُجهہ نہ ڪپي/ (چاهہ)

- تنهنجي نظر مون تي آهي/ مون کي ڏسين نہ ٿو/ چپن تي مُرڪ هوندي آهي مرڪندو ناهين.../ لفظ هوندا آهن چوندو ڪجهہ ناهين../ ۽ مون سمجهيو مونکي رڳي ڇڏيندي/ پيار ڇئي. (پريم)

- هُنن بنهي جا سرير وڏا بيابن آهن/ جن ۾ پٽڪاءُ آهي، پياس آهي/ هن جي شرير ۾ ئي خيابان آهن بہ اکيون هُن جي پاڻيات اکين ۾ هُنن جي شرير جا ئي عڪس آهن . (بيابان)

هڪ اُستاد شاعر/ ليکڪ/ نقاد طور واسديو موهي کي سنڌي ادب جي ويجهو رهندڙ سيني ياشائن سنڌيءَ کان علاوه

هِندي، اردو، انگريزي، گجراتيءَ ۾ نہ فقط دسترس حاصل آهي بلڪ اِستعمال لاءِ نوان لفظ ۽ مُهاورا- واکيہ پريوگ گھڙڻ ۽ ڪرڻ ۾ واسديو موهيءَ کي عبور حاصل آهي ۽ لفظن سان هُنن جي دوستي آهي- پيار آهي. ياشا جو هُڪَاءُ واسديو موهيءَ جي ڪوتا توڙي ڪهاڻي يا ليک هر هنڌ خشبودار ڪري ڇڏيندو آهي. 'ماک جي مهک، شرير وڻا بيابان- اکيون خيابان، يادن جي پيهہ-پيهان، چاندنيءَ کي ڦٽي ڏيندوڏنو... سپنن جي ملبي ۾...

يعنيٰ واسديو موهيءَ جي ڪابہ شيءَ (ڪوتا/ ڪهاڻي) وشيہ سان گڏ شلپ/ گھاڙيتي ۾ بہ تازگيءَ جو مزو ڏئي ويندي آهي. ياشا شلپ يا گھاڙيتي جي لحاظ سان يا/ ليول تي ڳالھ ڪيون تہ ڪو ڪوي وڏو اِنڪري ٿيندو آهي. جو هو بنيادي وشيہ کي واضح طريقي سان (clearly) چوڻ بنا ئي پنهنجي ڳالھ يا وشيہ کي گنيِيرتا / سنجيدگيءَ سان پانڪن آڏو کولي رکي ڇڏيندو آهي. ڪوتائون ماڻيندي واسديو موهيءَ جي اِها صلاحيت (skill) ئي هن جي اندر مؤجود وڏي ڪويءَ جو درشن ڪرائي ٿي وڃي. وشيہ جي چونڊ، نياءُ اِظهار ياشا شلپ جي ڏانو سان جيڪو ويچار/ خيال ذهن ۾ پيو پچندو / رڌجندو آهي ڪوتا جي ويس ۾ ڪيئن ۽ ڪڏهن ٻاهر ايندو ڪويءَ کي بہ سُڌ نہ هوندي آهي. هِن مجموعي جي اٺکل سؤ صُفحن جي ڪوتائن ۾ (شروعاتي سؤ کن صفحن ۾ غزل آهن وشين جي تازگي ۽ گوناگيت ڪويءَ جي وشو/

ساماجڪ سروڪار کي اندرلائين ڪري ٿي ۽ ڪوتا جي سڌيل ڪاويہ-ياشا سنڌي ڪوتا ۾ پارتي ۽ وشو ڪوتا جو درشن / احساس ڪرائي ٿي وڃي.

هلندي هلندي ڪُجھ اهڙيون ڪوتائون بہ ماڻيندا هلون جن کي اڄُ وشو ڪوتا جي دائري ۾ رکيو وڃيٿو. جسٽ شيئرنگ صرف شيئر ڪري رهيو آهيان هنديءَ ۾:-

استانيہ لحجا مين آئيني سي چيني ياشا ۾ بات ڪرتا هون/ پارڪ کي پاس نجي سرديان هين/ مين سنگيت چلا ديتا هون/ سرديان مڪڪيون سي مُڪت هين/ مين بنا ڪجھ هڙ بڙي کي ڪافي بنا ديتا هون / مڪڪيون ڪو سمجھ نهي آتا کي ماتر يومي کا ارٿ ڪيا هئي/ مين ٿوڙي شڪر ملاتا هون/ ماتريومي ايڪ قسم کا استانيہ لحجا هوتي هيءَ / مين فون پر دوسري طرف/ اپني پيہ ڪو بولتا پاتا هون. (چين پئي دائو. (बेई दाओ;चीनी हिंदी अनुवाद; गीत चर्तुवेदी)

مرنا -دوستو آپ اُس طرح تو نہ مريي/ جئسي مرتي هين اب تڪ / ميري بنتي هيءِ- ايي نہ مرين/ ايڪ سال تو رُڪ جائين ميري ليي/ ايڪ سال ڪيول ايڪ سال ائور قِر هم ايڪ ساٿ چلتي هُئي اپني تمام باتين ڪرينگي ايڪ دوسري سي/ سميہ اور اشتهارو کي پهنچ سي پري/ قبرين تلاشني اؤر شوڪ گيت رچني کي علاواه/ هماري سامني پڙي هين

ايي/ انيہ بُهتيري کام. (ارب - محمد درويش महमूद
हिन्दी अनुवाद यादवेंद्र दरवेश;अरब **هندي انواد يادويندر**)

**ٹامس ٹراسٹرومر** टामस ट्रासट्रोमर

**آگ کي لکائي** आग की लिखाई

**اياگي دنون ۾ ميري جيون ۾ تيي چمڪ آئي/ جب مينيِ تمهي پيارڪيا جئسي ميري گهٽاٽوپ رات ۾/ جيتون کي پيڙون کي بيچ جگنو جلتي هين بجهتي هي جلتي هيفِر بُجتي هين/ اِنکي اُڙان کو جهلڪيون مين ديکا جا سڪتا هئي/ اياڳي دنون مين/ آتما سِکُڙ کر بيجان بئني رهتي هي/ ليکن ديهہ سيڏاتُم تک پهچ جاتي هئي/ راتري کي آکاش ني چيتکار کيا/ همني چوري سي برهماند کا دوهن کيا اؤر زنده بچي رهي. ٹامس ٹراسٹرمر سويڈن هندي انواد مونکا کُمار** ( हिन्दी अनुवाद मोनिका कुमार)

تاثراتي تذکرو

# ناول ٻنڌن: هري همٿاڻي

سنڌي ادب لاءِ اِها خوشي ڏيندڙ ڳالھ آهي تہ تازوئي گذريل عرصي دؤران ڪُجھ نوٽ ورتي ناول ڇپجي پاڻکن جي هٿ ۾ آيا آهن. سنڌيءَ ۾ ناول لکڻ جو سِلسِلو ائين ٿي ويو آهي جيئن ٿر ۾ برسات جو پوڻ. هونءَ برسات جي مند ۾ اچي در کڙکايو آهي.) ۽ ٿر ۾ جڏهن ۾ برسات خاص ڪري پهرين برسات جون بوندون ڪرنديون آهن تہ مٽيءَ جي سونڌي مهڪ سان پوري علائقي کي مهڪائي ڇڏيندیون آهن. ۽ اِها خوشبوءِ نڪتي آهي سنڌي ادب جي جهوني جوگِيءَ جذباتي قلمڪار، ڪهاڻيڪار/ ناول نويس هري همٿاڻيءَ جي جذباتي ۽ تجربيڪار قلم مان نڪتل ناول 'ٻنڌن' (Dec 2018) جي پڙهجندڙ صُفحن مان. هِڪ گنيير پاڻڪ، رچناڪار/ ليکڪ طور سمجهي سگهجي ٿو تہ هِڪ ناول لکڻ لاءِ، زندگيءَ ۾ڪيتري نہ مطالعي ۽ مشاهدي جي ضرورت آهي. نہ فقط ناول نگارکي پاڻ خود زندگيءَ جي هڪ مخصوص دؤر ۾ واپس وڃڻو پوندو/ جيئڻو پوندو آهي. بلڪ اُن جي ڪردارن ۽ پاترن کي ۾ ڪُجھ اهڙي ڍنگ سان جيئاري هلڻو هوندو آهي آگر جهلي ڪٽي ڪو هٿ مان ڇڏائجي نہ وڃي جي ڇڏائجي ويو تہ ناول ۾ اُتي ئي پاڻکن جي ڌيان(concentrating) مان ڇڏائجي ويندو. ناول نويس

جي سمجھ ۽ صبر جو امتحان آهي ھڪ بھترين ناول جو لکجڻ.رچناڪار جي اندر ۾ سمنڊ چوليون پري ٻاھر نڪرڻ جي ڪندو آهي ۽ جڏھن رچناڪار اُنھن چولين کي جھلي رکي سگھڻ ۾ پاڻ کي اسمرٿ محسوس ڪندو آهي تہ ھِڪ نورچنا(New creation) ناول جي روپ ۾ جنم ونندي آهي. تازوئي پڙھيل ناولن مان ھڪ 'ٻنڌن' سان وقت گذاريندي ائين محسوس ٿئي ٿو. اٽڪل ڏزن ڪن ڪھاڻي سنگرھن ۽ لڳ ڀڳ ايتري ئي اندراز ۾ ناول جي رچناڪار هري همٽاڻيءَ جو پھريون ناول 'اياڳڻ' 1954 ۾ شايع ٿيو ۽ اڄ پنھنجي ڏؤر جا 85 پرو/ سال پورا ڪرڻ ۽ ايترا سيارا ،اونھارا، بھارون ڏسڻ بعد بہ سندس قلم نہ رڳو اُن ئي رفتار سان هلي رهيو آهي.بلڪ نئين نسل کي اھو پيغام بہ ڏئي رهيو آهي تہ ارمانن ۽ لکڻ تي سندس عمر کو 'ٻنڌن' نہ وجھي سگھي آهي. سندس قلم 86 سالن جي عمر ۾ پير پائڻ بعد بہ اوترو ئي جوان آهي جيترو سندس شاھڪار ناول 'رات جو ٻيو دھر' لِکڻ وقت ھو هري همٽاڻيءَ جي ناول توڙي ڪھاڻيءَ جي خاصيت رهي آهي سنڌي جيوت ۽ سماج جو ھُڃاڻُ / خوشبوءِ پانڪ جيئن سندس ناول يا ڪھاڻي پڙھڻ وھندو پاڻ کي پوريءَ طرح سان ڪنھن جاتل- سُجاتل سنڌي پريوار ۾ ئي ساه ڪٽندي محسوس ڪندو. پاترن/ ڪردارن جا نالا، وھنوار ڳالھ- ٻولھ، اُٺڻي وھڻي، واتاورڻ ايتري قدر جو سندن کي ٿھڪن کلڻ ۽ رُئڻ مان بہ سنڌي ھُجڻ جو احساس

ٿيندو اِن کي سنڌي پٽو چئبو آهي. سنڌيءَ جي ٻين برک ليکڪن سدا حيات گوبند مالهي، پوپٽي هيراننداڻي، سُندري اُتمچنداڻي، ڪلا پرڪاش، بنسي خوبچنداڻيءَ جي لکڻين ۾ پڻ اُها خاصيت هئي. اِنڪري ئي سنڌي ادب کي سنڌي ماحول واري ناول جي عادت پئجي وئي هُئي. حالانڪ ڪنهن ٻ ياشا جي ادب لاءِ اهو ڪو لازمي شرط يا عنصر ڪونهي. جيڪو ۽ جيترو ليکڪ/ ناول نويس جو مطالعو ۽ مشاهدو هوندو اُهو ئي سندس لکڻين ۾ پسجندو. حالانڪ هڪ ناول جي تقاضا سندس موضوع ۽ ناول جي ٻين فني پاسن تي وڌيڪ آهي. ۽ هڪ جديد ناول جون تقاضائون ته ٻيون ٻ ڪيتريون آهن.

سنڌيءَ ۾ گهڻي ياڳي ناول خاص طور سان جيڪي اڳُ واري پيڙهيءَ جا ناول سرل ٿُڙ سنڌي لهجي ۾ سنڌي سماج ۽ واتاورڻ جو چٽ پانڪن جي سامهون پيش ڪن ٿا ڪهاڻي ٻڌائڻ جي استائيل ۾ هري همٿاڻي اُن پيڙهيءَ جي ناول نويسن ۾ سر فهرست آهي. ٻين ناولن جيان سندس 'ٻنڌن' ناول ۾ ٻ هڪ سنڌي پريوار جي هڪ عورت ڪردار نرملا کي مرڪز ۾ رکي پوري ڪهاڻي اُڻي ويئي آهي. هِڪ وڏي گهڻنا پريوار ۾ ٿيڻ بعد ڪهاڻي ٿورا گهڻا ور- وڪڙ ڪائيندي پيئي سڌي سِڌي هلندي آهي. جهڙو ناول نويس جو سياڻُ آهي. ڪهاڻي گهڻنائون، موڙ- وراڪا اُڇل - رهسيہ- توڙي رومانس ناول نويس جي زندگيءَ ۾ ٿيل مُشاهدي تي

ئي منحصر ٿو ڪري جھڙي نموني ھُن زندگي ڏٺي آھي يا گذاري آھي پنھنجي آس پاس جي واتاورڻ ۾ رھندي پاتر- ڪردار بہ اَھڙا ئي خلقجن ٿا ازخود ناول ۾ ڪلپنا تتو/ عنصر جو تمام وڏو ڪمُ ھوندو آھي. جي ناول نويس اُن طرف ڌيان ڏئي-ناول ڪٿي جو ڪٿي پھچي سگھي ٿو. پنھنجي سڪيلڏي پُٺ جي نديي اوستا ۾ ئي موت ٿيڻ ڪري ماءُ نرملا کي ويراڳ وڪوڙي وجي ٿو ۽ سندس اِن وئراڳي جيون ڪري سندس پتي تُلسي بيحد اسھج محسوس ٿو ڪري ۽ پنھنجي پتنيءَ کي واپس گھر ونڻ اچڻ ۽ ھُن سان زندگي گھارڻ جي سندس چاھنا ڪوشش ۽ اِن دؤران تعلق رکندڙ ڪردارن جا آپسي سھج سبنڌ- جن ۾ گھٽو ڪري ماڻ ئي ماڻ آھي اُن جو سياوڪ چترڻ ناول نويس تز سنڌيءَ ۾ ڪيو آھي جيڪو ھڪ پاروارڪ فلم جيان ناول ۾ ڏسي سگھجي ٿو.

ناول نويس ھري ھمٽاڻيءَ جو ياشائي ھُڳائي/ ياشا سوندريہ سندس ناول/ ڪھاڻيءَ جي وڏي خوبي آھي جنھن ۾ پانڪ پاڻ کي ھِڪ مخصوص ياشا جي پريوار جو ياتي محسوس ٿو ڪري- سندس ياشا سوندريہ سندس ناول کي الڳ ڪري بيھاري ٿو. ھري ھمٽاڻيءَ جي ياشا سوشنو (Language beauty/excellence) کي ماڻيندي پانڪ سنڌي ياشا پرواھ ۾ پيو وھندو آھي. بس اِھا ڳالھ بولھ ائين ئي ھلندي رھي. ” تُلسي ماندو، ملول پر باھران اھڙي ڏيکائي نہ ڏيندو

هو. نرملا سندس پرسان لنگهي ويندي هئي تہ سندس ارمان وٽجي سٽجي اُتي ئي پنهنجو ستُ چڏي ڏيندا هئا.“

ڪهاڻي/ ناول جا عنصر ڪهاڻيءَ جي اُٽت، ڪردار نگاري، هڪ استوري ۽ فلئش بيڪ- ياشا سان گڏ هري همٽاڻيءَ کي اِنهن سيني ڳالهين تي ضبط ۽ مهارت حاصل آهي. سنڌي پريوار جي ڪهاڻي ٻڌائڻ ۽ اُن جو مائول چٽڻ ۾ ڪيس خاصي مهارت حاصل آهي. ڪهاڻي ٻُڌائڻ ۾ ايترو هُن کي مزو ايندو آهي ۽ اُن ۾ ايترو کوهجي ويندو آهي جو ڪيس پوءِ پيجن جا پيج ايڊٽنگ ڪندي ڪٽڻا پوندا آهن.پر سندس ڪردارنگاري ۽ ڪهاڻيءَ جي اُٽت ماڻڻ وٽان آهي. ”... مان اڄُ موٽندس“ ٻڌندي ٿُلسي مٽان جڻ ڪا چپ ڪِري پيئي هجي. ڪُجي جهڙي پت... آسمان ۾ ڪڙيل تارو اچانڪ اُجهامي ويو هو... نرملا اڄُ هلي ويندي اهي اکر ايذاءُ ڏيندڙ هئا.“

شروتا / پانڪ جڏهن ڪا ڪهاڻي ٻڌڻ/ ڏسڻ شروع ڪندو آهي تہ هُن کي ٻڌڻ واري شيءَ هوندي آهي ياشا / ٻولي جيڪا هُن ڪهاڻيڪار مڪان زمان موجب ڪتب آندي آهي ڪردارن کي خيال ۾ رکندي. پر مونکي ائين لڳي ٿو هري همٽاڻيءَ جي ناول/ ڪهاڻيءَ جا ڪردار اهڙي ٻولي ۽ ياشا پريوگ تي هريل آهن جو ٻڌندڙ کي ياشا جو هُڪاءُ ۽ رسُ پيو ايندو - ڪو بہ جملو ٻوليءَ جي ادبت استعمال يا مُهاوري کان سواءِ نظر نٿو اچي. ۽ وڌي ڳالهہ اِها آهي اِهو

سيُ ائفرت ليسلي(Effortlessly) بنا ڪنهن خاص ڪوشش جي اچي ٿو. مٿي اِستعمال ٿيل ٻوليءَ ۾ مهاوري تي ٿورو ٿورو غور ڪريون" ماندوملول ارمان وڃي سڃي، ست نڪرڻ، جڏ ڪا چپ ڪري پيئي . آسمان ۾ ڪڙيل تارو اُجهامي ويو."

سمورو ناول اهڙي ياشا پريوگ ۾ پرواه جو ته درشن ڪرائي ٿو ساڳئي وقت نئين پيڙهيءَ ۾ ٻوليءَ کان اڻ واقف پانڪ کي سنڌي ٻوليءَ جي سونهن سان واقف ٻه ڪرائي ٿو ۾ ٻولي سِکڻ لاءِ ٻه ملي ٿي. اچو ته هري همٽاڻيءَ جي ياشا سوندريه کي ماڻيون ۾ سنڌي نه اصلوڪي سنڌي ڳالهائڻ ٻه سکندا هلون: ڪائنس ٿڏو ساهه ڪڃي ويندو هو. پاڻ پلڪ لاءِ ٽُلسي جون اکيون ٻوڃي ويندیون هيون منجهس ڇوه ڪُجهه زيادهه ئي هو...، پاڙي وارن کي سيسا ۾ جل ڏينڊو...اجمير لاءِ اُسهيو نيڻ اُها ياڳن پري سياڳي ويلا...، لفظ نه جڏ سڏڪا هئا...من کي ٽرٽانڻُ ڪرڻ جا سپ جتن... سنڌيءَ جا اهڙا اصلوڪي لفظ سنڌي پانڪ کي هاڻي ڪنهن ورلي سنڌي ڪتاب ۾ پڙهڻ لاءِ ملندا... شايد اهڙي ٻولي ڳالهائڻ وارن جو وقت تيزيءَ سان لنگهي ويو آهي. سنڌي ساهت جو سرمايو آهن هري همٽاڻي، لکمي ڪلاڻي، گوپ گولاڻي جهڙا ناول نويس ۾ ڪهاڻيڪار.

ڪنهن ٻه رچنا کي پرکڻ جي ڪسوٽي آهي اُن ۾ سمايل ڪلاتمڪتا. جيڪڏهن آلوچنا جي ماڻن تي هري

همٿاڻيءَ سريخي ناول نگار جي رچنا ۾ ڪلاتمڪتا تلاش ڪنداسين تہ اُها هن صاحب جي ياشا پرواہ، ياشا پريوگ ۽ سهج پاترن جي سهج سادگيءَ سان پريل وهنوار ۾ ملندي. ڪهاڻيءَ جي نالي تي بلڪل سادي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ وڏي گهٽنا تلسي ۽ نرملا جي ننڍي پياري پُٽ جي اوچتي حادثاتي موت ڪري سندن زندگيءَ جو بدلجي وڃڻ آهي. ڪي خاص ور-وڪڙ يا اُتار چڑاو ڪهاڻيءَ ۾ نہ ٿا اچن. آپسي اِنساني وهنوار ۽ رشتن جي آس پاس ۽ گهٽنا سبب پئدا ٿيل پاروارڪ اِستتين جو ياوناتمڪ چترڻ ئي آهي هيءُ ناول 'بندن'- جنهن ۾ ڪُجهہ خاص ڪلاتمڪ ڪونهي، ناول نويسيءَ جي هُنر جي لحاظ کان مان شروع ۾ ئي چئي آيو آهيان جيترو ليکڪ جو مطالعو مشاهدو آهي يا اُن جو زندگيءَ ۾ ائڪسپوزر(Exposer) سو ئي سندس لکڻين ۾ ليئا پائيندو ۽ هڪ آلوچڪ کي هُن جي مٿان وڌيڪ ماڻ-ماپا يا پنهنجي آلوچناتمڪ درشٽي سان اُن رچنا کي پرکڻ واجبي يا سنگت نہ ٿيندو. جيڪو ليکڪ وٽ آهي. هن پنهنجو سؤ في سد ڏنو آهي ۽ اڳُ بہ ڏيندو آيو آهي رچنا کي رچناڪار جي سوچ سمجهہ، مطالعي ۽ مشاهدي جي دائري ۾ پرکڻ جي ضرورت هوندي آهي. بيءَ حالت ۾ ساهت ۽ ڪلا جي دنيا م تہ نت نوان تجربا ۽ نيون ڳالهيون جڙن پيون ڏسڻ ۽ پرکڻ واري ڳالهہ اِها آهي تہ هو پنهنجي دائري ۾ رهي ڪري ايمانداريءَ سان ڪنهن بہ ياشا جي ساهت کي ڪُجهہ اهڙو تہ

ڏئي رهيو آهي جو اُن پاشا جو سماج هُن کي هِڪ ساهتڪار - رچناڪار جي روپ ۾ ڏسي ٿو ۽ کيس اُهو سنمان ڏئي ٿو. آلوچنا جي درشٽيءَ کان هِڪ آلوچڪ کي پنهنجو نظريو وسيع ۽ ڪشادو رکڻ جي وڌيڪ ضرورت هوندي آهي. رچنا جي لحاظ کان ٻيءَ حالت ۾ نہ تہ اسان کي خبر آهي ڪيترا اهم ڪتاب ۽ رچنائون بُڪ شيلف ۾ پيون ٻاڏائيندیون آهن ٻيلي اسان کي ڪڏهن ڪٽي کوليو ۽ پڙهي ڏسو.

*تنقيد @ تاثرات*

**تاثراتي تذکرو -**

## ناول - هِن شهر ۾ هِڪ شهر هو

هن تاثراتي تذکري لاءِ جيڪو ناول هٿ ۾ آهي - ”هن شهر ۾هِڪ شهر هو“ - سنڌيءَ جي صوفيانہ طبعيت واري پياري ڪوي / ساهتڪار نند جويريءَ جي زندگي / جيون سان تعلق رکندڙ واقعي جو افسانوي نالو آهي. ۽ هن ڪي ناول جي روپ ۾ تحرير/ قلمبند ڪيو آهي هندي سنڌيءَ جي افسانوي ادب ۾ هڪ مقام يافتہ نالي جيا جادواٽي. يقينن، ناول پڙهڻ بعد محسوس ٿيو تہ اِن ڪم ڪي پُر - حساس جيا ئي بخوبي انجام ڏئي سگهي ٿي جو ناول جي نائڪ نند جويريءَ جي گذريل زندگيءَ جي هِڪ حسين يادگار ٽڪري ڪي هڪ ناول جي خاڪي ۾ اُٽي پائڻ کي دلچسپيءَ سان ٻُڌائڻ جو فن جيا وٽ بخوبي آهي. نند جويريءَ جي هن بايو گرافيڪل/ Biographical (جيوني سنبنڌي) ناول پڙهڻ بعد محسوس ٿئي ٿو. زندگيءَ ۾ جيڪي شيون حاصلات کان پري رهجي ويندیون آهن، هِڪ عام ماڻهوءَ لاءِ اُهي افسوس جي صورت وٺي سگهن ٿيون. پر هڪ ڪوي / شاعر/ ڪلاڪار لاءِ هر پل اُن جو تصور، يادگيريون هن جي زندگيءَ ۾ نِت نوان رنگ پيئي پريندیون آهن ۽ کين خوش نماءَ رکندیون آهن. هن کي اُها شيءِ حاصل نہ ڪرڻ / ٿيڻ جو افسوس قطعي نہ ٿيندو آهي هڪ پل لاءِ بہ. هو هن شيءِ کي مسلسل تصور ۾ ايترو تہ پوڄي / حاصل ڪري چڪو هوندو

آهي جو ڪيس لاحاصل شيءِ جي ڪمي محسوس نہ ٿيندي آهي.هو هن سان گهاريل هسين پلن جي يادن سان ئي مالا مال هوندو آهي. ۽ زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي ڪيس اُها شيءِ ملڻ تي ٻہ هوندي آهي تہ ٻہ سندس دل ۾ ڪنهن قسم جو ملال نہ هوندو آهي يا ڪمي ڇئجي - اِن ڀاو جو بخوبي اِظهار ناول جي آخرين صفحي تي ٿيو آهي. جڏهن نايڪ پنهنجي ڪوهجي ويل پيار کي ملڻ بعد صرف ڏسي ئي ٿو پر ۽ هن سان بنان ملاقات ڪرڻ جي واپس موٽ کائي ٿو بس ايترو چئي ڪري :

"اَمان کي چئجانءِ ڪوئي بمبئيءَ مان آيو هو
توهانجو نالو؟
نند.
۽ تنهنجي ماءُ جو نالو ...؟
سنڌو ... ۽ منهنجو ...
مون آخرين نظر اُن بالڪنيءَ تي وجهي وداع جو هٿ مٿي ڪنيو."

بيوٽي فُل -!! پيار جو ايترو خوبصورت احساس ۽ اوتري ئي خوبصورتيءَ سان رچناڪار جيا جادواڻيءَ اُن احساسي لمحي کي چٽيو آهي - ۽ دنيا کي ٻڌايو آهي پيار فقط پائڻ يا حاصل ڪرڻ جو نہ ڏيڻ جو تياڳ جو نالو آهي. پريم جو اِهو اُدات بلند روپ هِڪ عام اِنسان کي مهان بڻائي ڇڏي ٿو.

هِن ناول جي تاثرات جي شروعات ۾ ئي قلم ناول جي آخرين صفحي ۽ مرڪزي نقطي تي ڪئين وجي پهتومونکي به سمجهه ۾ نٿو اچي. شايد لڳي ٿو قلم نقاد / تاثرات ڪندڙ جي نظر کي ياڻپي ويو آهي. ته هُن جي نظر ناول جي مکيه عنصر جڳياسا ڪوُتهول (Curiosity Point) کي شانت ڪرڻ واري هنڌ تي پهچڻ تي چاهي. ناول / افساني جو پاڻڪ تيزيءَ سان اُن جڳهه / هنڌ تي پهچڻ چاهيندو آهي جتان ڪهاڻي نئون موڙ وٺندي يا ڪلائيمڪس (Climax) تي پهچندي. جيا جي ناول نگار اِها جڳياسا آخرين صفحي تائين بڻائي رکي آهي ۽ اُتي ئي ناول پورو ٿئي ٿو. اِها ناول نگار جي خصوصي اِسِڪل (Skill) آهي پاڻڪ کي آخرين صفحي تائين پاڻ سان ٻڌي رکڻ جي. جيا هنديءَ ۾ ٿَتوماسي ۽ منو پاڻي کارو پاڻيءَ جهڙا وڏي ڪئنواس جا مشهور ناول لکڻ بعد جيڪي پاڻڪ اڄ به پڙهڻ پسند ڪندا آهن جيا جي يونيورسل اپيروچ کي ماڻڻ لاءِ هُن جڏهن هن شهر ۾ هِڪ شهر هو جهڙو هڪ محدود ڪئنواس ۽ رليٽولي (Reletively) هڪ عام سبجيڪٽ کي کڻي ڪري ناول لکڻ تي آماده يا تيار ٿي هوندي ته هوءِ ڪٿي نه ڪٿي پريم جي اُدات / بُلند (Sublime Classic) سروپ کان متاثر ٿي هوندي. اَهڙي پڪ آهي. يقينن پريم جهڙي يونيورسل احساس کي هڪ ڪويءَ / ليکڪ جي نظريي سان ڏسڻ ۽ پنهنجي قلم ۾ بند ڪرڻ جو موقعو جيا جادواٽيءَ جو سنويدنشيل ناول نگار

هٹان ڪيئن وڃائي سگھي ٿو. پنھنجي اندر جي ڳالھ ناول جي شروعات ۾ ڏنل پنھنجي اِمپريشنس ۾ ھُن ظاھر ٻہ ڪئي آھي.

"... پريم اسان کي آزاد ڪندو آھي، وقت اسانجي ھتيا .... ڪنھن لمحي ھِن ناول کي لکڻ جو ٻج منھنجي اَندر ڪريو، مان نيڪ سان ٻڌائي نہ ٿي سگھان، شايد سالن بعد پنھنجي شھرموٽي اُن کي ڏسڻ جي خيال يا لڳ ڀڳ ھِڪ غائب پريم جو ننڍو داستان لکڻ جي چاھنا مونکان ھيءُ ڪمُ ڪرايو ..."

ھاڻي ڪجھ ناول جي ڪلاتمڪ بڊجي وڃڻ تي ڳالھيون ڪو ٻہ ليکڪ / ڪوي / رچناڪار لکندي وقت اِن ڳالھ کي (ھرويرو) ڌيان ۾ نہ رکندو آھي تہ مان جيڪو سوچي رھيو آھيان اُھو برابر يا وڻندڙ آھي يا نہ. يا وري پنھنجي اِظھار کي ڪلاتمڪ (Artistic) ۽ اِنٽرسٽنگ ڪيئن بڻايان جو پاڻڪ / ٻڌندڙ ور ور ڪري ٻڌڻ / پڙھڻ تي آماده ٿئي. ڪلاڪار / رچناڪار پنھنجي رچنا ۾ اُن وقت ايترو تہ محو ٿي ويندو آھي - يا ائين چئون تہ ٿيندڙ رچنا ۾ پاڻ کي ايترو سمائي ڇڏيندو آھي جو کيس سمڪ ئي نہ پوندي آھي تہ ھو ڪيتري سميہ کان ھِن دنيا ۾ ھئو ئي ڪونہ. اِھا ئي اِستتي ڪنھن ٻہ رچنا کي ڪلاتمڪ بڻائي ڇڏيندي آھي - جو خود رچناڪار کي خبر پوءِ ئي پوندي آھي تہ سندس رچنا ڪھڙي ڪنڊ کان ڪلاتمڪ آھي - اِن ۾ پاڻڪ ۽ نقاد جو رول اھم ھوندو آھي.

ناول جي مرڪزي ڪردار/ نايڪ نند جي واتان ئي پنهنجي زندگيءَ جي حسين دؤر ۾ڪجهه لمحن لاءِ واپس موٽي وڃڻ ۽ پاڻ کي اُنهن گهٽين ۽ رستن تي وري تلاش ڪرڻ اُن سان جڙيل گهٽنائون فلئش بئڪ ذريعي هڪ ڪهاڻي مثل ٻڌائڻ واري اِستائيل پائڻ کي ڪردار ۽ ڪردار جي هر گهٽنا سان آخر تائين جوڙي رکيو. نايڪ نند جو ڳالهائڻ خاص ڪري مونولاگ هڪ سيريل / فلم جيان هلندو رهڻ هن جي پنهنجي سنڌي لهجي يا سنڌ جي ٻوليءَ ۾- پائڻ کي اُن لمحي لاءِ اُتي ئي وڃي ٿا هلن. ناول جي شروعات کان ئي پائڻ ناول جي ڪردار نند سان ايترو تہ جڙي ٿو وڃي جو هُن جي منهن مان نڪتل ڪو بہ لفظ مِس نٿو ڪرڻ چاهي. ها فن لطيف جي ڪنهن بہ صنف کي فنائتو/ آرٽسٽڪ ٻڌائيندو آهي ليڪڪ جو پنهنجو نجي اِستائيل، اِظهار سو بہ پنهنجي ئي گهڙيل يا سياويڪ ڊڪشن ۾ ڪيل اِظهار ۽ ڪتب آندل ٻولي - ادب جي ڪنهن ماسٽر پيس کي پڙهي ڏسو. وشيہ ڪٽي ڪيترو بہ عام هجي، پر هُن جي پيشڪش اُن کي خاص بڻائي ڇڏيندي آهي. هِن ناول سان بہ ڪي قدر ائين ئي ٿيو آهي. پنهنجي ڊڪشن سان نايڪ نند جويريءَ جي ڊڪشن کي جيا بخوبي ڪئچ ۽ مئچ ڪيو آهي ۽ ناول جي شروعات کان ئي ناول نايڪ جي حوالي ڪري پاڻ ڪٽي ڪُنڊ پاسيرو ويهي (ادرشيہ ٽي) پنهنجي پرادڪشن کي تحريري روپ ۾

هلندي ڏسي کهاڻيءَ ۾ کوهجي وئي آهي. ڪجھ سينس ڏسندا هلون -

"... ٿورو جادو ضروري آهي جيئڻ لاءِ ... هر رنگ پيارو آهي. اِنهن رنگن ۾ ئي تہ جيون جو چاه لڪل آهي ... مون پنهنجي نڑيءَ ۾ ڪُڇ اٽڪندي محسوس ڪيو، شايد هِڪ ساه ... هِڪ ياد ... هِڪ آهہ ... هِڪ چاهہ ..."

"سُڪل پنن جيان ... هوائن جي مزاج تي آهستي آهستي لُڏندو ... مان بلڪل اُتي ڪِرڻ پسند ڪندس ... هُن جي ڪلهن تي ... بي آواز جتي هُن جون چوٽيون جهولينديون آهن ..."

"مان رستي جا نظارا ڏسي رهيو آهيان ... ڏسندو ڇا پيئندو ٿو وڃان ... جيئندو ٿو وڃان ..."

پنهنجي چوٽين / اِستائيل ذريعي نايڪ نند جويري لڳ پڳ هر صفحي تي هِڪ چنتڪ ڪوي / ليکڪ شخصيت سان ملاقات ڪرائي ٿي وڃي.

"سوچڻ ۽ جيئڻ جو فرق اسانجي اندر جي ڪلاڪار کي ماري ڇڏيندو آهي ... لفظ خالي هوندا آهن اسين پنهنجي اعمالن ۽ احساسن سان اُنهن ۾ معنيٰ پريندا آهيون ... جنوني ۽ نفرتي ٽيڻ سولو آهي، اِنسان ٽيڻ ڏکيو آهي ..." اديب جيڪو نظريي جو غلام آهي / هجي، اِسکولي ڪتاب تہ لکي سگهي ٿو، ادب جي 'ا' بہ نٿو لکي سگهي."

نايڪ نند پنهنجي معصوم - پاڪ مهاشقي جي شروعاتي تصوير ڪيتري نہ معصوميت سان چٽي آهي جو ڪيس اُن

لمحا اِها سُڌ بہ نہ هوندي تہ زندگيءَ جي ڪنهن مرحلي تي هو پاڻ خود دور ڪويءَ جي روپ ۾ پنهنجي اِها تصوير جيا جادواٽيءَ جي قلم مان تحرير ٿيندي ڏسندو.

"... هوءَ هِتي ئي ڏسڻ ۾ آئي هئي مان ڪُلهي تي جهولو لٽڪائي ... اِسڪول مان موٽي رهيو هوس ڏوڙ ۾ لٽ پٽ - ٻئي چوٽيون لٽڪائي ... فراڪ پهريل، فراڪ هينان پئجامو ... ڪيترن ڏينهن کان ڏسي رهيا هئاسين، هڪ ٻئي کي - ايندي - ويندي ڪلندا هئاسين ... اڄ بہ مشڪي ڏنوسين ... تنهنجو نالو ڇا آهي؟ نند ... ها تہ ڏيري ڳالهاءِ نہ، ايترو زور سان چو ٿو ڳالهائين. (بيوٽي فل ! جسٽ بيوٽي فل!!) هِڪ ٻيو ايڪسپريشن ڏسو" : "پريم جڏهن گهاٽو ٿي ويندو آهي، لڙڪن ۾ نہ وهي سگهندو آهي، ڪوتا نهي ويندي آهي الفاظ نهي ويندو آهي."

پانڪ ناول ۾ ڊسڪس ڪيل سبجيڪٽ سان ڪٽي نہ ڪٽي پنهنجي رليونيس (relevance) ڳولهيندو آهي، هو پاڻ کي ذهني طور ان ناول جو هڪ حصو سمجهڻ لڳندو آهي جيڪڏهن ناول جي ڪٿنواس ۾ هو ڪٽي ڦِٽ ٿئي ٿو تہ. هِن ناول کي پڙهندي خاص ڪري اُهي سنڌي پانڪ جِن جو جنم سنڌ ۾ ٿيو آهي ۽ جن کي سنڌ جون ساروٽيون پيون ستائيندڙيون ۽ سڪائيندڙيون آهن تہ هڪ دفعو پنهنجي ڳوٺ وڃي پنهنجي ڳوٺ کي پنهنجي زمين کي وڃي ڇهڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي، تن کي هيءُ ناول وچ وچ ۾ سنڌ جو

سفرنامو بہ لڳو هوندو ڇو جو نايڪ نند پنهنجي زندگيءَ جي وجائجي ويل حصي جي تلاش ۾ سنڌ جي رستن، گهٽين ۽ مڪانن، دڪانن ۽ ماڻهن جو جيڪو منظر چٽيو آهي سو ڪلاتمڪ / فنائتو ته آهي ئي پر جذباتي وڌيڪ بڻجي پيو آهي، جنهن سان هر اُهو سنڌي جنهن جو سنڌ جي سر زمين سان ڪنهن نہ ڪنهن طرح اجان بہ ڪو جُڙاو آهي سو ڪٽي نہ ڪٽي پاڻ کي هن ناول سان رليونيٽ ۽ ڪنيڪٽ ڪري سگهندو يا محسوس ڪندو: ... "اَسين سڀ جئرام ڳنگواڻيءَ کي گهيري ويهي رهياسين ... ۽ شڪارپور جون خبرون ٻڌندا رهياسين ... هِڪ هِڪ رستي جو احوال پڇڻ لڳاسين. پنهنجي پاڙي، پاڙي جي ماڻهن جو احوال ... هِڪ شهر ڪيئن اسانجي رڳن ۾ رتُ ٿي وهندو آهي ... هِن پيري شڪارپور شهر جي يڪ بازار ۾ ٻوڏ هئي ۽ ماڻهو پاڻيءَ ۾ پاڻيءَ تي گذري رهيا هئا... "

نند جي پنهنجي ڳوٺ واري گهر پهچي گهر جي سامهون ٻيهي ڪيل ڪوتائي اِظهار پائڻ کي چُهي ٿو وڃي : "پنهنجي گهر جي بند در جي ويجهو اچي ڪجهه دير بينو رهيس ۽ هُن کي ڇهي موڪلڻ لڳس ... 'پنهنجو خيال رکجانءِ.' ڇڻ گهر مونکي ڇيو"

نايڪ نند جو ڪوي / ليکڪ هئڻ جي ڪري ته سياويڪ هو هُن جو سنڌ سان جُڙاو پَرَ اِن جذباتي حد تائين آهي سا ناول جي گهٽناڪرم / واقعين مان ڄاڻ ملي ٿي. سنڌ جي

تاريخ سياسي واقعيات، گهٽنائن، ورهاڱي سان لاڳاپيل واقفيت ۽ ادبي سرگرمين سان متعلق ڀرپور ڄاڻ / معلومات هن ناول جو حصو بڻجي پيئي آهي جيڪا سندس هم عمر پاڻ کي هن سان ته ڪنيڪٽ ڪري ئي ٿي پر هر جڳياسو نؤجوان سنڌيءَ جي اندر ۾ پنهنجي جڙن کي ڳولهڻ / تلاش ڪرڻ جي جڳياسا به هن ناول کي يڪساهيءَ ۾ پورو پڙهڻ لاءِ آماده ٿي ڪري. خاص ڪري نايڪ جي ماضيءَ جي پنن ۾ ڪٿي گُم ٿي ويل افيئر جو حشر ڇا ٿيو. اُن جي جڳياسا به ناول کي آخرين صفحي تائين پڙهڻ لاءِ ونيِ ٿي هلي.

ناسٽيلجيا (Nastalgia) تخليقي ذهن جي فطرت هوندو آهي ۽ قوت به پر جيڪڏهن اِهو شخصي (آتمڪيندرت) هوندو آهي ته هِڪ پاسائي ٿي ويندو آهي. ناول نگار جيا جادواڻي ناول جي اُٽت به نايڪ جي ناسٽيلجائي نيچر کي ڏيان ۾ رکي ڪئي آهي ۽ ناول نايڪ نند ۽ سندس زندگيءَ جي حسين حصي جي يادگيرين جي حوالي ڪري پاڻ پاسيري ٿي وينيِ آهي. ڪهاڻي اڳتي وڌائڻ جو ڪمُ به هُن نايڪ ۽ سندس ناسٽيلجڪ ڪردارن کي سونپي ڏنو آهي. نايڪ ۽ سندس ذهن ۾ خيالن ۾ گهمندڙ - ڦرندڙ ڪردارن اِهو ڪمُ بخوبي انجام ڏنو آهي. پنهنجي منفرد انداز - بياني‌ءَ ذريعي - پنهنجي ناسٽيلجڪ ڪردارن کي ڪيڏي مهل به ڪٽي اچي سامهون بيهاري هُن سان ڳالهيون ڪرڻ جو هُن جو پنهنجو ۽

پنهنجائپ وارو انداز / لهجو هن ناول جي هڪ ڪشش خاصيت بڻجي پيئي آهي :

"هاڻي چانهه تہ پيار ڪُجهه ڪاراڻ ہ ڏاڍي بُک لڳي آهي ... تو مون کي اَڌائي ڪلاڪ ويهاري ڇڏيو، مون مشڪي چيو هو زور سان ڪليو ... ٽئڪسي ڇو مان ٿو وڃي هلانوَ ڪار ۾ شڪارپور ... "منهنجو پاڻُ آهي اُتي - ڊاڪٽر پڳٽ، اُتي هلي رهنداسين." جڏهن ڪان هتي آيو آهيان سڀيئي پنهنجا ملي رهيا آهن - جڏ ڪو لِنڪ هجي وڃڻيلن جو." (صفحو 45 - 44)

نايڪ نند جويري پنهنجي ناسٹيلجڪ ڪردارن / ساڻين سان ڳالهه ٻولهه ڪندي سنڌ ۾ هند جو خوب حال چال ۾ معلومات ڏني آهي. ڪافي مفيد ڇو جو نايڪ خود پاڻ معلومات ۾ ڄاڻ جو ذخيرو آهي پوءِ حلقو ڪهڙو ہ هجي سياسي، مذهبي، ادبي يا صوفي - روحانيت ۾ فلاسافي هُن جا پسنديده وشيہ آهن - جتي ہ هُن کي موقعو مليو آهي پنهنجي ڳالهه پنهنجو مت رکيو آهي - شخصي زندگي سان واسطو رکندڙ واقفيت ۾ احوالن دؤران هِند ۾ سنڌ جي ساماجڪ سرشتي، حڪومتي سوچ وهنوار ۾ روئين تہ تذکرو معلومات جي لحاظ کان ڪافي هنڌن تي ڪيل آهي پر بنا ڪنهن خاص تبصري جي. ظاهر آهي، هي ناول هڪ مخصوص دؤر (Period) جي پس منظر ۾ هڪ مخصوص شخص جي زندگيءَ جي هِڪ مخصوص ٽڪري / حصي جي حوالي ۾ هُن شخص جي اندر ۾ جميل برف کي ڳاري ٻاهر ڪڍڻ جي مُراد کان ئي لکيو

ويو آهي. ظاهر آهي شخص جي پنهنجي نجي ڪهاڻي ناول جو وشيہ آهي، هن وشيہ ۽ ڪئنواس جي مد - نظر ناول جي يونيورسل (Univercal Global element) گلوبل عنصر تي تبصرو ڪرڻ جي گنجائش ڪونهي - جيڪڏهن ڪجهہ آهي تہ اُهو آهي نايڪ اندر اجان تائين نہ پلجندڙ - ساہ ڪٽندڙ پيار جو جذبو جيڪو ڪيس زندگيءَ جي هن مرحلي تي سندس ڳوٺ شڪارپور گهيلي ويو. هِن آتم ڪٿاتمڪ ناول جي نايڪ جي نجي مجبورين ۽ تحفظات (Reservation) کي سمجهندي ناول نگار جيا جادواڻي ناول جي مکيہ ۽ مظبوط عنصر ڪلپنا (Imagination) جي ڪٿي آس - پاس بہ نظر نہ آئي آهي. جيا خود اِها ڳالهہ پنهنجي شروعاتي نوٽ ۾ قبول / چئي بہ ڪئي آهي - "هن ۾ ٻيون گهڻيئي ڳالهيون اچي سگهن ٿيون پر مان اوترو ئي رکيو جيترو ڪنهن بزرگ جي يادگيرين ۾ آهي ... هڪ دوري ۾ مون هُن کان برابر ٻڌائي رکي آهي." خئر اِها ڳالهہ ناول نگار کي بہ خبر آهي تہ فِڪشن اِز فڪشن ڪو بہ ناول / ڪهاڻي ڪلپنا ڪانسواءِ پنهنجي پورڻتا کان محروم رهجي ويندو آهي. ۽ اِها ڳالهہ هن ناول جي ختم / پوري ٿيڻ جي انداز سان شدت سان محسوس ٿئي ٿي.... ڪارا بادل چانئجي وجن گهنگهور گهٽا کِنوڻ کڄڻ لڳي. هوائون هلڻ لڳن. در دريون ڪڙڪاٽ ڪن ۽ برسات جي هڪ بوند زمين کي آلو نہ ڪري، اِهو ڪٿي ممڪن آهي؟ جي آهي تہ اُها حقيقت ناهي." خئر جيا نايڪ

نند جي اندر ۾ ڪيترن سيارن جي جميل برف کي ڳاري باهر ڪڍڻ ۾ سندس مدد ڪئي ۽ سندس اندر هلڪو ڪري هڪ نئين نند جويريءَ کي سنڌي ادب سان متعارف ڪرايو.

اِها هن ناول جي خوبصورتي آهي ۽ شايد مقصد به. بطورناول نگار جيا جادواڻي اجان به هُن هڪ شهر ۾ پاسيري بيٺي آهي ۽ شهر ڳالهائي رهيو آهي.

# ناٽڪ : نچڻي
# هڪُ تاثُر

سنڌوءَ جڏهن مونکي فون تي سندس ناٽڪ 'نچڻيءَ' تي پنهنجا ڪي تاثرات لکڻ لاءِ چيو تہ منهنجو سرپرائيزد ۽ سياوڪ ريئڪشن اِهو ئي تہ سنڌو جي نہ مان ناٽڪ جو ماڻهو آهيان ۽ نہ ئي ڪنهن لحاظ کان ٿئٽر سان جڙيل آهيان يا اهڙو ڪو تعلق رکان ٿو. مور اوور، (more over) ناٽڪ سان جڙيل، ڏينهن رات ناٽڪ ڪندڙ ۽ ناٽڪ جيئندڙ ڪيترين شخصيتون مؤجود آهن جيڪي نچڻيءَ تي تمام سنو لکي سگهن ٿيون. اِن تي سندس چوڻ هو، "ائي نو ديٽ بٽ آئي وانٽ يو ٽو رائيٽ... مان چاهيان ٿي توهان نچڻيءَ تي پنهنجا اِمپريشنس لِکو جو جو توهان ناٽڪ (هنديءَ) ۾ سٽيج تي ڏٺو به آهي. مان اِهي اِمپريشنس اُن جي سنڌيءَ ۾ ٿيندڙ ٽرانسليشن ۾ ڏيڻ چاهيان ٿي..مونکي خوشي ٿيندي."
خبر ناهي سنڌوءَ جي اِن پٽيان ڪهڙي مُراد هُئي ۽ انسِسٽ ڪرڻ تي چيومانس، "ٺيڪ آهي... توهان چئو ٿا تہ لِکان ٽو پر جيڪو به لکجي ويو اُهو توهانکي قبول ڪرڻو پوندو، بيڪاز آئي ايم لي مين!" هُتان جواب آيو "اوڪي".

ها تہ چئي وينس پر سوچ ۾ پئجي ويس شروع ڪڻان ڪيان(ناٽڪ تہ منهنجي پيءُ به ڪڏهن ڪونہ ڪيو)، خير، جيئن ئي قلم هٿ ۾ ڪنيم ۳۰ جولاءِ، ۲۰۱۳ جو ڏينهن ميمريز جو مائوس ڪِلڪ ڪندي ئي آکين جي اِسڪرين

اڳيان هلڻ لڳو. منهنجي ڪار تيزيءَ سان قطب منار طرف ويندڙ رستي تي ڊوڙي رهي هُئي ، ٽرئيفڪ سان پريل ڌلهيءَ جي رستن تي ڏيڊ ڪلاڪ جي سفر طئ ڪرڻ بعد اندران گانڊي راشٽريہ اوپن يونيورسٽيءَ جي ڪئمپس ۾ جيئن داخل ٿيس، سامهون نچڻي ناڻڪ جو پوسٽرنظر آيو، ذهن ۾ مينا ڪُماريءَ جي پاڪيزه فِلم جو پوسٽر تري آيو. هاڻ اِتي ئي اڄُ يونيورسٽيءَ جي سالياني ڏينهن جي موقعي تي نچڻي ناڻڪ جو شو اُن جي شاندار هال ۾ مشهور ناڻڪ ڪار ۽ ڊائريڪٽر پانوپارتيءَ جي ڊائريڪشن ۾ ٿيڻو هو. هال لڳ ڀڳ پوريءَ طرح سان پئڪ هو. ناڻڪ جي باري ۾ پهرين ڪافي ٻڌل هو تنهن ڪري پڙدو کڄڻ جي اُتسڪتا هُئي، شايد انڪري ہہ جو ناڻڪ 'سولو پلي' هو. هِڪ ئي ناري-پاتر تي آڌارت ۽ اُهو نچڻيءَ جو ڪردار ادا ڪرڻو هو سنڌو پاڳيا ڪي. مليل جاڻ موجب اِن ناڻڪ جي ہہ سو ڪن شوس ڌلهيءَ سميت پوري پارت ۾ اڳُ ہہ ٿي چُڪا هُئا. هال ۾ مؤجود درشڪن جو تعداد ۽ اُنهن جي اکين ۾ سنڌوءَ طرفان اِن ڪردار کي نيائيندي ڏسڻ جو ڪريز(craze)ڏسي ائڪسائيٽمينٽ (excitement) وڌندي پيئي وڃي. پرت ناٽيم جي هِڪ بهترين ڊانسر ۽ پرتناٽيم نرتيہ سيڪاريندڙ سنڌوءَ سان منهنجي سجاڻپ تہ اڳُ ۾ ئي هُئي ۽ اڄُ هِڪ اسٽيج اداڪاره سنڌوءَ سان مُلاقات ٿيڻي هئي. آخر پڙدو کڄيو ۽ نچڻي ڪسُوڪي ٻائي سيني جي سامهون هئي. مان ڪو

ناٽڪ ڪار يا ڪلاڪار تہ ناهيان محض هِڪ درشڪ جي نظريي ۽ اُتي وينلن درشڪن جن ۾ ڪلاڪار بہ شامل هُئا، اُنهن جي آن دِ اِسپاٽ مومينٽ کي ڏِسي ايترو ضرور آبزرو ڪيو تہ ناٽڪ دؤران ڪوبہ ماڻهو ڪِن پل لاءِ سيٽ تان اُٺڻ تہ پري رهو، هيڏانهن ڏسڻ ۽ اک بہ چنيڻ نہ پيو چاهي تہ متان ڪنهن ڊائلاگ جي ڪا لائين يا ڪو پاوَڏسڻ يا ٻڌڻ کان مِس ٿي وجي. اِن لاءِ هنديءَ ۾ هِڪ ٽرم آهي- منتر مُگڌ. ها، هال جي پن ڊراپ سائيلنس (pindrop silence ) ۾ نڇڻي جي هر اَدا کي هر ڊائلاگ ڊليوريءَ کي، نڇڻيءَ جي گهُنگهرن ۾ سمايل درد کي، اوريجنل لهجي ۾ نڇڻيءَ جي واتان نڪرندڙ گارين کي ۽ سندس عورت کي مليل زندگيءَ جي باوجود نڇندو رهڻ جي خواهش کي ظاهر ڪندڙ نڇڻيءَ جي ڳوڙهن کي آخر تائين هال ۾ مؤجود سيني درشڪن منتر- مُگڌ ٿي ماڻيو ۽ نڇڻيءَ جي ڪردار کي پاڻ سان گهر ڪٽي ويا، جيئن ڪا سني فلم ڏِسڻ کان پوءِ ٿيندو آهي. شو جي ختم ٿيڻ تي نڇڻيءَ جي ڪردار کي بن منٽن تائين مليل اِستينڊنگ اوويشن (standing ovation) اِن ڳالهہ کي ڪنفرم ڪيو. ها، اهڙي هُئي اِستيج اداڪاره سنڌو پاڳيا سان منهنجي مُلاقات جنهن پوٽن بن ڪلاڪن جي سولو پرفارمينس (solo performance) ڏٺي اِهو ثابت ڪري ڇڏيوتہ اِستيج هُن جي عبادت آهي، هُن جو پيار آهي. نہ صرف منهنجي بلڪ سنڌي سماج، ناٽڪ، ڪلا ۽ ادب جي ڪيترن سان واسطو رکندڙ اُتي

مؤجود ڪيترين هستين ۾ ماڻهن جي هيءَ هڪ اداڪاره سنڌو پاڻيا سان پهرين مُلاقات هُئي. اُنهن سيني جي چهرن تي چانيل خوشي ۽ ور ور ڪري ڪيس واڌايون ڏيڻ جو سِلسلو سنڌي سماج کي پاڻ تي گرو محسوس پيو ڪرائي.

اداڪاريءَ جي فن تي ڪنهن اڻارتيءَ طور مونکي سنڌوءَ جي فن اداڪاريءَ تي ڳالهائڻ جو ڪو ڪارڻ نظر نہ ٿو اچي. سنڌيءَ ڪانسواءِ هنديءَ ۽ بين بولين جي ناٽڪ ڏسڻ جو جيڪو بہ موقعو مليو آهي، ڪجھ شونق ۽ ڪجھ ساهت ۽ ڪلا سان جڙيل هُئڻ جي ناتي ايترو ضرور چئي سگھان ٿو تہ اِسٽيج تي سولو پرفارمينس (solo performance) سو بہ گنيير سماجي ۽ سياسي وشين تي وڏي وڙ جي ضرورت آهي ۽ اُهو وڙُ سنڌوءَ ۾ مؤجود آهي. مان سمجهان ٿو سنڌوءَ ۾ اِها صلاحيت پنهنجي پتا سنڌيءَ جي مشهور ساهتڪار شيام پاڻيا جي ساهتڪ صحبت ۽ سنسڪارن ۾ نپني وڏو ٽيڻ واري آسپيڪٽ( Aspect ) ڪري ننڍپڻ کان ئي مؤجود آهي. ساهت سان هن جو جڙاو ننڍپڻ کان رهيو ۽ پوءِ ڪاليجي ڏينهن ۾ اِهو شونق سيني ليڪڪن/ رائيٽرس ۽ ناول نويسن کي پڙهڻ هُن جي روزمره جي لائيف جي ضرورت بڻجي ويئي هُئي. ۽ پنهنجي اِن شونق جي هلندي هِڪ ڏينهن مشهور ناٽڪ ڪار ۽ ڊائريڪٽر پانو پارتي ڪاليج ۾ پڙهندڙ هِن چوڪريءَ جي ٽيلينٽ کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ نہ رهي سگھيو ۽ ڪيس پنهنجي هڪ ناٽڪ ۾ هِڪُ

ٽائيٽل رول آفر ڪيائين. بس، پوءِ ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن سان صحبت ۽ سنگت جو جيڪو سِلسلو شروع ٿيو، سو ڏاڪو ڏاڪو ڪري ڪيس متي آڻيندو ويو. ٽئلينٽ ته هُن جي شخصيت ۾ هو ئي، ساهت ۽ ڪلا جڳت جي ناميارن ڪلاڪارن سان گڏ ڏينهن رات ڪمُ ڪندي اُن کي تراشڻ وارا ۽ ملندا ويا جن ۾ نند ڪشور آچاريه، ڪئلاش واجپئي، گرڏر راڻي جهڙا نالا ۽ شامل آهن. سنڌوءَ جي اِن ٻهوڪٽي شخصيت ۽ ٽئلينٽ کي صحيح معنيٰ تڏهن ملي جڏهن دهلي سرڪار پنهنجي ساهت ڪلا پرشد ۽ سنسڪرت وياڳ ۾ اهم عهدن تي فائز ڪري ساهت ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ جي واڌاري جو اهم ڪم سندس فنائتي شخصيت کي سونپي ڏنو.نچڻيءَ جي ڪردار ۾ سنڌوءَ کي استيج تي ڏسي منهنجي ذهن ۾ هندي ناٽڪ/ فلم جڳت جي سِمتا پاٽل، سُپريا پاٺڪ ۽ ڪِرڻ کير سريخين اداڪارائن طرفان پارتي سماج ۾ استريءَ جي اِستٽتيءَ ۽ اُن جي درد کي آواز ڏيندڙ نپايل ڪردار ذهن ۾ تري آيا. جيڪڏهن اِن ناٽڪ جا ۽ سؤ کان ۽ وڌيڪ شوس ٽي چڪا آهن ته اِن جو وڏو ڪارڻ اِن جي اسڪرپٽ ۽ فنائتي پيشڪش ۽ آهي جنهن لاءِ هِدايتڪار پانو- پارتيءَ ۽ سندس ٽيم يقينن واڌايون لهڻيون.

اِهو ناٽڪ ڏِسڻ کان پوءِ اِهو ٻڌي بيحد خوشي ٿي ته سنڌي اڪاڊميءَ نچڻي ناٽڪ جو سنڌي پاشا ۾ ترجمو ڪرڻ جو فئصلو ڪيو آهي. ويتر خوشيءَ ۽ حيرت جي ڳالهه اِها ئي

آهي تہ سنڌوءَ اِهو ناٽڪ هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ پاڻ خود ترجمو ڪيو آهي. نچڻي ناٽڪ جو مول ليکڪ پانو پارتي آهي. اِن تعلق سان مان توهانکي ٻُڌائيندو هلان تہ سنڌو پاڪِيا انگريزي توڙي هندي پاشا تي دست رس (command) رکي ٿي ڪيس ٻنهي ٻولي تي سنو عبور حاصل آهي.انگريزي توڙي هنديءَ ۾ نئشنل اِسڪول آف ڊراما (N.S.D) ۽ ساهت اڪاڊميءَ جي پبليڪيشنس ۾ هن جا ترجما شايع ٿي چڪا آهن. سنڌو پاڪِيا پانو پارتي جو هندي ناٽڪ "ڪٿا ڪهي ايڪ جلي پيڑ نے" (कथा कही एक जले पेड़ ने ) انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي جيڪو(N.S.D ) جي Anthology of Great Indian Plays vol- II ۾ شايع ٿيو آهي ۽N.S.D جي اڳوڻي چئرمين ۽ مشهور پليرائيٽر/ ناٽڪ ڪار چندر شيکر ڪمبار جو مشهور ناٽڪ مهامائيءَ جو ترجمو بہ سنڌوءَ انگريزيءَ مان هنديءَ ۾ بخوبي ڪيو آهي جيڪو ساهت اڪاڊميءَ جي پبليڪيشن سمڪالين پارتي ساهت ۾ شايع ٿيو آهي مونکي لڳي ٿو هِڪ سڃاڻ انگريزي- هندي-سنڌي پاڻڪ ۽ ڪلاڪار جي ناتي ۽ ايتري قدر ساهت سان جڙيل هُئڻ جي ناتي بہ سنڌو اِها ذميواري نيائڻ جي قابليت رکي ٿي. اُميد ئي نہ پڪ آهي تہ سنڌي جڳت ۾ نچڻي ناٽڪ جو نہ فقط ڪُليل ٻانهن سان سواگت ٿيندو بلڪ جلد ئي سنڌيءَ ۾ اِن جي اسٽيج پرفارمينس بہ ٿيندي ۽ سنڌي اسٽيج کي هڪ بهترين اداڪارا ملندي.


خوشي ٿيندي آهي جڏهن ڪو رچناڪار پنهنجي رچناڪرم جو وِستار ڪندو آهي. موهن همٽاڻي بُنيادي طور تہ سنڌي ساهت ۾ ڪوتا جو سڳهارو دستخط مڃيو ويندو آهي پر هِن ڪتاب سان هُن پنهنجي تخليقيت کي واڌو سَجاڻپ ڏني آهي ۔ هِڪ نقاد طور. هونئن بہ ليکڪ کي ڪنهن هڪ فريم ۾ قيد ٿي رهڻ ناگوار لڳندو آهي، هُن کي پنهنجي آسپاس جون ديوارون ڪيرائڻيون ئي پونديون آهن. پلي موهن هِتي شامل رچنائن کي تاثرات تہ مڃي، پر اُنهن ۾ هڪ نقاد جِي تيز نظر بلڪل صاف جهلڪي ٿي. اسان جيڪڏهن شامل رچنائن جِي چال سان تالميل ڪري پنهنجي ڳٽي ملائيندا سين تہ رچنائون اسانکي پنهنجي دل جي ويجهو لڳنديون.

نقادن لاءِ اهو پرم عام آهي تہ هُنن وٽ روڊن جا نقشا هوندا آهن پر هُنن کي ڊرائونگ ڪاڻ ايندي آهي. سچ پچ تنقيد ڪاريہ ئي اهڙو آهي جو اُن جِي چيرڦاڙ سمندڙ ليکڪ جي تاٽيل پِرَن مان چُڻل تير، نقاد کي پنهنجي سينيِ تي سمٹا ئي پوندا آهن، اُهي تير سمڙ جِي عادت وجهڻ تي ئي نقاد پنهنجي ڳالهہ بي باکيءَ سان چئي سگهندو. موهن ان خطري کان باشناس آهي.

موهن، هِنن رچنائن ۾ پاڻکي پنهنجي ڪيتر تائين محدود ڪوبہ ڪيو آهي، هُن پوري اعتماد سان ڪوتا سان گڏ، موزون شاعري، ناول، ڪهاڻي ۽ ناٽڪ کي بہ پنهنجن تنقيدي تاثراتن جي گهيري ۾ آندو آهي. اسين جيڪڏهن هُن جي لفظن جي سپاوَ کي پرکي سگهياسين تہ ضرور رچنائن جي اندرين تَهن تائين پهچي سگهنداسين ۽ شامل رچنائن کي وڌيڪ پنهنجائپ سان ماڻي سگهنداسين.

واسديو موهي
10.12.2020